سنڌي ڪمپوزنگ:

شاهنواز سومرو

وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر
www.voiceofsindh.net
editor@voiceofsindh.net

اَرپيان ٿو

سِنڌ جي وَرِيامَن کي

سِراج

ٻه اکر

” مرڻ مون سين آءُ“ لکڻ وقت آءٌ اڃا جوان مڙس هوس. ماڻهو چون ٿا ته هاڻ آءٌ ڪراڙو ٿي ويو آهيان. ان ڪري ممڪن آهي ته مون کي ايترا سال اڳ لکيل ڪتاب سان سٻنڌ جهڪو ٿي ويو هجي. ايئن ڪونهي. سنڌ جي تاريخ ٻه پيرسن آهي، پر انهيءَ پيرسنيءَ جي باوجود اسان لاءِ مون لاءِ ايتري ئي اهم آهي، ايتري ئي پياري آهي، جهڙي اُن وقت هئي جڏهن جوان هئي.

ڏک رڳو اهو اٿم ته جياپي جي جنگ ۾ اجائي مصروفيت جي بهاني ڪتاب دير سان پيو ڇپجي. اها ٻه شاٻس آهي فيروز احمد کي جنهن تڙ پيڙ ڪري مون کان نقل ڪرائي ڇپائي وڌو آهي. نه ته اڃا الائجي ڪيترا وڏيڪ سال پيو هجي ها.

ڪهاڻي ساڳي سنڌ جي آهي، جيڪا ” پڙاڏو سوئي سڏ “ ۾ هئي. پر اوهان کي سڏ ٻه بدليل ملندو، ۽ سڏ جو پڙاڏو ٻه مختلف لڳندو. ڪيئن نياپو اٿم، سو اوهان تي ڇڏيل آهي. رسول بخش پليجو جي چواڻي جيڪڏهن سراج ” پڙاڏو......“ نه لکي ها ته ڪيس اسين رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيون ها. الائجي هاڻ سندس ڪهڙي راءِ بيهندي.

سِراج

(1)

” ڪچهريون قائم! بادشاهي برقرار!“ سڀ نظرون اوپري ماڻهوءَ جي مُنهن ۾ سجاڳ ڳولڻ لڳيون. جيڪو ماڻهو ”بادشاهي برقرار“ جو سلام ورهائي، سو پنهنجو ڪيئن تو تي سگهي؟ سانوڻ خاص طرح اوپري ماڻهوءَ جي مُنهن ۾ گهور پائي ڏسڻ لڳو. هن جو ويساهه هاڻي ڪنهن ۾ به ڪونه هو. ان کان اڳي جو سانوڻ کو اردو جواب ڏئي، ڪنهن ڏاڍيان چيو: ” ابا، ڀلي ڪري آئين! “ هڪ پيرسن سانت کي ٽوڙيندي سلام جي جواب ۾ چيو. پر هن جي آجيان ۾ نه پنهنجائپ هئي، نه گرمجوشي.

” آءٌ مسافر آهيان، رات جا چار پهر گذاري هليو ويندس، پريان باهڙي ڏٺم ته لڙي آيس. پنڌ پري اٿم ۽ ٿڪو اٿم ته هن ٻيلي ۾ رات وڪڙي لنگهڻ جوڳم کان خالي ڪونهي. “

سانوڻ کان پوءِ به رهيو ڪونه ٿيو، ۽ رڪائيءَ مان چيائين: ” ڪير مڙس آهين ۽ هت ڪيئن آيو آهين؟ “

مسافر پهرين ته ڪو جواب نه ڏنو، پر پوءِ چڻ ته هن کي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي ۽ هن پڙڪو ڪاڏو:

” چيم نه ته آءٌ مسافر آهيان: رات جا چار پهر گذاري هليو ويندس. ڀلا جي اوهان کي ڪو اعتراض هجي ته پوءِ وري ڇڪيان پنڌ کي! “ ائين چئي مسافر وڃڻ لاءِ مڙڻ لڳو.

پيرسن وري به ڏيرج سان چيو: ” ابا، اسان وٽ گهر آئي مهمان تي ڪنهن کي به اعتراض نه هوندو آهي، ۽ رات جو وڪڙو آهي. تو پاڻ چيو ته هن ٻيلي مان رات جو مسافري جوڳم واري آهي. همراهه ته توکان رڳو سجاڳ تي ڪرائي؟ پر ڀانئجي ٿو ته توکي سجاڳ تي به اعتراض آهي! “

مسافر گهڙيءَ لاءِ چپ ٿي ويو. هن پنهنجي آس پاس تي نظر وڌي: ڏهاڪو مڙسن جو، ڪانيون ٻڌيو، باهه جي چوڌاري، گول دائري ۾ ويٺو هو. ٽانڊن جي هلڪي جوت ۾ سندن منهن به ٽانڊاڻن جيان ڳاڙها ٿي لڳا. رڪي رڪي وڻن جي جُهنڊ منجهان هوا جا سوساٽ ٿي آيا، ۽ ٽانڊاڻن جي جوت جهڪي ٿيڻ ٿي لڳي، ۽ ماڻهن بدران پاڇولا نچڻ ٿي لڳا. هن کي اها ڳالهه به ياد آئي ته جڏهن هو ٻيلي ۾ داخل ٿيو هو ته چيري چيٽ ڪئي هئي. وري جڏهن باهه جو دئو ڏٺو هئائين تڏهن به چيري جي چيٽ جو آواز ڪنن تي پيو هئس. ۽ جڏهن هو ويجهو پهتو هو، تڏهن به ويٺل ماڻهن مان ڪوبه اُٿي نه بيٺو. ان جو هڪڙو ئي مطلب ٿي تو سگهي ته هنن همراهن کي اڳي ئي چتاءُ هو ته ڪو اوپرو ماڻهو ٻيلي ۾ داخل ٿيو هو: اهي سموريون ڳالهيون ڪن پل ۾ مسافر جي دماغ ۾ گهمي ويون. هي ڪي عام رواجي ماڻهو نه هئا. لاشڪ هي ئي ٻيلي جا شاهينگ هئا، جن ملڪ ۾ ترٿلو وجهي ڇڏيو هو ۽ ڏکڻ کي اتر کان ڏار ڪري ڇڏيو هو.........پر هي مُٺ جيترا ماڻهو شاهي لشڪر کان ڪيئن بچي سگهيا هئا، جن ٻيلي جي وڻ وڻ جي سار لڌي هئي......... متان هي به واقعي مسافر هجن، پر چيري جي چيٽ.........

مسافر ڪجھ سوچي جواب ڏنو: ” سڄاڻپ وطن سان ٿيندي آهي: منهنجو ڪو وطن ڪونهي! “
هيءُ جواب نہ هو، چڻ تہ چهبڪ هو، جنهن جي شپڪي جو آواز ڪافي دير هوا ۾ ٽنگجي بيهي رهيو. انهيءَ چهبڪ جو ڏنگ سيني محسوس ڪيو، پر سانوڻ ائين ڀانيو چڻ تہ چهبڪ سندس دل کي ڏنگي ويو هو. هو اٿي بيهي رهيو، ۽ مسافر کي ڀاڪر پائي، وڏي سڏ چيائين:
” ادا، مون کي بخش ڪجانءِ! منهنجو مطلب توکي رنجائڻ نہ هو! “
” ڀائو، آءٌ رنج ڪونہ ٿيو آهيان....... پر جيئن اوهان ويساهہ وڃائي ويٺا آهيو، تيئن آءٌ بہ ويساهہ وڃايل آهيان! “

سيني سان کيڪر ڪري، مسافر بہ ڪانپ ڀڃي ويهي رهيو. سانوڻ بہ ساڻس گڏ ويهي رهيو. مسافر خود ئي ڳالهہ چوري: ” ڀائو، نالو دلاور اٿم، ذات جو پنوهر آهيان. وينجهرڪي وسيڻ جو ويٺل آهيان. دريا جي ڪپ تي پنهنجو ڀنيءَ جو ٽڪر هئم: سکيو ٽڪر تہ نصيب ڪون هو: هر لاباري تي مغل اچي پنهنجو اڌ ڪٽي ويندا هئا. جيڪي بچندو هو، تنهن مان ڏکيا سکيا ڏينهن پيا گذرندا هئا. دين دنيا ۾ هڪڙي نياڻي هيم، جنهن کي ڏسي پيا جيئندا هئاسون.....“
مسافر جي ڳچيءَ ۾ چڻ ڳنڍ پئجي وئي. سيني محسوس ڪيو تہ مسافر پنهنجي دل کي ڪوري ڇڙي پيو ڳالهائي. ٿڌو شوڪارو ڀريندي مسافر پنهنجي ڳالهہ اڳتي وڌائي: گذريل سانوڻ ۾ اسان جي ڳوٺ ڌاڙو لڳو، آءٌ ٽنڍي ويل هئس. موٽي آيس تہ گهر ۾ ڪاريءَ وارا ڪک هئا. منهنجي گهر واري ڀالن جو ڀڪ تي ويئي، ۽ منهنجي نياڻيءَ کي شاهينگ پاڻ سان گڏ زوريءَ ڪٽي ويا. منهنجي تہ دنيا ئي اوندهہ ٿي وئي. عامل وٽ دانهين ٿي ويس. عامل خط ڏيئي ٽٽي موڪليو. امير وٽ دانهن پهچائڻ ۾ ئي مهينو لڳي ويو. پوءِ هلي تفتيش: ڳوٺ وارن مان ڪن چيو هو، ” شاهينگن جون ڀُتون ٻڌل هيون، انڪري پڪ نہ هئي تہ ڌاڙي ۾ اصل جوابدار ڪير هئا: پر هنن وڃڻ مهل ٽٽي جي امير جو نالو اهڙي نموني ورتو هو جنهن مان گمان هو تہ ڪي مغل سپاهي هئا!
” آخر تفتيش ڪان پوءِ مون کي چيائون تہ ڌاڙو سانوڻ جي ٽولي هنيو هو. شاهي لشڪر اڳي ئي سندن ڪيڏ هو، ۽ جڏهن ٽولو جهليو، تڏهن منهنجي نياڻي مونکي پهچائي ڏيندا! “

سانوڻ جو منهن ٽامٽي هٽي ويو. ڪا گهڙي ڪنهن ڪونہ ڳالهايو. پوءِ سانوڻ چيو: ” مغل ڪميٽا ڪوڙ ٿا ڳالهائين، سانوڻ جي ٽولي ۾ اجا ڪو اهڙو بي غيرت نہ ٿيو آهي جو پنهنجي ئي نياڻين ۾ هٿ وجهي! “ سانوڻ جي لفظن ۾ باهہ جون ڇيبون اُلر ڪري آيون، ۽ سيني کي انهن جو سيڪ ٽانداڻن ڪان بہ وڌيڪ محسوس ٿيو. دلاور کي بہ هڪ اڄاتو ڊپ ويڙهي ويو. مڃاڻ هي بہ ڪي سانوڻ جا ساٿي هجن، پوءِ تہ هن جي پنهنجي سر جو بہ خير ڪونہ هو. هن سانوڻ ۽ سندس ساٿين بابت ٽٽي ۾ جيڪي ڳالهيون ٻڌيون هيون، تن کي ياد ڪري هن جي لونءِ لونءِ ڪانڊارجي وئي. مغلن جڏهن سانوڻ جي ڳالهہ ٿي ڪئي، تڏهن سندن منهن تي ڪاوڙ نفرت ۽ ڊپ جا اهڙا آثار ٿي پيدا ٿيا، جن هنن کي بدصورت بڻائي ٿي ڇڏيو. البت اها عجيب ڳالهہ هئي تہ ڪنهن بہ سنڌيءَ جي واتان هن سانوڻ يا سندس ساٿين جي باري ۾ ڪجھ بہ نہ ٻڌو هو. پاڻ اهي سرگوشيون سندس ڪنن تي پيون هيون تہ ٽٽي جا مدرسا، مسجدون ۽ يتيم خانا سانوڻ ۽ سندس ساٿين جي مدد تي پئي ٽڪيا. هن اهو بہ ٻُڌو هو تہ ٽٽي شهر ۾ ڪيترا گهر اهڙا هئا، جن کي هر مهيني خرچ پکو ڪي اوپرا ماڻهو ڏئي ٿي ويا، جن لاءِ چيو ٿي ويو تہ اهي سانوڻ جا ماڻهو هئا.

مسافر هيڪندي چيو: ” ادا، منهنجو مطلب سانوڻ يا سندس ساٿين جي مَتائي ڪون هو. مون ته رڳو اها ڳالهه چئي، جيڪا ٿتي جي مغلن تي ڪئي......“

سانوڻ ڪيس دلداري ڏيندي چيو: ” يائو، سانوڻ جي نالي ڪٺندڙ مغلن جا ٻه مقصد حل ٿا ٿين: هڪڙو ته پاڻ جيڪي ڌاڙا هڻن، ڦرون ڪن، سي ڪين ڦبيو وڃن، ۽ ٻيو ته سانوڻ ۽ سندس ساٿين لاءِ سنڌين جي دل ۾ نفرت پيدا ٿئي ٿي. خير باقي رهي تنهنجي نياٽيءَ جي ڳولا ، ان جو ٻه ڪو بلو ٿي پوندو. هاڻ تون ڀلي آرام ڪر، سياڻي نئين سج، نيون ڳالهيون! “

سانوڻ جي اشاري تي هڪڙو ماڻهو اٿي بيٺو، ۽ گهڙيءَ ڪانپوءِ فراسي، وهاڻو ۽ رلي کڻي آيو، ۽ اٿي ئي باهه ڪان ٿورو پريرو مسافر کي وڇائي ڏنائين. مسافر ڪو وقت پريان ويٺل همراهن کي اوندهه مان گهوريندو رهيو. هن کي سمجهه ۾ نه آيو ته هي همراهه ڪير هئا، هت ٻيلي ۾ ڪٿي ٿا رهن. ضرور وٽن ڪا اهڙي جاءِ آهي جتي ڪاڏي پيتي ڪانسواءِ هنڌ بسترا موجود آهن! ۽ هي همراهه ڪير هو، جنهن ساٿس ائين ٿي ڳالهايو ڄڻ ته هو سندس ورهين جو ڄاڻو سڃاڻو هو. ڪيڏي مهل سندس ڳالهائڻ ۾ تلوار واري ڌار هئي ته، ڪيڏيءَ مهل ماکيءَ کان ٻه مٺو هو. ۽ سندس ساٿي سندس اڳيان ڪيئن نه سانت ۾ هئا. متان هي سانوڻ جا ڪي ساٿي ته نه هئا! پر جي سانوڻ جا ساٿي هجن ها ته هن کي جيئرو ڪيئن ڇڏين ها، يا وري ڪيس پاڻ وٽ ڪيئن ٽڪائين ها! ۽ اوچتو مسافر کي ڊپ ورائي ويو ته پڪ ئي پڪ سمهڻ ڪانپوءِ ڪيس ڪُهي ڇڏيندا. اهو خيال ايندي ئي هن جي ننڊ پَر ڪري اڏامي ويئي، پر پوءِ رفته رفته جيئن جيئن رات پڇندي وئي، ٽرندي ويئي، تيئن تيئن هن جون اکيون ننڊ کان ڳريون ٿينديون ويون، ۽ هن کي الائي ڪيڏي مهل ننڊ اچي ويئي•

(2)

سانوڻ جڏهن ٻہ ٺٽي ايندو هو، تڏهن سندس دل ڳري ڳري محسوس ٿيندي هئي، پوءِ ڪٿي سوين دفعا ٺٽي آيو هجي........ ٺٽو، جنهن جي نالي سان چڻ سندس روح جڙيل هو: هي ٺٽو ئي تہ هو جنهن جي گهٽي گهٽيءَ ۾ سندس وڏي چاچي سوڍي جو نالو ٻُرڻ لڳندو هو، اڄ ٻہ پوڙها پڪا مغل سوڍي جو نالو ٻڌي ڪنبي ويندا هئا. سوڍي جي نالي تي ڪئين ڏند ڪٿائون ٺهي پيون هيون. سوڍي جي ساٿي هئڻ جي شڪ ۾ سوين شاگردن ۽ استادن کي ٺٽي جي چونڪن ۾ ڦاهيون ڏنيون هئائون! هو اهي داستان ٻڌي ٻڌي وڏو ٿيو هو: هن جي اکين جي اڳيان اڄ ٻہ سوڍي ۽ سنگهار جون شڪليون پنهنجي سموري شجاعت ۽ سورهيائيءَ سان روشن لاٽ جيان ٻکنديون هيون. سندس پيءُ جيسين جيئرو هو، تيسين سندس چپ چپات کي فقط سوڍي يا سنگهار جو نالو ئي ٽوڙي سگهندو هو: هن کي صديون اڳ اهو ڏينهن ياد آيو، جڏهن سيوهڻ واري معرڪي کانپوءِ سوڍي جو لاش ڳوٺ پهتو هو تڏهن ائين ٿي ڀانيو تہ سموري سنڌ اٿلي پئي هئي. مغلن کي اهو اچي يؤ ٿيو هو تہ هي هزارين ڪانڌي متان وري ڪا نئين بغاوت ڪن. هن ماتم جا ڪئين رنگ ڏٺا: ٻيڏا جهور پوڙها هن جي لاش اڳيان لنگهڻ وقت چڻ تہ مرشد جي پيرانديءَ کان ٿي لنگهيا، جنهن ڏانهن سندن عقيدت ٻوڙهن جي روپ ۾ سندن ڏاڙهين کي ڀنيولي ٿي ويئي. وچوليءَ عمر وارا ۽ جوان ٺمندڙ اکين سان، خاموش، مهبوت، اوچي ڳاٽ لنگهي، هن جي پيراندي چُمي، چڻ تہ ڪو عهد ڪندا ٿي ويا. هن جي دفن ڪرڻ وقت هزارين اوچنگارون اُڀ کي وڪهارينديون ٿي ويون!

پر هن کي اهو منظر ٻہ ياد آيو، جڏهن هن جو پيءُ سوڍي جو آخري ديدار ڪرڻ لاءِ ڪٽ ڏانهن وڌيو هو. هن جي اکين ۾ لڙڪ نہ هئا، هن ڪوبہ سڏڪو نہ ٿي ڀريو: سانوڻ جو هٿ جهلي، سوڍي جي اکين تان گهمائي، ڪيس مخطب ٿي چيائين، ” سانوڻ، شل توکي ٻہ ههڙو سورهيہ موت نصيب ٿئي! “

۽ پوءِ هن جو پيءُ جيسين جيئرو هو، تيسين کيس سوڍي جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو، سنڌ جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو، ٺٽي جو ڳالهيون ٻڌائيندو هو، ۽ دادن جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو، جنهن کي هيبت خان پاڻ سان گرفتار ڪري آگري وٺي ويو هو: سنگهار جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو جنهن جي خبر نہ پيئي هئي تہ ڪٿي هو!

۽ اڄ هو وري ٺٽي اُسهيو هو تہ هن کي اهي سموريون ڳالهيون ياد اچي رهيون هيون. اُن ڳالهہ کي ٿيهہ ورهيہ ٿي ويا هئا. هاڻ تہ سانوڻ جي عمر ٻہ اچي موٽ ڪاڏي هئي. ٺٽي جي عمر ٻہ موٽ ڪاڏي هئي: ارغونن، ترخانن جي حڪومت بدران هاڻ دهليءَ کان مغلن جي حڪومت هلندي هئي. پر سنڌ وارن لاءِ- ٺٽي،

ڪمپوزنگ: شاهنواز سومرو

سيوهڻ، چانڊڪا، سکر ۽ اروڙ وارن لاءِ ڪو فرق ڪونہ پيو هو. جي ڪو فرق پيو هو تہ اهو تہ رفتہ رفتہ ماڻهن ۾ هڪ ڳُهر، ڪا ننڍ چاڻنجندي تي ويئي جڻ هنن ڪجهہ بہ ياد ڪرڻ نہ ٿي گهريو! ايئن بہ نہ هو تہ ڪا سنڌ ۾ ماٺ ٿي وئي هئي. اڄ بہ راتاها ايندا ها، ننڍيون وڏيون بغاوتون ٿينديون هيون، پر انهن ۾ اها ڳالهہ نہ هئي جيڪا اڳي ہڏبي هئي. ماڻهن ۾ هڪ عجيب اڻ ڇاڻائي، ڪسمپرسي ۽ بيوسي اچي وئي هئي. سيڪو پنهنجي کَل بچائڻ جي فڪر ۾ هو. اُن کل بچائڻ ۾ ڪيترا سنڌي مغلن وٽ پاڻ وڻائڻ لڳا هئا. انهيءَ پاڻ وڻائڻ ۾ ڪوبہ نقصان نہ هو، فائدو ئي فائدو هو: هونئن جيڪا ڳالهہ چغلخوري سمجهبي هئي، سا عادت بڻجندي ٿي ويئي. مغلن جي نوڪري ڪرڻ ۾ هاڻ ڪو عيب ڪونہ سمجهيو ويندو هو. مغلن جي مخبري ڪرڻ تي ڪن کي واپار وڙي ۾ فائدو ٿيڻ لڳو هو تہ ڪن کي جائدادون ۽ جاگيرون ملڻ لڳيون هيون. هڪڙن جي جائدادن ۽ جاگيرن کي ڏسي، ٻيا انهن جي ٽَنگ ڇڪڻ ۾ مصروف هئا. اڳي مغلن کي سگ ڏيڻ گناهہ کان گهٽ نہ هو، ۽ هاڻ ڏام ڏوم سان سگ ڏنا ويندا هئا. مدرسن ۾ ڪيترا عالم سنڌيءَ بدران فارسيءَ ۾ شاعري ڪرڻ لڳا هئا، ۽ اهڙيون محفلون مچڻ لڳيون هيون، جتي فارسي شاعريءَ جو داد حاصل ڪرڻ لاءِ پئسا ڏنا ويندا هئا. امير جي دربار تائين رسائي حاصل ڪرڻ ڄڻ تہ هڪ ڪاروبار ٿي پيو هو، ۽ چڱا، ڏسٽا وائسٽا ماڻهو ڪنهن مغل جي دوستيءَ جو دم ڀرڻ لاءِ دعوتون جهليندا هئا. پنهنجي اولاد کي فارسيءَ جي تعليم ڏيارڻ لاءِ دهلي ۽ آگري موڪليندا هئا تہ جيئن مغلن جي درٻارين ۾ ڪا نوڪري ملي وڃي. ٿيهن سالن ۾ سنڌي ماڻهن جو نقشو ئي بدلجي رهيو هو: **هاڻ آزادي ۽ غلاميءَ جي ڳالهہ ڪنهن بہ ڪرڻ نہ ٿي گهري. هاڻ جيڪڏهن ڪنهن ارڏي اڙٻنگ ماڻهوءَ سنڌ جي ڳالهہ ٿي ڪئي تہ هن کي اهو چئي چپ ٿي ڪرائي ويئي تہ سنڌ هاڻ اسلامي سلطنت جو هڪ صوبو هئي، ان جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪرڻ اسلام جي خلاف آهي. سنڌ تہ باب الاسلام هئي، ۽ هاڻ مٿس سچن پچن مومنن جي حڪومت هئي. انهن جي مخالفن تي اسلامي تعزيرون لڳنديون ۽ کين اها سزا ملندي جيڪا سزا مرتد جي هئي. ايئن ماڻهو ڦاهيون چڙهندا رهيا، اهي وعظ بہ ٻڌندا رهيا، ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪلما پڙهندا، چڙوچڙ ٿيندا رهيا!**

اندر سنڌ ۾ مغلن جا ڪٽڪ، مغل ۽ اسلامي سلطنت جي نالي تي، هر شيءِ ڦٻائڻ جو ڪاروبار ڪري رهيا هئا. ڪنهن وٽ ڪو پلو وهٽ ڏٺائون تہ شهنشاهہ جي اصطبل جي نالي ۾ اهو وهٽ بہ ضبط تہ قيمت کان بہ آڱوٺو. هر دڪاندار کي عامل امير ۽ شهنشاهہ جي نالي تي ٽٽ، چوٽ ۽ ڏهائي ڏيڻي ٿي پئي. ساڳي ڳالهہ زمينن سان هئي: فصل پچي راس ٿيندو هو تہ عامل جا عملدار اچي سهڙندا هئا. اڌ بٽئي شهنشاهہ جي نالي تي، چوٿين پتي امير جي، ۽ ڏهون حصو عامل جي نالي ڍوئي ويندا هئا. ماڻهن اَن اُپائڻ کان بان پري ڇڏي هئي. مالوند ماڻهن مال رکڻ ڇڏي ڏنو هو. ايترو اُپائيندا هئا جو پنهنجن ٻچن جو قوت ٿئي ۽ باقي وڪٽي، ڪو وکر وٺي سگهن. ٿيهن سالن ۾ پليون زمينون پينگ ٿي ويون هيون. البت جاگيرن تي پلا فصل ٿيندا هئا، مال بہ مَيا هوندا هئا. هَرَ هاريءَ کي کائڻ جيترو اَن ملندو هو. مال سنڀاليندڙ کي سال جو قوت ملندو هو. هزارين زمينن جي مالڪن، مغل حاڪمن کي پنهنجون زمينون پڳڙن مُٺ تي وڪڻي ڇڏيون هيون، ۽ پاڻ هَرَ هاري ٿي ويهي رهيا. ٿيهن سالن اندر هر ٽئين سال اهڙو ڏڪر ٿي پيو جو الله پيو پناهہ ڏي. هزارين ڪٽنب ڪڇ، ڪاٺياواڙ، جيسلمير، ملتان ويندي دکن تائين لڏي ويا. ” جنهن وطن ۾ سک نہ هجي، سو وطن ئي گهوريو “. اها هڪ عام چوڻي ٿي ويئي. ان جي برعڪس مغلن جا ڪٽڪ اچي لهندا هئا. شهنشاهہ جي دربار ۾ سفارشون ۽ رشوتون هلنديون هيون تہ سنڌ ۾ ڪا ننڍي وڏي نوڪري ملي. پنجن سالن اندر رشوت کان هزارين دفعا وڌيڪ مال متاع گڏ ڪري دهلي، آگري، لاهور موٽندا هئا. ڪي تہ زمينون خريد ڪري زميندار بڻجي ويهي رهندا هئا. سنڌ جو هاري سڀ کان سستو پوندو هو. سنڌ جو پورهيت

۽ سڀ ڪان سستو: مار موچڙو ڪر تہ ڪم ۾ جامڙد- اها ڳالهہ دهليءَ تائين مشهور هئي تہ سنڌي فقط موچڙي سان سڌا آهن!

سنڌ جي صورت ئي بدلجي ويئي: سنڌ جا سهڻا ملوڪ شهر ۽ ڳوٺڙا ويران ٿيندا ويا. پلا شهرن ۽ ڳوٺڙن سان ڪنهن کي محبت هجي تہ سنڌن اونو بہ ڪنهن کي هجي. ميڙا ملاکڙا بند ٿيندا ويا. ڳائڻ وڄائڻ فقط درٻاري ميراثين تائين محدود ٿي ويو. ناٽڪ ۽ پڳتون فتوائن جو شڪار ٿينديون ويون. ماڻهن مان مِٺ محبت موڪلائيندي ويئي.

سانوڻ اهو سڀ ڪجهہ سوچيندي ٿتي پهتو هو. ٺٽي ۾ هوندي تہ هو چاچي علوءَ جي مسافرخاني ۾ اچي ترسندو هو. چاچو علو جيسين جيئرو هو، تيسين وٽس وڃبو هو تہ رڳو سوڍي جا ڳڻ ڳائيندو هو، سنڌ جي ڪا ڳالهہ ڳجهارتن جي انداز ۾ ڪٿندو هو، ۽ پوءِ روئڻ ۾ اچي پوندو هو؛ مرحيات مري ويو، پر ڪنهن ارغون، ترخان يا مغل کي مسافرخاني ۾ ترسڻ نہ ڏيندو هو- پر سندس مرڻ ڪانپوءِ سندس نينگر بلاول مسافرخاني کي رڳو روزگار جو وسيلو ڪري ڪم آڻيندو هو. سانوڻ لاءِ پوءِ بہ سيني کي ڪا اُنسيت هئي. هرڪو ڪيس ڏسي چڻ اکين ئي اکين ۾ چوندو هو تہ سوڍي ۽ سنگهار وارن جو چوڪرو آهي! اڄ اهو چوڪرو پاڻ اچي اڌروٽ ٿيو هو، پر مسافرخاني ۾ کيس اهائي عزت ملندي هئي. البت مسافرخاني ۾ مغلن جو بہ ميڙو متل هوندو هو جيڪي ڪتان کهي اچي رات جا چار پهر ڪاٽيندا هئا. علوءَ جي مسافرخاني جي اچي ماڻي بہ مشهور هوندي هئي. جيڪو هڪڙو پيرو اهو مڌ پي ويو، سو وري پيرو نہ پچندو!

پر سانوڻ اتي نہ ترسيو. رڳو بلاول کي پنهنجي گهوڙيءَ جي پارت ڪري ويو. بلاول ڪميت کي وٺي جڏهن ڪُڙهہ ۾ داخل ٿيو، تڏهن ڪميت پنهنجي مالڪ بنان اهڙي بي چين ٿي ويئي جو جهل ئي نہ پئي ڏي. سانوڻ جيسين خود اچي کيس ٿپڪي ڏيئي توبرو نہ ڏئي ويو، تيسين سنج لاهڻ نہ ڏنائين. سانوڻ درياهہ جو ڪپ ڏيندو، ترخانن جي محلي ۾ داخل ٿيو. ان محلي ۾ هڪڙو بہ سنڌي گهر نہ هو. يا ترخانن ۽ ارغونن جا سپاهي رهندا هئاجن جا ننڍا ننڍا ڪشادا گهر هڪ ٻئي سان پِٽو پت ڳنڍيل هئا، يا انهن کان اڳتي مغل عاملن جون چؤحويليون هيون. اهي چؤحويليون دراصل چئن حويلين کي ڳنڍي ٺاهيون ويون هيون: هڪڙي مردان خانو، ٻي زنانخانو، ٽين مهمان خانو ۽ چوٿين چوبخانو جتي محافظ، چوبدار ۽ حوالدار رهندا هئا. اهي حويليون اصل ۾ ارغون ۽ ترخان سردارن جون هيون ۽ جڏهن سنڌ اڪبري سلطنت ۾ گڏجي ويئي، تڏهن ارغون ۽ ترخان رفتہ رفتہ جاگيرون هٿ ڪري سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ آباد ٿيندا ويا. فقط غريب سپاهي رهجي ويا سي مغل لشڪر ۾ شامل ٿي ويا. اهي اڪثر رات جو چوريون ڪندا هئا، يا چندبو خانا هلائيندا هئا. مغل عاملن ۽ سردارن لاءِ ڪنيزون ۽ غلامن کي ڦاسائي آڻيندا هئا. **ڪالهہ جا حاڪم اڄ جا پڙوا ۽ داداگير بڻجي ويا هئا!**

سانوڻ هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو، هڪڙي گهر اڳيان اچي بيهي رهيو. ڪڙو ڪڙڪائڻ بدران، هن هلڪي سيٽي وڄائي، چڻ تہ ڪو لنگهندڙ پکي پنهنجي ولر کي آواز ڏيندو هجي. گهري ڪانہ گذري تہ هڪڙي پوڙهي شخص دروازي مان منهن ڪڍيو ۽ سانوڻ کي ڏسي هڪدم دروازو کولي ڇڏيائين. پوڙهي شخص سانوڻ کي ڏسي اهڙي ڏيکائي ڏني، چڻ ورهين جي واقفيت هجيس. سندس وات مان ڪِني انگوريءَ جي ڏپ پئي آئي. سانوڻ کيس ڪيڪاريو بہ ڪونہ ۽ رڳو ايترو چيائين تہ " ارسلان بيد آهي؟ "

" تنهنجي لاءِ نہ هجي تہ بہ حاضر ٿي ويندو. تون اندر تہ اچ، ٻاهر چو بيٺو آهين؟ "

سانوڻ اندر هليو آيو. اندر گهڙڻ سان ڪِني انگوريءَ جي ٻانس سانوڻ جي ذهن ۾ چڙ پيدا ڪرڻ لڳي. دالان ٽپي، ورانڊي جي چارين واري دروازي کان اندر ڏوڪيندو ويو. ورانڊي جي سامهون ئي ٻہ دروازا هئا.

هڪڙي دروازي منجهان دارونءَ جي بانس جا ڀڀڪا اچي رهيا هئا. ان دروازي کي ڇڏي، سانوڻ ٻئي دروازي کي ڌڪو ڏنو.

سامهون هڪ ٿلهو متارو شخص اڌ ليٽيل هو، ۽ هڪڙو ڳيرو چوڪرو سندس هنج ۾ ليٽيل هو. سامهون ميز تي اچي انگوري بلوري صراحيءَ ۾ پيل هئي، ۽ هڪڙو جام اڌ ڀريل رکيل هو. سانوڻ کي ڏسي ڳيرو چوڪرو چرڪ ڀري اٿي ويٺو ۽ ڪٽ ڪان لهي، ڪورنش ڪري هٿ ٻڌي بيهي رهيو. ليٽيل شخص به اٿي ويٺو.

” سردار خان، تون ڪيئن؟ “ ماڻهو موڪلين ها ته مان پاڻ اچي حاضر ٿيان ها، ڀلا ڪا انگوري پيئندين؟ بنهه تازي آهي- جان من، سردار خان لاءِ به ٺاهه! “

” نه ارسلان بيگ، انگوريءَ لاءِ وقت ڪونه اٿم. ٺٽي آيو هئس، سوچيم ته توسان حساب ڪتاب ڪندو وڃان! “

سردار خان، حساب ڪتاب ته اڳئين دفعي ڪيو هوسين. ان ڪانپوءِ حرام جو آءٌ ٻاهر به چُريو هجان......“ ارسلان بيگ جو منهن لهي ويو. هن جي شهپرن ۾ هلڪي لرزش اچي وئي هئي. سندس منهن جي سرخي پيلاڻ ۾ بدلجڻ لڳي هئي.

” ارسلان، مون توکي چيو هو ته مغل سردارن، ترخان جاگيردارن تي تنهنجو حق آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن سنڌي گهر يا ڳوٺ تي ڌاڙو هنيو اٿئي ته پوءِ پاڻ تو ڄاڻين........پر ڀانئجي ٿو ته منهنجي صلاح تي نه هلئين...... “

ارسلان بيگ هاڻ ته بلڪل ڌڪڻ لڳو: جيڏو مڙس هو، اوتري منجهس رڦاٽي اچي وئي. ويتر جو سانوڻ خنجر جي دستي ۾ هٿ وڌو ته هن جي حالت غير ٿي وئي. ڏڪندڙ آواز ۾ چيائين: مون کي قسم آهي الله ۽ پنج تن پاڪ جو، مون ان ڏينهن ڪانپوءِ وري ڪنهن سنڌيءَ جو نالو نه ورتو آهي..... تون مون تي اعتبار ڪر...... “

سانوڻ ڪا گهڙي خنجر جي مُٺئي تي هٿ ڦيريندو رهيو ڄڻ ته فيصلو نه پئي ڪري سگهيو. پوءِ ڏيرج سان چيائين: ” گذريل چوڏهينءَ تي وينجهرڪي وسينءَ ۾ ڌاڙو لڳو هو. پنوهرن جو ڳوٺ آهي، درياهه جي بنهه ڪپ تي. اتي ڪي ترخان پُٺون ٻڌي ڌاڙو هڻي ويا، ۽ هڪڙي نِينگر به پاڻ سان کڻي ويا آهن...... “

” قسم آهي قرآن جو، مون کي ڪا خبر ڪانهي..... ۽ توکي خبر آهي، مون کي ته نِينگرين جو شوق ئي ڪونهي......! “ ارسلان بيگ هاڻ ته بلڪل سهڪي رهيو هو. دارونءَ جو نشو لهڻ جي باوجود هن جي زبان ٻاتي ٿيندي وئي.

” مون کي اعتبار تڏهن ايندو جڏهن ڌاڙو لهي ڏيندين. هئا ترخان يا ارغون، تنهن جي پڪ اٿم. ممڪن آهي ته ڪو مغل به ساڻ هجين..... نِينگري سورهن سترهن ورهين جي آهي، نالو نُوري اٿس.....“ سانوڻ اهڙي انداز ۾ چيو جنهن ۾ دڙڪي سان گڏ حڪم به شامل هو. ائين پئي ڀانيو ته لفظ ڪان وڌيڪ سانوڻ جي اکين ۾ ڪجهه هو جنهن ارسلان بيگ جي بدن ۾ ڏڪڻي وجهي ڇڏي هئي.

ارسلان بيگ ڪجهه سامت جو ساهه کنيو ۽ چيائين، ” چندوخاني جي مهتم کان ٿا پڇون. ارغون يا ترخان هوندا ته ضرور مال هٿ ڪئي آيا هوندا ۽ جوا کيڏي هونداٺون......... چوڏهين تاريخ تي چيئه نه........ڀلا تون ويهه، ته آءٌ تي تو اچان......... پر تيسين جيڪڏهن انگورن پيئن ته حجاب نه ڪجانءِ...... “

سانوڻ رڳو ڪنڌ ڌوڻ ڪئي، ۽ موڙي تي ويهي رهيو. ارسلان بيگ اتان نڪري پاسي واري ڪمري ۾ لنگهي ويو. ان ڪمري جو در کليو ته ماڻهن جو شور، ٽهڪن، گارين ۽ التين جي گڏيل گهمسان جو آواز اچڻ لڳو پر وري ڪوٺي جو در بند ٿيو ته آواز به بند ٿي ويا.

ٿوري دير ڪانپوءِ ارسلان بيگ، هڪڙي سنهڙي سيپڪڙي ارغون سان گڏ وري اندر آيو. ان شخص جي خاص ڳالهه سندس شهپر هئا. جيڪي ايڏا وڏا هئا، جو ڏاڙهيءَ کان ٻاهر نڪري آيا هئا، ۽ ڏاڙهي به قلمن کان شهپرن تائين، ۽ شهپرن کان هيٺ ائين ڪوڙيل هئي جو ڏاڙهيءَ جا وار به شهپرن جو حصو بڻجي ويا هئا. هن ايندي شرط اچي سانوڻ کي هٿ ڏنو، ۽ ادب سان هڪڙي پاسي تي بيهي رهيو. ارسلان بيگ پاڻ به ڪٽ تي اچي ويهي رهيو، ۽ جهيڻي آواز ۾ چيائين، ” شهباز خان، مون کي جيڪو ٻڌايئه، سو سردار خان کي سربستو احوال ڪري ٻڌاءِ...... “

شهباز خان بي خيالو پنهنجي شهپرن تي هٿ لائيندي چيو: ” برابر، پندرهين تاريخ ٻه ترخان ۽ هڪ مغل سپاهي ڪافي مال کٽي آيا هئا. سڄي رات پيئندا رهيا ۽ جوا کيڏندا رهيا: جڏهن نشي ۾ آيا، تڏهن ڳالهين ڳالهين ۾ اها ڳالهه ڪيائون ته هڪ نهايت حسين ڪنيز به درياهه جي ڪپ تان ڪنئي هئائون: ۽ اها ڪنيز سندن سردار قيصر بيگ ارغون وٽ آهي پر قيصر بيگ به ڪنيزن بدران غلامن جو شوقين آهي، ان ڪنيز کي ڪنهن مغل امير هٿ وڪڻڻ جو سوچي رهيو هو، ۽ اهو به چيو هئائين ته سؤ سونين مهرن کان گهٽ نه وڪڻندو........ “

سانوڻ نهايت آهستگيءَ چيو، ” ۽ قيصر بيگ ڪٿي تو رهي؟ “

ارسلان بيگ شهباز خان ڏانهن ڏٺو. شهباز خان ڪنڌ هيٺ ڪري زمين ۾ نهارڻ لڳو. سانوڻ جي آواز ۾ ڇهبڪ پرجي آيا: ” مون پڇيو ته قيصر بيگ ڪٿي تو رهي؟ “

شهباز خان هبڪندي چيو: ” قيصر بيگ مغل لشڪر جي توشي خاني جو عملدار آهي. سندس ٽولي ۾ اڌو اڌ مغل به آهن، جيڪي سپاهي گيريءَ مان عاجز اچي ويا آهن، ۽ ڪجهه نه ڪجهه لالچ ۽ هبچ ۾ اچي قيصر بيگ جي ٽولي ۾ شامل ٿي ويا آهن. قيصر بيگ کي رهڻ لاءِ وڏي حويلي مليل آهي، ۽ انهي حويليءَ ۾ هٿ وجهڻ موت کي سڏ ڪرڻ آهي..... “

سانوڻ جي منهن تي ارڏي مرڪ اچي ويئي. ان مرڪ ۾ الائي ڪهڙي ڳالهه هئي، جو شهباز خان تڪڙو تڪڙو چوڻ لڳو: ” سردار خان...... منهنجو مقصد آهي ته انهن حويلين ۾ سخت پهرو آهي- خبرداريءَ کان ڪم وٺو پوندو! “

سانوڻ ارسلان بيگ ڏانهن ڏٺو. ارسلان بيگ انهيءَ نگاهه کان بچڻ ڪاڻ زمين ۾ گهورڻ لڳو. پر چڻ ته هن جي پويان به ڪي اکيون هيون، جن سانوڻ جي گهور کي محسوس ڪيو. نيٺ منهن مٿي ڪندي چيائين ” سردار خان، آءٌ مغلن ۽ ارغونن...... پنهي سان رهائيو ويٺو آهيان. جيڪڏهن آءٌ يا منهنجو ڪو ماڻهو انهن حويلين جي پاسي جهلجي پيو ته ڏاڍي خراب ڳالهه ٿيندي...... پر توکي انڪار ڪونه ڪندس! “

سانوڻ جي منهن جي مرڪ چڻ وڌيڪ ويڪري ٿي ويئي: ” ته پوءِ اڄ رات قيصر بيگ جي حويليءَ تي ڌاڙو لڳندو، ۽ ائين لڳندو ڄڻ مغلن ڌاڙو هنيو آهي..... اوهان کي جيڪو مال هٿ اچي سو اوهان جو. هن پيري اسان جو حصو به توهان کي آيو. باقي پانهن آءٌ پاڻ ڪٽي ويندس. “

ارسلان بيگ جي منهن تي به مرڪ اچي ويئي. ٺٽي جي شهر اندر مغلن جي ويس ۾ ڌاڙي جا هن گهڻائي خواب لڌا هئا، پر سانوڻ جي ڊپ ۽ حصي جي خيال کان همت نه ٿي ٿِي. قيصر بيگ خود به وڏو ڌاڙيل هو، ۽ سندس حويلي سنڌين کان لُٽيل مال سان ڏٽي پيئي هوندي. اهو سمورو مال، بنان سانوڻ جي حصي جي، هن کي ٻه ٽي سال ڌاڙا هڻڻ کان بچائي ڇڏيندو. اهي سمورا انسنا ٿاهيندي، هن مرڪي چيو: سردار خان، توسان سِر لڳي! “

...... پوءِ ڪجھ دير هو ان ڌاڙي جي رٿابندي ڪندا رهيا•

(3)

جڏهن کان رستم بيگ قنڌاري ٺٽي جو عامل بڻجي آيو هو، تڏهن کان ٺٽي ۾ ڄڻ راڪاس گهمي ويو هو. سنڌي ته سنڌي پر ارغون ۽ ترخان به ڪا رات سک سان نه ستا هئا. رستم بيگ کان اڳي سندس شهرت ٺٽي تائين پهتي هئي: ملتان ۾ هن جيڪي ڪِيس ڪيا هئا، اهي چارون ماڻهن رڳو افواهن طور ٻڌيون هيون. پر ٺٽي پهچڻ کان اڳ ۾، مناديءَ وارا هر محلي ۾ وَر وَر پڙهو ڏيندا ويا ته آئيندي شهر ۾ سواءِ مغلن جي، ڪوبه گهوڙي تي سواري ڪونه ڪندو؛ ڪوبه ماڻهو مغلن سان، اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ، مخاطب ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪندو؛ مغلن جي حرمن جي ڏولي لنگهڻ وقت، هر ڪو ماڻهو ڪنڌ هيٺ ڪري ويهندو؛ سيدن ڪانسواءِ ڪوبه پنهنجي زائفائن لاءِ ڏولي استعمال نه ڪندو؛ ڪوبه دڪاندار مغلن سان شين جي خريداريءَ وقت قيمت تي تڪرار نه ڪندو، ۽ جيڪا قيمت مغل ڏيندا، سا خوشيءَ سان قبول ڪندو؛ ٺٽي کان ٻاهران ڪوبه ماڻهو شهر ۾ داخل ٿيندو ته مقرر ڪيل چوڪين تي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندو ۽ پنهنجي ترسڻ جو هنڌ ۽ ڪل وقت درج ڪرائيندو؛ ڪوبه ماڻهو عامل جي منظوريءَ ڪانسواءِ سانجهيءَ کان پوءِ اوطاق کليل نه رکندو؛ سيني مدرسن ۾ فارسي تعليم لازمي ٿيندي ۽ هر مدرسي جو مهتم ان جو پابند هوندو ته ڪوبه نئون معلم رکڻ کان اڳ، عامل جو اجازت نامو حاصل ڪري؛ هر نڪاح خوان، هر پيش امام، هر ٻانگو مغل، ارغون يا ترخان هوندو، يا عامل جي منظوري حاصل ڪيل هوندو؛ شادي ۽ غميءَ ڪانسواءِ ڪٿي به ڏهن کان وڌيڪ ماڻهو گڏ نه ٿيندا ....

اهڙن حڪمن سان گڏوگڏ وفاداري ۽ سازشن جي اطلاع ڏيڻ وارن لاءِ انعامن اڪرامن ۽ مغل حڪومت جي نوڪريءَ جي خاطري ڏني ويئي. مسجدن ۾ هر نماز کان پوءِ، پيش امام ماڻهن کي تلقين ڪرڻ لڳا ته اسلام ۽ اسلامي حڪومت جي انحرافي ڪندڙ ٻنهي جهانن جي غضب کي دعوت ڏيندو. خطبي ۾ ظل الاهي شهنشاهه جهانگير سان گڏ رستم بيگ جو نالو ائين ورتو ويندو هو ڄڻ ته خود شهنشاهِ هند رستم بيگ جو محتاج هو ۽ سنڌ کي اسلامي سلطنت ۾ شامل رکڻ جو بار رستم بيگ تي هو ۽ شهنشاهه کيس هر شورش، هر بغاوت کي چيپاڻڻ جو کليو پروانو ڏيئي ڇڏيو هو!

رستم بيگ پنهنجو ڏَکو ويهارڻ لاءِ شهر ته ٺهيو پر ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ ٽِياس کوڙائي ڇڏيا، جنهن تي ڪونه ڪو ماڻهو سازش ۽ شورش جي الزام ۾ ٽنگيل هوندو هو، ۽ تيسين اهو لاش ٽياس تان نه لاهيندا هئا، جيسين ان جي ٻانس ڪن ڏينهن تائين ماڻهن کي رستم بيگ جو نالو وسارڻ نه ڏيندي هئي. ماڻهن ۾ هن جو ايڏو ڊپ ويهي رهيو جو ٽپهريءَ ڪانپوءِ جتي ڪٿي هٽَ تاڙَ ٿي ويندي هئي، ۽ ماڻهو گهرن کي وڏا وڏا تالا هڻي اندر ئي اندر ٻارن کي ٻوٿاڙي ويهاري ويٺا هوندا هئا. سانجهيءَ جي ٻانگ ايندي هئي، تڏهن به دروازا نه کلندا هئا، ۽ پيش امام نمازين جي واٽ ڏسندي اوٻاسيون ڏيڻ لڳندا هئا. ڪن وڏين مسجدن ۾ رڳو مغل، ارغون، ترخان

يا مسافر نظر ايندا هئا. وڏي مصيبت ته مسافرن لاءِ هئي: ٽپهريءَ کان اڳ جيڪڏهن واندا نه ٿيا ته رات گذارڻ لاءِ ڪوبه مسافرخانو ڪين هنڌ ڪٽولو ڏيڻ جو به روادار نه ٿيندو هو ته مبادا مغل سپاهي اچي تفتيش ڪن. مغل سپاهي به اهڙا هِريا جو راهه ويندي ڪين بيهاري پڇائون ڪندا هئا ته ڪير آهين، ڪٿان آيو آهين، ڇو آيو آهين، رهين ڪٿي ٿو- هل چونڪيءَ تي! چونڪيءَ تي وڃڻ معنیٰ سچو مال متاع قرائڻ. ان ڪري هر ڪو پنج ڏهه درهم ڏيئي جند ڇڏائيندو هو. ائين ڪو سٽيو گراهڪ نه ملندو هون ته مسافر خاني تي چڙهائي ڪندا هئا، ۽ مسافرخاني وارو ڪجهه ڏيئي جان نه ڇڏائيندو ته مسافرن کان آڏا ابتا سوال جواب ڪري، ڪجهه نه ڪجهه ڦري ماري ايندا هئا!

شام ٿيندي هئي ته مغل سپاهين جا ٽولا محلن ۾ ڪاهي پوندا هئا. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ملين ته ڄڻ ٻيگهي مڇي وين. هن کي بيعزتو ڪري، جيڪي ڪجهه گيدي ۾ هوندس، سو ڦري گهر روانو ڪندس. ڪڏهن ڪڏهن ڪا پڳ، ڪا پڳڙي يا پَٽڪو وٺين ته اهو به ڦريندي ويرم نه ڪندا. جيڪڏهن ڪا هڙ حاصل نه ٿين ته ڪيس ماريندا ڪُٽيندا چونڪيءَ تي وٺي ويندا، ۽ تيسين ان جي جان نه ڇڏيندا جيسين سندس ڪي واهرو وري، ڪجهه ڏيئي سندس جند نه ڇڏائيندا. البت ارغون، ترخان يا دهلي، آگري، فتح پور ۽ ٻين هنڌن کان آيل ماڻهو، جيڪي فرفر فارسي ڳالهائيندا هئا، تن کي هٿ نه لائيندا هئا، متان ڪو حڪومت جو ماڻهو هجي ۽ دانهن وڃي دهليءَ يا آگري پهچي.

جيڪڏهن ڪو راهه ويندو واٽهڙو نه ملين، ۽ سپاهين جو ڪيسو گرم نه ٿيو ته هنن هڪ اهڙو طريقو اختيار ڪيو، جنهن ماڻهن ۾ هو اچاتو خوف وجهي ڇڏيو: بيگاهه وقت ۾ ڪنهن در تي ڪڙڪو ڪري، پاڻ لڪي بيهي رهندا هئا: اندران ڪنهن ڪڙو کولي، ٻاهر نهاريو ته جهٽ ڏيئي، ڪيس ڇڪي ٻاهر ڪندا هئا، ۽ نڪا هم نڪا تم، ڏڪن بجن جو وسڪارو لائي ڏيندا هئا. هن جي رڙين تي اوڙي پاڙي جا مڙس ماڻهو ٻاهر نڪرندا هئا ته مغل سپاهي اهڙي ڏيکائي ڏيندا هئا ڄڻ ته ان همراهه پاڻ مغلن سان ڪُونس شروع ڪئي هئي. جيڪڏهن اها چال ڪامياب نه ٿيندي هئي ته چوندا هئا ته هن مغلن، مغل شهنشاهه يا عامل کي گاريون ٿي ڏنيون، ان ڪري هن کي چونڪيءَ تي وٺي ويندا. چونڪيءَ تي وڃڻ معنیٰ وڏيڪ مار موچڙو، سو پاڙي جا چڱا مڙس، ڪجهه سوڪڙيون پاڪڙيون پيش ڪري همراهه جي جان ڇڏائيندا هئا!

هڪ طرف عام ماڻهن سان اهو ويل هو، ٻئي طرف ساقي خانن جي آس پاس ماڻهن جا هجوم هوندا هئا. گهڻو ٽٽو ارغون، ترخان، مغل يا قنڌاري هئا، پر ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مقامي ماڻهو به هوندو هو، جيڪو يا ته شاهي حڪومت جو ڪو اهلڪار هو يا ڪنهن ارغون، ترخان يا مغل جو دوست يار. اندر رباب جي ڌن تي ڇيرو ساقي نچندا، متڪندا، انگوريءَ جا جام پيش ڪندا ويندا هئا، ۽ سندن گراهڪ هڪٻئي کان اڳرا ٿي، ڪين پاڻ ڏانهن متوجهه ڪرڻ لاءِ حرفتون هلائيندا هئا. ڪيترن ساقي خانن ۾ اندر جاءِ نه هئي ته رستن تي موڙا ڪيدارائي، ساقين ۽ انگورين جا شوقين ويهي پاڻ ۾ ڪچهريون ڪندا هئا، ۽ جيئن ئي ڪو ساقي جام کڻي ايندو ته ڪيس پاڪر پائڻ، چمي ڏيڻ، يا ڇهندي هٽڻ لاءِ پاڻ ۾ الجهڻ لڳندا هئا. اڪثر ساقي خانن ۾ روزانو ساقين تان جهيڙا ٿيندا هئا، ۽ خنجرن جي مقابلي ۾ هڪ ٻه قتل ضرور ٿيندا هئا. ڪن ساقي خانن ۾ جوا به هلندي هئي، پر جواخانن ۾ فقط اهي اندر وڃي سگهندا هئا جن کي ساقي خانن جي مالڪ يا ڪنهن وڏي عملدار جي اجازت مليل هوندي هئي. انهن جواخانن ۾ اڪثر ائين ٿيندو هو ته ڪو ارغون يا ترخان يا مغل سيڪجهه هارائي ويهندو هو ۽ جوارين جو قرض نه ڏيئي سگهڻ تي پنهنجي جان وڃائي ويهندو هو. هڪڙي ئي ڏڪ سان سندس آندا گجيون ڪڍي، ٽنگوٽالي ڪري، رستي تي ڇڏي ويندا هئس جتان صبح جو يا ته سندس وارث لاش کڻي ويندا هئا يا وري سرڪاري سپاهي ڪيس کڻائي ويندا هئا.

جڏهن ماڻهن ۾ ڊپ ۽ هراس انتها تي پهچي ويو، تڏهن وري ڌاڙا لڳڻ شروع ٿيا. نما شام مهل، پٺون پٺل ڏهاڪو کن گهوڙيسوار ڪنهن ڪوٽيءَ، حويليءَ يا گهر تي حملي آور ٿيندا هئا ۽ ديناداستي ماري ڦري، الهه تلهه لٽي هليا ويندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن ننڍي نيٽي زائفان تي نظر پئي ته اها به زوريءَ کڻي ويندا هئا. اڪثر ڌاڙا ارغونن، ترخانن، سيدن يا مغلن جي محلن ۾ لڳندا هئا. سنڌين جي محلن ۾ ورلي ڪو ڌاڙو لڳندو هو. مغل سپاهين اهو افواهه عام ڪري ڇڏيو ته اهي ڌاڙا سانوڻ جو ٽولو ٿو هڻي، انڪري سنڌين جي گهرن ۽ حويلين تي ڌاڙا ڪونه ٿا لڳن. درحقيقت سنڌين جي گهرن تي ڌاڙا انڪري ڪونه ٿي لڳا جو سنڌين ۾ دولتمند خاندان ڪي ورلي وڃي بچيا هئا. سنڌي گهڻو ڪري هٿ ڪاريگر، ڪمي ڪاسبي، هَٽ واڻيا هئا، جيڪي پنهنجي گذر سفر ۾ پورا هئا! اڪثر دولتمند ماڻهو ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ لڏي ڪچھ، ڪاٺياواڙ، جيسلمير ۽ گجرات ڏانهن هليا ويا هئا، جيڪي بچيا هئا، تن پاڻ وٽ مغل سپاهي پگهاردار رکي ڇڏيا هئا، انڪري متن ڌاڙو هڻڻ ممڪن ئي نه هو.

پر خوف ۽ هراس ۾ ئي اهڙو ماحول پيدا ٿيندو آهي جنهن ۾ هڪ طرف افواهن جي بازار گرم ٿيندي آهي، ۽ ٻئي طرف شاهينگن کي جاوا ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، ۽ ٽئين طرف ڪمزور حڪومت کي پنهنجا پير مضبوط ڪرڻ جو وقت ملي ويندو آهي. سنڌي به رفته رفته اهو يقين ڪرڻ لڳا هئا ته ڌاڙا سانوڻ جي ٽولي تي هنيا. ٻئي طرف مغل سپاهين ۽ لشڪرين کي خدا خدا ڪري اهو موقعو مليو ته هو هر واٽ ويندي سنڌيءَ کي سانوڻ جي ٽولي سان لاڳاپيل هجڻ جو الزام هڻي ڪجهه رقم ڇڏائي وٺندا هئا، ۽ ڪين سنڌين کي بيعزتو ڪرڻ جو به دل گهريو موقعو ملي پوندو هو. مغل حڪومت جا پير اڃا پختا ڪونه ٿيا هئا. مرزا غازي بيگ جي مرڻ ڪانپوءِ خسروخان چرڪس هالن ۾ ويهي مرزا باقيءَ جي پوٽي مرزا عبدالعلي جي سنڌ جي تاجپوشي جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ سنڌس لشڪر آس پاس مغلن جي عملدارين کي ختم ڪندو ٺٽي ڏانهن وڌندو ٿي آيو. مرزا عبدالعلي اڃا صغير هو. انڪري هن جي نالي ۾ سموري حڪومت خسروخان چرڪس پاڻ سنڀالڻ جي فڪر ۾ هو. جتي ڪٿي مغلن ۽ ارغونن ترخانن ۾ ڇڪريون پئي لڳيون. ٺٽي ۾ بظاهر ته مغلن جي حڪومت هئي پر اندران ئي اندران ترخان ان ڏينهن جو انتظار ڪري رهيا هئا جڏهن خسروخان چرڪس ٺٽي تي ڪاهي ايندو، ۽ هنن کي وري حڪومت ملندي، جنهن کي هنن پنهنجو موروثي حق ٿي سمجهيو. ڪيترن سنڌين کي هنن ڳجها نياپا موڪليا هئا ته اسان جو ساٿ ڏيو. اسان وري به سنڌ ۾ رهيا، سنڌي ٿي ويا آهيون: مغل ته اوپرا ۽ ڌاريان آهن، جيڪي دهلي ۽ آگري کان ٿا حڪومت ڪن. اسان جو ته مڙهه مقام ئي هتان جو آهي: اسان جي وڏن جا هڏا به سنڌ جي سرزمين ۾ پوريل آهن ۽ اسين به مري هن مٽيءَ ۾ دفن ٿينداسون. مغل وري سنڌي سردارن ۽ وڏيرن کي اهو سمجهائيندا رهيا ته ارغونن ۽ ترخانن سنڌين کي لتاڙي چيپاٽي ڇڏيو هو. مرزا باقيءَ جا ظلم اڃان تازا تازا هئا. مغلن سنڌين کي انهي ظلم ۽ جبر کان نجات ڏياري هئي، ۽ شاهي حڪومت هيٺ سنڌ ۽ سنڌين کي وڌڻ ويجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو اوترو ئي موقعو آهي جيترو ٻين صوبن ۽ صوبيدارن کي!

۽ سنڌي جنڊ جي انهن ٻن پُڙن ۾ پيسجي رهيا هئا. هنن جون همدرديون ڪنهن سان به نه هيون: ان ڪري هنن تي ٻنهي ڌرين مان ڪنهن به اعتبار ڪونه ٿي ڪيو. انهيءَ بي اعتباريءَ جي فضا ۾ جڏهن عام بدامني، ڌهڪاءُ ۽ ڌاڙ جو وايو منڊل ڇانيو ته سنڌين کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته هو ڇا ڪن، هنن جي سوچڻ جي قوت ئي ڇڻ ته ڪيڏانهن موڪلائي وئي هئي. اهي سنڌي عملدار، جيڪي مغل سرڪار جي نوڪريءَ ۾ هئا، سي پنهنجي عملداري بچائڻ ۾ ايترا بي نَڪا ٿي ويا جو سنڌين کي پاڻ ٻوهي ۾ ڏيڻ کان به نه ٿي مُڙيا. مغل عامل ۽ عملدار به سنڌن ڪمزوري محسوس ڪري سازشن ۽ شورشن جي جاچ سنڌي عملدارن ۽ ڪامورن جي حوالي ڪندا هئا، ۽ سنڌي ڪامورا محض پنهنجي وفاداري ۽ ڪارڪردگي

ڏيکارڻ لاءِ بيگناهه سنڌين جا نالا ڏيئي ڇڏيندا هئا. مغل عملدارن انهن کي سزائن ڏيڻ لاءِ قاضي به سنڌي مقرر ڪيا، ۽ اهي سنڌي قاضي جڏهن قضا جي ڪرسيءَ تي ويهندا هئا، تڏهن سنڌي ڏوهارين کي ٿياس تي ٽنگڻ جي سزا ڏيندا هئا ۽ ارغونن ۽ ترخانن کي جلاوطنيءَ جي!

سنڌين ۾ جيڪو واپاري طبقو هو، سو اڳي ئي سهي جي ڳَل: اول ته مغل سپاهين جي آنڪي يري پيا ڪم ٽپائيندا هئا. ڳالهه آنڪيءَ کان متي چڙهي ويئي ته سنڌ جا وڻ ئي ڇڏي لڏڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا. باقي سمورو ظلم ۽ جبر سنڌ جي هاري ناري، مالوند، پورهيت، ڪمي ڪاسبي، هٿ ڪاريگر يا گهوڙين تي هو. هو آهه به نه پري سگهندا هئا ته متان سنڌن ٿڌي شوڪار جو غلط مطلب ورتو وڃي. البت انهن مان جوانن جو طبقو اهڙو هو، جيڪي اهو ظلم خاموشيءَ سان سهڻ لاءِ تيار نه هو. انهيءَ طبقي ۾ گهٽائي مدرسن جي شاگردن جي هئي. هنن جي اکين ۾ مَچ متل هئا، اندر ۾ کورا ڪاٽل هئا، ۽ سندن ماٿ ۾ نفرت جي ڇُڻ پُڻ هئي. هنن کي رڳو ارغونن ۽ ترخانن يا مغلن ۽ ٻاهرين سان نفرت نه هئي. هنن کي پنهنجن کان به نفرت هئي، جيڪي هيترو ظلم سهندي به ماٺ هئا يا مغلن جي چاڪري ڪندي، پنهنجن تي ظلم ڪندا رهندا هئا. اهڙائي جوان سانوڻ جي ٽولي ۾ شريڪ هجڻ جي شڪ ۾ ٿياس تي ٽنگيل نظر ايندا هئا.

(4)

سلطاني ساقي خانو، هونئن تہ عام رواجي ساقي خانو هو پر ان ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون هيون، جن جي ڪري عام سپاهي يا لشڪري يا عتاب ۾ آيل ارغون، ترخان يا مغل ان پاسي ڪونہ لڙندا هئا. هڪڙو تہ اهو واحد ساقي خانو هو، جنهن ۾ نٽي جو عامل ٿوري دير لاءِ دل وندرائڻ ايندو هو، ۽ هن لاءِ خاص مسند ٺهيل هئي. ان ڪانسواءِ نٽي جي چونڊ اميرن، ناظمن ۽ عملدارن جون، پنهنجي حيثيت مطابق، مسندون ٺهيل هيون، جن تي ٻيو ڪوبہ ويهي نٽي سگهيو. انهن مسندن جي نگهباني ۽ مهمانداريءَ لاءِ ساقي بہ علحده علحده مقرر ٿيل هئا: انهن مان ڪنهن بہ ساقيءَ کي مجال نہ هئي جو ٻئي ڪنهن امير کي انگوري پيش ڪري يا هن جي ٻي ڪا مهمانداري ڪري. انهن مسندن ۽ ساقين لاءِ اهي امير، ماهيانو ڪجهہ رقم ساقي خاني جي مالڪ کي گهر ويٺي پهچارائي ڏيندا هئا. اصل ۾ اهو ساقي خانو مرزا باقيءَ جي هڪ خاص امير ۽ دوست شمس الدين سلطانيءَ کوليو هو. مرزا باقي پاڻ بہ ان ساقي خاني ۾ ايندو هو ۽ پنهنجي مخصوص مسند تي اچي ويهندو هو. چيائون ٿي تہ ان ساقي خاني ۾ ملا محمد فراخي ۽ مرزا باقيءَ جي پڻ ڀائيواري هوندي هئي. ساقي خانو درياهہ جي ڪپ تي هو ۽ سندس پٺين ديوار ۾ هڪ ڳجهو ٿهہ خانو ۽ دروازو هو، جنهن ۾ هر وقت ٻہ ٻيڙيون تيار بيٺيون هونديون هيون تہ جيڪڏهن امير تي اوچتو حملو ٿئي تہ اتان آساني ۽ حفاظت سان ڀڄي سگهي!

ان ساقي خاني جي هڪڙي ٻي بہ خاص ڳالهہ هئي تہ ساليانو نوروز جي موقعي تي زبردست جشن ملهايو ويندو هو، ۽ ان جشن جي خاص ڳالهہ ڪنيزن ۽ ساقين جو ساليانو نيلام هوندو هو. اميرن وٽ جيڪي بہ ڪنيزون ۽ ساقي هئا، سي گهٽو ٽٽو ان نيلام مان ورتل هوندا هئا ۽ ساقي بہ فخر سان هام هڻندا هئا تہ هو سلطاني نيلام ۾ وڪاڻل هئا. تاتار، ترڪستان، اصفهان، شيراز، قندار ۽ هرات کان ڪنيزون ۽ ساقي اچي گڏ ٿيندا هئا، ۽ سندن حسن جي هاڪ ملتان، لاهور، دهلي ۽ آگري تائين پهچندي هئي، ۽ اتان جا امير ۽ سوداگر اهي ڳالهيون ٻڌي جشن ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا، ۽ نيلام ۾ بولي ڏيندا هئا. نٽي جا سمورا بااثر امير جڏهن پنهنجين پنهنجين مسندن تي ايندا هئا، ۽ انگوري ۽ ساقين سان دل وندرائيندا هئا تہ وندر کان سواءِ حڪومت ۽ سياست جا معاملا بہ اتي ئي ٿيڻ لڳندا هئا، ۽ جيڪڏهن ڪين تخليئي جي ضرورت هوندي هئي تہ خود ساقي خاني اندر خاص ڪمرن جو انتظام ٿيل هو. هر ڪمري ۾ ٻہ ٻہ حبشي خواجہ سرا پهرو ڏيندا هئا، ۽ ڪنهن جي مجال نہ هئي جو بنا اجازت جي ڪنهن ڪمري ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪري. انهن خواجہ سرائن کي بنان اجازت ايندڙ ماڻهوءَ کي اُڦٽ ماري رکڻ جي اجازت هوندي هئي، ۽ اهڙو پروانو خود وقت جو عامل پنهنجي مهر سان لکي ڏيندو هو. سياست ۽ حڪمرانيءَ جا مسئلا نبيرڻ وقت جاسوسن ۽ مخبرن کان بچڻ خاطر با اثر امير خود پنهنجا ماڻهو پاڻ سان آڻيندا هئا، جيڪي هنن جي درٻارين ۽ صلاحڪارن طور سندن مسندن آڏو اطلسي موڙن تي ويٺا انگوريءَ سان دل وندرائيندا هئا ۽ سندن نظر هر وقت ايندڙ ويندڙ ماڻهن تي هوندي هئي، ۽ ڪنهن اوپري ماڻهوءَ جي اچڻ شرط، هنن جا هٿ پنهنجن خنجرن جي مُٺين تي قَبي

ويندا هئا. ائين ڪيترائي جاسوس ۽ مخبر بي موت مري چڪا هئا. پر اهڙا قتل عام رواجي ڳالهه هئي، ۽ گهڙيءَ ڪان پوءِ امير ۽ سندس درباري پنهنجي وندر ۾ مصروف ٿي ويندا هئا!

ارغونن ۽ ترخانن جو دور ختم ٿيو ۽ مغل آيا، تڏهن به سلطاني ساقي خاني جي معمول ۽ انتظام ۾ ڪو فرق ڪونه پيو. خود مغل امير ڪا مسند هٿ ڪرڻ لاءِ مغل عامل ڪان سفارشون ڪرائيندا رهندا هئا. پنهنجي خاص ماحول، پنهنجي ذاتي غلامن ۽ ڪنيزن ڪانسواءِ، مغل اميرن لاءِ به سلطاني ساقي خاني جي وندر هڪ غنيمت ڪان گهٽ نه هئي. مغل اميرن وٽ قرلت جو تازو پئسو هو، ۽ ان کي لٽائڻ ۾ هنن کي ڪو عار محسوس نٿي ٿيو. ارغون ۽ ترخان سردارن سان دوستيون ۽ ياريون رکڻ، هنن جي سياست لاءِ ضروري هو. انڪري سلطاني ساقي خانو جيئن پوءِ تيئن اميرن لاءِ عيش عشرت ۽ سياست جو هڪ مستقل ذريعو بڻجندو ويو.

سلطاني ساقي خاني جي تهخاني ۾ قيصربيگ جي داخل ٿيڻ سان، اتي اڳ ئي موجود ماڻهن ۾ اوچتو ماٺ ڇانئجي ويئي. قيصربيگ ڪي ڪنهن به ڪيڪاريو ڪونه. هڪڙي ٻن همراهن رڳو ڪنڌ جي ڌوڻ سان هن جو ائين آڌرڀاءُ ڪيو ڄڻ ته هو سندس اچڻ تي خوش ڪونه هئا، پر لاچار هن ۾ ڪم پيو هون، ان ڪري مجبوراً هن سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿيا هئا. قيصربيگ جو منهن اها ڳالهه محسوس ڪندي ٿامٽي هٽي ويو، پر هن پاڻ تي ضابطو رکندي، هڪ اطلسي موڙي تي ويهندي چيو: ”مونکي ائين سڏائڻ سان اوهان نه رڳو مونکي خطري ۾ وڌو آهي، پر خود پاڻ وڏو خطرو کنيو اٿوَ! “

گهڙيءَ لاءِ هن کي ڪنهن به جواب ڪونه ڏنو، ۽ هن جي منهن ۾ تڪيندا رهيا. پوءِ هڪ پيرسن اچي ڏاڙهيءَ واري، هوريان چيو: ” شاهه رخ، تون اسان سيني پاران ڳالهاءِ! “

شاهه رخ جي نندي قد، پريل بُت ۽ معمول ڪان وڏين ڳاڙهين اکين ۾ اهڙو تيج هو، جنهن قيصربيگ کي ڪنبائي ڇڏيو. هن کي پاڻ سان سلوڪ تي جيڪا ڪاوڙ هئي، سا ڪافور ٿي ويئي، ۽ هن شاهه رخ ڏانهن سڌو نهارڻ جي همت نه ساري، اکيون زمين ۾ کوڙي ڇڏيون. شاهه رخ پنهنجي موڙي تان اٿيو، ۽ لاپرواهيءَ سان چڪ ڏيئي خنجر جي آبنوسي ڳن ۾ هٿ وجهي، چڪي ڪڍي ورتائين ۽ خنجر جي ڌار کي آڱر سان ٽپاسيندي، قيصربيگ ڏانهن وڌي آيو. قيصربيگ نه چاهيندي به ڏڪڻ لڳو. سندس ڏڪٽيءَ کي محسوس ڪندي، شاهه رخ ائين ڏيکائي ڏني، ڄڻ ته هن کي قيصربيگ تي ڪهل اچي ويئي هجي.

” قيصربيگ، تون اسان سيني کي سڃاڻين ٿو. ائين نه سمجهه ته هاڻ ترخان حڪومت ۾ نه آهن ته منجهن طاقت نه آهي. اسين اڄ به چاهيون ته تو جهڙن کي ماڪوڙيءَ وانگر چيپاٽي سگهون ٿا. مغل به توکي اسان جي قهر ڪان بچائي نه سگهندا. انڪري اسين توکان جيڪي پڇون، تنهن جو صحيح صحيح جواب ڏيندين ته تنهنجي حق ۾ بهتر ٿيندو! “

قيصربيگ ڪُڇي جهڙي پٽ. لفظن ڪان وڌيڪ شاهه رخ جي بي پرواهيءَ هن کي احسان ڏياريو ته هن جيڪڏهن هڪڙو لفظ به غلط وات مان ڪڍيو ته شاهه رخ خنجر سان سندس سسي ڪپي ڇڏيندو. هن جي وات مان هٻڪندي رڳو لفظ ” جي! “ نڪتو.

شاهه رخ پنهنجي خنجر جي ڦر سان کيڏندي وري چيو:

” اسان کي خبر آهي ته تو ڏاڍا هٽي گهڻو ئي مال گڏ ڪيو آهي، ۽ مغل اميرن کي رشوتون پهچائي، توشي خاني جي عملداري هٿ ڪئي آهي. اها عملداري ڪهڙي ڪم جي، جيڪڏهن تون پنهنجن کي ڪم اچي نه سگهين- ڪيئن؟ “ وري به قيصربيگ جي واتان لفظ ” جي “ نڪتو.

” شاباس، اسان کي تومان اهائي اميد هئي. “ شاهه رخ جي لهجي ۾ نرمي اچي ويئي.

” اوهين جيڪو حڪم ڪندؤ تنهن جي پوئواري ٿيندي.“ قيصربيگ ڪجهه همت ڪندي چيو.
” تہ پوءِ اسان جي چوڻ تي هڪڙو ٻيو ڏاڙو هڻڻو پوندئي! “
” جي؟ “
” ها. سياڻي هڪڙو مغل جٿو، حضور مرزا غازي بيگ مرحوم و مغفور جي اهل و عيال ۽ مرزا عبدالعلي ۽ خسرو خان چرڪس کي گرفتاريءَ هيٺ آگري وٺي ويندو. قيدين سان گڏ شهنشاهہ هند لاءِ ڪجهہ سوڪڙيون پاڪڙيون ۽ ٻہ لک درهم پڻ آهن. ڏاڙي وقت تون ۽ تنهنجا همراهہ سنڌين وانگر سنڌي پوشاڪن ۾ ٻتون ٻدل هوندا. جيڪو مال متاع ۽ نقدي هٿ اچي، سا اوهان جو حصو. باقي قيدي اسانجي حوالي ٿيندا! مغل لشڪري سمجهندا تہ سنڌين شورش ڪري راتاهو ڏنو آهي. تنهنجي ٽولي تي ڪنهن کي ٻہ شڪ نہ پوندو! “
” پر مغل لشڪرين سان وڙهڻ موت کي دعوت ڏيڻي آهي، ۽ تنهن کان سواءِ مون وٽ ايترا ماڻهو بہ ڪونهن! “ قيصربيگ کي هڪ نئين دپ اچي ورايو. هن جي پنهنجي ٽولي ۾ ڪيترا مغل لشڪري هئا، اهي ڪڏهن بہ ٻين مغل لشڪرين سان نہ وڙهندا، تنهن جي هن کي پڪ هئي.
مرزا شاهہ رخ چڻ تہ هن جي خيالن کي پروڙي ورتو، ۽ ڏيرج سان چيائين: ” ڏاڙي ۾ هن ٻيري تنهنجي مغل ساٿين سان اسان جا سؤ ڪن چونڊ سوار توسان هوندا. قيدين جي سنڀال ۽ هنن کي اسان وٽ پهچائڻ هنن جي ذميداري ٿيندي، باقي مال متاع اوهين ڪٽي وڃجو. “
” جيڪڏهن ڪي مغل مونکي يا ڪن ترخانن کي سڃاڻي وٺن تہ پوءِ.....؟ قيصربيگ ڊڄندي ڊڄندي اعتراض ڪيو.
” اسان کي يقين آهي تہ تون ايترو احمق نہ آهين.....“ شاهہ رخ جي آواز ۾ وري سختي اچي وئي.
” ۽ ها، ياد رک، جيسين قيدي ڪاميابيءَ ۽ حفاظت سان اسان وٽ پهچن، تيسين تنهنجا ٻئي پٽ- طغرل بيگ ۽ مظفربيگ - تنهنجي سنڌي ڪنيز نوريءَ سان گڏ اسان جي حفاظت ۾ رهندا! “
قيصربيگ جي دل ۾ چِڪُ پئجي ويو. گهڙيءَ لاءِ هن جي دل ۾ اهو خيال آيو هو تہ هو سربستي ڳالهہ مغل عامل رستم بيگ يا ديوان معموريءَ سان ڪري، ان مصيبت مان بچي ويندو ۽ ساڳي وقت انعام اڪرام جو بہ حقدار ٿيندو. پر هاڻ تہ هن جون سڀ واهون بند ٿي ويون. هن کي يقين هو تہ جيڪڏهن هو ڏاڙي ۾ ناڪام ٿيو تہ مرزا شاهہ رخ سندس معصوم ابهم پٽن کي انهيءَ خنجر سان پوٽي پوٽي ڪري، ڪتن کي کارائي ڇڏيندو!
هن وري بہ همت سارينڊي چيو: ” اوهان کي منهنجي وفاداريءَ ۾ شڪ ڪرڻ جي ضرورت نہ هئي! “
” برابر تون صحيح ٿو چوين! پر هي معاملو تنهنجي وفاداري پرکڻ تائين محدود نہ آهي. سنڌ تي ترخانن جو موروثي حق آهي. مغل پَرمار تي هتي آيا آهن. اسان کي هر قيمت تي ڪين هتان ڪڍڻو آهي. سنڌ جي تاج جو حق مرزا عبدالعليءَ جو آهي. اسين اهو حق هن کي وٺي ڏينداسين، پوءِ ڀلي اسان کي شهنشاهہ هند سان مقابلو چونہ ڪرڻو پوي. ارغونن ۽ ترخانن ۾ اجا ايتري مردانگي آهي تہ پنهنجو حق تلوار جي زور تي وٺي سگهن! “
مرزا شاهہ رخ هاڻ چڻ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو. پر اوچتو هن وري قيصربيگ جي اکين ۾ نهاريندي چيو: ” تنهنجي وفاداري پرکڻ جو اجا ڪو ٻيو موقعو ايندو. آخر تنهنجي رڳن ۾ بہ تہ ترخاني خون آهي. اسان کي اميد آهي تہ تون پنهنجي خون کي ڪونہ لڄائيندين. وقت اچڻ تي اسين تنهنجي هن ” احسان “ کي هرگز نہ وساريندا سين. اسين پاڻ ان جو انتظام ڪنداسون تہ توشي خاني جي عملداريءَ کان بهتر ٻيو ڪو عهدو توکي ڏياريون! “

مرزا شاهه رخ خنجر کي وري مياڻ ۾ وجهندي، وري پنهنجي موڙي تي وڃي ويٺو، ۽ اچي ڏاڙهيءَ واري ترخان کي هلڪو اشارو ڪيائين. پيرسن قيصربيگ کي وٺي دروازي تائين آيو. دروازي تي ٽي دفعا ٺڪ ٺڪ ڪيائين ته دروازو کلي پيو، ۽ هڪڙو حبشي خواجه سرا ادب سان الڳ هٽي بيهي رهيو.

” قيصربيگ، هن ڪاپي هٽ واري ڪمري ۾ تنهنجو ساقي موجود آهي. جيڪڏهن ڪجهه وندر ڪرڻ گهرين ته تنهنجي مرضي، نه ته ڪيس پاڻ سان وٺي، واپس پنهنجي مسند ڏانهن وڃي سگهين ٿو. ساقي خاني ۾ موجود امير اڳي ئي اهو ٿا سمجهن ته تون پنهنجي ساقيءَ سان ڪجهه دير اڪيلائيءَ ۾ وندر ڪرڻ لاءِ خلوت گاهه ڏانهن ويو هئين! “

قيصربيگ چڻ شڪر گذاريءَ مان پيرسن جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو: ” مهرباني آغا جان. آءٌ ڪجهه دير آرام ڪري پوءِ نڪرندس! “

(5)

نتو سنڌ وانگر دريا دل هو. ملوڪ بہ اهڙوئي هو، جهڙي سنڌ. پر جڏهن کان سنڌ جي سينڌ ۾ غلاميءَ جي ڌوڙ وسي هئي، تڏهن کان نتي جي جواني بہ ڄڻ موڪلائي ويئي هئي. اڳي نما شام ٿيندي هئي، تہ هڪ طرف سنک وڄندا هئا تہ ٻئي طرف ٻانگن جو پُرسوز آواز سڄي وايومنڊل کي ننڊاکرو ڪري ڇڏيندو هو. ماڻهو جڏهن مندرن ۽ مسجدن مان موٽندا هئا تہ چوپارين ۾ ورهائجي، خاص نهيل ٿلهن تي اچي ويهندا هئا. اهي ٿلها، ڪي ڳاڙهي پٿر مان، تہ ڪي اڇي سنگمرمر جا ٺهيل هئا. هر ٿلهي جي مٿان هڪڙو وڏو شمعدان ٽنگيل هوندو هو. ڪن جي مٿان وري ڏيئن سان سجايل فانوس ٻاربا ها. انهن ٿلهن تي ويهي ماڻهو اوپاريون لهواريون ڪندا هئا ۽ سڄي ڏينهن ۾ جيڪي وهيو واپريو هو، ان جي سڌ ٻڌ هڪ ٻئي کي ڏيندا هئا. جوانڙا وري پنهنجون مجلسون محفلون دريا جي ڪپ تي مچائيندا هئا. ڪي تہ دنگين ۽ ٻيڙين ۾ چڙهي لهندڙ سج جو نظارو ڪندا هئا. ڪي وري دريا جي ڪپ تي ٺهيل گلشن ۾ ٺهيل پنج- درين ۽ ڇهہ- درين ۾ ويهي درياهہ کي ۽ دريا ۾ موٽندڙ سج جي شفقي ليڪ کي تڪيندا هئا. ماڻهن جو عقيدو هو تہ دريا ۾ لهندڙ سج کي تڪڻ سان مَن جون مرادون پوريون ٿينديون. ارغونن کان اڳي چيہر جا اٽاس ميلن تائين پکڙيل هئا. پر ان غريب گاهہ کي ارغونن جي گهوڙن جي سُنبن ائين چچري ڇڏيو هو ڄڻ مٿن ڪنهن هر هلائي، ڪيڻ ڏئي ڇڏي هئي. ڪجهہ وقت کان پوءِ دريا جي پاسي سنڌين جي وڃڻ تي ئي بندش پئجي ويئي ڇاڪاڻ تہ دريا جي ڪپ کان ٿوروئي پريرو ارغون ۽ ترخان سردارن جون حويليون هيون، جن جون دُڇتيون، دريا جي پاسي ڪلنديون هيون ۽ ارغون ۽ ترخان بِيبيون، دريا جو نظارو ڪرڻ لاءِ اطلسي موڙا ۽ مسندون وڇهائي، دالانن ۾ اچي وهنديون هيون. هوئن تہ ارغون ۽ ترخان جوانن جي دريا جي ڪپ تي گلگشت ڪرڻ تي منع ڪانہ هئي، پر جڏهن کان ڪن ترخان بيبين ۽ ڪنيزن جي عشق جا داستان مشهور ٿيا، تڏهن کان ان پاسي وڃڻ جي ڪنهن کي بہ همت نہ ٿيندي هئي. البت پنهي پٽڻ تي اچا بہ ماڻهن جا هجوم نظر ايندا هئا.

مغلن جي حڪومت آئي تہ ڪيترِيون حويليون مغل اميرن والاري ورتيون. مغلن کي شهرن سينگارڻ جو شوق هو. انڪري هنن وري دريا جي ڪپ تي چمن ۽ گلشن رڪائڻ شروع ڪيا. نئين سر نئون گاهہ هٽائڻ تي بہ ڌيان ڏنائون. البت شهر جي اندر مغل اميرن جو خير ڪو گذر ٿيندو هو. انڪري شهر جي پڪ- سرين گهٽين ۽ رستن جي مرمت ڏانهن گهٽو ڌيان ڪونہ ڏنائون. فانوسن ۽ شمعدانن کي ٻارڻ جو انتظام نئين سر شروع ٿيو. پر مغل سپاهين ۽ لشڪرين جي ڌهڪار جي ڪري بہ ماڻهن ٿلهن ۽ دِڪن تي وهڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. ماڻهو سانجهي ٻانگ اچڻ تي پنهنجن گهرن ۾ ئي ٻوٽاڙجي ويهي رهندا هئا.

پر جڏهن مغل لشڪرين گهرن تي اچي زوريءَ ماڻهن سان ڏاڍايون شروع ڪيون تہ سيني ۾ چوٻول ٿهلجي ويو. ڪجهہ تجربيڪار پيرسن ۽ بزرگ ماڻهن ڪجهہ جوانن جي مدد سان ان جو ڪو بلو ڪرڻ جو سوچيو. رٿ اها بيٺي تہ آخوند صالح واري مدرسي ۾ ڪي چڱا مڙس گڏ ٿي صلاح ڪن تہ ان جو ڪهڙو بلو ڪجي؟ آخوند صالح وارو مدرسو نتي جي دل هو. جڏهن آخوند صالح کي ارغونن ٿياس تي ٽنگايو هو تڏهن کان تہ جيڪو بہ ماڻهو ان مدرسي وٽان لنگهندو هو، سو دل ئي دل ۾ شوڪارا پريندو، تعظيم ۾ ڪنڌ جهڪائي لنگهي ويندو هو. هاڻ ان مدرسي جو مهتمم حافظ بلال سومرو هو. هن جي سيڪو عزت

ڪندو هو. خود ارغون ۽ مغل سردار ٻه هن جي علم ۽ ڏاهپ جو مان ڪندا هئا پر هو صفا گوشہ نشين ماڻهو هو. ڪنهنجي شادي مراديءَ ۾ ٻه نہ ويندو هو. تور- ڳالهائو تہ هوئن ئي مشهور هو. ٺٽي جي عامل جي سڏ تي وڃڻ کان ٻه لهرائيندو هو. سندس فتوائن جي هاڪ سموري سنڌ ۾ هئي، ۽ مغل مولوي ٻه ان ۾ ڪو نقص ڪڍي نہ سگهندا هئا.

سڀ نيند ڏنل ماڻهو، هڪ هڪ تي حافظ بلال جي حجري ۾ پهتا، ۽ نُڪن تي ويهندا ويا. حافظ بلال نماز کان فارغ ٿي، سڀني سان خير عافيت ڪري پاڻ مصلي تي ئي ويٺو رهيو. هن جي اکين ۾ ڪو اڇاتو غم چوليون هڻي رهيو هو، ۽ دل چوندي ٻه هن جي اکين ۾ نهارڻ محال هو جڻ تہ ڏسندڙن کي اهو ڊپ هو تہ هن جي اکين جو اهو غم ڏسندڙ جي وجود ۾ نہ گهڙي اچي. اڪثر ماڻهو سوچيندا هئا تہ حافظ بلال کي ڪهڙو غم هو؟ هو ڪهڙي گوندر ۾ گرفتار هو؟ ان سوال جو جواب حافظ بلال وٽ ٻه نہ هو. هن گهڻا پيرا چاهيو هو تہ هن جو غم ٻه عام انسانن وانگر اکين جي لڙڪن ۾ وهي، ڪي قدر گهٽجي وڃي. پر هن کي ياد نہ هو تہ هن جي اکين ڪڏهن رنو هجي. جڏهن آخوند صالح جو لاش مدرسي ۾ آندو هئائون، تڏهن حافظ بلال سمجهيو هو تہ هن جي دل ڦاٽي پرزا پرزا ٿي ، هن جي پاسراٽين جي وٿين مان نڪري ايندي. پر ان جي بدران فقط هن جون مُنيون پيرڙجي ويون هيون، ۽ هن پنهنجي چپ کي چڪ هڻي زخمي ڦٽي وڌو هو. ڪو عرصو هن ڪنهن سان ڳالهايو ٻه نہ هو. ڪيترن استادن ۽ شاگردن اهو ٻه محسوس ڪيو هو تہ حافظ بلال نماز پڙهڻ ٻه ڇڏي ڏني هئي. فجر جو دؤر ڪرڻ ٻه ڇڏي ڏنو هئائين. هڪ ٻن استادن نماز لاءِ کيس چيو هو تہ ذري گهٽ کين چڙٻ ڏئي چيو هئائين " نماز؟ ڇو؟ ڇالاءِ؟ ..... ها، ها، نماز! "

۽ پوءِ هن نماز وري شروع ڪئي هئي. شروع شروع ۾ هن امامت ڪرڻ کان بنھ نهڪر ڪري ڇڏي، بلڪ باجماعت نماز کان ئي لهرائيندو هو. ان جو اصل سبب اهو هو تہ پهريون ئي سجدو ايڏو ڊگهو ٿي ويندو هو جڻ ٻين سجدن ۽ رڪعتن جي گنجائش ئي نہ رهي هئي. پر رفتہ رفتہ هو پنهنجي پاڻ ۾ موٽي آيو هو. باقائدي نماز پڙهڻ سان گڏ امامت ٻه شروع ڪيائين ۽ دؤر ٻه شروع ڪيائين. دعا گهرڻ وقت جماعتين کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ جڻ هو ڪنهن صحرا ۾ ڪنهن بيوس لاچار مسافر جي اڪيلي صدا ٻڌي رهيا هئا، **" اي ستن آسمانن جا خدا، پنهنجي حبيب جي صدقي، سنڌ تان هي ذرت ۽ ڏاڍ ڏور ڪر! هاڻ اسان ۾ سهڻ جي طاقت ڪانهي! تون تہ مظلومن ۽ مجبورن جو اجهو آهين، پوءِ..... اسان کي پنهنجي پناھ ۾ رک، يا اسان کي ساجھ ڏي تہ سمجهي سگهون تہ هي سڀ اسانجي آزمائش آهي!..... پر اي منهنجا مولا، هيءَ آزمائش ٻه آخر ڪيستائين؟ آخر ڪيستائين؟ آخر ڪيستائين؟..... "**

دعا گهرندي هن جو آواز ڳُورو ٿي ويندو هو ۽ نمازين جي نڙيءَ ۾ ڳوڙها اٽڪي پوندا هئا، سڏڪا ايرندا هئا ۽ لفظ " آمين " ٻه هڪ سڏڪو بڻجي، مسجد جي گنبذن ۾ اٽڪي پوندو هو. حافظ بلال جي دعا جا لفظ جڻ تہ ستن آسمانن سان ٽڪرجي، شڪايتن ۽ شڪون ۾ بدلجي، ماڻهن جي دلين ۾ گهڙي پوندا هئا ۽ ماڻهو دعا لاءِ کنيل هٿ پنهنجي منهن تائين آڻڻ وساري وهندا هئا؛ فقط هڪ ٿڌو شوڪارو اٿندو هو، ۽ ڪا گهڙي ماڻهن مٿان لٽڪندو ٽنگجي پوندو هو، ۽ هوا ۾ تحليل ٿيڻ وقت هوا کي ٻه لهسيندو ويندو هو!

سيني پاڙن جا ڇگا مڙس ۽ مُکي اچي گڏ ٿيا هئا. سندن منهن تي عجيب بيوسي ۽ لاچاريءَ جا اولڙا هئا جڻ تہ هو ڪنهن وڏي بيابان ۾ بي يار و مددگار ڀٽڪڻ کانپوءِ ڪنهن وسندي ۽ ۾ پهتا هئا. پر کين پڪ نہ هئي تہ اتي ٻه کين مصيبتن کان پناھ ملندي. سيني جون اکيون حافظ بلال تان هٽنديون، هجري ۾ موجود ماڻهن جي منهن ۾ اُميد جو ڪو ترورو تلاش ڪري رهيون هيون، ۽ اوچتو جڏهن ڪنهن سان اکيون ٽڪريون ٿي تہ جڻ ڪجھ شڪي تي هيٺ جُهڪي ٿي ويون: جڻ کين هڪٻئي جي اکين تي اعتبار نہ هو.

ڪي ماڻهو انهيءَ بي اعتباريءَ کان بچڻ لاءِ تسبيح جا داڻا سورڻ تي لڳا، پر انهن داڻن سورڻ ۾ يڪسوئيءَ بدران ڪنهن ڳالهه کي لڪائڻ جو رنگ وڌيڪ هو. گهڻو تڻو سڀ پوئتي موٽندڙ عمر جا هئا. ڪي ته بنهه پيرسن هئا. البت هڪ ٻه چٽا جوانيءَ جي خون ۾ هئا پر انهن جوانن ۾ چڻ وقت کان اڳ ڳنڀيرتا لهي آئي هئي.

حافظ بلال کي پنهنجي هنن ديس واسين تي رحم اچڻ لڳو: هي ويچارا پنهنجي ئي وطن ۾ ڪيڏا بيوس ۽ بيواها ٿا پائنجن. ڇا هاڻ سنڌ جي ماڻهن جي اهائي تقدير آهي ته پنهنجي ئي وطن ۾ پاڻ کي ايڏا اپاڻڪا سمجهڻ لڳن؟ سنڌ، جنهن هر ڪنهن کي محبت، پيار ۽ پاپوهه ڏني ائين چو بيوس تي محسوس ڪري. اهو سوچيندي ئي حافظ بلال جي اکين ۾ سختي موٽي آئي، ۽ هن ڪنگهڪار ڪندي چيو: ”چاچا يار محمد، ڇا صلاح ٻيٺي؟ “

چاچو يار محمد سيني کان پيرسن هو. سندس منهن تي عمر کان وڌيڪ تجربي جا گهنج هئا. هن جي اچي ڏاڙهيءَ ۾ هڪڙو ٻه ڪارو وار نه هو، پر تڏهن ٻه سندس منهن ۾ ڪا اهڙي ڏيا هئي جو ڏسندڙ جو ڌيان هن جي اچي ڏاڙهيءَ ڏانهن وڃڻ بدران ان ڳنڀيرتا ڏانهن تي ويو، جيڪا هن جي اکين ۾ تي وسي. هن پنهنجا جهور هٿ، پنهنجي منهن تي ڦيرائيندي چيو: ” ابا، صلاح وري ڪهڙي ٻيهندي؟ سنڌين ۾ ڪڏهن ڪا صلاح ٻه ٻيٺي آهي؟ انڪري ته تو وٽ لنگهي آيا آهيون ته من تون ڪا راهه ڏسين، جيڪا سيني کي وڻي! “

حافظ بلال جو منهن حيا ۽ حجاب کان ڳاڙهو تي ويو. ڪجهه هٻڪندي چيائين: ” اوهين سڀ مونکان وڏا آهيو. اوهانجي وڏي نظر آهي، وڏو تجربو آهي. آءٌ ڀلا ڪهڙي راهه ڏسي سگهندس؟ “

” ابا، عقل عمر سان هجي ها ته آءٌ برابر سيني کان ڏاهو هجان ها، پر جڏهن عقل تي ورهايو تڏهن اسان جي ابن ڏاڏن پَرَنُ جهليو هو. تڏهن ته ڌارين جي هٿان موچڙا کائيندي، اچي ڏاڙهي تي آهي. “ چاچي يار محمد اها ڳالهه ڪجهه ماڻهن کي کلائي، بار هلڪو ڪرڻ لاءِ ڪئي، پر سندس آخري لفظن کلائڻ بدران ماڻهن کي وڌيڪ ڳنڀير بنائي ڇڏيو.

” جي حڪم هجي ته آءٌ ڪوشش ڪري نئين امير رستم بيگ سان ملي ، مغل لشڪرين جي حرڪتن بابت ڪيس ٻڌايان: من ڪو ٻلو ڪري وجهي! “

” ابا، امير ٽنگون ٽيڙيون آهن، تڏهن ته لشڪرين جو مَنُ وڌيو آهي. امير تائين دانهن ته ڪڏهوڪو پهچائي اٿائون پر امير کي نڪا جونءِ نڪي ليک- پاڻ آڪرو ته سنڌي شورشون ٿا ڪن، انڪري سندن چڪاس ضروري آهي! “ چاچو يا محمد هاڻ ڪاوڙ ۾ اچي ويو هو.

” ته پوءِ ته پنهنجو ئي ڪو ٻلو ڪرڻو پوندو........ “ حافظ بلال ڪجهه سوچيندي چيو.

” ابا خيرل، تو جيڪا ڳالهه تي ڪئي، سا ڪري ٻڌاءِ ته سڀ سڻن. “ چاچي يار محمد هڪ همراهه جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

خيرل بنهه سنهڙو سيپڪڙو همراهه هو، جنهن جي منهن مان سندس عمر جي ڪا خبر تي پئي. سندس شهپرن ۾ ڪو اڇو وار ڪونه هو. البت لوڻن وٽ وارن ۾ اڇا پوڻ شروع ٿيا هئس. سندس هڪڙي ڳل تي هڪ ڊگهو گهاءُ هو، جيڪو تازي سيرب جي ڪري ائين تي پائنيو چڻ ته حجم ڪيس تڪو ڏئي وڌو هو ۽ رتائجي ويو هو. سندس اکين ۽ نڪ جي ٻيهڪ انهيءَ گهاءَ جي ڪري وڌيڪ نمايان تي پئي هئي، ۽ خاص ڪري گهرا گهاٽا ڀرون سندس منهن ۾ حشمت ڀري رهيا هئا. هن جي جسم جي سنهائپ سندس منهن مان بنهه ڪانه تي لڪائي ۽ ائين تي پائنيو چڻ ته ان بت تي اهو جسم تتي ٺهڪيو.

هن ڳلو صاف ڪندي چيو: ” مون اها ڳالهه تي ڪئي ته هر پاڙي ۾ هڪ ٻه ڄڻا سانجهي نماز ڪانپوءِ پنهنجي پاڙي ۾ چونڪي ڏين ۽ لشڪري اچن ته کين سمجهائين ته پاڙي ۾ ڪنهن اوپري ماڻهوءَ کي ڏسي هو پاڻ کيس لشڪرين جي حوالي ڪندا. کين سانجهيءَ ڪانپوءِ گشت ڪرڻ جي ضرورت ڪانه رهندي. “
” صلاح ته سٺي آهي پر لشڪري مڃيندا ڪونه. هنن کي آهي پنهنجو پيٽ پرٽو، سي مرڳو همراهن کي ئي ٻڌي وٺي ويندا........ “ هڪ همراهه وچان آواز ڏنو.
سيني لوٽا ڦيرائي ان همراهه کي ڏٺو. هي همراهه به ڪراڙو هو. سندس منهن مان ائين پئي پائنيو ته ڪافي ڏٻل هو. هن جي ڳالهائڻ وقت ئي سندس بدن جي ڏڪڻ ۽ ٽڙڪٽي ظاهر هئي. چاچي يار محمد کيس ڏسي چيو: ” حاجي نور محمد سچ ٿو چوي. اچا ڪالهه سندس ٻنهي ڇوڪرن کي لشڪري وٺي ويا ۽ حاجي لشڪرين کي وچي اشرفيون ڏيئي، سندن جان ڇڏائي آيو..... “
حافظ بلال حاجي نور محمد کان پڇيو: ” حاجي، ڀال تنهنجي ڇوڪرن کي ڇو جهليائون؟ تنهنجا ڇوڪرا ته ڏاڍا سلڇڻا ۽ سدورا آهن...... “
” ڀائو راهه ويندي ٺوروئي جهليا. اندر گهر ۾ وينا هئا. در تي کڙڪو ٿيو: ننڍو ڇوڪرو علي محمد ٻاهر نڪتو ته لشڪرين جهٽ وجهي ڪٽي کيس قابو ڪيو ۽ ڇؤڪنيو ڪٽي ٻڌائونس. سندس رڙين تي وڏو ڇوڪرو صالح نڪتو ته ان سان به ساڳي ڪار ڪيائون- چي ” توهان سانوڻ جي ٽولي سان شامل ٿي ڌاڙا ٿا هڻو. هلو چونڪيءَ تي! “ پوءِ ته ٻنهي کي ماريندا ڪٽيندا، گهليندا وڏي چونڪيءَ تي وٺي ويا. آءٌ پڇائون ڪندو اتي پهتس، ۽ مَس مَس پنج اشرفيون وٺي کين ڇڏيائون. پنج اشرفيون به نه پيا وٺن، پر جڏهن کين ٻڌايم ته مون وٽ ان کان وڌيڪ پائي به ڪانهي، تڏهن مڃيائون..... “ حاجي نور محمد جو ڊپ هاڻ پڃي پيو هو، پر ٻيڪي ساهيءَ ڳالهه ڪندي، سهڪي ۾ پئجي ويو.
” ابا حافظ، رڳو حاجي نور محمد سان اها تعدي ڪانه ڪئي اٿن. هي جيئندو ويٺو آهي، ان جو ڪٽرو ڪڙڪائي، کيس ٻاهر سڏي، چونڪيءَ تي وٺي ويا ۽ هڙ ۾ جيڪي هوس، سو ڦري کيس ڇڏيائون. سونهاري جي ننڍڙي معصوم ڇوڪر کي به وٺي ويا ۽ جيسين ڪجهه ڏنائين نه، تيسين ته ٻڌائين ئي نه پيا ته ڪو ڇوڪر وٺن هو. هر پاڙي ۾ اهڙا روز واقعا پيا ٿين، هاڻ ته هٿ رهڻ ئي جنجال ٿي پيو آهي..... “
” غلام قومن سان ائين ئي ٿيندو آهي، چاچا! “ حافظ بلال اهي لفظ ڪجهه اهڙي انداز سان چيا، جو سيني جي بدن ۾ سياٽو پئجي ويو. اهي لفظ نوان نه هئا، اهي لفظ هنن پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيا هئا، پر اهي لفظ جڏهن حافظ بلال جي زبان مان ادا ٿيا ته انهن ۾ هڪڙي نئين معنىٰ پرجي آئي، جنهن هنن کي پهريون ڀيرو ان حقيقت جو احساس ڏياري، سندن بدن ۾ سيءُ وجهي ڇڏيو.
” هائو ابا، سچ ٿو چوين: غلام نه هجون ها ته اها ڪار ٺوروئي ٿئي ها! هاڻ ته ڪاروبار ڪرڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي: جيڪي لُهاڻا، ميمڻ ۽ ڪتري لڏي ويا آهن، انهن جي ملڪيتن تي ارغون، ترخان ۽ مغل زوريءَ قبضا ڪندا وتن. امير ۽ عامل کين عام اجازت ناما ۽ پروانا پيا ڏين. جُت ته اها آهي ته جن دڪانن ۽ جاين جي مسواڙ پيا پرين ۽ پيڙهين کان اتي ويٺا آهيون، اهي دڪان ۽ جايون به ارغون، ترخان ۽ مغلن جي نالي پيا ٿين. حڪم وري اهو ته مسواڙون انهن نون مالڪن کي ڏيو نه ته خالي ڪريو! اجهو هي خالقڏنو ويٺو آهي. ابي ڏاڏي کان ويرسي مل جي جاءِ ۾ مسواڙ تي ويٺا آهن. ويرسي ويو، پر پٽن کي هٿ ڇڏي ويو. سندس ڪوٺي اچا وڏي بازار ۾ آهي. هاڻ ان جاءِ جي ملڪيت هڪ مغل معموري بيگ جي حوالي ٿي آهي، ۽ مسواڙ اهو پيو وٺي. ويرسيءَ جا ڇوڪرا دانهين تي ويا ته مرڳو ٻي عزتا ٿي آيا. امير جي عملدارن کين دڙڪو ڏنو ته ماٺ ڪري ويهن نه ته ان ڪوٺيءَ تان به کين اٿاريندا جو اها به لڏي ويل ويرسيءَ جي ملڪيت آهي.

مُنِي ۽ ماٺ ته مُني ۽ ماٺ. ڪري ويهي رهيا. هاڻي وري مغل خالقڏني کي چوائي موڪليو آهي ته مسواڙ وڏائي ڏي نه ته اُت جاءِ مان! ڪيئن ابا خالقڏنا، سچ ٿو چوان نه؟ "

" هائو چاچا، مون واري جاءِ ته ويئي، پر هاڻ ته دڪان جي پويان پيا آهن ته دڪان اسان کي وڪڻي ڏي! آءٌ ٻچڙيوال ان دڪان مان ئي روزگار ويٺو ڪمايان، سو ڪيئن دڪان ڇڏيان؟ امير کي عريضي موڪليم پر ڪجهه نه ٿيو. هاڻ وري ٻي عريضي آگري موڪلي اٿم. من اتان ڪو انصاف ٿئي! " خالقڏنو ڳالهه ڪندو اچي سڏڪن ۾ پيو. سندس پر ۾ ويٺل هڪ همراهه ڪيس ڪلهن ۾ ڀاڪر وجهندي، دلداري ڏني ته ماڳهين اچي اوڇنگارن ۾ پيو.

حافظ بلال جو منهن ڪاراٽجي ويو، پر هن پاڻ تي ضبط ڪندي چيو: هاڻ ته پانجي ٿو ته مغلن ۽ ارغونن ۽ ترخانن وانگر فيصلو ڪري ورتو آهي ته شهرن جي ملڪيتن ۽ واپار وڙي تي قبضو ڪندا ويندا ته سندن حڪومت قائم رهندي. شهرن تي قبضو مڪمل ٿيو ته ٻهراڙيون خودبخود قبضي هيٺ اچي وينديون! "

" ابا، ٻهراڙين تي ته هونئن ئي سندن قبضو آهي. زمينون يا ته جاگيرن طور ارغون اميرن ۽ مغل سردارن کي مليل آهن، يا وري ننڍن ننڍن زميندارن کان پڳڙن مٺ تي زمينون وٺندا وڃن! محصول ايترا آهن جو هَر هاري ۽ مالوند ماڻهو فقط ايترو ٿا اپائين جو سال جو قوت بچي. اناج کي شهرن ۾ پهچائڻ جا گهَٽ ۾ سڀ هنن جي هٿ ۾ آهن. سو ٻهرايون ۾ هاڻ هنن جي قبضي ۾ آهن..... " چاچي يار محمد حافظ بلال جي ڳالهه کي ٽيڪو ڏيندي چيو.

" هي جو شهرن ۾ لشڪرين ٻائيتال مچايو آهي، ان جو ڪهڙو مقصد ٿي ٿو سگهي..... " ڪنهن همراهه ڇڻ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

" ان جا گهڻائي مقصد آهن: هڪڙو ته سنڌي پاڻ ڪا شورش يا بغاوت نه ڪري سگهن. ننگ سلامت نه هوندا ته ڪير شورش جو سوچيندو؟ ٻيو ته سنڌي ارغونن يا ترخان کي شورشن ۾ مدد نه ڪن. ٽيون ته سنڌي عاجز اچي، شهرن مان لڏي وڃن ته ملڪيتون ٻاهران ايندڙن لاءِ خالي ٿين، واپار وڙو ۽ ٻاهرين جي هٿ ۾ اچي، جن جو دهلي، آگري، فتح پور ۽ ٻين هندوستاني شهرن سان ڳانڍاپو هجي، ۽ جيڪي ان ڳانڍاپي جي ڪري مغل شهنشاهت سان وفادار رهندا اچن. باقي رهندا ڪمي، ڪاسبي، هٿ ڪاريگر، سي جيڪو مال ٺاهيندا سو سستن اگهن تي خريد ڪري، اهي ٻاهريان واپاري ڏيساور موڪليندا، يا دهليءَ ۽ آگري جي بازارن ۾ وڪري لاءِ موڪليندا. ظاهر آهي ته ڪاريگر ۽ ڪمي ڪاسبيءَ جو روزگار هنن جي هٿ ۾ هوندو ته انهن تي سندن ئي حڪم هلندو! " حافظ بلال جي آواز ۾ پڙاڏو پيدا ٿيندو ويو– نفرت جو پڙاڏو، احتجاج جو پڙاڏو!

ڪا گهڙي ماٺ ٿي ويئي. ماڻهن کي پنهنجو ساهه ڪٽڻ ۾ محسوس ٿيڻ لڳو. ان نفرت جي لهَس سندن ان احساس کي هيڪاندو ڪري ڇڏيو. پر گهڙيءَ ڪانپوءِ ڪنهن جي ڪنگهڪار تي، ڇڻ سڀ حال ۾ موٽي آيا.

" منهنجي صلاح آهي ته اسين ٻه چار ڄڻا گڏجي شهر جي عامل سان يا ڪوتوال سان ملي، هر ماهه لشڪرين جي لاءِ هڪ مقرر رقم ڪين ڏيون. اها رقم ڦوڙي ڪري ڪين پهچائجي. لشڪرين جو پيُٽ پريو ته هو ڏاڍائيءَ کان ڪيبائيندا! " اهي لفظ هڪڙي ٿلهي متاري همراهه چيا، جيڪو سيني کان پنيان پٽ کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. هن جي بت بدن مان ائين ٿي پانيو ڄڻ ته هو پنهنجي ٿولهه مان بيزار هو. سندس منهن تي ۽ ٿولهه جي ٿوٿر چڙهيل هئي. سندس چپ ٿلها، نڪ نسبتاً سنهو هو. ٿوٿر جي ڪري سندس اکيون ننڍڙيون ٿي نظر آيون، ۽ سندس پيشاني ائين هڪدم پوئتي موٽ ٿي ڪاڏي، جو سندس پرن ۽ وارن ۾ تمام

ٿورو فاصلو هو. جيترو هو ٿلهو هو، سندس آواز اوترو ئي سنهو هو، تقريباً زنانو هو. هن ڳالهه کي جاري رکندي چيو: ” ڪپڙي بازار ۾ ڪجهه لشڪري ائين هريا هئا، جو مال ڇُڪائي هليا ويندا هئا، ۽ پوءِ هڪڙو لشڪري ڪپڙو سوڌڻ جي بهاني سان دڪاندار سان اٽڪي پوندو هو، ۽ سڄي بازار جي اکين اڳيان اهو دڪاندار لشڪرين جي هٿان ڏاڍي مار کائي، ڪپڙو به ڏيندو هو ته تاوان طور هڪ ٻه اشرفيون به ڏيڻيون پونديون هئس. جڏهن اهي واقعا روز ٿيڻ لڳا، ته سيٺي گڏجي، ڪپڙي بازار جي چونڪيءَ جي عملدار کي ان ڳالهه تي راضي ڪيو ته سندس چونڪيءَ جي لشڪرين لاءِ مهيني در مهيني وِيهه اشرفيون ڏينداسون: اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن، وري ڪو لشڪري ڪپڙي بازار ۾ ڪونه آيو آهي! “

” بروبر وري ڪنهن سپاهيءَ جو پاڇو به ڪپڙي بازار نه آيو آهي، “ هڪڙي ٻئي همراهه هن جي ڳالهه کي ٽيڪو ڏنو.

” پر اهو ته ڀُنگ ڏيڻ ٿيو: اڃا اهڙا به ڪمزور نه ٿيا آهيون جو ظلم خلاف ڀُنگ وڻنا ڏيون! اڄ هڪڙن لشڪرين کي ڀُنگ ڏنوسون، ته سڀاڻي وري ٻيا مِڻائبا! “ خالقڏني چئي ڏنو.

” نه نه، ائين ڪون ٿيندو...... اهو ته هٿ وٺي هنن کي حرام تي هيرائڻ ٿيندو! پوءِ ته هر بازار مان، هر محلي مان، ڀُنگ وٺڻ شروع ڪندا! “ چاچي يار محمد خار وچان چيو.

حافظ بلال سيٺي جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. هن جي منهن تي هڪڙو رنگ آيو ٿي، هڪڙو ويو ٿي. جڏهن ڀُنگ جي ڳالهه تي بحث مباحثو ختم ٿيو، تڏهن هن موجود ماڻهن تي سرسري نظر وجهندي چيو: ” اڃا به ڪنهن کي ڪا تجويز ڏيڻي هجي ته ٻلي ڏئي. “

هڪڙي نوجوان ڪنگهڪار ڪندي سيٺي جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو. نوجوان پنجويهن ڇويهن سالن جو ٿي لڳو. سندس منهن ۾ پورهيتن واري سختي هئي. سندس سنهيون مڇون ڪَڪي رنگ جون هيون، ڇڻ ته ٻاهه جي توَ جي ڪري ڳاڙهسريون ٿي ويون هيون. مضبوط جسم، ڊگهو قد، ويڪرا ڪُلها، جن ۾ ڪا اڃاتي اُڇل ٿي پاتئي. هن جي آواز ۾ هڪ عجيب گونج هئي: ائين پئي ڀانيو ڄڻ ايترن ماڻهن جي اڳيان ڳالهائيندي آواز سندس نڙيءَ جي ٻويان ٿي آيو.

” آءُ اوهان سيٺي کان شايد ننڍو آهيان، ان ڪري وڏن اڳيان مونکي ڳالهائڻ ته نه گهرجي: پر ڳالهه ئي اهڙي آهي جو جهل نه ٿي ٿئي. مون هيل تائين ماڻڙي ڪري ويٺي وڏن جون ڳالهيون ٻڌيون. ائين پيو ڀانيان ڄڻ سيٺو ائين ٿو سمجهي ته مغلن جو ٻِلو يا منٿ ميڙ سان ڪجي يا ڀُنگ ڏئي جند آزاد ڪجي. سڄي ڄمار سنڌين ڀُنگ ڏئي گذاري آهي! يا ڪهڪائيندي، نمندي، نياز نئڙت سان، پاڻ تان ڌارين جون هلائون واري ڇڏيون آهن. ڪڏهن اهو ڪنهن نه سوچيو آهي ته مڙس ٿي مقابلو ڪرڻ سان به مغلن جو ٻِلو ڪري سگهجي ٿو...... “

نوجوان پاڻ ۾ گهٽو ئي ڌيرج پيدا ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي، پر سندس آواز ۾ نفرت وڌندي ويئي. هن گهڙيءَ لاءِ پنهنجي آس پاس نهاريو، ۽ هن تي نااميديءَ بدران بيزاري اچي وئي. ” سو جي سيٺي جي صلاح نه به ٻيٺي ته اسان ڪجهه ننڍن نيتن سوچيو آهي ته مغل سپاهين کي اهڙي سيکت ڏيون جو سنڌين جي پاڙي ۾ اچڻ کان ئي ٻان ٻري ڇڏين...... ! “

هن پنهنجي ڳالهه اهڙي نموني ڪئي، ڄڻ ته هن چوڻ ته گهٽو ئي ڪجهه ٿي چاهيو، پر ڪنهن سندس وات تي هٿ رکي، کيس ڳالهائڻ کان روڪي وڌو هو! ڪا گهڙي ڪنهن به ڪجهه ڪونه ڳالهايو، ڄڻ ته هو هن همراهه جي ڳالهه کي تورڻ تڪڻ ۾ مصروف هئا. پوءِ چاچي ياروءَ هوريان ڪنگهڪار ڪندي چيو: ” ابا، تون علوءَ واڍي جو ڇوڪرو وريام آهين نه؟ جزاڪ الله! ڏٺي وڏي ڄمار ڏيئي! ڳالهه ته منهنجي دل وٽان ڪئي اٿئي، پر رڳو هڪڙي ڳالهه تي ماري. جيڪڏهن مغل سپاهي عامل وٽ دانهين تي ويا ته پوءِ

ڪهڙو حشر ٿيندو، سو ڪو سوچيو اٿئي؟ اوهين ته جهلجي ويندؤ، پر هر پاڙي تي اهڙا ڏنڊ ۽ تاوان وجهندا، جو پريندي حال اٿئون! “

پيرسن جي ڳالهه سيني کي دل سان لڳي، پر ڪنهن به وچ ۾ ڳالهائڻ مناسب نه سمجهيو. حافظ بلال کي چوڻو پيو: ” وريام، ابا، ان اعتراض جو ڪو جواب ڏيندين؟ “

وريام حافظ بلال سان اکيون ملائيندي چيو: ” ڀُنگ ڏيڻ کان ته اهو ڏنڊ ڏيڻ چڱو ٿيندو! تنهن کانسواءِ مغل امير وٽ ڳالهه پهتي ته خود لشڪرين جي ڏاڍاين جي ڳالهه به نڪرندي. ڳالهه آگري تائين پهچڻ جو به خيال ٿيندن! “

” بروبر “ ، ” واهه جي ڳالهه ڪئي اٿئي، “ ” اها چڱي صلاح تي..... “ اوچتو ماڻهن وچ وچ ۾ پنهنجو پنهنجو خيال ڏيکارڻ شروع ڪيو. نيٺ حافظ بلال چيو: هاڻ هيئن ٿا ڪريون ته هر محلي مان پنج پنج جوان گڏجي چونڪي ڏين. مغل لشڪرين کي اطلاع ڏيڻ لاءِ آءٌ پاڻ تو عامل وٽ وڃان ته لشڪرين کي ڏاڍاين ڪرڻ کان روڪين نه ته جهيڙو ٿيندو ۽ ڳالهه آگري تائين پهچندي. ابا وريام، هرو پرو مغل لشڪرين سان ڪُونس نه ڪجو. ارغون سردارن اڳي ئي مغلن کي ميچ ڏني آهي ته سنڌي وري شورش ڪرڻ وارا آهن. ارغون ۽ ترخان پاڻ ڪجهه ڪرڻ وارا آهن، متان اهو الزام به اسان تي لڳي! چاچا يار محمد، هاڻ هر پاڙي ۾ چونڪيءَ جا جوان مقرر ڪرڻ توتي ۽ وريام تي ٿا ڇڏيون. آءٌ سياڻي ئي عامل سان ڳالهه ڪندس. مونکي هونئن ئي مدرسي جي ڪم لاءِ سڏايو اٿن! “

حافظ بلال ڳالهه ڪئي، معنيٰ فيصلو ٿي ويو. ماڻهن مان ڪي اجا به دبي دپ کان ان ڳالهه سان متفق نه هئا، پر حافظ بلال اڳيان اعتراض ڪرڻ جي حجت ڪنهن به نه ڪئي. سڀ اها دعا گهرندا اٿيا ته خدا ڪو مغلن کي ساڃهه ڏي! *

(6)

ٿتي جي رات ڪهاڙيءَ جي ڌَڪ جيان ٽري پئي هئي. هوا بہ ڪنهن اهنج، ڪنهن ايذاءَ کان ڦوڪون ڏيڻ لڳي هئي. سوسات ائين ٿي ٿيو ڄڻ تہ وڻن جي بدران ماڻهن جي دلين مان شوڪارا ٿي ڦٽي نڪتا. سمهڻيءَ جي ٻانگ جي آواز انهن شوڪارن کي وڏيڪ درديلو بڻائي ڇڏيو، ڄڻ تہ ٻانگي جڏهن ”حي علي الصلواة “ ، ” حي علي الصلواة “ ، ٿي ورجايو تڏهن سندس دل مان دانهن ٿي نڪتي، ۽ جڏهن هن پنهنجي پر سوز آواز ۾ ” حي علي الفلاح “، ” حي علي الفلاح “ جو سڏ ڏنو، تڏهن بہ هن جي دل جي درد اها شهادت ٿي ڏني تہ نماز لاءِ ڪوبہ نہ ايندو، پلائيءَ لاءِ ڪوبہ نہ ايندو! ظلم جي چؤديواريءَ اندر ويچارڙا ماڻهو الله جي سڏ تي لبيڪ چوڻ کان بہ سراپجي ويا هئا، متان مغل لشڪري مسجد مان نڪرندي ڇِتن ڪتن وانگر ورائي وجن!

سانوڻ ڪُميت کي سيدن واري مسجد جي ٻَڙَ جي اوٽ ۾ ڇڏي ڏنو، ۽ آهستي سندس ڪن ۾ سرپاٽ ڪندي چيائين: ” مِٺي، منهنجو اتي ئي انتظار ڪجان! “ ڪميت ڄڻ تہ سندس نياپو سمجهي، ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهي، ۽ سانوڻ لغام ورائي سندس ڳچيءَ مان اُڪاريندي، هَني ۾ هٽي ڇڏيو. مغلاڻي پڳ جو پلاند ورائي، ٻُٽ ٻَڌندي، مسجد جي پٺ وٺي، ترخانن جي محلي جي پهرين چؤبُرجيءَ جي اوٽ وٺي بيهي رهيو. چؤبُرجيءَ ۾ ان وقت ڪوبہ نہ هو: شايد چوڪيدار نماز پڙهڻ لاءِ مسجد هليو ويو هو، يا پنهنجي ڪنهن ساٿيءَ سان پَٽ شَٽ هڻڻ لاءِ حويلين مان ڪنهن حويليءَ جي ڏيڍيءَ ۾ مصروف هو. مغلن جي پهروپ ۾ جيڪڏهن ڪو ترخان هن کي ڏسي بہ ها تہ بہ مڙيوئي خير هو، پر تڏهن بہ احتياط سان پنهنجي آس پاس جو جائزو وٺندي، هو اڳيان وڌيو. هڪ پيرسن ترخان مسجد ڏانهن وڃڻ لاءِ رستي تي مليس: هڪ مغل سردار کي ڏسي، ادب مان چاتيءَ تي هٿ رکي، آجيان ڪندي اڳتي وڌي ويو. سانوڻ کي پڪ ٿي تہ سندس پهروپ هرو پرو ايترو واڪو نہ هو جو ڪير سندس اصليت سمجهي وڃي. ٽي چؤبرجيون ٽپي، جڏهن هو هڪ وڏي ڏيڍيءَ وٽ پهتو تہ هلڪي پڪيءَ جو آواز ڪن تي پيس. هن بہ هوبهو ان پڪيءَ جي ٻوليءَ ۾ جواب ڏنو تہ ڏيڍيءَ جي اوٽ مان هڪڙو مغل ٻاهر اچي ساڻس مليو.

” سردار خان، هن ڏيڍيءَ کان اڳيان واري حويلي قيصر بيگ جي آهي. منهنجي جاسوسن خبر ڏني آهي تہ قيصر بيگ پاڻ موجود ڪونهي. البت پهرو اڳي کان وڌيڪ آهي. اٽڪل پندرهن سورنهن سپاهي آهن: انهن جو بِلو اسين پاڻ ڪنداسين، باقي زنانخاني ۾ سنڌي ڪنيز- منهنجو مطلب آهي تہ نينگريءَ کي ڪڍڻ توتي ڇڏيل آهي! “

” ڇڱو، پر مال لٽڻ وقت هرويرو خونريزي نہ ٿئي، نہ تہ آس پاس جي حويلين جا پهريدار نہ گڏ ٿي وڃن! “

سانوڻ پوءِ ڪجهہ سوچيندي چيو: ” ۽ ارسلان، خاص طرح زائفائن کان زيور وغيره لهرائڻ بہ مونکي پسند ڪونهي. “

” سردار خان، تون چِتو آهين. جيڪي ڪجهہ مال خاني واري ڪوٺي ۽ اندر وارين ڳجهين ڪوٺين مان مليو، فقط سو ڪڍنداسين..... “

ائين چئي ارسلان وري هڪ پکيءَ جي ٻولي ٻولي تہ آس پاس مان ڌاڪو ڪن همراهہ مغلن جي ويس ۾ پُٺون پڌل، پاڇولن جيان ڏيڍيءَ اڳيان نمودار ٿيا: ارسلان جي اشاري تي، سڀ گڏجي قيصر بيگ جي حويليءَ جي دروازي تائين اهڙي نموني پهتا ڄڻ سپاهين جو جٿو، ڪنهن عملدار جي حڪم تي، ڪو خاص پيغام کڻي پهتو هو. سندن جُتين جي آواز ۾ بہ سپاهين واري تنظيم هئي. سانوڻ ارسلان جي ماڻهن جي هن چال جو خيال ايندي ئي، مُرڪڻ لڳو. ارسلان بيگ برابر چڱي تياري ڪري آيو هو. ڏيڍيءَ جي چوبي دروازي تي پهچي، ارسلان جا ماڻهو، سپاهين وانگر هڪ آواز تي بيهي رهيا. ان آواز تي چوبي دروازي ۾ هڪڙي ننڍڙي دري کلي پئي، ۽ هڪ پهريدار سِسي ٻاهر ڪڍي پڇيو: ” اوهين ڪير؟ “

” نٿي جي عامل عاليجاهہ رستم بيگ جو خاص پيغام توشي خاني جي عمال، مرزا قيصر بيگ لاءِ آندو اٿئون، هڪدم ڪيس ڄاڻ ڪيو وڃي! “

” پر حضور مرزا صاحب جن تہ موجود ڪونهن! “ پهريدار هيسجي چيو.

” تہ پوءِ اسين انتظار ڪنداسون. سپاهيو، توهين اتي ئي بيهجو، ۽ تون مهمان خانو کولاءِ تہ اسين انتظار ڪنداسون! “ ارسلان بيگ ڪڙڪي سان چيو.

” پر..... پر حضور..... “ پهريدار کي سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ هو ڇا ڪري.

” گستاخ، اها پَر پَر ڇاجي لڳائي اٿئي؟ اسين توکي عاليجاهہ حضور رستم بيگ جي نالي تي حڪم ٿا ڪريون تہ اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو وڃي .....! “

” حضور، آءٌ ڇا ڪريان، مون کي تہ اهو حڪم ..... “

” حڪم جا سَڪا.....! “ ارسلان بيگ غضبناڪ ٿيندي، ڪئي پهريدار جي منڊيءَ ۾ هٿ وڌو. پهريدار جون اکيون ٻاهر نڪري آيون، ۽ هن هٻڪندي چيو: ” جيڪو حڪم..... جيڪو حڪم.....! “

ارسلان اوچتو هن جي مُنڊي ڇڏي ڏني، ۽ پهريدار ٿاٻڙجي وڃي پويان ڪريو، ۽ ٿوري دير ۾ دروازي جي لوهي ٿاڙي کلڻ جو آواز ٿيو. دروازو کليو تہ ارسلان، ۽ سانوڻ جي پٺيان ارسلان جا همراهہ بہ ڌوڪيندا اندر داخل ٿيا.

” سپاهيو، گرفتار ڪريو هنن گستاخن کي! هنن مغل امير جي حڪم عدوليءَ جي جرئت ڪئي آهي.... “

پهريدارن کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هو ڇا ڪن، جيسين هو هٿيار سنڀالين، تيسين ارسلان جي همراهن ترارن جي نوڪ تي سمورن ڌاڪو ڪن پهريدارن کي رَسن سان چوڪنيو ٻڌي ڇڏيو. احتياط طور هنن سندن واتن ۾ سندن ئي پٽڪن جو وَرُ ڏيئي، رڙين ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. اڳتي جيڪي پهريدار ملين، تن سان بہ ساڳي ڪار ڪيائون. ارسلان ۽ سندس ساٿي مهمان خاني مان ٿيندا، مَردانخاني ۾ داخل ٿيا، ۽ سانوڻ زنانخاني ڏانهن رخ رکيو.

زنانخاني جي دالان ۾ بہ ديو جيڏا خواجہ سرا هڪ اوپري مغل کي حڪما حڪمي اندر ايندي ڏسي، گهڙيءَ لاءِ وماسجي ويا. پر پوءِ ڄڻ ننڊ مان سجاڳ ٿي، آدمبوءِ تي، پنهنجا خنجر ڪڍي، سانوڻ تي اُلر ڪري آيا. سانوڻ کي گهڙيءَ لاءِ پاڻ تي ڪاوڙ اچي وئي تہ هن پهريون چو ڪونہ سوچيو تہ زنانخاني تي خواجہ سرا پهرو ڏيندا هوندا! ان ڪانسواءِ هن هرويرو خونريزي ڪرڻ بہ نہ ٿي گهري.پر هنن ديون مان ائين جان ڇڏائڻ بہ محال هو. هو ڪجهہ سوچيندي، ٽپ ڏيئي ٻتي قدم پوئتي هليو ويو. خواجہ سرا مست هاٿين جيان جهوليندا، اڳيان وڌيا، ۽ هو اجا ئي ڪجهہ قدم پوئتي هليو ويو. هن کي ائين پوئتي هٽندو ڏسي، خواجہ سرا اهو سمجهڻ لڳا تہ سندن شڪار خوف کان پڇڻ جي تيارين ۾ هو. انڪري هو هڪ ٻئي پويان ڌوڪيندا آيا. تيسين سانوڻ خنجر بدران، پنهنجي ڪمربند ۾ لڳل رسو کولي، سرڪساهيءَ کي ويڪرو ڪندي، پنهنجي مٿان

ڦيرائيندي، هڪڙي ديوَ ڏانهن اُڇليو. رسو خواجہ سرا جي ڪلهن تائين آيو تہ سانوڻ ڇڪ ڏيئي قابو ڪري ڇڏيو. ان ڇڪ تي خواجہ سرا منهن پر اچي ڏاڪڻ تي ڦهڪو ڪيو. جهَپ هڻي سانوڻ سندس هٿ مان خنجر ڦري ورتو، عين ان وقت ٻيو خواجہ سرا مٿس اُلر ڪري آيو. سانوڻ ڦڙتيءَ سان پوئتي نہ هٽي ها تہ خنجر سندس ڪلهي ڪان دل تائين ڪُپي وڃي ها. خواجہ سرا جو وار خالي ويو تہ پنهنجي ئي زور ۾ ٻہ ٽي قدم اڳتي نڪري ويو. جيسين هو پنهنجي پاڻهن وري مٿي ڪري، ان کان اڳ سانوڻ خواجہ سرا ڪان ڪسيل خنجر سان ، سندس ان ئي پاڻهن تي ڪنهن باز وانگر لامارو ڏنو. خنجر خواجہ سرا جي پاڻهن کي ڏوري ڪان ڪرائيءَ تائين ڪپي ويو، ۽ خنجر سندس هٿ مان ڇڏائجي اچي فرش تي ڪريو. سانوڻ الائي ڇو هن کي مارڻ نہ ٿي چاهيو. انڪري جيئن ئي خواجہ سرا ڊڳي جيان رنڀ ڪري، ڪريل خنجر کڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سانوڻ هڪ زوردار لَت چيلهہ تي ڦهڪائي ڪڍيس، ۽ هو منهن پر اونڌو ٿي ڪري پيو. خنجر سندس پٺيءَ وٽ آٽيندي، سانوڻ فارسيءَ ۾ چيو: ” اٿڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئي تہ هي خنجر دل جي پار هوندءِ.....! “

خواجہ سرا هڪ ڊڪهي ” هون “ ڪري، اتي ئي پئجي رهيو. سانوڻ ان خواجہ سرا کي بہ رسي سان چوڪنيو ٻڌي، وري ٻئي خواجہ سرا جون بہ ٽنگون ٻانهون ٻڌي، ٻنهي کي وري گڏ ٻڌي ڇڏيو، جيئن هڪٻئي جا بند ڇڏائڻ جي ڪوشش نہ ڪن!

سانوڻ جڏهن زنانخاني ۾ داخل ٿيو تہ گهڙيءَ لاءِ ترخانن جي دولت ۽ عيش عشرت جي سامان ڏسڻ ۾ محو ٿي ويو. بلوري شمعدانن ۾ ٻرندڙ شمعن زنانخاني کي ڏينهن جهڙو روشن ڪري ڇڏيو هو. اطلس ۽ ڪيمخواب سان سجايل پلنگن ۽ مسندن، شمعن جي چرندڙ روشنيءَ ۾ عجيب جهرمر لائي ڏني هئي. هو ان خواب مان تڏهن سجاڳ ٿيو جڏهن ٻہ ڪنيزون سندس قدمن ۾، سندس پيرن کي جهلي چئي رهيون هيون: ” رحم آقا! رحم! الله جي رسول جي صدقي، رحم! “

الائي ڇو هن جي دل کي جهوٻو اچي ويو. هي زائفائون ڪيتريون نہ لاچار ۽ مظلوم هيون! هن ڪجهہ پوئتي هٽندي چيو ” اوهان ڊڄو نہ، مون کي رڳو اهو ٻڌايو تہ سنڌي نينگر نُوري ڪٿي آهي؟ “ هن ڪنيزن کي اٿاريندي چيو.

” اسان کي ڪا خبر ڪانهي، آقا! قسم آهي خدا جو، اسان کي ڪا خبر ڪانهي..... “ ٻنهي ڪنيزن يڪ آواز ٿي چيو.

سانوڻ ڪجهہ سوچيندي خوابگاهہ جي ڪمري ڏانهن وڌيو، ۽ پير سان زور ڏنائين تہ دروازو کلي پيو. اندر هڪ وڏي شاهي پلنگ تي هڪ قداور زائفان، ڄڻ تہ هن جي منتظر هئي. هوءَ هڪدم اٿي بيٺي ۽ هن ڏانهن ايندي چيائين: ” خدا جي واسطي، منهنجا معصوم ٻچڙا مونکي واپس ڏيو، نہ تہ.....نہ تہ مونکي بہ پاڻ سان وٺي هلو! “

سانوڻ هن جُملي لاءِ بلڪل تيار نہ هو. هو سمجهي ويو تہ هيءَ قيصر بيگ جي زال هوندي، پر هن جي معصوم ٻارن کي ڪير کڻي ٿو سگهي؟ متان هنن جي اچڻ کان اڳ، ٻيا ڪي مغل سندس ٻارن کي کڻي ويا آهن. هن ڪجهہ سوچيندي چيو: خانم، مونکي تنهنجي ٻارن جي ڪا خبر ڪانهي. آءٌ تہ هڪ سنڌي نينگري، نُوريءَ جي تلاش ۾ هتي آيو آهيان..... مهرباني ڪري، ٻڌاءِ تہ اها ڪٿي آهي؟ “

” ها، ظالم ان ڪنيز کي بہ منهنجي جگر گوشن سان گڏ وٺي ويا! “ زائفان سُڏڪندي چيو.

” مرزا شاهہ رخ ۽ سندس حواري..... ٻيو وري ڪير؟ “ زائفان اهڙي انداز سان چيو ڄڻ تہ ڪيس يقين ئي نہ پئي آيو تہ هڪ مغل سردار کي اها خبر ئي نہ هوندي.

” پر ڇو؟ “ سانوڻ ڳالهہ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

” اسان کي ته ڪا خبر ڪانهي! لاشڪ ته حضور مرزا قيصر بيگ سان حسد جي ڪري! هن اوهان مغلن جي ملازمت اختيار ڪئي ته سمورا ارغون سردار هن سان ڪاوڙجي پيا آهن. پر ان ۾ اسانجي معصوم پٽن جو ڪهڙو ڏوهه..... ؟ يا خدا هو الائي ڪٿي آهن؟ الائي ظالمن، هنن سان ڪهڙا ظلم ڪيا هوندا؟.......

“ ۽ هوءَ وري اڇي سڏڪن ۾ پئي.

” اها ڪڏهن جي ڳالهه آهي؟ “ سانوڻ ڏيرج سان پڇيو.

” ڪالهه رات جو..... ارغون سردارن پيغام موڪليو ته حضور جن پنهنجن شهزادن کي نئين سنڌي ڪنيز نُوريءَ سان گڏ، مرزا شاهه رخ جي حويليءَ تي گهرايو آهي..... مون بي عقل عورت، هنن تي اعتبار ڪري، پنهنجا سڪيلڌا نُوريءَ سان گڏ، هنن جي ماڻهن سان گڏ موڪلي ڏنا.....حضور جن جڏهن صبح جو آيا ته مون سان ڳالهه ڪيائون ته منهنجا شهزادا مرزا شاهه رخ جي بنديخاني ۾ آهن! هنن حضور جن تي ڪو ڪم رکيو آهي، جيڪو نه ٿيو ته هو ظالم ڪين ڪُهي ڇڏيندا..... يا الله، مان ڪيئن ڪريان.....! “ هاڻ ته هوءَ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

سانوڻ جي دل چيو ته هن مظلوم عورت کي ڪا دلداري ڏي، پر هن کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. هن رڳو ايترو چيو ته: ” خانم الله تي رک، زندگي ۽ موت الله جي وس آهي، مرزا شاهه رخ جي وس ڪونهي.....! “

ائين چئي هو تڪڙو ٻاهر نڪري آيو. ويندي ويندي هن زائفان جو هيٺو آواز ٻڌو.... ” پر توهان..... ڪير ......؟ “

هوٻاهر نڪتو ته هن ٻنهي خواجه سرائن کي ائين ئي پيل ڏٺو. هو سمجهي ويو ته ارسلان بيگ جا همراهه اڃا زنانخاني ڏانهن نه آيا هئا. هنن کي شايد مردانخاني ۾ ئي گهربل دولت ملي ويئي هئي. هن ڪجهه سوچي، پڪيءَ جي ٻولي ٻولِي ته مردانخاني مان به ساڳيو جواب مليس. هنن کي مال لُٽيندو ڇڏي هن ڏيڍيءَ ڏانهن رخ رکيو، ۽ ٻاهر نڪري آيو.

(7)

ٺٽي جو آسمان ظلم ۽ جبر جي دونهاٽيل ڇت وانگر ڇڻ ته هيٺ لهي آيو هو. تارن ۾ به اها جوت نه هئي، ۽ نه چنڊ ۾ اها چاندوڪي هئي، جيڪا سنڌ جي سدا ملوڪ آسمان ۾ هوندي هئي. وريام متي آسمان ۾ نهاريندي سوچيو ته آزاديءَ جو آسمان ڪيترو نه گدلو ۽ دونهاٽيل دونهاٽيل ٿو لڳي! تمام پريان ڪُتن جي اوناڙ هن جي احساس کي هيڪاري جهوري وڌو، ۽ هن جي دل پرجي آئي: سنڌ، منهنجي مٽي جيجل، اڄ تنهنجي موچاري ڌرتيءَ تي انسانن جي گيتن جي گونجار بدران رڳو ڪتن جون اونايون وچي بچيون آهن. الائي هن کي ڇو اهو خيال آيو ته شايد سنڌ تي خدا جو ذمر آهي جو ان ڪڏهن به گهڻو وقت سُک نه ڏٺو آهي. هن جي اکين اڳيان تاريخ جا اهي دور اچي ويا، جن ۾ سنڌ تي اتر ڏکڻ، اوير ۽ اولهه کان ڪاٽڪن جا ڪٽڪ آيا، ۽ سنڌ کي تاراج ڪري، سنڌين جي خون جا دريا وهائي هليا ويا: ڪي ڪاٽڪو رهجي ويا ۽ صدين تائين سنڌ جو رت چوسيندا رهيا، تان جو سنڌ سندن قبرستان بڻجي ويئي. هن کي اهو دور به ياد آيو جڏهن سنڌ ڌارين کان آجي هئي، ۽ پري پري تائين سنڌ جي شادابيءَ جي هاڪ هوندي هئي. پر ان شادابيءَ جي هاڪ ئي سنڌ تي ڌولاون جا ڪڪر آندا. جڏهن به سنڌي پنهنجي ڌرتيءَ جي لڄ رکڻ ۾ ناڪام ٿيا، جڏهن به نفرتن جو ڪارو پاڻي، مذهبن جي نٽرتا ۽ ڪٽرپڻو، سنڌين ۾ سجاڳ ٿيو، تڏهن سنڌ جو آسمان اونداهو ٿي ويو، ۽ سنڌ جي مَهر پري ڌرتي، رڪ ۽ ريتيءَ جو بيابان بڻجي ويئي! ۽ اڄ جڏهن مغل پرمار سنڌ جون پوتيون پٽي رهيا هئا، تڏهن سنڌ جو آسمان تارن ۽ چنڊ هوندي به اونداهو هو. ڌرتيءَ تي گلن ۽ گاهن جي ساوڪ بدران سينور جي ساواڻ ڦهليل هئي. غلاميءَ جو ڪِنو پاڻي، ماڻهن جي حياتين ۾ زهر پري رهيو هو!

” وريام پائو، ڪهڙن خيالن ۾ گم آهين؟ “ سندس سنگتي ڌاتر ڏني ڪيس ٺونٺ هڻندي پڇيو.

” ڌاترنا، اهو پئي سوچيم ته اڄ آسمان ڪيترو نه دونهاٽيل دونهاٽيل پيو لڳي! “ هن جي نڙيءَ ۾ ڪا ڳنڍ اٽڪي پئي هئي. هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو ته هو پنهنجي سنگتيءَ کي ڪهڙو جواب ڏئي.

” غلاميءَ جو آسمان هميشه دونهاٽيل هوندو آهي، وريام! “ ڌاتر ڏني ڇڻ ته سندس دل جي ڳالهه جهٽي ورتي هئي.

” اهو دونهون هٽائڻ اسان جي وس ۾ ڪونهي..... “ سندس هڪڙي ٻئي ساٿي غلاموءَ وچ ۾ ڇئي ڏنو.

” پنهنجي وَس ۾ ڇو ڪونهي ......؟ اڄ به جيڪڏهن سنڌي ٻڌي ڪري، الله توهر ڪن، ته مغلن کي آگرو به هٿ ڪونه ايندو! “ هڪڙي ٻئي همراهه ڳالهه ۾ شامل ٿيندي چيو.

” جڪرا، چئين ته سچ ٿو...... هڪڙي سانوڻ ارغونن ۽ ترخانن کانسواءِ مغلن کي ٻ ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا آهن! جي اسين گڏجي همٿ ڪريون ته اهڙا سوين سانوڻ سنڌ ۾ ملي پوندا– ڦڙي ڦڙي تلاءَ وانگر! پوءِ ڌارين کي ڌِڪڻ ڏکيو نه ٿيندو! “ وريام جي منهن تي هڪ نئين جوت اچي ويئي.

” پويان ابو امڙ نه هجي ته آءٌ ته ڪڏهوڪو وڃي سانوڻ سان شامل ٿيان ..... “ جڪري حسرت مان چيو.

” ادل، هر ڪنهن سان ” ابو امان “ لڳو ئي پيو آهي! ڪنهن ڪي ابو امان آهي ته ڪنهن ڪي اولاد آهي، ننگ آهن، ملڪيت آهي، هَٽُ آهي، هَرُ هُرلو آهي، زمين آهي، مال آهي..... اهي ٻه ته ابو امان آهن. جيڪڏهن ائين سوچبو ته پوءِ سنڌ لاءِ ڪير اٿندو؟ اسان جو سڀ ڪان وڏيڪ ابو امڙ ته سنڌ جي ڌرتي آهي: جنهن مٽي ۽ پاڻيءَ مان جڙيا آهيون، ان جو ٻه ته ڪو حق آهي! سنڌ آزاد آهي ته ابو امڙ ٻه آزاد آهن، اولاد ٻه آزاد آهي، هَرُ هُرلو ٻه آزاد آهي. غلام ابي امڙ کي ڇا ڪنداسون؟ “ وريام ڄڻ ته پنهنجي پاڻ سان ئي ڳالهايو.

اوچتو هو خاموش ٿي ويو ۽ اشاري سان پنهنجي همراهن کي ٻه هوشيار ڪري ڇڏيائين. سامهون ڪجهه مغل لشڪري گشت ڪندي محلي ۾ داخل ٿيا هئا. وريام ۽ سندس ساٿين کي ڏسي، لشڪري پاڻ ۾ ڪجهه سُس پُس ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ اڳتي وڌندا آيا. جڏهن وريام جن جي ويجهو پهتا، تڏهن هڪ وچولي عمر جي مغل ڪڙڪي سان فارسيءَ ۾ پڇيو: ” توهين ڪير؟ “

وريام جواب سنڌيءَ ۾ ڏنو: ” اسين هن محلي جا پهريدار آهيون. “

” پر پهريداريءَ جو ڪم اسان مغلن جو آهي:اوهين ڪير ٿيندا آهيو پهريداري ڪرڻ وارا؟ “ مغل ٿورو شڪي ٿيندي چيو.

” محلي وارن اهو فيصلو ڪيو آهي ته مغل سپاهين کي محلي جي ماڻهن سڃاڻڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي ، سو محلي جي پهريداري خود محلي جا جوان ڪندا..... “ وريام تحمل سان چيو.

” ان لاءِ اوهان کي شهر جي ڪوتوال کان اجازت وٺڻي پوندي، “ مغل رُڪائيءَ مان چيو.

” ڪوتوال ان جي اجازت حافظ بلال کي روبرو ڏيئي ڇڏي آهي، “ وريام وري ٻه ڌيرج سان جواب ڏنو.

” اسان کي ڪنهن ٻه حافظ بلال جي خبر ڪانهي. ڪهڙي خبر اوهين سردار خان جي ٽولي جا شاهينگ هجو، “ مغل اجان ئي سختيءَ سان چيو: ” اوهان کي اسان سان گڏ چونڪيءَ تي هلڻو پوندو! “

” سرادر خان جي ٽولي جا هجون ها ته ائين ٿلهي تي ڪونه ويٺا هجون ها. رهي چونڪيءَ تي هلڻ جي ڳالهه، سو اسين ڪونه هلنداسون، “ وريام پنهنجي پنهنجي ڪاوڙ روڪيندي چيو.

” گستاخ، تنهنجي اها همت..... “ ائين چئي جيئن هن هٿ وڌائي وريام کي ٿڦ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي، ته وريام سندس هٿ کي ڪرائيءَ وٽ کٽي جهليو. مغل محسوس ڪيو ڄڻ ته سندس ڪرائي رُڪ جي چنبي ۾ جڪڙجي ويئي. ٻيا ست مغل هيلتائين ماٺ ڪري بيٺا هئا، تن پنهنجي همراهه جي بيوسي ڏسي، وريام تي باهوڙ ڪئي. پر تيسين وريام جي همراهن پنهنجي چيلهن مان خردم ڇوڙي، مغلن تي وسڪارو لائي ڏنو. جنهن مغل جي پٺيءَ، ڪلهي يا ٻانهن تي خردم جو چمڙو ٿي پيو، تنهن جي دانهن خردم جي شپڪي سان گڏ ريهه ٻڌجي ٿي ويئي. مغلن پنهنجي همراهه جي پچر ڇڏي پاڻ بچائڻ شروع ڪيو، ۽ خنجر ۽ ترارون ڪڍي بيهي رهيا. وريام مغل مُهندار جي ڪرائيءَ کي ٿورو موڙو ڏيئي، زور سان گوڏو سندس پيٽ ۾ ڪوڙي ڇڏيو. مغل کان دانهن نڪري ويئي ۽ ٻيٺو ٿي ويو. وريام سندس ڪياڙيءَ تي پنهنجي هٿ جي پٽ سان اهڙو ڌڪ هنيو، جو مغل جي دانهن اڌ ۾ ڪپجي ويئي، ۽ فقط ” اوهه “ جو آواز سندس ناسن مان ٿيندو، هوا ۾ ڦهلجي ويو، ۽ هو پوٽ پر اچي وريام جي پيرن ۾ ڪريو. وريام پنهنجي چيلهه مان خردم ڇوڙي پنهنجي ساٿين جي مدد کي پهچي ويو. هڪڙي پاسي ترارون ۽ خنجر هئا، ٻئي پاسي خردم! خردم جي شپڪي سان مغلن ريهه ٿي ڪئي ۽ انهن رڙين تي پاڙي وارا ٻه آهستي آهستي در ڪولي، وڌندا آيا. مغلن جو هيترن سنڌين کي وڌندو ڏٺو، سو ڄڻ کين موت نظر آيو ۽ هنن ” يا معافي، يا معافي “ چئي هٿيار ڦٽا ڪيا.

وريام پنهنجن همراهن کي اشارو ڏنو. جن مغلن جا خنجر ڀالا ۽ ترارون کٽي، پنهنجي قبضي ۾ ڪيون. ۽ پوءِ وريام مغلن جي مهندار کي ڳٽر کان جهلي، ڏند ڀڪوڙيل آواز ۾ حڪم ڏنو: ” جيڪڏهن وري هن محلي ڏانهن رخ رکيو اٿوَ ته پاڻ ٿا ڄاڻو.....! وڃو ڪتي جا..... ! “

جيڪي مغل پٽ تي ڪريا هئا، سي به ڪپڙا ڇنڊيندا اٿيا، ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري، پنهنجي پنهنجي ڇونڪين ڏانهن روانا ٿيا، ۽ وريام محلي وارن کي چيو: ” ڀائو، هي ڪتا موچڙي سان سڌا آهن. اوهين هاڻ ٻي اونا تي گهر وڃو. سڀاڻي ڏينهن شينهن آهي، ڏسون ته مغل ڇا ٿا ڪن؟ “

پاڙيوارا پاڻ ۾ ڇميگوئيون ڪندا ڇڙوڇڙ ٿي ويا، ۽ وريام پنهنجي ساٿين سان وري اچي ٿلهي تي ويهي رهيو.

اهو سڄو مهينو سنڌين سک سان سمهي ننڊون ڪيون. اهو سڄو مهينو مغل لشڪرين ڪتي نه ڪتي موچڙا کاڌا. لشڪرين جون ليلڙاٽيون پڌي، خود سنڌين کي ڪِل تي آئي. جن مغل لشڪرين کي هنن ديو ٿي سمجهيو، سي ته بنهه ڪي جيتامڙا هئا، جن کي پيرن هيٺان چيپاڻ ڏکيو نه هو. بشرطيڪ سنڌين ۾ پڌي ۽ تنظيم هجي! اهي خبرون آس پاس کان ٿينديون سيوهڻ ۽ بکر تائين پهتيون، ۽ جتي ڪتي شهرين ۽ ڳوٺاڻن پنهنجي بچاءَ لاءِ جوانن جا جٿا ٺاهي ورتا. سنڌين جو خاص هٿيار خردم هو. ڪن جوانن ڪهاڙيون ۽ ترارين به سنڀالي ورتيون.

سنڌين جو مَن وڌي ويو هو. هاڻ ته هو اهو به سوچڻ لڳا هئا ته بتئيءَ وقت اڏ کان وڌيڪ سرڪاري عملدارن کي چوٽ ۽ ڏهائي به ڪين ڏيندا. شهرن ۾ واپارين آنڪي پرڻ کان لهرائڻ شروع ڪيو. ماڻهن ۾ خود اعتمادي موٽي آئي. تان جو ٺٽي ۾ اهو هُل هُلي ويو ته ارغون شاهي قافلي تي حملو ڪري، شاهي قيدين- مرزا عبدالعلي، خسرو خان چرڪس ۽ مرزا غازي بيگ جي حرم- کي ڇڏائي ويا آهن، ۽ عنقريب ارغون ٺٽي جي مغل امير رستم بيگ خلاف اعلان جنگ ڪرڻ وارا آهن.

(8)

رستم بيگ پنهنجي چوڏاري اگهاڙن جسمن جو جائزو ورتو، ۽ انهن جسمن تي ڇهبڪ جا نِيل ڏسي، هن جو وات پاٽيءَ سان پرجي ويو، ۽ هڪڙي چپ جي ڪناري کان، واڇ مان ڳِگ وهڻ لڳيس: شپڙڪو ڪري هن اها ڳگ واپس پنهنجي وات ۾ آندي، ۽ سندس اکين ۾ هَوس جا ڏورا وڌيڪ ڳاڙها ٿي ويا. هڪڙي ڪنيز جي اگهاڙن ڏُڏن تي نيل ڪجهه رَتائجي آيا هئا. هن نئڙي انهن نيلن تي هٿ ڦيريو ته ڪنيز کان سيسرات نڪري ويو ۽ هن جي وات مان آواز ڇرچرجي نڪتو: " رحم آقا، رحم..... ! " رستم بيگ جي نڙيءَ مان به لذت جو سيسرات نڪري ويو، ۽ پوءِ هو جلدي جلدي پنهنجو ڪمر بند کولڻ لڳو........ عين ان وقت سندس خاص خواجه سرا، تاشي خان، اندر اچي ڪنڌ نوڙائي بيهي رهيو. رستم بيگ پنهنجي اوگهڙ ڍڪڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي، ۽ فقط ايترو چيائين " تاشي، ڏسين نٿو ته اسين مصروف آهيون! اهڙي ڪهڙي قيامت آئي آهي جو اسان جي آرام ۾ خلل انداز ٿيو آهين؟ "

" حضور جو سر سلامت هجي: هينئر هينئر خبر آئي آهي ته ارغون سردارن، سنڌين جي مدد سان شاهي قافلي تي حملو ڪري، شاهي قيدي آزاد ڪري ورتا آهن! " تاشي بنا ڪنهن هبڪ جي چيو. هو اهڙن نظارن ۽ اهڙن واقعن جو عادي هو.

" ڇا؟ هنن جي اها جرات؟ ! پر..... پر پوءِ آءٌ ظل الاهيءَ کي ڪهڙو جواب ڏيندس؟ ڇا قافلي سان مغل سپاهي ننڊ ۾ هئا؟ " رستم بيگ ڄڻ ته پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو.

" سپاهين مان ڪيترا ارغون سردارن کان وڏيون رقمون وٺي چڪا هئا، ۽ وقت اچڻ تي ميدان ڇڏي پڇي ويا! قاصد ته اهو نياپو آندو آهي! " تاشي خان ائين ڳالهه ڪئي ڄڻ هن کي اڳي ئي ان ڳالهه جو خدشو هو.

" تاشي........ تاشي، تون گستاخ ٿيندو وڃين! اسان جي غضب کي سڏ نه ڪر، پنهنجي حيثيت سڃاڻ: مغل سپاهي ائين پئسن تي ڪيئن ٿا وڪامي سگهن؟ رستم بيگ غضبناڪ ٿيندي چيو.

" حضور جو سر سلامت هجي: جيڪڏهن حڪم هجي ته آءٌ پنهنجي زبان بند رکان! " تاشي خان جواب ۾ اهڙي ڏيکائي ڏني، ڄڻ هن هاڻ مسئلي ۾ پوڻ نه ٿي گهريو.

رستم بيگ پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ آڱريون وجهندي، ڦٽيءَ وانگر هيٺ لاهيندي، پنهنجي آس پاس جو جائزو ورتو ۽ پوءِ بيد جي لڪڻ سان ٻنهي ڪنيزن کي چوڪ ڏيندي چيو: " اٿو، هاٽي وڃو، وڃي پنهنجي ڪم ڪار سان لڳو، ۽ هان، هي اشرفيون پاڻ ۾ ورهائي کڻو...... تاشي، اسان جا شاهي ڪپڙا ڪڍ، اسين ديوانِ خاص وڃڻ گهرون ٿا! "

ڪنيزون تڪڙيون تڪڙيون اُٿنديون، پلنگ تي پيل پنهنجا ڪپڙا سنڀاليندي، ٻاهر نڪري ويون. تاشي خان درٻار ۾ وهڻ وارا ڪپڙا آڻي پلنگ تي رکيا، ۽ هٿ ڪڇن ۾ وجهي ادب سان هڪ پاسي بيهي رهيو.

رستم بيگ ڪپڙن پائڻ کان اڳ، بيد جو لڪڻ پنهنجي ٻئي هٿ تي هڻندي، ڪمري ۾ ڪجهه وقت اچ وڃ ڪندو رهيو. اوچتو هو هڪ شاهي آئيني اڳيان اچي بيهي رهيو، ۽ غور سان پنهنجي پاڻ کي ڏسڻ لڳو. هن جي نظر پنهنجي اوڳهڙ تان ٿيندي، چاتيءَ تائين پهتي، جتي چاتيءَ کان ٿورو مٿيرو هڪ ڏڳهو ڇهڪ هو، جڻ ته ڪنهن خنجر سان ڳچيءَ جي ماس ڪورڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، اهو گهاءُ پرجي نه سگهيو هو. هن جي نظر منهن تي پئي: سندس ڏاڙهي تقريباً چؤڪنديارِي هئي. خضاب جي ڪري ان جي چؤڪندي صورت هيڪاري واضح ٿي وئي هئي، ۽ سندس منهن کي هٽرادو ويڪراڻ ڏئي رهي هئي. سندس اکيون ائين اندر ڪتل هيون جڻ ته مئل ماڻهوءَ جون اکيون هيون، جيڪي اوچتو جيئريون ٿي پيون هيون. هن کي پنهنجي چهري کان ڀؤ ٿيڻ لڳو، ۽ هن رڙ ڪندي چيو:

” تاشي، الله سائين اسان کي ايترو بدصورت ڇو خلقيو؟ ڇا اسين حضرت شاهه اسماعيل صفويءَ جا پڙپوٽا نه آهيون؟ ڇا اسان جو والد بزرگوار حضرت سلطان حسين مرزا قنڌار جو حَسين ترين ماڻهو نه هو؟ ۽ مون کي جواب ڏي ته ظل الاهي اسان کي محض اسان جي بَدصورتيءَ جي ڪري ڇو تو تنبيهه ڪري؟ ڇا اسان ملتان جي صوبيداريءَ جي وقت مغل شهنشاهيت کي مضبوط نه ڪيو؟ ڇا اسان ظل الاهيءَ جي هڪڙي هڪڙي مخالف کي هاٿيءَ جي پيرن هيٺان، گهوڙن جي سُنبن ۾، اذيت خانن ۾ چيڀاٽي نه ڇڏيو هو؟ ٻڌاءِ، تاشي خان، جواب ڏي، تون ته اسان سان هميشه گڏ رهيو آهين؟ ڇا بدصورت هجڻ گناهه آهي؟ ! “ مرزا رستم بيگ جي وات مان ڪِف وهڻ لڳي، ۽ هن بيد جو لڪڻ زور سان آئيني تي وهائي ڪڍيو. آئينو وچان ڀڄي ٽي ٽڪر ٿي ويو، ۽ ڀڳل جاين تان مرزا رستم جي شڪل، وڏيڪ ٿيڏي ٿي، نهايت ڀيانڪ ٿي پئي.

تاشي خان اڳتي وڌي مرزا جي هٿ مان لڪڻ ائين ڇڏايو جڻ ڪنهن ٻار جي مٺ کولي، سندس ضد ڀڃي رهيو هجي، ۽ ڪيس ڪلهن ۾ ٻانهن وجهي، پلنگ تائين وٺي آيو. ” ڪير ٿو چوي ته حضور جن، منهنجي وات ۾ شل ڪندا پون، بدصورت آهن. مردن کي خوبصورتيءَ جي نه پر مردانگيءَ جي ضرورت هوندي آهي، ۽ اوهان پنهنجي مردانگي ثابت ڪري ڏيکاري آهي. قنڌار ۾، ملتان ۾، ۽ وقت آيو آهي ته ٺٽي ۾ پنهنجي مردانگي ثابت ڪري ڏيکاريو! ظل الاهيءَ جي دشمنن کي اهڙي سيکت ڏيو جو وري ڪنهن کي آڱر چورڻ جي به همت نه ٿئي! “ تاشي خان نهايت دلداري ۽ پاپوهه مان اهي لفظ به چوندو ويو، ۽ مرزا کي ڪپڙا به پارائيندو ويو.

جڏهن مرزا ديوان خاني ۾ آيو ته سڀ امير امراءَ اندر ئي اندر ڪنبڻ لڳا. اڄ وري مرزا جي ڪاپي واڇ ڦڙڪي رهي هئي. سندس اکيون جڻ ته چنيڻ وساري ويٺيون هيون. مسند تي ويهڻ کان اڳ هن عبدالرزاق معموريءَ ڏانهن ڏٺو، جيڪو اهڙي ڏيکائي ڏئي رهيو هو جڻ ته ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو. معموريءَ کي اهو به خيال هو ته مرزا مونکي ڪجهه به نه ڪري سگهندو، ڇاڪاڻ ته هن کي شهنشاهه جهانگير پاڻ ٺٽي جو ديوان مقرر ڪيو هو، ۽ ظل الاهيءَ جي مقرر ڪيل ڪنهن به ماڻهوءَ تي هٿ کڻڻ جي مرزا رستم جهڙي ظالم ۽ نود کي به همت نه ٿيندي! اوچتو معموريءَ کي مخاطب ٿيندي، مرزا رستم ڏادي ڏيرج سان چيو: ” معموري، مون کي خبر آهي ته ظل الاهي پاڻ توکي ديوان مقرر ڪيو آهي. مون کي اها به خبر آهي ته شاهي قيدين کي حفاظت سان لاهور پهچائڻ جو ڪم به ظل الاهيءَ پاڻ توتي رکيو هو. هاڻ ٻڌاءِ ته آءٌ ظل الاهيءَ کي ڪهڙو جواب موڪليان؟ “

مرزا جي ڏيرج تي سيني کي حيرت وٺي ويئي. اڄ جو مرزا رستم ڪالهه جي مرزا رستم کان بلڪل مختلف هو. معموري ۾ ڪجهه نه سمجهندي، ڪنهن اڄاتي خوف کان، هٻڪندي چيو: ” حضور مرزا صاحب جن کي خبر آهي ته آءٌ پاڻ سڄو انتظام ڪري ويو هوس، پر پانئجي ٿو ته جن جٽن جو بندوبست مون ڪيو هو، سو اوهان کي پسند نه هو ۽ اوهان جيڪي جٽا موڪليا، سي سڀ لشڪري ميدان ڇڏي ڀڄي ويا! “

” معموري...! توکي جيڪڏهن اسان جي قهر جو ڊپ نه آهي ته گهٽ ۾ گهٽ خدا جي قهر کان ڊڄ! اسان تي تهمت هڻڻ کان اڳ ڪجهه ته سوچين ها! “

معموريءَ کي رڙڻي وٺي وئي. هن کي ته اهوئي ٻڌايو ويو هو ته مرزا رستم بيگ پاڻ مغل لشڪرين بدران ترخان سپاهين کي مقرر ڪيو هو. هن ترخان سپاهين جي سپهه سالار مظفر بيگ ڏانهن معنيٰ ڀريل نظرن سان ڏسندي چيو: حضور، گهٽ ۾ گهٽ مظفر بيگ ته ائين ٿي چيو..... “

مظفر بيگ سڄو پيلو ٿي ويو. هن پنهنجي جاءِ تان اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو سڄو ٿڙڪي رهيو هو. مظفر بيگ حد کان وڌيڪ ٿلهو مڙس هو، انڪري هو پنهنجي ڏڪڻيءَ کي روڪي نه سگهيو. هن کي موت مرزا رستم جي اکين مان پاڻ ڏانهن گهوريندي نظر آيو.

” مظفر بيگ، توکي ڇا چوڻو آهي؟ “ مرزا رستم اڃا تائين ڏيرج سان ڳالهائي رهيو هو، جيتوڻيڪ سيني کي اهو نظر اچي رهيو ته مرزا جون مُٺيون مسند جي مُٺين تي پڪوڙجي ويون ۽ ممڪن هو ته هن جا هٿ ڦٽجي ويا هئا!

” حضور، مون کي هي پروانو اوهان جي خاص معتمد قيصر بيگ ارغون موڪليو..... “ ائين چئي ڏڪندڙ هٿن سان هن پنهنجي چوغي مان پروانو ڪڍي اڳيان وڌايو، ۽ ٽيڏي اک سان قيصر بيگ جي خالي مسند ڏانهن نهاريائين.

تاشي خان اڳتي وڌي پروانو مظفر بيگ جي هٿن مان ورتو، ۽ ادب سان مرزا رستم جي اڳيان جهليائين. مرزا کيس اشارو ڪيو. تاشي خان پروانو کولي مُهر ڏانهن ڏٺو، ۽ هڪ هلڪي مرڪ هن جي چپن تي اچي وئي. هن ٿورو اڳتي وڌي مرزا کي ڪَن ۾ ڪا ڳالهه چئي. مرزا جي منهن تي ڪوبه نئون رنگ نه آيو. جڏهن تاشي خان پوئتي موٽي، پنهنجي جاءِ تي بيهي رهيو، تڏهن مرزا ڦهريون ڦيرو خفگيءَ مان چيو: ” ۽ اڄ قيصر بيگ ڪٿي غرق ٿي ويو آهي؟ “

قيصر بيگ جي نائب پائنده خان، ادب مان هٿ ڇاتيءَ تي رکندي چيو: ” حضور، قيصر بيگ جي طبيعت ٻن ڏينهن کان ناساز آهي، انڪري حاضر نه ٿي سگهيو آهي! “

” ڇه ڇه ڇه ..... طبيعت ناساز ٿي پئي آهي يا ڪو نئون ساقي مليو اٿس؟ “ مرزا رستم بيگ غضبناڪ ٿيندي چيو.

پائنده بيگ خاموش رهيو، پر هن کي پڪ ٿي ته قيصر بيگ جو خير ڪونهي. انڪري موقعو ڏسي هن چيو: ” گستاخي معاف ٿئي ته بندو ڪجهه عرض ڪري! “

” چئه چئه ..... “ مرزا بيزاريءَ مان چيو.

” حضور، نئين ساقيءَ جي ته مونکي خبر ڪانهي. البت هڪ نئين سنڌي ڪنيز حاصل ڪئي اٿس، جيڪا ايتري حسين آهي جو هن کي شاهي حرم ۾ هئڻ گهرجي! “

عين انوقت قيصر بيگ ديوانخاني ۾ داخل ٿيو، ۽ ڪورنش ڪري، پنهنجي مسند ڏانهن وڌيو. مرزا رستم چڙ ته هن کي ڏنوئي ڪونه، ۽ چڙ ته پنهنجي منهن چوڻ لڳو هو: ” هون، شاهي حرم جي لائق ڪنيز! پر قيصر بيگ وٽ ايتري دولت ڪٿان آئي جو اهڙيون ڪنيزون ٿو خريد ڪري؟! “

قيصر بيگ، جتي هو اُتي ئي ڄمي ويو. هن پهرين تکڙي نظر پنهنجي نائب پائنده خان تي وڌي، ۽ پوءِ مرزا رستم بيگ ڏانهن مهاڙ ڪري چيائين: ” حضور، جو اقبال بلند هجي! مون کي پاڻ اها سنڌي ڪنيز تحفي ۾ ارسلان بيگ ڏني هئي، ۽ سندس حُسن ڏسي مون حضور جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ تي گهري ته جيڪڏهن ظل الاهيءَ جي لائق هجي ته ڪيس لاهور موڪلڻ جو فيصلو اوهان حضور پاڻ ڪريو، ۽ جيڪڏهن اوهان جي حرم لائق هجي ته حضور جن اهو حقير تحفو پاڻ قبول ڪن ..... باقي، مون لاءِ؟ سو ته حضور جن کي اهو معلوم آهي ته منهنجي وندر ساڻين سان آهي، ڪنيزن سان منهنجي ڪا دلچسپي ڪانهي! “

سمورا امير قيصر بيگ جي همٿ جو داد ڏيڻ لڳا. حيرت ان ڳالهه جي هئي ته مرزا جي طبيعت مان واقف نه هوندي به قيصر بيگ اها ڳالهه ڪئي هئي!

” اسان کي تنهنجي ذوق جي خبر آهي، قيصر بيگ! پر تو اها ڪنيز پاڻ وٽ لڪائي ڇو ويهاري آهي؟ “ مرزا ٿورو سختيءَ سان پڇيو.

” حضور جن جو اقبال بلند هجي، ظل الاهيءَ جي حڪومت ۾ شينهن ٻڪري گڏ پيا پاڻي پيئن، پر هتي، گستاخي معاف، حضور جن جا پنهنجا امير به دستبرد کان محفوظ نه آهن! “

قيصر بيگ اهڙي ڳالهه ڪئي جو سڀ امير، منيون پڪوڙي، اپا تي ويهي رهيا.

” تون ڇا ٿو چوڻ گهرين، قيصر بيگ؟ “

” حضور جو اقبال بلند هجي! شهر جي ڪوتوال کي خبر آهي: ڪالهه رات، ڌاڙو ڪن مغل منهنجي گهر آيا، ۽ حضور جن جي پيغام جو بهانو ڪري، اندر داخل ٿيا ۽ منهنجن پهريدارن کي رسن سان ٻڌي، منهنجي ٻن معصوم پٽن ۽ سنڌي ڪنيز کي پاڻ سان کڻي ويا، ۽ مَردانخاني جي ڪوٺين ۾ جيڪو مال متاع هو، سو لُٽي کڻي ويا! “

قيصر بيگ ڪجهه دير ترسندي، هٿ آسمان ڏانهن ڦهلائيندي، وري چيو: ” حضور، مون کي پنهنجي مال متاع لُٽجڻ جو خيال ڪونهي. حضور جي بخشش ۽ عطا مان ان کان به وڌيڪ هن وفادار کي ملي پوندو. پر آءٌ ..... حضور جن جي اڳيان التجا ٿو ڪريان ته منهنجي معصوم پٽن جي جان بچائي وڃي! “ قيصر بيگ اوچنگار ڏيندي چيو.

مرزا رستم بيگ پنهنجي مسند تان اُٿو تي ويو. هن ٻئي هٿ کڻي پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ وڌا، ۽ وڌندو ڪوتوال وٽ آيو، ۽ سندس ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي ڌونڌاڙيندي چيائين: ” مون کي اڄا آئي مهينو به ڪونه ٿيو آهي ته هيڏيون سازشون شروع ٿي ويون آهن؟! تون شهر جو ڪوتوال آهين! تنهنجي سامهون منهنجي اميرن جا پٽ ۽ ڪنيزون اغوا ڪيون ٿيون وڃن، مال لٽيو ٿو وڃي، شاهي قيدي ڇڏايا وڃن ٿا، ۽ تون ايترو بي غيرت آهين جو دربار ۾ اچڻ جي جرأت ٿو ڪرين! جيڪڏهن اميرن سان ائين ٿو ٿئي ته خدا ڄاڻي عام مغلن سان ڇا ٿيندو هوندو؟ “

ڪوتوال ڪچي ڄهڙي پٽ. هن کي پگهر اچي ويا. هن جي هٿن ۾ به اهڙي ڏڪڻي شروع ٿي ويئي، ڄڻ ته سيئوتپ چڙهي آيو هوس.

” حضور، آءٌ وعدو ٿو ڪريان ته قيصر بيگ جي پٽن ۽ ڪنيز کي اڄ ئي هٿ ڪري ڏيکاريندس! “

پائنده بيگ وري اٿي بيهي رهيو. هن کي ڪوتوال تي به ٻاهيون هيون: ” حضور، جان جي امانَ ملي ته آءٌ ڪجهه عرض ڪريان! “

مرزا، پائنده بيگ ڏانهن اهڙين نظرن سان نهاريو، جو گهڙيءَ لاءِ هن کي خيال آيو ته ڳالهه نه ڇوري ته چڱو. پر پوءِ ڪجهه سوچيندي چيائين: حضور، ترخانن ۽ ارغونن جون سازشون هڪڙي پاسي آهن، ٻئي پاسي

سنڌين جو شورشون آهن. مغل لشڪري نٿي جي شهر ۾ پهرو نہ ٿا ڏيئي سگهن. سنڌين پنهنجا هٿيار بند جوان هر محلي ۾ بيهاري ڇڏيا آهن. جيڪو مغل لشڪري لنگهي ٿو، ان کي مارڪُٽ ڪري ڇڏي ٿا وڃن. پڇي ڏسو ڪوتوال کان؟ " ائين چئي پائنده بيگ، ڪوتوال ڏانهن ڏسندي، هلڪي مرڪ مرڪندي ويهي رهيو.

مرزا اڄ وچ ڪنديءَ پنهنجي مسند جي اڳيان بيهي رهيو. هن جي ڪاپي واڇ ڦڙڪڻ لڳي، ۽ ڳف سندس چپن جي ڪنڊ ۾ جمع ٿيڻ لڳي. پر اجا بہ هن پنهنجي پاڻ تي ضابطو رکندي، فقط ڦهري نگاهن سان ڪوتوال ڏانهن ڏٺو. ڪوتوال کي هاڻ تہ سڌو سنئون پنهنجو موت نظر اچڻ لڳو.

اوچتو هن ۾ الائي ڪٿان همت اچي وئي، اٿي بيٺو، ۽ چيائين: " حضور جو اقبال بلند هجي! مغل لشڪري ڏاڍا شهزور ٿي ويا آهن: رستي هلندي سنڌين کي ڦُريندا وتن. ماڻهن جي گهرن ۾ گهڙيو پون. ڪين جهل پل ڪرڻ وارو ڪير ڪونهي. وڏي مدرسي جو مهتمم مولانا حافظ بلال مون وٽ دانهين ٿي آيو، ۽ حضور .... هن ٿي چيو تہ جيڪڏهن اسان ان ڳالهہ جو بِلو نہ ڪيو تہ هو ظل اِلاهيءَ وٽ دانهين ٿي ويندا. سو خدا جي خلق تان آزار لاهڻ لاءِ مون کين اجازت ڏني تہ هو پنهنجي پنهنجي محلي جي پهريداريءَ لاءِ نوجوان مقرر ڪن. اسان کي بہ آخر عدل جهانگيريءَ جو مثال قائم ڪرڻو آهي. خدا جي خلق تان آزار لاهڻ ئي الله تعاليٰ حڪومت اسان جي حوالي ڪئي آهي. جيڪڏهن ان ۾ مونکان ڪا خطا ٿي آهي تہ آءٌ هر سزا پوڳڻ لاءِ تيار آهيان! "

ڪوتوال جي انهيءَ جرأت ۽ سچ چوڻ تي اميرن کي حيرت بہ لڳي، ۽ ڪي تہ ڪنڌ ائين ڌوڻڻ لڳا ڄڻ تہ هو ڪوتوال سان ان ڳالهہ ۾ متفق هئا تہ سنڌ ۾ بہ عدل جهانگيريءَ جو مثال قائم ڪرڻ گهرجي. "

پائنده بيگ پنهنجي سڄي ڪئي ڪمائي رائيگان ٿيندي ڏٺي تہ وري اٿي بيهي رهيو: " حضور، اهو حافظ بلال اهو آهي، جنهن پنهنجي مدرسي ۾ فارسي لازمي طرح پڙهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سردار خان جو ٽولو ملڪ ۾ ڌاڙا هڻندو وتي، سو ان حافظ بلال جي مدرسي ۾ اچي، حافظ بلال کي لُٽيل مال ڏئي ويندو آهي تہ جيئن مدرسي جو خرچ هلائي. اهڙي ماڻهوءَ جي چوڻ تي ڪوتوال صاحب مغل لشڪرين تي تهمتون ٿو هڻي! "

مرزا رستم بيگ اوچتو اهڙي رڙ ڪئي جو سڀ هيسجي ويا: " بس ڪريو، خدا جي واسطي بس ڪريو! هاڻ مون ۾ وڌيڪ برداشت ڪرڻ جي قوت ڪانهي! اڄ کان پائنده بيگ نٿي جو ڪوتوال آهي. پن ڏينهن اندر سمورن سازشين – ارغون هجن يا ترخان، امير هجن يا لشڪري، - کي گرفتار ڪيو وڃي؛ سنڌي باغين جا سر قلم ڪيا وڃن؛ سنڌي پهرو بند ڪيو وڃي؛ قيصر بيگ جي پٽن ۽ شاهي ڪنيز کي اغوا ڪرڻ وارن کي اهڙي سزا ڏني وڃي، وري اسان جي ڪنهن امير جي مال دولت يا اهل و عيال ۾ هٿ وجهڻ جي همت ڪنهن کي نہ ٿئي! ۽ پائنده بيگ اسان حڪم ٿا ڏيون تہ قيصر بيگ جي سنڌي ڪنيز، شاهي ڪنيز طور، ظل اِلاهيءَ جي حضور ۾ اسان جي طرفان پيش ڪئي وڃي، ۽ شاهي قيدين واري قافلي سان گڏ رواني ڪئي وڃي .... پر .... پر اسين پاڻ هن کي ڏسڻ گهرون ٿا. هن کي سفر تي موڪلڻ کان اڳ اسين تصديق ڪرڻ گهرون ٿا تہ هوءَ واقعي شاهي حرم جي لائق آهي! ۽ شاهي قيدين کي واپس حاصل ڪرڻ سپهہ سالار جي ذميداري آهي، جيڪڏهن پن ڏينهن اندر شاهي قيدي واپس نہ مليا تہ ڪنهن جي بہ سر جو خير ڪونهي .... هاڻ وڃو: فقط سپهہ سالار مظفر بيگ، پائنده بيگ ۽ قيصر بيگ هتي ترسن. ٻين لاءِ دربار برخواست! "

امير هري هري ٿي، پنهنجي جان بچي وڃڻ جا شڪرانا بجا آڻيندا، ڪسڪڻ لڳا. قيصر بيگ ذري ذري پائنده بيگ ڏانهن اهڙين اکين سان ٿي ڏٺو جن ۾ نفرت سان گڏ حسد جي باهہ پڙڪي رهي هئي. پائنده بيگ اهڙي ڏيکائي ڏني ڄڻ تہ ڪوتوالي هن جو حق هو. هو سوچي رهيو هو تہ هر چونڪيءَ تان جيڪڏهن ڏهہ

اشرفيون ٻه روز اچن ته ٻارنهن چوڪين تان هڪ سو ويهه اشرفيون گڏ ٿينديون، ۽ تورن ڏينهن ۾ هن کي توشي خاني جي مال ۾ گهوٻين هڻڻ ۽ قيصر بيگ سان حصو پتي ڪرڻ کان وڌيڪ ملڪيت ملندي. ان کانسواءِ ارغونن ۽ ترخانن کي هڪ طرف ته سنڌين کي ٻئي طرف سازش جي الزام هيٺ گرفتار ڪري ڪافئن چڱي خاصي رقم حاصل ڪري سگهبي، ۽ پوءِ ظل الاهي جي خدمت ۾ سوڪڙيون پاڪڙيون موڪلي، ٺٽي جي صوبيداريءَ جو خواب ضرور پورو ٿيندو! البت تاشي خان کي پنهنجي پاسي ڪرڻو پوندو. هن کي خبر هئي ته تاشي خان ظل الاهيءَ جو مخبر ۽ خاص اعتماد وارو ماڻهو آهي، ۽ هو هر ڳالهه جي مخبري سڌو سنئون شهنشاهه هند وٽ ڪندو رهي ٿو. اهو سوچيندي هن تاشي خان ڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ ٻنهي جي اکين هڪ ٻئي سڃاڻي ورتو!

قيصر بيگ ان ٻُڌتر ۾ هو ته هاڻ جڏهن ڳالهه کلي پئي آهي ته مرزا شاهه رخ وارن جو نالو ڪٽي يا نه. هن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته جڏهن هنن شاهي قيدين کي ڇڏائڻ جو ڪم مٿس رکيو هو ته پوءِ هاڻ هن جي پُٽن ۽ سنڌي ڪنيز کي اڃا چو هن جي حوالي نه ٿا ڪن؟ هاڻ ته رستم بيگ کي ٻه شڪ پئجي ويو آهي. هن کي وري پنهنجي پٽن ۽ سنڌي ڪنيز نُوريءَ جو خيال آيو. هن پاڻ سوچيو هو ته سنڌي ڪنيز کي ظل الاهيءَ جي خدمت ۾ موڪلي ڏيندو ته جيئن توشي خاني جي عملداري قائم رهندي اچي. هوءَ هئي ٻه ته شاهي حرم جي لائق: چا نڪ چا نقشو: ائين ٿي ڀانيو ڄڻ ته خدا ڪيس واندڪائيءَ ۾ ويهي ٺاهيو هو. شاهي ڪپڙن ۾ هوءَ نورجهان بيگم کي ٻه مات ڪري ڇڏيندي. جيڪڏهن هن کي پاڻ ڪنيزون وٺنديون هجن ها ته هو هن کي پاڻ وٽ رکڻ لاءِ بغاوت ڪرڻ کان ٻه ڪين ڪيٻائي ها، پر هن کي ته پنهنجي ساڻين کانسواءِ گهڙي پل ٻه سُک نه ٿي آيو! ۽ هن جا معصوم پٽ؟ شاهه رخ وارن وٽ چوڪرن کي ٻاندي رکڻ جو ڪهڙو جواز هو؟ شاهي قيدي ملين ته پوءِ منهنجي پٽن کي پاڻ وٽ ڇو جهليو ويٺا آهن؟ ترخان اميرن مرزا غازي بيگ جي وقت ۾ مون کي ڪهڙيون پڳون ٻڌايون، جيتوڻيڪ هو پاڻ ٻه ته مرزا باقي بيگ جي اولاد مان هو. سنڌس ماءُ ڪنيز هئي ته ڇا ٿي پيو! ائين ته مرزا شاهه رخ ٻه ..... مرزا رستم سان مرزا شاهه رخ جي ڳالهه ڪرڻ مناسب ٿيندي يا نه؟ جيڪڏهن هنن کي ڪو شڪ پئجي ويو ته ٻنهي چوڪرن کي قتل ڪرڻ کان ڪونه مڙندا! بهتر ائين ٿيندو ته پهرين آءٌ پاڻ ساڻن ڳالهائي ڏسان ..... نه نه ...... ائين دير ٿي ويندي، ۽ چوڪرن کي ڪجهه نقصان پهچڻ جو انديشو ٿيندو. مرزا رستم سان ڳالهه ڪيڻ سان مغلن سان وفاداري ٻه ظاهر ٿي پوندي ۽ چوڪرن جي جان ٻه بچي پوندي. مغلن سان سڌو سنئون وڙهڻ جي مرزا شاهه رخ وارن کي ٻه همٿ نه ٿيندي. مون کي پهرين ئي اهو سوچڻ گهرجي ها پر ٻن لکن درهمن جي لالچ مون کان منهنجا پٽ ٻه وسارائي ڇڏيا. ته ڇا مرزا مظفر بيگ منهنجي پٽن کي ڇڏائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو؟ هن مظفر بيگ ڏانهن نهاريو. عين ان وقت مظفر بيگ ٻه ڏانهس نهاريو. ٻنهي جي اکين هڪٻئي جو نياپو سمجهڻ کان اڳ زمين ۾ ڪجهه ڳولڻ شروع ڪري ڏنو!

مرزا مظفر بيگ کي پنهنجي سپهه سالاري خطري ۾ نظر اچڻ لڳي: جيڪڏهن شاهي قيدي حاصل نه ٿيا ته مرزا رستم بيگ سنڌس جڻ ٻچو کهائي ڇڏيندو. پر شاهي قيدين کي ڇڏائڻ مان ارغونن جو ڪهڙو مطلب ٿي تو سگهي؟ سواءِ ان جي ته هڪ پيرو وري هو مرزا عبدالعليءَ کي تخت نشين ڪري، مغلن خلاف ڪو محاذ قائم ڪن. پر قيصر بيگ جي پٽن ۽ سنڌي ڪنيز جي اغوا جي واقعي جو شاهي قيدين سان ڪهڙو سبنڌ آهي؟ متان قيصر بيگ ٻه ڪا چال ڪيڏي رهيو آهي؟ هن وري قيصر بيگ ڏانهن نهاريو، جيڪو اڃا تائين زمين ۾ گهوري رهيو هو!

تاشي بيگ ٽنهي ڏانهن واري واري سان ڏٺو، ۽ دل ئي دل ۾ظل الاهيءَ کي مڪمل احوال لکڻ لاءِ مضمون سنڌس دماغ ۾ ڦرڻ لڳو. پائنده بيگ صوبيداريءَ جي شوق ۾ يقيناً هر ڳالهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي

ويندو. قيصر بيگ جي پٽن جي اغوا جو معمو البت هن کي بہ سمجهہ نہ تي آيو، ۽ مظفر بيگ پنهنجي سپهہ سالاري قائم رکڻ لاءِ ارغونن سان جنگ ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻائيندو. پر ڇا هن وقت ارغون سرادرن سان ڦٽائڻ مغل شهنشاهيت لاءِ فائديمند ٿيندو؟ چونہ سمورو ڏوهہ سنڌين جي شورش تي هٽجي! ۽ هن جي نظر مرزا رستم تي پئي، جنهن پنهنجي هيٺئين چپ کي چڪ هڻڻ شروع ڪيو هو، ۽ تاشي خان سمجهي ويو هو تہ هن کي وري ڪنيزن جو اگهاڙو جسم ۽ بيد جو لَڪڻ ياد اچي رهيو هو!*

ڪمپوزنگ: شاهنواز سومرو

(9)

سانوڻ جڏهن بہ ٻيلي ۾ داخل ٿيندو هو تہ هن کي هميشه ائين محسوس ٿيندو هو، ڇڻ تہ وڻ بہ هن سان گڏ هلڻ لڳا هئا ۽ هن سان ڇُڻ ڀُڻ ۾ سرگوشيون ڪرڻ لڳندا هئا: ڇڻ چوندا هجن تہ اسين سنڌ جي ڌرتيءَ جو سُهاڳ آهيون، جنهن کي لُٽڻ لاءِ سوين ڀيرا ڌاڙا لڳندا رهيا آهن، پر اسين اڏول آهيون. سنڌ جا وڻ، سنڌ جي ڌرتيءَ وانگر سدورا ۽ سدا حيات آهن. هي ٻڙ جا وڻ، هي پِپر جا وڻ، هي سُهانجي جا وڻ، هي ٽاليون، هي لئيون، هي ٻيرن هي ديويون – انهن سڀني ۾ هڪڙي خاصيت عام آهي تہ انهن کي وڏي ڇڏيو تہ وري اُسري ايندا. اها خاصيت دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ وڻ ۾ ڪانهي. شايد اهوئي ” آواڳون “ جو ڪرشمو آهي جو سنڌ جا قديم ماڻهو بہ وڻن جي پوڄا ڪندا هئا. ٻڙ ۽ پپر، ديوي ۽ سهانجڙي جي وڻن تي اڄ بہ مائيون، سُہ– وَريتيون سهاڳڻيون، آڪا وجهن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ اهي وڻ پراچين وقت کان تخليق جي ديويءَ جو اهڃاڻ آهن! سانوڻ جي دل سندس سيني ۾ ڦندڄڻ لڳي: ڇڻ تہ ٻاهر نڪرڻ تي هئي، ڇڻ تہ وڻ وڻ کي ڀاڪر پائڻ، ڳراٽڙيون وجهڻ لاءِ آتي هئي. اوڏي مهل چانهن پکين جو هڪڙو ولر هڪڙي وڻ تان اٿي، سانوڻ جي اکين اڳيان، ٻئي وڻ تي وڃي ويٺو. پرن ۽ ڪنين جي ڦڙ ڦڙ تي هن متي نهاريو: الا، منهنجي سنڌ جا پکي بہ ڪهڙا نہ سهڻا آهن: ست رنگا سهڻا، سيبتا، ڇڻ تہ بهشت جا پکي هجن! سانوڻ کي پڪ تي تہ بهشت ۾ بہ اهڙا پکي نہ هوندا. پويان تلورن جي هوڪار پڌي هو بيهي رهيو. هنن جي جواب ۾ ڪارڙي تتر بہ ٻولي ٻولي، ۽ سانوڻ جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو: هن ائين ڀانيو ڇڻ تہ ان تترجي تنوار هن جي دِل کي لوڏي ويئي. ” **يا الله! تو بيشڪ سنڌ کي نوازيو آهي، پر هي سدائين ڏورانهن ڌارين جو ڏرت سنڌ تي ڇو مڙهيو اٿئي؟ سنڌ کي سک سمهڻ ڇو نٿو ڏين؟** “ هن پنهنجي پالڻهار سان شڪايت ڪئي. هن کي پنهنجي پيءَ جو هي گفتو ياد اچي ويو: ” **سانوڻ سنڌ آهي تہ پاڻ بہ آهيون، نہ تہ مولا جو پيو بہ ملڪ گهٽو ئي پيو آهي ساهہ کڻڻ لاءِ!** “ هن کي پنهنجي مستاني پيءُ جون مستانيون ڳالهيون هُري آيون، ۽ وري هن جي دل پرجي آئي. نڙيءَ ۾ ڳنڍ پئجي ويس.

اوچتو هن جي ڪُميت جا ڪَن ڪڙا ٿي ويا، ۽ هن جي چال ۾ اَڻ لکو فرق پئجي ويو. سانوڻ خوابن جي دنيا مان موٽي آيو. گهڙي دير ڪانپوءِ ڇپري جي ڇيٽ سان گڏ گهوڙن جي ٽاپڙ ٽاپڙ جو آواز هن جي ڪن تي پيو. هن ڪميت کي هلڪي هٿ جي ٿپڪي هنئين تہ ڪميت پاڻهي چاڻ، ڪيڙن جي ڊگهن پوٽن ۾ منهن وجهندي لڪي بيهي رهي. سانوڻ ڪمربند مان ڪتارو ڪڍيو، پوٽن جي جهُنڊ ۾ اوڪڙو ويهي رهيو. هن جي ڪنن هن کي ٻڌايو تہ اڳيان ٻہ سوار هئا، جن جي ڪيد ڏهاڪو سوار مينهن واءُ ڪندا پئي آيا. هن کي اهو بہ يقين هو تہ مغل يا ترخان وس پڇندي ٻيلي جو رخ ڪونہ ڪندا. هن اندازو لڳايو تہ مغل سپاهي ڪن سنڌي همراهن يا ترخانن کي جهلڻ تي آيا. هن جي همراهن جي ڇتاءَ مان هن کي اها پڪ تي ويئي تہ ٻيلي ۾ گهڙندڙ ماڻهو سڄڻ ڪونہ هئا. پر جيڪڏهن ويري ڪن سنڌي همراهن جي پويان آهن تہ

پوءِ ..... اڃا هو انهن خيالن ۾ هو ته اڳين سوارن مان هڪڙي جي گهوڙي جي ڏڳهي ۽ ڏنل هٽڪار مان هن کي پڪ ٿي ويئي ته گهوڙي جي پُٺ ۾ ڀالو يا تير کُپي ويو هو. ساڳئي وقت اڳين سوارن جي گهوڙن جي سنبن جو آواز اوچتو بند ٿي ويو.

هن جي سَرلن ڪَنن، پري جو هڪڙو آواز جهٽي ورتو .... " ڏاترنا، او هنن ڪبڙن جي جُهنڊ ۾..." ۽ هن همراهن جي ڊوڙڻ ۽ سهڪڻ جو آواز هاڻ چٽو پڌڻ ۾ پئي آيو. سانوڻ جتي لڪل هو، ان جي پٺئين پاسي، ٻه همراهه گسڪندا، سهڪندا، ڪبڙن ۾ گهڙو اندر پيهي آيا. سانوڻ محسوس ڪيو ته همراهه پنهنجي ساهه کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، پر هنن جي نانُس مان آواز سسڪندو ايئن ٿي نڪتو، ڄڻ ڪو ٻڏندڙ ماڻهو اوچتو پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري شپڙڪا ڪري ساهه کڻندو آهي.

گهڙي نه گذري ته ڌاڪو ڪن مغل لشڪرين ٻه ڪبڙن جي جهُنڊ وٽ اچي پنهنجا گهوڙا جهليا. هڪڙي مغل ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو: " تيمور خان، نامراد سنڌي هتي ئي ڪٿي لڪل آهن: تون هي پاسو وٺ ته آءٌ هن پاسي تو ڏسان. اڇو، توهين مون سان اچو ... "

سانوڻ وري سرٻاٽ ٻڌو: " ورپام يَر منهنجي ڪري ..... "

" شُش .... "

ڪبڙ ڪافي گهاٽا هئا، پر سانوڻ کي پڪ هئي ته جيڪڏهن مغل هن پاسي آيا ته ڪميت جي بُوءِ تي مغلن جا گهوڙا ضرور هٽڪندا. ۽ نه رڳو مغل هن کي ڏسي وٺندا، پر پوءِ هنن ٻن همراهن جو ٻه خير ڪونه ٿيندو. ڪجهه سوچيندي هن وات تي مٺ ڏيندي، ڳيري جي ڏڳهي " گهون .... گهون .... " جو آواز ڪڍيو. گهڙي نه گذري ته چوڌاري ڪبڙن ۽ لئين مان ڳيرن جي ڏڳهي " گهون .... گهون ... " جو آواز اچڻ لڳو. سانوڻ وري سرٻاٽ ٻڌو: " ٻڌ اهو آواز ٻڌ .... ٻنهه هنن ڪبڙن مان پيو اچي .... "

اوچتو هڪ چٽو آواز الائجي ڪٿان ٻُريو: " مغل سپاهيو، ..... اوهين گهيري ۾ آهيو .... پنهنجا هٿيار ڦٽي ڪريو ..... نه ته ..... "

مغلن جي گهوڙن جي سنبن جو آواز بيهي رهيو. لغامن ڇڪڻ جو آواز ٻه چٽو پڌڻ ۾ آيو. مغلن جي مُهندار جي آواز مان ئي سانوڻ سمجهي ويو ته مغلن جو ڏپ ڪان ساهه سڪي ويو هو.

مغل مُهندار چئي رهيو هو ..... " تيمور خان ..... هاڻ ڇا ڪجي؟ "

" شهباز خان ..... هي سنڌين جي ڪا چالبازي ٿي ڏسجي ..... مجال آهي ڪنهن سنڌيءَ جي جو مغلن جي ..... "

اوچتو هن جو آواز بند ٿي ويو، ۽ ان جي بدران هڪ دل ڏاريندڙ رِڙهه وايو منڊل ۾ ڦهلجي ويئي، گهوڙن جي سنجن تان، ڪنهن ماڻهوءَ جي گسڪي، ڪرڻ جو آواز، سانوڻ جي ڪَنن جهٽي ورتو.

هن جي چپن تي هلڪي مُرڪ ڦهلجي وئي. ۽ ان وقت ئي فضا ۾ آواز ٻُرڻ لڳو ..... " مغل سپاهيو ..... اڃا ٻه جيڪڏهن هٿيار ڦٽي نه ڪيوَ ته .... "

اڃان اهو جملو پورو ئي نه ٿيو ته ڀالن ۽ ترارن ۽ خنجرن جي زمين تي اڇلجڻ جا آواز اٿيا. ۽ آس پاس ڪان ڪبڙن مان، لئين مان ۽ ٻيلي جي وڻن تان ويهارو مڙسن جو مغلن جي چوڌاري نمودار ٿيو. سانوڻ ٻه ڪميت جهلي، ڪبڙن مان ٻاهر نڪري آيو ۽ وڌندو اچي مغلن اڳيان بيهي رهيو. هن ڏٺو ته هڪڙي گهوڙي جي سُنبن وٽ تيمور خان اونڌو پيو هو ۽ هڪڙو ڀالو سندس پُٺ ۾ کتل هو.

" شهباز خان، توهان کي خبر ڪانهي ڇا ته هن ٻيلي ۾ مغلن ۽ ترخانن کي گهڙڻ جي اجازت ڪانهي ..... ! " سانوڻ جي آواز ۾ رُڪ جهڙي سختي هئي.

" ..... جي جي ..... نه، اسان کي اهڙي خبر ڪانه هئي.... هن ڀيري معافي ڏيو .... "

” خير ڏٺو ويندو .... جُڙيا، هي هٿيار ميڙيو، هنن گهوڙن کي ڪُڙهه ۾ موڪليو، ۽ هنن مغلن کي مهمانخاني وٺي هلو .... ، ۽ هن لاش کي ائين جو ائين کڻائي هلو .... “

اهو حڪم ڏيئي، هو وري ڪيڙن جي پٺئين پر هلي آيو، ۽ چيائين: ” ياڙو، هاڻ ڪو جوکم ڪونهي. پلي ٻاهر اچو .... “

ڪا گهڙي چپ ٿي ويئي. پر پوءِ ٻه جوان مڙس ڪيڙن مان ٻاهر نڪتا. انهن مان هڪڙو گهڻو هيسيل هو. البت ٻئي جي منهن تي هڪ عجيب ارڏو رنگ هو.

سانوڻ ڪا گهڙي هنن جوانن کي گهوري ڏسندو رهيو. جوان هن جي ان گُهور کان ڪيپائڻ خاطر زمين ۾ نهارڻ لڳا: سانوڻ جي مُک تي مرڪ اچي ويئي: هلڪي، معنيٰ ڀري ۽ شرارت سان ڀرپور. هن جي دل چيو ته هنن جوانن کي ڀاڪر ۾ ڀري وٺي؛ پر هن پنهنجي آواز ۾ سختي آڻيندي چيو: ” ڪير مڙس آهيو؟ “ ۽ هن پاسي ڪيئن آيا آهيو؟ “

ڪا گهڙي چپ ٿي وئي. پوءِ هڪڙي همراهه هلڪي لاپرواهيءَ سان چيو: ” منهنجو نالو وريام آهي. ننگر ٺٽي جو آهيان. بابو علي محمد واڍڪو ڪم ڪندو آهي. هي منهنجو سنگتي ڏاترڏنو آهي. هي ٻه ٺٽي جو آهي، رازڪو ڪم ڪندو آهي. باقي هت ڪيئن آياسين، سو تنهن ۾ ٻئي ڪنهن جو ڇا؟ اسان کي اها خبر ڪانهي ته هي ٻيلو ٻه ڪنهن مغل يا ارغون ترخان ملهه ڳنهي ورتو آهي جو ان کان گوشو ڪريون!

” نوجوان جو ڏيرج ۽ لاپرواهيءَ سان ائين ڳالهائيندو ڏسي، سانوڻ جي دل ڦندجڻ لڳي. ٻيلي، اڄا سنڌي ٻنهه ويل ٻه ڪونه هئا!

پر هن وري ٻه حشمت سان چيو: ” سڄي ٺٽي کي خبر آهي ته هي ٻيلو سردار خان جو ڳڙهه آهي. اوهان کي ڊپ ڪونه ٿيو ته متان .... “

هن اڃا جملو ئي پورو ڪونه ڪيو ته همراهه سندس ڳالهه ڪپيندي چيو: سردار خان ٻه ماڻهن جهڙو ماڻهو هوندو، ڪو مٿي تي سڱ ڪونه هوندس جو ڪانئس ڊڄجي ..... “

سانوڻ ڏٺو ته هن همراهه جي سنگتيءَ ڪيس ٺونٺ هٽي مات ڪرڻ جو اشارو ڏنو، پر همراهه ٿوري دير هبڪي وري چوڻ لڳو: ” مڙس مڙس جو مَٽ آهي ..... اها سا پڪ اٿئون ته راهه ويندن واٽهڙن سان هٿ چراند ڪونه ڪندو هوندو، نه ته پوءِ سردار خان ۽ عام مغلن ۽ ترخانن ۾ ڪهڙو فرق رهندو. هونئن ٻه .... “

اوچتو همراهه چپ ٿي ويو. هن جيڪي چوڻ ٿي چاهيو، سو مناسب ڪونه هو، وريام سوچيو: آخر ٻه ته هن همراهه سندن جان بچائي هئي.

سانوڻ ٻه سمجهي ويو ته نوجوان هن کي ڪو طعنو مهڻو ڏيڻ ٿي گهريو، سو چيائين: ” هونئن ٻه ڇا .....؟ “

وريام سانوڻ جي اکين ۾ نهاريندو چيو: ” اوهان اسان سان ڀلائي ڪئي آهي، اسان جي جان بچائي اٿوَ، سو ان لاءِ اوهان جو ٿورو، خدا ڪندو ته لاهي وجهنداسون. هاڻ جيڪڏهن اجازت هجي ته اسين چڪيون پنڌ ڪيون! “

سانوڻ سمجهي ويو ته همراهه ڳالهه ڪائي ويو، سو هن ٻه ڳالهه مٽائڻ خاطر چيو: ” ڀلا هي مغل اوهان جي پويان ڇو پيا هئا؟ “

” اهو مغلن کان پڇو! “ وريام وري ٻه لاپرواهيءَ سان چيو.

” پر ٻه، ڪا ته ڳالهه هوندي؟ “

” ادا ڳالهه هيءَ آهي ته ..... “

” وريام جي سنگتيءَ اچا ڳالهه چوري مس ته وريام دهمان ڏيندي چيس، ” ڏاترنا، تون ماٺ ڪر .... مون کي ڳالهائڻ ڏي. مغلن ۾ اسان جو مامرو اسان جي مٽي جو سور آهي. ڪنهن اوپري ماڻهوءَ سان ڪرڻ جهڙي ڳالهه ڪانهي. “

سانوڻ کي ” اوپري “ لفظ تي چڙ به آئي ته ٿورو ڏک به ٿيس. هن وري به وريام کي گهوريندي چيو: ” سنڌي هڪ ٻئي لاءِ اوپرا ڪڏهن کان ٿيا؟ “

وريام ٺهه پهه جواب ڏنو: ” مغل ته ڏُريان ئي ڌاريا آهن- پر سڀ سنڌي به هاڻ ” **پنهنجا** “ نه رهيا آهن. مغلن جي نوڪري ڪندڙ يا سنڌين سان لاتعلق ٿي، ٻيلن ۾ جهنگن ۾ گهاريندڙ سنڌي ” **اوپرا** “ نه چئبا ته ٻيلا ٻيو ڪين چا چئبو؟ “ وريام جي لفظن ۾ هاڻي سختي نه هئي، پر انهن ۾ لڪل مهٽي هٽي وڃي هنڌ ڪيو. سانوڻ جي دل کي جهوٻو اچي ويو.

” ياڻو تون سچ ٿو چوين، جيڪو سنڌي ٻين سنڌين سان ڏک ڏولاوي ۾ ڀائيوار نه آهي، سو برابر ”**اوپرو**“ ئي سڏبو...... “ هن جو آواز ڏڪارو هو، پر وريام ڏنو ته هن ترت ئي پنهنجي پاڻ تي ضابطو رکي ورتو، ۽ ڌيرج سان چيائين: ” آءٌ بروبر اوهان جي لاءِ اوپرو آهيان. نالو سانوڻ اٿم. هي ٻيلو منهنجي .... “

سانوڻ گهڻو ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو پر سندس نڙيءَ ۾ ڳنڍ پئجي وئي. هن جون اکيون اڳاتن لڙڪن سان پوسرڻ لڳيون. هن کي پنهنجي ڪمزوريءَ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي، پر عين ان وقت وريام اڳتي وڌي اچي ڪيس ڀاڪر وڌو، پوءِ پٽڪندي چيائين ” ياڻو، بخش ڪجانءِ ..... منهنجو مطلب توکي ڏکوئڻ جو ڪونه هو..... اسين ته تنهنجو نالو ٻڌي، هيڏانهن تي آياسون ...... تون ئي ته هڪڙو آسرو وڃي سنڌ ۾ سنڌين لاءِ بچيو آهين .... “

سانوڻ به ڪا گهڙي وريام کي ڀاڪر ۾ جهلي بيٺو رهيو. سندس دل پرجي آئي هئي .... سنڌ جو اڪيلو آسرو .... هن کي پنهنجي پاڻ تي شرمساري ٿيڻ لڳي. جڏهن سنڌي هڪ ڦوروءَ هڪ رهزن، هڪ ڌاڙيل کي پنهنجو آسرو سمجهڻ لڳن، تڏهن چئبو ته سنڌين جي بيوسي پنهنجي پاتار کي وڃي پهتي هئي .... هن کي جڏهن به اهو خيال ايندو هو تڏهن هن کي ان نفرت جو مَٺُ ڪو ٻيو جذبو به ڪونه سُجهندو هو .... هو ڪنهن سان اندر جو حال به ته بيان نه ٿي ڪري سگهيو.... اوچتو هن کي اهو خيال آيو ته ان شرمساريءَ کان بچڻ لاءِ، هو هنن همراهن کي سچي ڳالهه ڪري ٻڌائي ....

” ادل ...... تون ڀليو آهين ..... آءٌ سانوڻ سان گڏ سردار خان ڌاڙيل به آهيان ..... هڪڙو ڦورو، رهزن ۽ ڌاڙيل ..... مون جهڙا ٻيا به مون سان آهن ..... سنڌ جو آسرو اسين نه، پر اوهين نوجوان آهيو..... اسين ته ..... ته ..... “

هو پنهنجي ڳالهه پوري نه ڪري سگهيو. وريام کي هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ صاف ٻڌڻ ۾ پئي آئي. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ته سانوڻ جي دل سڏڪا ڀري رهي هئي. هن کي ان سڏڪا ڀريندڙ دل تي رِيس ٿيڻ لڳي ..... اهي سڏڪا هڪ دردمند دل جا سڏڪا هئا ..... جيسين ڪا دل سنڌ لاءِ ائين سڏڪندي رهندي، تيسين سنڌ سدا حيات رهندي.

هن سانوڻ کي ڀاڪر مان ڪيندي، سندس ڀورين اکين ۾ نهاريندي چيو ..... ” اسان کي خبر آهي ياڻو سانوڻ ..... اسان کي اها به خبر آهي ته تون اهي ڌاڙا ڇو ٿو هڻين- نفرت جو اهو روپ به سنڌ لاءِ غنيمت آهي ياڻو ..... ! “

سانوڻ کي ڄڻ ڪو ڏڍ ملي ويو. هن جي شرمساري ڄڻ ته ڪي قدر گهٽجي وئي. ان جي بدران هڪ نئون احساس هن جي سموري جسم ۾ ڦهلجي ويو ..... جنهن جو ڇيد ڪرڻ هن نه ٿي گهريو.

اندر جي ان چڪتاڻ ڪان بچڻ لاءِ هن چيو ..... ” اچو تہ هلون. منهنجا همراهہ الائي چا سوچيندا هوندا تہ اسان ڪي وري چا ٿيو..... “

سانوڻ وريام ۽ ڏاتر ڏني ڪي وٺي جڏهن مڏيءَ تي آيو تہ تڏي تي ويٺل همراهہ اٿي بيهي رهيا. هر هڪ سان سانوڻ سندن واقفيت ڪرائي. جيسين خوش خيرعافيت ۽ ڪِيڪرون ختم ٿيون. تيسين همراهہ ماني بہ ڪٽي آيا. ڳاڙهن چانورن جي ماني ۽ بِهن جي هن پوڙ مان وريام ۽ ڏاترڏني کي جيڪو مزو آيو. ان ڪان وڌيڪ هنن همراهن جي پيار ۽ پنهنجائپ هنن جي دل موهي وڌي. ماني ٽڪيءَ ڪان واندا ٿي. همراهہ ڪانيون پٽدي. حال احوال وٺڻ ويهي رهيا. جڏهن وريام ڳالهائڻ شروع ڪيو. تڏهن ائين ٿي پانيو چڻ تہ پيلي جا وڻ بہ هن جي ڳالهہ ٻڌڻ ڪاڻ ماٺ ٿي ويا!

” ادا. ڪهڙا سُور روئي ڪهڙا روئجن. سنڌي محلن ۾ مغل لشڪرين جڏهن ري گناهہ آئي وئي کي ستائڻ شروع ڪيو. تيسين بہ اسين بہ ماٺ هئاسون: پر جڏهن گهرن ۾ گهڙي. ڪنهن نہ ڪنهن کي ڪٽي ٿي ويا. ۽ مارڪُٽ ڪري. ڏوڪڙ وٺي ڇڏڻ جو ڏنڌو ٺاٺي ڇڏيائون. تڏهن اسان ڪان بہ رهيو نہ ٿيو. چڱن مڙسن تہ اهو ٿي چيو تہ جيئن بازارن ۽ منڊين ۾ سيني واپارين ۽ هَٽائِين گڏجي هر هفتي هڪڙي مقرر رقم حد جي مغل چونڪيءَ تي ٿي پهچائي. تيئن محلن ۾ بہ ايئن ڪجي. ۽ هر چونڪيءَ جي عملدار کي مغل لشڪرين لاءِ هفتي جي آنڪي پري ڏجي. اسان ننڊين کي اها ڳالهہ نہ وڻي. ۽ اسان پنهنجون ٽوليون ٺاهي. محلن ۾ چونڪي ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ۽ حافظ بلال شهر جي ڪوٽوال کي اهڙي چاڻ بہ ڪري آيو.... “

وريام ڳالهہ ائين ٿي ڪئي. چڻ تہ هو ڪنهن اچاتي ڪاوڙ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. سنڌس نرڙ تي هڪ دائمي گهُنڊ پئجي ويو. هن عمر ۾ اهو گهُنڊ چڻ هن کي جوانيءَ جو داغ ٿي مليو هو. هن هڪ اونهو ساهہ کڻي ڳالهہ کي اڳتي وڌايو.

” ڪجهہ ڏينهن تہ ٺاپر اچي وئي. ٻن چئن هنڌن تي مغل لشڪري پنهنجي شڪار جي ڳولا ۾ نڪتا. پر اسان جي همراهن ڪين ڪا حرڪت ڪرڻ نہ ڏني. ٽي چار جهڙپون بہ ٿيون. جن ۾ ٻنهي ڌرين جا ماٺهو ڌڪجي پيا. پر نيٺ جڏهن ڏٺائون تہ محلن ۾ ڪا ڪيچل ڪرڻ مهانگي ٿي پين تہ اچڻ جي پچر ڦٽي ڪيائون ..... پوءِ الائي چا ٿيو. جو مرزا پائنده بيگ. توشي خاني جي نائب عامل کي ڪوٽواليءَ جو منصب مليو. ۽ اڳيون ڪوٽوال ڪنهن ٺهخاني جي حوالي ٿي ويو. مرزا پائنده بيگ ايندي شرط ٻاهہ ٻاري ڏني آهي. سنڌين جي محلن ۾ اسان جون چونڪيون بند ڪيون ويون آهن. اسان جي ويهارو کن همراهن کي راتو رات گهرن مان اٿاري ڪٽي ويا آهن. ٻين جي پويان آهن. محلن جي چڱن مڙسن ۽ مُکين کي چونڪين تي گهرائي بي عزتو ڪيو وڃي ٿو- چي. اوهان سنڌين مغلن خلاف سازش ڪئي آهي. دهليءَ ڏي ڪي ارغون قيدي پئي موڪليائون. تن کي بہ ڪي سنڌي شاهينگ حملو ڪري ڇڏائي ويا آهن. جيسين اهي هٿ نہ آيا آهن. تيسين جيڪي سنڌي جهليا اٿن. سي ترنگ ۾ هوندا! ممڪن آهي تہ ٻين کي عبرت ڏيڻ لاءِ انهن کي ٿياس تي ٽنگين. اسان جي پنهنجي چونڪيءَ ۾ اسين ڇهہ ڄڻا هئاسين. رات جي پيٽ ۾ هڪڙو گهوڙيسوار دستو محلي ۾ داخل ٿيو. اٽڪل ويهارو کن مغل لشڪري ڄڻ جنگ لاءِ تيار ٿي آيا هئا. اسين بہ سمجهي وياسون تہ اڄ خير ڪونهي ..... ٻوبدو ٿيڻ سان بہ ڪا هڙ حاصل نہ ٿئي ها ..... سو اٽڪل سان مون ۽ هن ڏاترڏني هنن کي پاڻ سان مصروف رکي. ٻين همراهن کي ٽري وڃڻ لاءِ اشارو ڪيوسون. همراهہ جڏهن صحيح سلامت نڪري ويا تہ پوءِ اسان بہ رکيو ڪڙين تي زور..... “ ائين چئي وريام مرڪي ڏنو. پر ان مُرڪ مان ظاهر هو تہ هو پاڻ تي ڪلي رهيو هو.

” مغلن اسان جي پچر نہ ڇڏي ..... جڏهن ٻي ڪا واهہ نہ ڏٺيسون. تڏهن ٻيلي ڏانهن رخ رکيوسون ..... ٻيو مڙئي خير. اڄهو ائين اوهان تائين نڪتا آهيون .... “ وريام ڳالهہ کي مختصر ڪندي چيو.

ڪڇهريءَ ۾ ماٺ ٿي وئي. ائين ٿي ڀانيو، ڄڻ ته وڻ به گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويا هئا. اها ماٺ سيني کي ڏاڍي ڏکي پئي لڳي، پر ڳالهه به اهڙي هئي. مغل لشڪرين تيسين سنڌي محلن ۾ ڪهڙو پائيتال وڌو هوندو، تنهن کي خيال ۾ آڻي، سيني کي ماٺ لڳي وئي.پوءِ سانوڻ ئي ماٺ کي ٽوڙيو: ” پوءِ ته مغل لشڪرين جو ڪو بِلو ڪرڻو پوندو ..... ڀلا وريام، ارغون قيدين جي باري ۾ ڪا سُڌس؟ “

” ڪجهه ارغون ڇوڪرا، جيڪي مدرسي ۾ ٿا پڙهن، تن جي واتان ٻڌجي ٿو ته اهو ڪم خود ارغونن جو آهي، پر نالو سنڌين جو پيا ڪڻن ..... ارغون ۽ ترخان سڌو سنئون مغلن سان ڪئونسڙ ٿا گهرن ..... گهڻن ڳالهين ۾ هو هڪ ٻئي سان همراهي به ڪن پيا ..... آخر سيوهڻ، چانڊڪا ۽ بکر تي اڃا سندن راڄ آهي، جيتوڻيڪ اَنڪي دهليءَ جي پرين پيا. رڳو ٺٽو ئي آهي جتي مغل سڌو سنئون حڪم ويٺا هلائين ..... ۽ هو ڀانئين ته مغلن کي ايترو بدنام ڪن جو دانهن دهليءَ تائين وڃي، ۽ شورشون ڪري مغلن کي زير ڪن، ۽ پوءِ دهليءَ ۽ آگري جي وڏي سرڪار کي سوڪڙين پاڪڙين سان راضي ڪري، سندن اَنڪي پري، ٺٽي تي وري راڄ ڪن. ڪجهه وقت تائين قصو هلي ته پوءِ شهنشاهه جو ڳٽ ڳچيءَ مان لاهڻ سولو ٿا سمجهن! “

سانوڻ ڪا گهڙي وريام کي گهوريندو رهيو: جيڪڏهن سنڌي نوجوان سياست جي اهڙي سمجهه رکن ٿا ته پوءِ اڃا به ڳالهه هٿان ڪانه وئي آهي. پر اهڙا وريام سنڌ ۾ آهن گهڻا؟!

” ڀلا هينئر جيڪڏهن ڪا شورش ڪجي ته نتيجو ڪهڙو نڪرندو ..... ٺٽي جي ماڻهن جو ساٿ ملندوسون يا نه؟ “ هڪڙيءَ ڪنڊ مان هڪڙي همراهه ڳالهه اڃلائي پِڙَ ۾ وڌي.

” ادا اها ڳالهه ڏاڍي ڏکي آهي ..... نوجوانن مان ته شايد ڪافي ساٿ ڏيندا، سواءِ انهن جي، جن جي مائٽن کي مغلن نَوازيو آهي، ۽ ڪانئن ان جي عيوض وفاداريءَ جا پروانا لکائي ورتا اٿن. ٻيا اهي جن ارغونن ترخانن- ۽ هاڻ مغلن- سان سڱابنديون ڪيون آهن، سي به اسان جي ويجهو ڪونه لڙندا. هو ڏسندا ته اسان جو پاسو زور آهي ته وات ٽڪائي اسان سان ڪندا، پر جيڪڏهن مغل زور ٿيا ته وڏي واڪي چوندا ته سنڌي اڃي ڇتا ٿيا آهن، ظل اِلاهيءَ جي اسلامي حڪومت سان ٽڪر کائڻ بيوقوفي سان گڏ ڪُفر آهي! ان لاءِ هو چار اَٺَ مُلان به اهڙا اڳيان آڻيندا، جيڪي سندن پٺڀرائيءَ ۾ فتوائون به جاري ڪندا. اسان جا ماڻهو ويچارا هڪڙو ته ستايل گهڻو آهن، ۽ سالن کان سُک نصيب نه ٿيو اٿن، ۽ ٻيو ته اِبوجهه اهڙا آهن جو شل نه ٻُڌن ته ڪنهن مُلان فتويٰ ڏني آهي: اصل اهڙا وٺن ويندا ڄڻ ته ڏُرين ئي ڏاريا آهن! اهي ماڻهو، جن کي واپار وڙي جون ڪوٺيون آهن، ۽ جن جا ڀلاوٽا سورت، دهلي ۽ آگري تائين آهن، يا جن کي بَندرن جي اوڳاڙيءَ جا ٺيڪا آهن، سي مغلن جي چانئٺ جا اڳي به سلامي هئا ۽ هاڻ به ٿيندا. باقي رهيا ڪمي ڪاسبي، واڍا، لوهر، رازا، ڪوري، هاري ناري: سي بلاشڪ اسان جو ساٿ ڏيندا: هنن جو روز ته الله تي آهي پر هنن جو الله ۽ اسان جو الله ساڳيو آهي! “

” منهنجو پنهنجو به اهوئي خيال آهي، ..... پر هن وقت مغلن ۽ ارغونن ۾ جيڪو جهيڙو آهي، ۽ خلق کي جيڪي آزار پهتا آهن، تنهن مان سمجهان ٿو ته هاڻ ڪجهه نه ڪيوسون ته پوءِ ويلَ هٿان نڪري ويندي. دوبدو مقابلي لاءِ شايد اڃا وقت کپي ..... پر گهٽ ۾ گهٽ اهو ته ڪجي ته مغلن کي ترخانن جي حرفت جو چاڻ ڪجي جيئن اسان جي خلق تان ڪجهه بار جهڪو ٿئي ..... “

سانوڻ چڙ ته پاڻ سان ڳالهائيندو ڳالهائيندو ڪنهن اونهي ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. سڀ همراهه ماٺ ٿي ويا. هنن کي خبر هئي ته جڏهن سانوڻ ائين پنهنجي پاڻ ۾ غائب ٿي ويندو آهي ته پوءِ ...... ته پوءِ ڪوچ ڪرڻ جي هَڪَل ضرور ٿيندي آهي.

جڏهن سانوڻ وري ڳالهايو، تڏهن ائين ٿي ڀانيو، چڻ هن ۾ ڪو نئون روح وارد ٿيڻ لڳو هو. هن جي آواز مان ڀاڀوهه ۽ نرمي پَر ڪري اُڏامي ويئي! هو گهڙي وقت پنهنجي همراهن کي هڪ هڪ ڪري هدايتون ڏيندو ويو، جن مان ڪجهه وريام کي سمجهه ۾ آيون، ته ڪجهه بنهه ڪونه آيون.

اوچتو هن سانوڻ جو آواز ٻڌو، جنهن ۾ اهڙي حُجت هئي، جيڪا فقط پنهنجن سان ئي ڪري سگهبي آهي، پر جنهن مان اها ڳالهه به ٻڌندي آهي ته اها حجت حڪم جو درجو رکي ٿي.

” وريام، توکي ۽ ڏاترڏني کي موتي ٽٽي وڃڻو پوندو..... اهو ڪم توتي آهي ته مغلن جي ڪَن تي اها ڳالهه پوي ته شاهي قيدين کي سنڌين نه، پر ترخانن ڇڏايو آهي..... ۽ شورش سنڌي نه پر ترخان ڪرڻ وارا آهن..... ۽ اهو به ته ترخانن جو وڏو لشڪر سيوهڻ کان ٽٽي تي چڙهڻ وارو آهي ته جيئن خسرو خان چرڪس، مرزا عبدالعليءَ جي نالي ۾ ٽٽي تي قبضو ڪري! “

سانوڻ گهڙيءَ لاءِ وريام جي اکين ۾ نهاريندي، وري چيو: ” ۽ وريام، ڀائو! **سنڌ لاءِ رڳو بهادري نه، پر عقل ۽ مَت به ڪم آڻڻي پوندي.....! هاڻ سنڌ کي پرتئو! “**

وريام جي دل ۾ عجيب احساس ڪَر موڙڻ لڳو ته سانوڻ چڻ ته هن کي اعتبار جي امانت ڏيئي ڇڏي هئي، ۽ ان امانت جي سنڀال ڪرڻ لاءِ هن کي جيڪڏهن پنهنجو ساهه به گهورڻو پيو ته به سنڌ تان صدقي ٿيڻ جو بهانو ملي پوندو.*

(10)

رات جي ڪُڪ ۾ ڪُهرام متل هو. هري هري تي سمورا تارا جهُرندا جهَڪا ٿيندا ويا. اُماس جي اوندهه ۾ ڪا باک ڦٽڻ لڳي هئي. نُوري آسمان ۾ اکيون وجهي، پرهه ڦٽڻ جو انتظار ڪندي ٿڪجي پئي هئي، پر ننڊ هن جي نيڻن کان ڪوهين ڏور هئي. هن جو اکيون ڇڻ ته ننڊ وڃائي ويٺيون هيون. هن کي اوندهه کان ايترو ڊپ نٿي ٿيو، جيترو ننڊ کان! اوندهه هن کان پنهنجي جيجل کسي ورتي هئي، ۽ ننڊ هن کي انسانن جي اندر لڪل وحشي بگهڙن جي وجود کان واقف ڪيو هو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن جي اکين جيڪي ڏٺو هو، سو توهر بڻجي هن جي ماڻڪين ۾ ٿنبجي پيو هو، ۽ جڏهن اکيون ٿڪجي بند ٿيڻ لڳنديون هيون ته وري ڪنهن نئين واردات کان اُمالڪ پٽجي ويندي هيون. هن وري ڪڙندڙ جهَڪي ٿيندڙ تاري جي مَرندڙ ترورن جي پويان ڪجهه ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان وقت پر واري ڪٽ تان ايندڙ سڏڪن جي آواز هن کي ڇرڪائي ڇڏيو.....

” امان جاني.... امان جاني! “ ننڍڙي ٻالڪ ننڊ ۾ سڏڪندي پڻ پڻ ڪئي.

هو پنهنجي کٽ تان اُٿي، پر واري کٽ تائين آئي، ۽ ٻارڙي جي ڇاتيءَ تي ٿڦڪيون ڏئي، هن کي سمهارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. پر هن جي اوپرن هٿن ڪيس هيڪاري جاڳائي وڌو، ۽ وڏي آواز سان ڊنيڪڻ لڳو.

” امان جاني..... امان جاني! “

هن جي روئڻ تي، هن جي پر ۾ ستل نينگر به جاڳي پيو. نينگر اٺن نون سالن جي عمر جو هو، پر بدن ۾ اهڙو پريل هو جو ٻارنهن تيرهن ورهين جو ڇوڪراٽ ٿي لڳو.

” ڪنيز هن کي چپ ڪراءِ، اسان جي آرام ۾ خلل ٿو پوي! ۽ هن کي سمجهاءِ ته حضور مرزا قيصر بيگ جا شهزادا روئيندا نه آهن! “ ڇوڪري پنهنجي آواز ۾، ننڍا ڪرائي هوندي به، رعب تاب آڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

نُوري ڪا گهڙي هن کي ڏسندي رهي. هن پنهنجي ڳوٺ جا ٻار به ڏٺا هئا، جيڪي روئندا به هئا ڪلندا به هئا، کيڏ به ڪندا هئا، تنگ به ڪندا هئا، ڪپڙي لٽي پائڻ ۾ مائرن يا پينرن کي تنگ به ڪندا هئا، هڪ ٻئي کي دڙڪا دهمان به ڏيندا هئا، کيڏندي ڪلندي ڪُڏندي وڙهندا به هئا، پر منجهن هڪ خاص ڳالهه هوندي هئي، جنهن جو احساس هن کي فقط هاڻ ٿيو هو: منجهن معصوميت هئي، اڻ لکو پر منهن تي بکندڙ ماڻهپو هو، هنن ۾ ٻاراڻي هئي جيڪا قدرتي هئي، جنهن ڪانسواءِ هوءَ هنن کي تصور ۾ به آڻي نٿي سگهي. ان جي برعڪس، هي به ٻار هئا، پر منجهن ٻاروڻ نه هو، منجهن معصوميت بدران بناوٽ هئي، سندن کيڏ ۽ ضد به بناوٽي ۽ نرچائي وارو هو، هنن جي منهن مان ماڻهپو نٿي بکيو، سندن منهن تي ڪوبه احساس قدرتي نه هو: جيڪي پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي اڳيان به ٻار نه هئا. جيڪي پنهنجي ماءُ پيءُ جي اڳيان انگل ڪرڻ وقت به ٻار نه هئا. هي ٻار نُوريءَ جي آزمودي جي دائري کان بنهه ٻاهر هئا. انڪري هوءَ هنن کي سمجهڻ، سمجهائڻ ۽ پرچائڻ کان لاچار هئي.

ان مهل پري کان فجر جي ٻانگ جي صدا آئي ته ڇوڪرو هڪدم ٽپ ڏيئي هيٺ لٿو.

” ڪنيز اسين وضو ڪرڻ ٿا گهرون... اسان حضور ابا جان کي پڌائڻ گهرنداسون ته سندن حڪم جي تعميل ۾ اسين ڪابه ڪوتاهي نٿا ڪريون، ۽ اسين نماز لاءِ هنن سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار آهيون! “

نينگر جي آواز تي ٻارڙي اوچتو پنهنجو روئڻ بند ڪري ڇڏيو. نُوري اُتي ئي ويٺي رهي. نينگر جي وڏي آواز ٻالهائڻ تي هڪڙو ڪارو ديو جهڙو حبشي اگهاڙي خنجر سان در کولي اندر هليو آيو. هن نهايت خونخوار نظرن سان نينگر کي گهوريندي چيو: ” ڪنيز هنن کي خاموش رهڻ سيکار، نه ته هنن سان گڏ تنهنجي سر جو به خير ڪونهي! “

حبشيءَ جي آواز ۽ اگهاڙي خنجر جي اولڙي هيڪاري نوريءَ جو ساهه سڪائي ڇڏيو. هن ٿورن ئي ڏينهن اندر جيڪي ڪجهه ڏٺو هو، ان هن کي سيکاري ڇڏيو هو ته اگهاڙو هٿيار پنهنجي اُڃ لاهڻ کانسواءِ واپس مياڻ ۾ موٽي نه ويندو آهي. حبشيءَ جي دڙڪي ۽ خنجر چوڪرن کي به هيسائي ڇڏيو، ۽ هو ٻئي نوريءَ کي چنبڙي پيا. روڄ هنن جي نڙگهٽ اندر ئي گهٽجندو رهيو. ٻئي ٻار ڪرڙيءَ وانگر ڏيي ڪنبيا. وڏي چوڪري جو رعب تاب ۽ حشمت به پَر ڪري اُڏامي ويا.

نوريءَ به ڪنبندي، هيسيل آواز ۾ چيو: ” هاڻ هي نه روئندا، آءٌ هنن کي ماٺ ڪرائيندس. اوهين وري آواز نه ٻڌندا. “

حبشيءَ پهريون ڀيرو نوريءَ کي چتائي ڏٺو، ۽ الائي ڇو هن جي دل پنهنجو ڌڪ گسائي وئي. يا الله، تو هن چوڪريءَ کي ڪيڏو نه حسن بخشي ڇڏيو آهي. هن سوچيو ته هن سموري عمر ارغون سردارن جي حرمن جي نگهباني ڪئي آهي، پر ههڙو حسن، ههڙي سونهن، ههڙي دلڪشي هن ڪڏهن به نه ڏٺي هئي. ڇا غلام به ايڏا دلڪش ٿي سگهن ٿا؟ هن کي بصري جي بازار ۾ وڪامڻ وقت، پنهنجي ڏاڏي جا چيل لفظ ياد اچي ويا: ” **اسين ڪوجها انهيءَ ڪري آهيون، جو غلام آهيون. جڏهن غلاميءَ جا زنجير ڪنجي ٿا وڃن، تڏهن قومن ۾ حسن ۽ دلڪشي به موٽي ايندي آهي!** “

حبشيءَ جي اکين ۾ ڪو ڪُهنو ڏند لهي آيو. هن کي اهو وقت ياد آيو، جڏهن هن کي ٻين سان گڏ زنجيرن ۾ جڪڙي، جهاز ۾ سوار ڪيو هئائون. هن جهاز ۾ پنهنجي ساٿي غلامن سان پنهنجي ڏاڏي جي ٻڌايل ڳالهه ڪئي هئي. هن جي ڳالهه جو هن جي ساٿين تي عجيب اثر ٿيو هو. هنن مان ڪنهن چيو هو ته پوءِ ڇونه اسين به آزادي ماڻيون ۽ حسن ۽ دلڪشي ماڻيون! ۽ پوءِ هنن سيني گڏجي، جهاز تي بغاوت ڪري، آزادي حاصل ڪري ورتي هئي. وڙهندي وقت هن کي ائين محسوس ٿيو هو، ڄڻ ته سچ جا ڪرڻا هن جي رت ۾، پنهنجو سمورو حسن اوتي رهيا هئا. جيئن جيئن هو پنهنجي آقائن کي ڪپيندو، وڍيندو، ڪيرائيندو ويو، تيئن تيئن هن جو اهو احساس وڌيڪ اونهو ٿيندو ويو ته هن جي بدصورتي هن جي جسم تان، ڪنهن پراڻي کَل وانگر لهندي ٿي وئي، ۽ هڪ نئين خوبصورت کل ان جي جاءِ وٺندي وئي. سچ جا ڪرڻا هن کي پنهنجو حسن بخشي رهيا هئا. هن جي ڪوجهائي تبديل ٿي رهي هئي.

جڏهن هن ۽ هن جي ساٿين جهاز تي قبضو ڪري، آزادي حاصل ڪئي هئي، تڏهن جهاز جي عيشي تي بيهي، هن وشال سمنڊ مٿان سج جي ڪڙندڙ شعاعن کي مخاطب ٿي رڙ ڪندي چيو هو: ” اي سمنڊ، ڏس اڄ آءٌ به تو وانگر آزاد آهيان! اي سج، ڏس اڄ آءٌ به تو وانگر آزاد آهيان! ۽ آءٌ ايڏو ئي خوبصورت آهيان، جيترو تون خوبصورت آهين! “ هن کي پنهنجا سمورا ساٿي ايترائي سهڻا لڳا، جيترو هو پاڻ سهڻو هو.

۽ پوءِ هنن گڏجي هڪ گيت ڳاتو هو، جنهن جا لفظ، اڳ ڇاتل نه هوندي به، پاڻمرادو هنن جي ويڪرين ڇاتين مان، گونجي اٿيا هئا:

” سچ سهڻو آهي،

– چاڪاڻ تہ آزاد آهي!
سمنڊ سهڻو آهي،
– چاڪاڻ تہ آزاد آهي!
پکي سهڻا آهن،
– چاڪاڻ تہ آزاد آهن!
جبل سهڻا آهن،
– چاڪاڻ تہ آزاد آهن!
ٻيلا سهڻا آهن،
– چاڪاڻ تہ آزاد آهن!
دريا سهڻا آهن،
– چاڪاڻ تہ آزاد آهن!
اسين سهڻا آهيون،
– چاڪاڻ تہ اسين آزاد آهيون!
– چاڪاڻ تہ اسين آزاد آهيون!

پر پوءِ، جڏهن هو بصري پهتا، ۽ هنن جي آقائن ۽ خريدارن جي محافظ آقائن، پنهنجي ٻين غلامن ۽ لشڪرين جي مدد سان، هنن کي وري غلام بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن هو ائين وڙهيا هئا، ڄڻ پهاڙ وڙهي رهيا هئا، ڄڻ سج وڙهي رهيا هئا، ڄڻ سمنڊ وڙهي رهيا هئا! هڪ هڪ تي هن جا ساٿي ڪرندا ويا. لشڪرين جي ڪٽڪ اڳيان هي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا، سَنگن وانگر لٽجندا ويا!
جڏهن هن کي وري زنجيرن ۾ جڪڙي امير جي اڳيان آندائون، تڏهن هن کان پڇيو هئائون: ” تو بغاوت ڇو ڪئي؟ “
” غلام بغاوت ڇو ڪندا آهن؟ “ هن ڄڻ پاڻ کان سوال ڪيو.
” اهوئي تہ توکان پڇون ٿا تہ غلام ٿي ڪري تو ڇو بغاوت ڪئي؟ “
” مون سونهن حاصل ڪرڻ ٿي گهري، ۽ مون ڏٺو آهي تہ آزاديءَ سان ڪوجهائي ختم ٿي ويندي آهي! “

۽ پوءِ هن کي هميشہ لاءِ ڪوجهو ڪرڻ لاءِ جڏهن هن جي مردانگي هن کان کسي ورتائون، ۽ کيس خواجہ سرا جو لقب ڏنائون، تڏهن هن کي هيڪاري وڌيڪ يقين ٿي ويو تہ آزادي سونهن آهي، آزادي مردانگي آهي. آزادي کسڻ سان انسانن کي هميشہ لاءِ اندران ٽوڙي ڀاهران، ڪوجهو بنائڻ آقائن جو دستور آهي!

۽ هن وري هن سنڌي نينگِريءَ ڏانهن ڏٺو: شايد سنڌي واحد قوم آهن جيڪي غلام هوندي به سهڻا آهن! هن جي دل چيو ته هن چوڏهينءَ جي چنڊ کان به خوبصورت وينگس کان پڇي ته تون غلام هوندي به ايڏي سهڻي ڇو آهين؟

۽ پوءِ هن خنجر وري پنهجي مياڻ ۾ وجهي ڇڏيو، ۽ هوريان چيائين "تون هنن کي مات ڪراءِ نه ته .... " هن جي دڙڪي ۾ هاڻ اها ڪاٽ نه هئي، اها خنجر جي اگهاڙي ڌار نه هئي، ۽ هو ائين ئي پٺ پٺ ڪندو ٻاهر هليو ويو.

نُوري ڪا گهڙي، هن حبشيءَ کي ويندي ڏسندي رهي. ڊپ کان هن جي بدن جي رڳڻي جڏهن جهڪي ٿي، تڏهن هن وري ڇوڪرن ڏانهن نهاريو. جيڪي اجا تائين هن جي ٽنگن سان چنبڙيا پيا هئا. هنن ٻارن سان هن جو ڪوبه رشتو ناتو ڪونه هو، پر تڏهن به حبشيءَ جي خنجر ۾، هنن جي موت جا امڪان ڏسي، هوءَ دهلجي ويئي هئي، ڊڄي ويئي هئي، ۽ ڪهڪاءَ کان هنن کي پنهنجي ٻاڪر ۾ پناهه ڏيڻ جو جذبو الائي ڪٿان ۽ ڪيئن هن جي دل ۾ پيدا ٿيو هو. اهو ان جي باوجود ٿيو هو ته اهي ڇوڪرا مرزا قيصر بيگ جا پٽ هئا، جنهن جي اشاري تي، هن جي ماءُ ۽ هن جا سوٽ ماسات ٻالن جو ٻَڪُ ٿيا هئا. هن کي اها رات ياد آئي، جڏهن هن جي ڳوٺ تي ڌاڙو لڳو هو .... *

(11)

هنن جي دنيا ڏاڍي مختصر، ڏاڍي مانيٽي، ڏاڍي ساڃهه واري هئي. اٺ ڏهه گهر مس هئا، جيڪي ڏاڏاٽي يا ناناٽي سڳ سان پاڻ ۾ موتين وانگر پوتل هئا. هنن جو خوشيون به گڏيل هيون، هنن جا غم به گڏيل هئا. هنن جون محبتون به گڏيل هيون ته دشمنيون به گڏيل هيون. رڳو ننڍن نيٽن جي دشمنين ۾ هڪڙي نئين دشمنيءَ نئين سر منهن ڪڍيو هو، اها دشمني هئي مغلن جي خلاف. اها دشمني هڪ اڳين دشمنيءَ جو نئون روپ هئي. اڳين دشمني ترخانن لاءِ هئي، ۽ هاڻ ان جو روپ مغلن جي دشمنيءَ ورتو هو. پر اها دشمني به ڇڻ ته ذاتي به هئي خانداني به: جنهن ۾ اها ڳالهه وڌيڪ نمايان هئي ته جڏهن به ترخانن يا مغلن جي ڳالهه نڪرندي هئي ته پنهنجا ذاتي جهيڙا جهٽا ۽ تڪرار ختم ٿي ويندا هئا.

نُوريءَ کي ياد آيو ته سندس ماسات خيرل جي گهوڙي، ” چنبيليءَ “ جي هاڪ سڄيءَ سنڌ ۾ ڦهليل هئي. ڪتان ڪتان جا ماڻهو رڳو گهوڙيءَ کي ڏسڻ لاءِ اچي مهمان ٿيندا هئا، ۽ پوءِ اوطاقن ۾ گهوڙن جي نسلن– ۽ خاص طرح سنڌ جي گهوڙن– تي سُگهڙ سچيون سچيون راتيون پيا بيت ۽ پروليون ڏيندا هئا. سڪندر جي گهوڙي ” بوسيفل “ کان دولهه دريا خان جي گهوڙي ” ملوڪ “ تائين، گهوڙن جا شجرا بيتن ۾ بيان ٿيندا هئا. خيرل ته پنهنجي گهوڙيءَ جو مَٽ جَنتي گهوڙن کان به مٿاهون پائيندو هو، ۽ جڏهن هو ٺٽي جي پير سڪندريءَ واري گوءِ کٽي آيو، تڏهن ته هيڪاري هن جو مانُ ايڏو مٿاهون ٿيو، جو ماڻهو پوڳ ڪري چوندا هئس ته خيرل ته شادي به چنبيليءَ سان ڪندو، جو رات ڏينهن پيو چنبيليءَ جي ٽهل ٽڪور ڪري!

پوءِ جڏهن ٺٽي جي عامل جا ماڻهو شهنشاهه جهانگير لاءِ گهوڙِي ڏسڻ آيا، تڏهن ته هنن جو ڳوٺ ڇڻ ته سنڌ جو مرڪز بڻجي ويو. سيوهڻ مان ترخانن، بکر مان سيدن ۽ چانڊڪا مان اميرخانين ايلچي موڪليا ته گهوڙي اسان کي ڏيو ته شهنشاهه کي پيش ڪريون: قيمت جيڪا خيرل چوندو، سا کيس ملندي. ٺٽي جي عامل ته پنهنجو خاص ماڻهو– قيصر بيگ– موڪليو ته گهوڙي ڪاهي اچي. خيرل اصل، ڪنهن جي ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه هو. ڳالهه وڃي لاهور پهتي. جهانگير جا خاص ماڻهو گهوڙي ڏسڻ آيا. وڏي دربار لڳي. پنوهرن جي چڱي مڙس جنهن اهو مامرو پنچائت جي اڳيان اڇلي وڌو، ته به خيرل اصل ” ها “ نه ڪئي. پنهنجي پير مرشد سائين چڱي ڏني شاهه جو به چيو نه ڪيائين. نيٺ ٺٽي جي عامل سپاهين جو شاهي دستو موڪلي ڏنو ته خيرل قيمت وٺڻ تي راضي نه ٿئي، ته گهوڙي زوريءَ ڪاهي اچن.

ان رات سڄي ڳوٺ جو ساهه مُٺ ۾ هو. چوڏاري ڳوٺ کي مغل لشڪرين گهيرو ڪري ورتو هو. ڪنهن کي به ڳوٺ مان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نه هئي. نه وري ڪو ڳوٺ ۾ اندر داخل ٿي ٿي سگهيو. خيرل کي سمجهائڻ لاءِ وري پنچائت ويٺي. مرشد جو خليفو پاڻ به هلي ملي آيو مغلن جي سفارش لاءِ: پر خيرل وٽ گهوڙو پڌڻ نه ڏنو. مغلن دڙڪو ڏنو ته اسين ڳوٺ کي باهه ڏيئي حملو ڪري، گهوڙي ڪاهي

ويندا سون! پر ان جو خيرل تي اثر خير ڪي ٿيو. هن فقط ايترو ئي چيو ته ” گھوڙي منهنجي آهي، زوريءَ يا لالچ سان گھوڙي هرگز نه ڏيندس! “

مغلن کي ڪاوڙ ته ڏاڍي هئي. هو سنڌ جا حاڪم هئا، سنڌي هنن جي رعيت هئا. رعيت جي اها مجال جو پنهنجي وهٽن کي، مغلن جي حڪم جي باوجود، سندن خدمت ۾ پيش نه ڪن! پر چيائون ٿي ته گھوڙيءَ جي هاڪ پڌي خود ملڪ اعظم نورجهان ضد ڪيو هو ته گھوڙي ڪيس پيش ڪئي وڃي.

جڏهن پنچائت جي فيصلي تي به خيرل نه بيٺو، تڏهن مغلن آخرڪار گھوڙي زوريءَ ڪاهڻ جو فيصلو ڪيو. سؤ کن مغل لشڪري، نما شام جو پالا اُلارينڊا ڳوٺ ۾ داخل ٿيا. هنن جي اڳيان ڪابه رنڊڪ نه هئي. مغل ڪجھه شڪيا ته ضرور ڪا ڪيڏ رٿيل هئي. هنن جي تجربي هنن کي ٻڌايو ته ڪنهن به سنڌي ڳوٺ تي چڙهڻ سولو نه هو. ننڍا نيٺا جوان مئي مارائي ڪانسواءِ ڳوٺن تي قبضو ڪرڻ نه ڏيندا هئا. تعداد ۾ ٿورا هوندي به ائين وڙهندا هئا، ڄڻ بکئي شينهن پنهنجي ڄُر جي حفاظت ٿي ڪئي. پر اڄ ڳوٺ جا سمورا مرد پنهنجي پنهنجي ويڙهي اڳيان خاموش بت بڻيا بيٺا هئا. ڪنهن به مغلن سان اٽڪڻ جي ڪوشش نه ڪئي، ۽ هو سڌا اچي خيرل جي ڪُرڙهه تي بيٺا. خيرل جي ڪُرڙهه ۾ به مڪمل ماٺ هئي. خيرل به اُتي ڪونه هو، نه ئي ڪو سندس سنگتي ساٿي موجود هو. البت چنبيلي اُتي موجود هئي، پر سندس خوبصورت مُنڊي ڏڙ ڪان ڌار هئي. ......!

مغل جيئن آيا، تيئن واپس وريا. هنن کي سنڌين جو هيءُ ضد بنهه سمجهه ۾ نه آيو. شهنشاهه جي حڪم تي خيرل کي اشرفين جي خزين جي آڇ ڪئي وئي هئي، پر خيرل اشرفين جي خزين وٽڻ بدران پنهنجي اهڙي سونهاري گھوڙيءَ کي پنهنجي هٿن سان ڪُهي ڇڏيو. هي سنڌي پڪ ئي پڪ عقل جا انڌا آهن! پر هاڻ هو نورجهان بيگم کي ڪهڙو جواب ڏيندا؟ ان تي سوچيندا، مغل موٽي ويا!

ان جي ٽئين ڏينهن ڳوٺ تي ڌاڙو لڳو. ڀتون ڀڙل ويهارو مڙسن جو، ڳوٺ تي ڪاهي آيو. گھوڙن جي هٺڪارن، ڪهاڙين، ڀالن ۽ ٻرڇين جي آوازن تي نُوري ۽ سندس ماءُ چرڪ ڀري اُٿي ويٺيون هيون. نوريءَ جي اکين آڏو، هڪڙو ڀالو ماڻس جي ڇاتيءَ کي چيهون چيهون ڪندو ويو، ۽ هن جي جيجل ماءُ جي وات مان ڪلمو به چيرجي نڪتو هو. هوءَ ڊوڙي ماءُ ڏانهن آئي، ۽ ڪٽي ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريائين: ” امان .... منهنجي جيجل امان! “ هوءَ سڏڪن سان ماءُ کي هنج ۾ لوڏيندي رهي. پر پوءِ هڪڙي مڙسالي هن جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، هن کي ڇڪي اٿاريو، ۽ ٻئي هٿ سان خنجر جي ڇهنب هن جي نڙيءَ تي ڪٽي رکيائين. ان وقت به هن کي پنهنجي مرڻ جو ڪو خيال نه هو. هن ڇڪ ڏيئي، پاڻ ڇڏائي، وري پنهنجي جيجل ڏانهن موٽڻ تي گھريو. ان ڇڪ ۾ هن جي نڙيءَ ۾ خنجر جي ڇهنب سان ڇهڪ اچي ويو، ۽ رت لار ڪري، هن جي چولي کي پسائڻ لڳو. پر هن کي ان زخم جو ڪو احساس نه ٿيو. هن جو دماغ هر احساس کان وانجھو هو، سواءِ ان احساس جي ته هن جي منڙي امڙ هن جي اکين اڳيان، ڪُسي وئي هئي. هن وري ماءُ ڏانهن رومڙ ڪئي، ۽ ائين ڪندي هن مڙسالي جي هٿ ۾ خنجر اُبو ٿيندي، پاڻ ڏانهن ايندو ڀانيو. پر ان وقت پريان ڪنهن فارسيءَ ۾ رڙ ڪري ڪجھه چيو، جيڪو هوءَ سمجهي نه سگهي. اُلاريل هٿ روڪجي ويو. خنجر مياڻ ۾ هليو ويو، ۽ ان جي بدران، هن مڙسالي، هن جي وارن کان ڇڪي، هن جي منهن ۾ ڏٺو. گهڙيءَ لاءِ هن جي هيسيل اکين، انهيءَ مڙسالي جي منهن ۽ اکين ۾ نهاريو: ٻٽ ڀڙل هئڻ ڪري، فقط هن جون اکيون ئي نظر آيون. انهن اکين ۾ ديد ڪنهن بگهڙ جي ديد هئي: انسانن جي اکين ۾ هن ڪڏهن به اهڙي ديد نه ڏٺي هئي. شَيرين اکين جي وچ ۾ نِيرين پتلين ۾ رت جا ڏورا ڄڻ ٻاهر نڪرڻ تي هئا. انهن اکين ۾ جيڪي ڪجھه هو، تنهن کي ڏسي ڀهريون ڀيرو نوريءَ جي نَس نَس ۾ ڊپ ويڙهجي ويو، ۽ هوءَ انهيءَ ڊپ کان ٿڙڪڻ لڳي. ڪنهن اڄاتي اُمالڪ احساس هيٺ، هن مڙسالي کي ڌڪو ڏنو. هو آٿڙجي پويان ڪريو، ۽ هوءَ دروازي ڏانهن ڀڳي، پر در تي ڀتون

ٻڌل ۽ ٻيا مڙسالا خنجر هٿن ۾، جڻ هن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. اُن وقت نُوريءَ پهريون ڀيرو رڙ ڪئي، اهڙي رڙ جيڪا هوءَ ڪجهه وقت تائين وساري نه سگهي. اها رڙ هن جي روح مان روڙجي نڪتي هئي. ان رڙ ۾ ڪي به لفظ نه هئا، پر اها رڙ سڄي ڳوٺ جي رڙ بڻجي پُرڻ لڳي.

هن جي ٻنهي ٻانهن کي رسي سان ٻڌي، هن جي چيلهه ۾ به ڪٽي رسو ٻڌائون، پر هن ائين ڀانيو جڻ ته هن جو سڄو بدن ساڻو ۽ سُن ٿي ويو هو. هن کي ڪنهن به ايذاءَ جو احساس نه هو. هن جي ڳچيءَ جي زخم ۾ رڳو ڏنئون ڏنئون پئي ٿي، پر ان ۾ به ايذاءَ جو احساس نه ٿي ڀانيائين. هاڻ ته هن کي پنهنجي مٽي جيجل به ياد نه هئي. جيڪڏهن ڪو احساس هوس ته اهو ته پراين مڙسالن جي اکيان هوءَ مٿي اگهاڙي هئي، ۽ هن جي ڇاتي گنديءَ سان ڍڪيل نه هئي، ۽ رڪي رڪي اهي پرايا مڙسالا هن کي گهور پائي ڏسندا ٿي رهيا، پاڻ ۾ سُس پُس ڪندا ٿي رهيا، جن جي ٻولي هن نه ٿي سمجهي. ڌارين جي انهن اگهاڙين نظرن ۾، هن پاڻ کي ننگو ٿي محسوس ڪيو. جڏهن هڪڙي مڙسالي هن کي ڪلهن وٽان ڪٽي گهوڙي تي ويهاريو، تڏهن ته هيڪاري هن جو اهو احساس ڪيس وڌيڪ ڪائڻ لڳو. گهوڙي تي وهڻ کان ڪجهه وقت کان پوءِ به، هن کي اهي ڌاريان هٿ پنهنجي بدن ۾ کُتل ٿي محسوس ٿيا.

جڏهن هن کي ٺٽي آندائون ۽ قيصر بيگ جي سامهون، سندس رسا کوليائون، تڏهن هن سندن گفتگوءَ جو فقط هڪ لفظ سمجهيو، جيڪو قيصر بيگ، هن جي ڪاڏي مٿي ڪندي، سندس منهن ۾ گهوريندي چيو: " سبحان الله! "

جڏهن ٻيا هليا ويا، تڏهن وري قيصر بيگ، اُٿي بيٺو ۽ ڪڏهن پري کان، ڪڏهن ويجهو اچي، هن کي جاچيندو، نهاريندو رهيو. هن جي منهن تي سرهائيءَ سان گڏ حيرت به هئي، ۽ هن وري هڪڙو ڀيرو چيو: " سبحان الله! " ٿوري دير کان پوءِ تاڙي وڄايائين ته هڪڙي هن جيڏي ڇوڪري، اندر اچي ادب سان بيهي رهي. قيصر بيگ هن کي فارسيءَ ۾ ڪو حڪم ڏنو، ۽ هن ڇوڪريءَ فقط " بلي آقا! " جا لفظ اچاريا.

ڇوڪريءَ هن کي پاڻ سان هلڻ جو اشارو ڏنو، ۽ هوءَ بنان ڪجهه سمجهڻ جي هن سان گڏ هلي آئي. هوءَ هن کي هڪڙي سجايل ڪمري ۾ وٺي آئي. هن سڄي ڄمار اهڙو ڪمرو ڏسڻ ته ڇا تصور ۾ به نه آندو هو. هتي ته هر شيءِ جڻ بخمل ۽ ريشم جي ٺهيل هئي. پٽ تي غاليچو وڇايل هو، جنهن ۾ هن جا پير اندر گهڙندا ٿي ويا، ۽ هوءَ ٿاٻڙجندي بچي. سامهون هڪ شاهي پلنگ تي ڪيمخواب جي طول وهاڻي تي ٽيڪ ڏيو، هڪ مائي ويٺي هئي. هن جو سمورو بدن گلابي ريشم جي پهراڻ سان ڍڪيل هو، جنهن مان هن جو بدن پئي نظر آيو. ٻه ننديون نيٽيون ڇوڪريون، هن جي پلنگ وٽ ، گوڏا کوڙيو ويٺيون هيون. پلنگ جي سيرانديءَ کان، هڪڙي ٻي جوان ڇوڪري، ريشمي جهالر وارو پکو جهُلي رهي هئي.

هن جي اچڻ تي، مائيءَ رڳو اک جي اشاري سان هن سان گڏ آيل ڇوڪريءَ کان ڪجهه پڇيو. ڇوڪريءَ فارسيءَ ۾ ڪجهه چئي ادب سان پوئتي هٽي بيهي رهي. ان وقت مائي اٿي ويهي رهي ۽ گهور ڪري هن کي ڏسڻ، جاچڻ لڳي. هن جي اکين ۾ ڪابه سرهائي نه هئي، البت حيرت ضرور هئي. اوچتو مائيءَ ڪجهه چيو، پر نُوريءَ کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. مائيءَ هيٺ ويٺل ڇوڪرين مان هڪڙيءَ کي ڪجهه چيو. هن ڇوڪريءَ هن ڏانهن مهاڙ ڪري چيو: ”خانم پڇي ٿي ته فارسي نه ٿي اچئي ڇا؟“ هن رڳو ڪنڌ ڌوڻي نهڪر ڪئي.

" نالو ڇا اٿئي؟ "

هوءَ منجهي پئي. هنن کي چا ٻڌائي ته فقط چار پهر اڳ هوءَ نُوري هئي، جنهن جي هڪ ماءُ هئي، جيڪا هن کي ايترو پيائيندي هئي، جو چڻ ڪيس دل ۾ جاءِ ڏيڻ تي گهريائين، جنهن جو هڪ پيءُ هو، جيڪو هن جي وِڪ وِڪ تان ٻلهار ٿيندو هو، هن کي پنهنجا سوٽ ماسات هئا، جن سان انگل آرا ڪري، هوءَ ڏينهن رات وساري ويهندي هئي، هن جو پنهنجو ڳوٺ هو، جنهن جا لاڪيٽا ماڻهو پيار محبت ۽ ماڻهپي ڪانسواءِ ڪجهه ڪين ڄاڻندا هئا. اڄ هوءَ اها نوري ته ڪانه هئي. اڄ هوءَ بندياڻي هئي، جنهنجو سڀ ڪجهه کسجي چڪو هو. هوءَ ڪيئن چوي ته هن جو نالو نوري هو! نوري نالو ته انهن سمورن رشتن ناتن جو نالو هو. انهن ڪانسواءِ ته هوءَ ڪجهه به نه هئي.

هن ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

” تون گونگي آهين ڇا؟ “

هن وري به ڪو جواب ڪونه ڏنو.

مائيءَ جي نظر هن کي گهوريندي رهي، ۽ پوءِ هن ڇوڪريءَ کي وري ڪجهه تڪڙو تڪڙو چيو.

هوءَ ڇوڪري وڏي هن وٽ آئي، ۽ ڪاڏيءَ کي مٿي ڪري، هن جي ڳچيءَ تي زخم کي ڏٺائين. هن جي چولي جو ڇاتيءَ وارو سڄو حصو ڇهچ ڳاڙهي رت سان ريٽو ٿي، هن جي بدن سان چنبڙي پيو هو.

” آئي، تنهنجي ته سڄي سِسي وڏي پئي آهي! “

ان وقت جيڪي ڪجهه هن سان ٿيو هو، هڪ واچوڙي وانگر هن جي اکين، پرن ۽ لوڻن ۾ پوسرڻ لڳو. هڪڙو سڏڪو هن جي اندارن، الائي ڪٿان، ڪنهن اونهائيءَ مان اٿيو، ۽ هن جي ڳچيءَ جي زخم ۾ ٿڪڻ لڳو. هن جي اکين اڳيان ڪارا ڳاڙها ساوا ترورا، پاچولن وانگر ترڻ لڳا، ۽ انهن ترورن ۾ هن کي پنهنجي جيجل ماءُ جي پالي سان چڙيل سسي نظر آئي. هن جي مغز ۾ پهرين رڳو هلڪي گهومات محسوس ٿي، ۽ هن هٿ وڌائي، ڇوڪريءَ جي ڪلهي کي جهلي، پاڻ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هوءَ پوءِ به پاڻ سنڀالي نه سگهي، ۽ اتي ئي ڍرڪي پئي ۽ ڏندڙجي ويئي.

جڏهن هوءَ هوش ۾ آئي، تڏهن هن ائين سمجهيو ته هوءَ ڪنهن اهڙي هنڌ پئي آهي، جتي مختلف پکي چرپر لايو ويٺا آهن، اهڙا پکي جن جون لاتيون هن لاءِ بلڪل اوپريون هيون. هري هري ٿي، هن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته اهي پکي نه، پر زائفائون هيون، جيڪي اوپري ٻوليءَ ۾ ڪنهن ڳالهه تي بحث لايو ويٺيون هيون. جڏهن هن اکيون کوليون، تڏهن هن جي پهرين نظر اُن ڇوڪريءَ تي پئي، جنهن هن سان سنڌي ڳالهائي هئي. ڇوڪريءَ به هن کي سجاڳ ٿيندي ڏسي ورتو، ۽ هوءَ ٽپ ڏيئي اچي وٽس پهتي.

” مائي، اسان ته سمجهيو ته هاڻ وڃي الله کي پرتيئن! “

” توهين ڪير آهيو؟ “ هن جهيڻي آواز ۾ پڇ پڇ ڪئي. هن جي آواز تي سموريون ڇوڪريون اچي هن جي کٽ تي ڳاهٽ ٿيون. هن اهو پانيو ته هو هن کي عجيب نظرن سان ڏسي رهيون هيون: انهن نظرن ۾ حسد هو، نفرت هئي، حيرت هئي، پر هڪ اڻ- لکي حسرت به هئي.

” اسين حضور مرزا قيصر بيگ جي حرم جون ڪنيزون آهيون! “ سنڌي ڳالهائڻ واري ڇوڪريءَ چيو.

” ڪنيزون ڇا ٿينديون آهن؟ “

” ڪنيزون؟ ..... ها، شايد سنڌيءَ ۾ انهن کي ٻانهيون چئبو آهي. “

” ٻانهيون ته راڻين وٽ هونديون آهن ..... “

” ها، راڻين وٽ به ٿينديون آهن ..... ! “ ڇوڪري پاڻ به منجهي پئي.

” پوءِ اوهين ڪيئن ٻانهيون ٿيون .....؟! “ هن معصوميت منجهان سوال ڪيو.

ڪا گهڙي هوءَ نينگر چپ ٿي ويئي. هن جي اکين ۾ هڪ عجيب ڏک جو پاڇولو لهي آيو: چڻ هن کي ڪا ڳالهه ياد اچي ويئي.

” حضور مرزا اسان کي قندار جي بازار ۾ خريد ڪيو هو..... سو هاڻ اسين هن جي ملڪيت آهيون. جيڪي ائين وڪامنديون آهن، تن کي ڪنيزون چئبو آهي! “

هن کان چرڪ نڪري ويو. هوءَ امالڪ اُٿي ويهي رهي. ” ڇا بازارن ۾ ماڻهو به وڪامندا آهن؟ انسان انسانن کي ڪيئن وڪڻندا هوندا؟! “ هن ڇڻ پنهنجي پاڻ کان سوال ڪيو.

هن نُوريءَ کي ڇتائي ڏٺو پر هن جي اکين ۾ بي اعتباري ۽ معصوميت کانسواءِ ڪجهه ڪونه هو. هن سوچيو ته هن کي ڪيئن سمجهائي سگهندي. هن جي ٻوليءَ ۾ شايد اهڙا لفظ ئي نه هجن، جنهن سان هوءَ پنهنجو مطلب هن کي سمجهائي سگهي. پر پوءِ هن کي هوريان هوريان غاصبن ۽ سوداگرن، جنگين ۽ مال غنيمت جا داستان ويهي ٻڌايا. هيءَ ان زماني جي ڳالهه هئي، جڏهن هڪڙن انسانن جو پورهيو، ٻين انسانن جي ملڪيت بڻجي ويو، ۽ انساني رشتن ۾ آقا ۽ غلام جو تصور پيدا ٿيو، ۽ پوءِ جڏهن انسانن نئين رشتي، نئين تصور کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو، تڏهن نئين طاقت جي نشي ۾ چُور آقائن، چند سِڪن، چند غلامن، چند ڪنيزن جي ڏڪڻا ڏيئي، پندتن، پروهتن، پادرين ۽ مُلن کان اها فتوا ورتي، اها سَند حاصل ڪئي ته انسان ازل کان آقا ۽ غلام جي رشتي ۾ ٻڌل آهي، ۽ انهيءَ رشتي کي قائم رکڻ ۾ ئي خدا جي خوشنودي آهي. انهيءَ تصور جا مخالف خدا سان بغاوت جا ڏوهاري آهن. هنن جي سزا ٽياس تي ٽنگجڻ آهي. جڏهن ٽياس تي ٽنگجڻ وارا گهٽجندا ويا، تڏهن انهيءَ نئين رشتي ڦهلجڻ شروع ڪيو، ۽ هڪ ماڻهوءَ کان هڪ ڪٽنب، هڪ ڪٽنب کان هڪ قوم تائين آقائن ۽ غلامن جي ورهاست ٿيڻ لڳي. انسان وڪامڻ لڳو، ۽ انهيءَ وڪري جو ڪٽيو ڪائيندڙن وري به پندتن، پروهتن، پادرين ۽ مُلن جي فتوائن جي مدد سان فاتح ۽ مفتوح، حاڪم ۽ محڪوم قومن جي نئين رشتي جو نئون سرشتو قائم ڪيو. جيڪو ڏاڍو سو ڳابو– ٿي ته ويو، پر ان ڳابي کي ڏائڻ وارن هميشه ڏاڍن جو ساٿ ڏنو. ائين جڏهن يونانين ايرانين کي فتح ڪيو ته ايراني غلام ۽ ڪنيزون بازارن ۾ وڪامڻ لڳا. جڏهن عربن ايران ۽ سنڌ کي فتح ڪيو، تڏهن بغداد ۽ دمشق جي بازارن ۾ ايراني ۽ سنڌي غلام ۽ ڪنيزون وڪامڻ لڳا. جڏهن تاتارين بغداد کي تاراج ڪيو، تڏهن عرب غلام ۽ ڪنيزون وڪاڻيون ۽ پوءِ جڏهن شهنشاهه هند جي نالي ۾ قنڌار کي مرزا غازي بيگ تاراج ڪيو، تڏهن هوءَ پنهنجي سموري قبيلي جي نوجوان ڇوڪرين سان گڏ قنڌار جي بازار ۾ ارغون سوداگرن جي هٿ وڪاڻي، فقط ويهن اشرفين جي عيوض! پوءِ هن کي ٺٽي جي بازار منجهان مرزا قيصر بيگ چاليهن اشرفين ۾ خريد ڪيو هو، ۽ هوءَ هاڻي هن جي حرم جي ڪنيز هئي! هن جي جسم، جان ۽ روح جو مالڪ مرزا رستم بيگ هو. جيئن وڻيس، تيئن هن کي هلائي، جيئن وڻيس، تيئن هن کي استعمال ڪري!

” ۽ شڪر ڪر ته توتي فقط اهو ڪم آهي ته تون خانم جي خاص ڪنيز آهين، ۽ تنهنجي حوالي، حضور جي فرزندن جي خدمت چاڪري آهي! جيڪڏهن هنن کي خوش رکندينءَ ته انعام اڪرام سان نوازبيئن. پر جيڪڏهن ڪا شڪايت ٿي ته تنهنجي کُل سلامت نه هوندي! “

” ته ڇا تُتي ۾ به پانهين جي بازار آهي، جتي زائفائون وڪامن ٿيون؟! “ نُوريءَ کي اعتبار ئي نٿي آيو.

” هائو، هاٿي ته ارغون سوداگرن سان گڏ مغل سوداگر به غلام ۽ ڪنيزون وڪڻڻ نٽي ايندا آهن، ۽ وڏا واڪ لڳندا آهن ..... “ ڪنيز هن کي يقين ڏياريو.

” زائفائن سان گڏ مڙسالا به وڪامندا آهن ڇا؟ “ هن جي حيرت جيئن پوءِ تيئن وڌندي ويئي.

” تون ته صفا ڪا ٻالي ڀولي آهين. ها، هي ڪارا ديون جهڙا خواجه سرا، ۽ ڪِيرو ساقي به ائين ئي وڪامندا آهن، جيئن اسين وڪامنديون آهيون ...... تون پنهنجي سوچ ته حضور مرزا صاحب توکي پاڻ وٽ ٿو رکي يا بازار ۾ نيلام ٿو ڪري. يا وري سوکڙيءَ طور ٺٽي جي عامل مرزا رستم بيگ کي ٿو ڏينئي ..... مرزا رستم بيگ وٽ وئينءَ ته پوءِ ...... ته پوءِ ...... “ ڪنيز ڳالهه ڪائي وئي.

” ته پوءِ ڇا؟ “ نوريءَ ڪان رهيو نه ٿيو، ۽ سوال ڪري ويٺي. هڪ نئون ڊپ هن جي سَنڌ سَنڌ ۾ اوتجي آيو.

” ڏس نه، ڪنيزون مالڪن جي ملڪيت آهن، هنن جي حرم ۾ شامل آهن. مالڪ جيڪي وڻين، سائن ڪن. جيڪڏهن ڪو آقا خدا ترس آهي، شريعت جو پابند آهي ته پوءِ ڪنيزن مان ٿيندڙ ٻارن کي به نوازي ڇڏيندا آهن! “ ۽ پوءِ آواز کي جهيٽو ڪندي چيائين: ” اسان جو آقا مرزا قيصر بيگ به حضور آنجهاني مرزا باقيءَ جي، هڪ ڪنيز مان ڄاول اولاد آهي ۽ هن کي جيڪا عزت ۽ مرتبو مليو آهي، سو به انهيءَ ناتي جي ڪري ..... ! پر تون ڪو فڪر نه ڪر، حضور مرزا صاحب جن ڪنيزن سان گهٽ دلچسپي ٿا رکن! “ پوءِ هن وڏو ٽهڪ ڏنو. هن جي ٽهڪن ۾ ٻيون ڪنيزون به شامل ٿي ويون.

” پر هاڻ تون پنهنجي باري ۾ به ته ڪجهه ٻڌاءِ ..... تو جهڙي چوڏهين جي چنڊ کي شهنشاهه هند جي حرم کي سينگارڻ گهرجي. تون هتي ڪيئن؟ ۽ هي زخم توکي ڪيئن لڳو؟ “

هن جڏهن سڏڪي سڏڪي سچي روداد ڪنيزن کي ٻڌائي، تڏهن هن ڏٺو ته هنن جي اکين ۾ به لُڙڪ هئا. ڪا گهڙي ماٺ ٿي وئي. ۽ پوءِ سنڌي ڳالهائيندڙ ڪنيز، هن کي ڳراٽڙي پائيندي چيو: ” ڀيڻ، غلام قومن سان ائين ئي ٿيندو آهي ..... توسان جيڪي ٿيو آهي، اهو اسان مان هر هڪ سان ٿي چڪو آهي. تو ته رڳو پنهنجي جيجل وڃائي آهي، اسان جي اکيان ته اسان جا قبيلن جا قبيلا، پيءُ ماءُ پائر ڀينرون، پوڙها، ابهم ٻارڙا- ائين تراڙين ۽ ڀالن جو ٻک ٿيا آهن. اسان ايترو خون وهندي ڏٺو آهي، اسان جي اندر جي انسان تي ايترا گهاوَ رسيل آهن، جو هڪڙو هڪڙو گهاءُ هڪ داستان ٻڌجي سگهي ٿو. تنهنجي ڪڇيءَ تي خنجر جو ڇهڪ آهي، پر اسان جي ته روح ۾ هزارين خنجرن جا ڇهڪ آهن..... “

هوءَ ڳالهائيندي رهي. آواز ڇڻ ته هن جي ڇپن مان نه پر هن جي ڇچريل روح مان ٿي نڪتو. هن جي اکين مان لڙڪ ساوڻ جي مينهن وانگر پئي ٽميا. پر هن جي روئڻ ۾ ڪوبه سڏڪو نه هو. ڪابه اوچنگار نه هئي- فقط هڪ رڙ هئي، هڪ دهڪندڙ چيٽ هئي، جنهن کي ڪو آواز ڪونه هو. فقط لهس هئي، فقط احساس جي چٽنگ هئي، جيڪا هن جي لڙڪن سان به اُجهامي نه سگهي. نوريءَ کي پنهنجو غم به ڇڻ وسري ويو. هيءُ هڪ نئين غم جو احساس هو: ياڳي ياڻيوار غم جو احساس، شريڪ غم جو احساس!

هن هڪ ٿڌو ساهه کڻي چيو: ” مون ته الائي ڇا ڇا ڏٺو، پر هن کي ڏس! “ هن پنهنجي پر ويٺل هڪ ڪنيز کي ڳراٽڙي پائيندي چيو. ” هيءَ هڪڙي قبيلي جي مُکيءَ جي ڌيءُ هئي. نئين نئين شادي ٿي هيس. سال کن مس ٿيو هوس. پر جاڙا پٽڙا ڄڻيائين. اڃا سهانجو به پورو ڪونه ڪيو هئائين ته سندن ڳوٺ تي مرزا غازي بيگ جي سپهه سالار رونشي خاطر حملو ڪيو. هن جي اکين اڳيان هن جي گهوٽ کي، هن جي سهري ۽ سس کي، ڀالا ٽنبي ماريائون..... ۽ پوءِ هن ڏانهن وڌيا..... “

گهڙيءَ لاءِ هوءَ وري ماٺ ٿي ويئي: ائين ٿي ڀانيو ڄڻ ساهه جو ڪو گولو، هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هو، جنهن کي ڳيت ڏيئي، هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين.

” ..... ۽ پوءِ هن ڏانهن وڌيا..... هن جا معصومڙا– اٺن ڏينهن ۽ نون راتين جا ابهم جيتامڙا– ننڍڙي پينگهڙي ۾ ستل هئا. هيءَ انهن ڏانهن ڀڳي..... پر جيسين هوءَ اتي پهتي، تنهن کان اڳ..... سپهه سالار ٺهڪ ڏيندي، هڪڙو ڀالو ٻنهي ۾ ٽنبي ڏٺو، ۽ هو ٻئي جيتامڙا، ٻنا ڀاڪارڻ جي..... ها، هنن چون به ڪانه ڪئي..... ڀالي ۾ ائين ٽنبيل هئا، جيئن سيخ ۾ ڪباب پچائڻ لاءِ ٻوٽيون ٽنبيل هونديون آهن! ..... اهو سڀ ڪجهه هن پنهنجي اکين سان ڏٺو: هوءَ بي اعتباريءَ ۾ رڙ به ڪري نه سگهي، پوءِ جڏهن هن کي اعتبار آيو، ۽ هن جي روح مان ريهه نڪتي، ته اها ريهه به هن جي چپن ۾ ئي چيپاڻجي ويئي..... ۽ ٿي لشڪري، بگهڙن وانگر هن کي چنبڙي پيا..... کلندي، ٺهڪ ڏيندي، هن جي بدن تان ڪپڙا زوريءَ لاٿائون، ۽ پوءِ..... هن الف ننگي، نئين وياڻيل زخمي ماءُ تي..... ٽنهي ڄڻن پنهنجي مردانگيءَ کي ائين آزمايو..... جو جڏهن هن کي اسان جي قافلي ۾ آنڊائون تڏهن رت جا لوٽڙا هن جي سٿرن، گوڏن ۽ مُرين تي ڪِنا ٿيڻ لڳا هئا؛ رت هن جي پيرن جي آڱرين جي وٿين ۾ ڄمي ويو هو..... ان وقت کان اڄ ڏينهن تائين هن وري هڪ لفظ به نه ڳالهايو آهي، ۽ مشهور آهي ته هيءَ گونگي آهي! “

هن ڀھريون ڀيرو اوڇنگار ڏني، پنهنجي پر ۾ ويٺل ان ڪنيز کي ڀاڪر ۾ ڀيڙي ڇڏيائين. ۽ ٻنهي جي اوڇنگارن نوريءَ جي دل ۾ نئين سر ڀالا ٽنبي ڇڏيا. هن کي الائي ڇا ٿيو، هن وڌي ٻنهي ڪنيزن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀريو، ۽ هن جا پنهنجا سڏڪا، پنهنجون اوڇنگارون هنن جي اوڇنگارن ۾ مليي، هڪ گڏيل مشترڪ ماتم ٻڻجي ويون.

اها رات، هو ڪجھ وقت روئنديون، سڏڪنديون، هڏڪنديون رهيون، پوءِ ڪنيز هڪ ڳالهه ڪئي، جنهن ڳالهه نوريءَ جي دل ۾ نوان ولوڙا وجهي ڇڏيا.

” چري، تنهنجي ته قسمت چڱي آهي جو حضور مرزا صاحب کي ڪنيزن سان وندرڻ جو شوق ڪونهي..... تون ننڍي آهين، ڪنواري آهين! الله سائين توکي ڄڻ ته فرصت ۾ ويهي ٺاهيو آهي. جيڪڏهن حضور مرزا صاحب پاڻ وندرائڻ جو سوچي ها ته تون مهينن جا مهينا خوابگاهه کان ٻاهر جي روشني ڏسڻ کان سِڪي وڃين ها! “

” تنهنجي ٻي خوشقسمتي اها آهي ته توکي ٺٽي جي عامل مرزا رستم بيگ کي سوکڙي طور ڏيڻ بدران اهو سوچيو اٿن ته توکي شهنشاهه هند جي خدمت ۾ ڪنيز طور موڪليو وڃي. اُتي ته تون راڄ ڪنديڻ راڄ! اها ٻي ڳالهه آهي ته تنهنجو حسن ڏسي، ملڪه هند نورجهان بيگم توکي انارڪليءَ وانگر ڀت ۾ چُڻائي ڇڏي يا شهنشاهه جي خوابگاهه ۾ پهچڻ کان اڳ تيزاب سان تنهنجي شڪل ئي بگاڙي ڇڏي..... ! “

” پر جيڪڏهن جهانگير جي نظر توتي پئي ته پوءِ..... ڪهڙي خبر..... تون هن جي دل جي ملڪه ٻڻجي وڃين ۽ ملڪه هند به ٿي وڃين..... پوءِ اسان ساهيڙين کي نه وساري ڇڏجانءِ! راڄ راڻيون رعيت تي نظر وجهڻ وساري ويهنديون آهن، منهنجي ڀيڻ! “

نوريءَ ائين پانيو، ڄڻ هو هن تي ٺٺوليون پيون ڪن. پر ڪا ڳالهه هئي، جنهن هن جي هنئين ۾ هدڪ وجهي ڇڏيو. ۽ هن سندس وات تي هٿ آڻيندي چيو: ” ادي، اهڙي وائي ته نه ڪر! اوڙاهه ۾ وجهه راڄ راڻين کي! دعا ڪر ته الله سائين وڇڙيا ملائي يا موت ڏئي وطن جي مٽي نصيب ڪري!.... مون کي ته ڪو اهڙو ڏس ڏيو جو هن ڪوٽ مان پرَ ڪري اڏامي وڃان، الا، منهنجي ابي جو ڪهڙو حال هوندو؟! پانهن ۾ ڇِڪ وجهي امان لاءِ سُڏڪندو هوندو.... الائي، آءٌ ياد به ته آهيانس ڪين نه! نه نه- مونکي ڪيئن وساريو هوندائين..... “

هوءَ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي رهي. هن جي اکين ۾ لڙڪن جي ڪينجهر ڇُلڪي پئي هئي. اَبي جي ياد هن کي وري جهوري وڌو. سڏڪا هن جي ڇاتيءَ ۾ ويرون پيدا ڪندا رهيا، ۽ ڪنيزون هن جي هيانءَ ۾ مٿل طوفان کي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ محسوس ڪرڻ لڳيون. هڪڙي انسان جو ڏک ٻين جي دفن ٿيل عذابن کي به جاڳائي وجهندو آهي!

ڪنيز وري ڪيس ڳراٽڙي پاتي، ڪا گهڙي هن کي ڇاتيءَ سان لائي، ڄڻ هن جو درد پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندي رهي، پوءِ سندس اٿاهه اونهين اکين ۾ نهارڻ لاءِ، سندس ڪاڏيءَ کي ٻن آڱرين سان مٿي کڻندي، چيائين: ” ڇري مٺان دل لاٿي اٿئي..... اسان کي پيٽ ڪيو اٿئي ته اسين به توکي پينر تي ڏيکاريندييوسون. تو تان قربان ٿي وينديوسون..... جي ڪو وجهه مليو ته توکي هن بنديخاني مان ڪڍي، اسين اهو سمجهنديوسون ته حياتي ٿاب پئي! پر توکي به تيسين هن حويليءَ ۾ ڪنيزن وانگر گهارڻو پوندو. مٺان ڪنهن کي شڪ نه پئجي وڃي..... خانم، توکي اميرزادن جي سنيال سڙي جو حڪم ڏي ته قبول ڪجانءِ.... پوءِ رک الله تي..... ڏٺي مڙئي چڱي ڪندو. “

۽ ائين هوءَ اميرزادن جي ٽهل ٽڪور لاءِ خاص ڪنيز بڻجي ويئي. پر اڄا ٿورائي ڏينهن ٿيا ته خانم هن کي چيو ته شهزادن کي حضور مرزا پاڻ وٽ سڏايو هو، ۽ هنن سان گڏجي وڃي. پهرين ته اها ڳالهه ٻڌندي ئي، هن جي پيٽ ۾ ڊپ ولوڙا وجهي ڇڏيا. هوءَ پراين مڙسالن وٽ ڪيئن ويندي؟ ۽ خبر ناهي ڪير هوندا اُتي؟ ۽ جيڪڏهن هن کي رستم بيگ جي حوالي ڪيائون ته پوءِ....؟ ان ” پوءِ “ هن جي بدن ۾ نئين ٿرٿڪٽي وجهي ڇڏي. هن کي ڪنيزن مرزا رستم بيگ جي خصلتن بابت اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون هيون، جو مرزا رستم بيگ جو تصور ئي هن جا وار ڪانڊاري ڇڏيندو هو. پر جي ٿي انڪار ڪري ته پوءِ هن جي هٿان بچي نڪرڻ جو به ته آسرو ڪونه هو! اهو سوچي، هوءَ جڏهن ڏوليءَ ۾ اميرزادن سان گڏجي، حويليءَ مان نڪتي، تڏهن هن دل ئي دل ۾ اها دعا گهري ته ” يا الله، تون بيواهن جو واهرو آهين، منهنجي واهر ڪجانءِ! “

جڏهن ڏوليءَ وارن ڏوليءَ کي زمين تي رکيو، تڏهن ئي هن کي اوچتو خيال آيو ته مرزا قيصر بيگ پنهنجن پٽن کي اهڙي ويران پڙپانگ جاءِ تي ڪيئن گهرايو هوندو. هوءَ جيسين ان بابت سوچي، تنهن کان اڳ ۾ حبشي، اگهاڙين ترارين سان ڏوليءَ ڏانهن وڌي آيا، ۽ هنن کي لهڻ جو اشارو ڪيائون.

هيٺ لهي وڏي اميرزادي هڪڙي حبشيءَ کي تُرشيءَ مان چيو: ” اسان کي هڪدم حضور ابا جان جي خدمت ۾ وٺي هل.....! “

حبشي ڪا گهڙي هن اڙٻنگ اميرزادي کي ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ لاپرواهيءَ سان چيائين: ” ڪنيز! هنن ٻنهي کي اندر وٺي وڃ..... پر ياد رک ته جيڪڏهن تو يا هنن ڇورن ڪو گوڙ مچايو ته مون کي اهڙو حڪم مليل آهي ته هنن جون سسيون ڌار ڪرڻ ۾ ويرم نه ڪريان! “

نوريءَ حبشيءَ جي اکين ۾ نهارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اُتي سواءِ خونخوار بگهڙ جي نهار ڪانسواءِ ڪجهه نه هو، ۽ هن کي يقين ٿي ويو ته جيڪڏهن هن جو وَس پڄي ته هوند هينئر ئي هو هنن کي اگهاڙي تلوار جو ٻَڪ بڻائي ڇڏي.

هن اشاري سان وڏي اميرزادي کي مات ڪرائي، ۽ ڪين وٺي اندر آئي. هن کي پاڻ تي حيرت هئي ته هن کي پنهنجي جان جو ڪوبہ ڏپ ڏاءُ ڪونہ هو. پر هن کي هنن ابهم ٻارن جي حياتيءَ جو ئي اونو هو. هوءَ ته سمجهي ويئي هئي ته مرزا قيصر بيگ جي نالي تي، سندن دشمنن هن جي پٽن کي هٿي آندو هو. چالاڪِ؟ اهو هن جي سمجهہ کان ٻاهر هو.*

(12)

سنڌ رنگن جو ديس آهي. شايد سنڌ دنيا ۾ اڪيلو ملڪ آهي، جنهن جي ڌرتي توڙي آسمان ۾ ڪائنات جا سمورا رنگ سمايل آهن. وريام جڏهن نماشام جو آسمان ۾ نهاريندو هو ته هن کي ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ ته اندلٺ جا ست ئي رنگ هن جي اکين ۾ گهڙندا ٿا وڃن. هن کي اهو حسن ڏسي پنهنجي دل ڦندجندي، ويڪري ٿيندي محسوس ٿيندي هئي. سنڌ جي آسمان جي سونهن ئي پنهنجي هئي. اهو ساڳيو احساس هن کي فجر مهل پيلي مان ٻاهر نڪرندي محسوس ٿيو هو. سج جي اڀرندڙ ترورن ۾ هن آسمان ڏانهن نهاري، وري پنهنجي آس پاس نهاريو. هر وڻ جو رنگ پنهنجو هو. هر وڻ جي پنن ۾ رنگ ڄڻ ته جيئرا ٿيندا ٿي ويا: ساوا، پِيلا، ڳاڙها پن سج جي ترورن ماڻ ڄڻ نوان رنگ ڇٽيندا ٿي ويا– ايترا رنگ جو ڪنهن نيروٽيءَ جي تصور کان به گهڻا هئا. هن کان رهيو نه ٿيو، اوچتو ڏاترڏني جي ٻانهن ڌونڌاڙيندي چيائين:

” ڏاترڏنا، هي رنگ ته ڏس! “

ڏاترڏني مٿي نهاريو: هن ان کان اڳ ڪڏهن به اهڙو منظر نه ڏٺو هو. وڻن جي پنن مان اولڙا ڪندڙ ترورا هر پن، هر ٽاريءَ ۾ اندلٺ جا رنگ جاڳائيندا پئي ويا. انهن ترورن جي پرئين پر، سج جي ٿالهي، پنهنجي گهيري ۾ ڦرموٽيءَ وانگر ڦرندي، ڄڻ ته رنگ ولوڙي رهي هئي. هن جي دل ۾ ڪو اهڙو اُڌمو اٿيو، جنهن هن جي بدن ۾ سياٽو وجهي ڇڏيو. هن جي اکين ۾ الائجي چو پاٽي پرجي آيو ۽ انهن لڙڪن جي ڏُنڌ مان پنهنجي سنگتيءَ کي ڏسندي چيائين:

” ادل، تو سچو آهين. پر انهن رنگن ۾ آزاديءَ جو رنگ الائي ڪڏهن پربو! “

هن جو آواز ڳوُرو ٿي ويو. وريام ڪٽي کيس ياڪر وڌو.

” رڪ ڏٽيءَ تي! انهن رنگن ۾ آزاديءَ جو رنگ به اوس ايرندو..... سج ايريو آهي ته آزادي به چاڻ ايري! “

” شل، مون ۾ به تو وانگر ويساهه موٽي اچي، وريام! “

ڏاترڏني کان سڏڪو نڪري ويو. وريام کيس ٻانهن کان ٿورو پريرو ڪندي، سندس اکين ۾ نهاريندي چيو:

” ڏاترڏنا، سڀيءَ ۾ جيسين ساهه آهي، تيسين اهو ويساهه قائم رهندو، مري وياسون ته به ان ويساهه تان صدقي ٿينداسون ..... ! “

” سانوڻ ۽ توکي ڏسي ته مون جهڙي ڪانئر ۾ به ويساهه ساهه ڪٽڻ ٿو لڳي، وريام! پر الائي چو..... منهنجي دل ۾ نااُميدي سرجڻ ٿي لڳي ..... ڏس نه: سنڌ تي روز نت نئون ظلم ۽ ڏاڍ ٿو ٿئي، پر ماڻهن ۾ ماٺ لڳي پئي آهي. حافظ بلال وٽ تو ماڻهن جو حال ڏٺو: پُنگ ڏيئي جيئيدان وٺڻ لاءِ هرڪو تيار هو! سيني کي پنهنجي ڏندي ڏاڙيءَ، گهر يا دڪان جو فڪر هو: اٿي لٽي جو فڪر هو: ڪنهن به سنڌ جي ڳالهه ڪانه ٿي ڪئي. آءٌ ته ائين ٿو ڀانيان ته جيڪڏهن مغل ترخانن وانگر ظلم نه ڪن، ۽ ماڻهن کي سانهن ستيءَ سان پيٽ

گذر ڪمائڻ ڏين ته هوند سنڌ ڪنهن کي به ياد ڪانه ايندي ....! سنڌي قوم هاڻ اها قوم نه رهي آهي، جنهن ۾ دولهه دريا خان جهڙا ماڻهو پيدا ٿين، جيڪي پاڻ سان اهو وچن ڪن ته جيسين سنڌ آزاد نه ٿي آهي، تيسين سٽيو گرهه نه کائبو، ٿانوَ ۾ پاڻي نه پيبو، ۽ چيلهه سئين ڪرڻ ڪاڻ به کٽ تي نه سُمهبو! “

ڏاترڏني اڳي ڪڏهن به انهن ڳالهين جو چيد نه ڪيو هو. پر سانوڻ وٽ مهمانيءَ ڇڻ ته هن کي جاڳائي وڌو هو!

” ۽ تون پاڻ ڏس ته سانوڻ ۽ تو جهڙا گهڻا ڇٽا آهن، جيڪي اُتندي وهندي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ٿا سوچين ....؟ سچي ڳالهه ته اها آهي ته تنهنجي سنگت نه هجي ته آءٌ به جيڪر ٻين وانگر ظلم سهي سهي، نٽڏڪا گهوڙا، غيباڻا هسوار “ واري ڳالهه وانگر ترخان نه ته مغلن جي سواري قبول ڪريو ويٺو هجان ها! “

وريام ڪا گهڙي ماٺ ميٺ ۾ ڏاترڏني سان گڏ هلندو رهيو. پوءِ ڇڻ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي چوڻ لڳو:

” ڏاترنا! ائين به هرويرو ڪونهي! رڳو اسانجي تَرَ ۾ باهه ٻريل ڪانهي. سنڌ جا واهرو جتي ڪٿي دونهين دکايو ويٺا آهن: شورن جو راڄ مغلن کي گنجي ٽڪر ڪان لنگهڻ تئو ڏئي. اڪبر جي سپهه سالارن شورن جا سوين ڪونڌر نٽڏڪا ڪري ٿياس تي ٽنگي ڇڏيا، پر شورن پوءِ به ڪين لَڪَ لنگهڻ نه ڏنا. متي سيوهڻ، چانڊڪا، بکر ۾ به مغلن توڙي ترخانن کي سنڌي سک سمهڻ ڪونه ٿا ڏين. دونهين دکندي، دکندي نيٺ وري پيڙ ٿيندي، ۽ اهو ڏينهن پري ڪونهي، جڏهن ترخانن کي قنڌار ۽ مغلن کي لاهور ۽ آگري جا وٽ ڏسڻ به نصيب ڪونه ٿيندا! **ياد رکو ته سنڌي شل پنهنجا ويري پاڻ نه ٿين، باقي آزاديءَ کي، هنن اندلٺ جي رنگن جيان، اسين پاڻ ڏسنداسون – اهو منهنجو ويساهه آهي! “**

ڏاترڏنو ڪا گهڙي، پنهنجي هن يار جي اکين ۾ اُتساهه ۽ ويساهه جون ڏياٽيون ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ ڪٽي ڪيس پاڪر وڌائين. ٻنهي مان ڪنهن به ڪجهه نه ڪڇيو. ماٺ ميٺ ۾ هلندا رهيا. جڏهن ٽٽي جا وڻ ويجها ڏٺائون، ۽ دريا جي لهرن جو سانتيڪو سرلو سڏ پڌائون، تڏهن ڇڻ ته سندن پيرن ۾ ساهه پئجي ويو، ۽ اهي هنيلا پير نئينءَ سنئينءَ پونءِ کي بسم الله چوندا اگتي وڌڻ لڳا.

اوچتو ڏاترڏني ڪٽي ٻانهن ۾ هٿ وڌس. وريام جا ويچار هن ڪان گهٽو اڳ ٽٽي جي سدا ملوڪ گهٽين ۽ چؤنڪن ۾ وڃي پهتا هئا، سي اُتي ئي جمي ويا. هن رڳو اکين ۾ سوال آڻي پنهنجي ساٿيءَ کي ڏٺو، ۽ چپن ۾ ڪا سرگوشي ڪندي چيائين:

” ڏاترنا، خير ته آهي؟ “

” ادل، سانوڻ جا لفظ ياد ڪر ته آزاديءَ لاءِ هاڻ رڳو جوش جي نه، پر هوش جي ضرورت آهي. مغل، چؤنڪ چؤنڪ تي اسان لاءِ آتا ويٺا هوندا. هنن جي خابرن کي رڳو سُٽس پوڻ جي ويرم آهي. ڳجهن وانگر لامارا ڏيئي، اسان جو ماس پٽي ڇڏيندا– سو ڪو سوچيو اٿيئي؟ “

وريام کي به ڇڻ ته پنهنجي اپهرائيءَ تي پشيماني ٿيڻ لڳي. پر پوءِ مُرڪي چيائين: ” مون به سچي وات پئي، انهن لفظن تي سوچيو آهي. رک ڏٽيءَ تي! “

” پر به، مون کي به ته ڪجهه ٻڌاءِ نه! آءٌ اڳي ئي عقل جو اڪابر، متان ڪا اهڙي حرڪت ڪري وجهان، جو پئي ويٺا ڪاٺ ۾ چِپرون ڳوليون! “

وريام کي به کِل اچي ويئي. ڏاتر ڏني ڳالهه ته کِل جهڙي ڪئي هئي، پر ان ۾ جيڪو سچ سمايل هو، تنهن هن کي هيڪاري ششدر ڪري ڇڏيو.

” ڏاتر ڏنا، ٻڌ ته ٻڌايانءِ! مون اهو سوچيو آهي ته ترخان هن وقت مغلن جا ترا ڪڍڻ ۾ مصروف آهن. پر خبر ناهي ته هو ڪٽي ۽ ڪهڙي وقت ڏک هڻندا. سو سوچيو اٿم ته مدرسي ۾ جيڪي ترخان شاگرد

پاڻ سان پڙهندا هئا، انهن مان ڪو انت ڪيدجي. من ڪا اهڙي ڳالهه جي سُڌ پئجي وڃي جو جنهن مامري لاءِ نڪتا آهيون، ان جو ڪو سماءُ سانوڻ تائين پهچائي سگهون يا پاڻ ڪو ان جو بِلو ڪري وجهون! "

" ڳالهه ته بروبر سٺي سوچي اٿئي. پر انهن ترخانن تي ڀيلي پنهنجو ته ڪو اعتبار ڪونهي. متان ڪو نئون ڳٽ ڳچيءَ ۾ پئجي وڃي! باقي، تون چاڻ : ڏاهو به تون، سردار به تون، تون اڳيان، آءٌ پويان ..... پر جي پوءِ آءٌ ڪٽي ڪُڙين تي زور رکان ته مون کي ميار نه ڏج! " ڏاترڏني ٺهڪ ڏيئي، وٺي ڪڙين تي زور رکيو.

وريام به ڪلندي سندس ڪَڌ ڏِڪندو آيو. پٽڻ اُڪري، جڏهن اچي مسجد وٽ پهتا، تڏهن وريام کيس هلڪو اشارو ڏنو. ڏاتر ڏنو گهُٽ هٽي، مسجد جي پٽئين پر هليو ويو. وريام پٽڪي جي پير کي ٽورو موڙو ڏيئي، مسجد جي در مان اندر لنگهي، حجري ۾ اندر ڏوڪيندو آيو.

حجري ۾ مولوي صاحب ڇئن پنجن ٻارن کي دؤر ڪرائي رهيو هو.

" السلام عليڪم يا حضرت مولانا! " وريام خالص ترخانن واري لهجي ۾ چيو.

مولويءَ منهن تي خفگي آڻيندي چيو: " عليڪم السلام، عليڪم السلام..... "

وريام مولويءَ جي اکين ۾ اهڙيءَ طرح نهاريو، ڄڻ ڪجهه چوڻ گهرندو هجي، پر ٻارن جي موجودگيءَ جي ڪري هبڪي رهيو هو. مولويءَ ڪجهه سوچي ٻارن کي چيو: بس بس، اوهان کي هاڻي موڪل آهي، مون وٽ هي مهمان آيو آهي، باقي سبق وري سپاڻي پڙهنداسون ....! "

ٻارن جو موڪل جو ٻڌو، سي سڀ ٽپ ڏيئي اُٿيا، ۽ سيپارا رحلن تي ئي ڇڏي، خوشيءَ مان ٽينگ ڏيندا، حجري کان ٻاهر ڀڳا.

مولويءَ وريام ڏي، ڪجهه شڪي نظرن سان ڏسندي چيو: " ها، هاڻي ٻڌايو ته اوهين پاڻ ڪير آهيو، ۽ مون وٽ ڪهڙي ڪم سان آيا آهيو ....؟ "

وريام ڪجهه به جواب نه ڏنو. هن ائين ڏيکائي ڏني، ڄڻ اجا تائين دل مَنُ پئي هنيائين ته ڳالهه ڪيان يا نه. گهڙيءَ گهڙيءَ، حجري جي در کان ٻاهر پئي ٽيڏيءَ اک سان ڏٺائين.

مولويءَ وري چيو: " بي خوف ٿي ڳالهايو. ٻاهر ڪير به ڪونهي، ۽ نه ڪو اچڻو آهي! "

وريام ڪنگهڪار ڪري چيو: " جي، جي! اوهين درست ٿا فرمايو..... پر ڏسو نه، معاملو ٿورو ڳنڀير آهي. ڀتين کي به ڪن آهن ..... مون کي پنهنجو ته ڪو فڪر نه آهي، پر آءٌ توهان کي ڪنهن تڪليف ۾ وجهڻ نه ٿو گهران! " ائين چئي هن وري، هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. ٻه پير پوئتي وڃي، حجري کان ٻاهر نظر وڌائين، ۽ وري موٽي آيو.

" دراصل حضرت، ڳالهه هيءَ آهي ته آءٌ سڌو سيوهڻ کان پيو اچان. مون حضور مرزا شاهه رخ لاءِ ارغون سردارن جو پيغام آندو آهي ..... پر نٿو منهنجو ڏتل ڪونهي، ۽ ٻي ڳالهه ته ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جو مغلن کي ڪڙڪ پئجي ويئي ته پوءِ .... ته پوءِ..... "

وريام پنهنجي منهن تي ڏَٻِي، اُڻ تُڻ ۽ رازداريءَ جا اهڙا ڀاوَ آندا، جو مولويءَ کي جيڪڏهن ڪو شڪ شبهو هو، سو به ڪافور ٿي ويو.

" ها، جڏهن کان شاهي قيدي غائب ٿيا آهن، تڏهن کان مغل بنهه چِتا ٿي پيا آهن ..... اسان کي ته هٽ ڪونه ٿا لائين پر شڪ اسان ۾ به اٿن ..... البت سنڌين سان ويل ٻاري ڏنو اٿن ..... ڪو گهر خالي ڪونه ڇڏيو اٿن جتان ڪو سنڌي نه جهليو هجين ..... پائنده بيگ مغلن کي به خوش رکندو اچي، ۽ سنڌين کان آنڪيون پرائيندو پنهنجو گهر به ڀريندو وڃي ..... مغل هن جي ڪوتواليءَ کان خوش آهن جو مغل لشڪرين کي نڪا آهي جهل نه پل: سنڌين وٽ جيڪو مال چڱو ٿا ڏسن سو ڄڻ پنهنجو مِلڪ سمجهي ڦريندا

وتن ..... اجا ترخانن ۾ هٿ وجهڻ جي همٿ ڪانہ ٿي ٿئيس، پر اڪ سيني تي اٿس. آئي وئي ڪي، ڪٽي ڪو ارغون ترخان چونہ هجي، چونڪين تي حاضري ضرور پرڻي ٿي پوي .... "

" يلا، شاهي قيدين جي باري ۾ ڪا خبر.....! " وريام ڏاڏي رازداريءَ مان چيو.

مولوي ڪا گهڙي چپ ٿي ويو. پر پوءِ چئي ويٺو: " سچو شڪ سنڌين تي اٿن ..... سو في الحال مڙيوئي خير آهي! "

" يا حضرت، پوءِ تہ اوهان ڪي منهنجي مدد ضرور ڪرڻي پوندي ..... ڏسو نہ، ڳالهہ اصل ۾ اها آهي تہ ..... "

" ها ها چئو! "

" هي پيغام ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان حضور مرزا شاهہ رخ تائين ضرور پهچائڻو آهي تہ مغلن ڪي ڪنهن خابروءَ خبر ڏني آهي تہ شاهي قيدي ڪٿي آهن، ۽ مغل ڪو قدم کڻڻ وارا آهن..." وريام اجا ئي رازداريءَ مان اونده ۾ تير اڇلايو.

" ناممڪن .... ناممڪن! خود قيصر بيگ بہ اهڙي حماقت نہ ڪندو..... سندس هئي نالائق چوڪرا ٽوٽي سندس سنڌي ڪنيز اسان جي قبضي ۾ آهن، ۽ ڪيس خبر آهي تہ مغلن ڪي ڪجهہ ٻڌايائين تہ پوءِ انهن جو خير ڪونهي! "

" سو تہ اوهين برابر ٿا چئو، پر اسان جا ڪجهہ ماڻهو مغلن جهلي وڌا آهن .... ۽ انهن کان سچي ڪرائڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي..... انهيءَ کان اڳ جو ڪو ڦاٽ ڦاٽي، شاهي قيدين ڪي ۽ خاص طرح .... "

وريام گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويو. سندس چهري تي پريشاني، رازداري ۽ اُبهرائپ جو تاثر اهڙو هو، جو ڏاتر ڏنو ڪيس ڏسي ها تہ يا تہ کِل کي روڪي نہ سگهي ها، يا وري هن کي وريام بدران ڪو سچو پچو ارغون ترخان سمجهي ها!

" اوهان جو اشارو حضور مرزا عبدالعليءَ ڏانهن آهي ..... " مولوي بہ هاڻ مڪمل طرح سان هن سان راز وندي رهيو هو.

" جي بلڪل ..... ڏسو نہ، حضور مرزا عبدالعلي ئي اسان جو آخري سهارو آهي ..... جيڪڏهن هن ڪي ڪجهہ ٿي پيو ..... شل منهنجي زبان ۾ ڪيئان پون ..... تہ پوءِ ..... "

" توهين دل نہ لاهيو..... شاهي قيدين تي ڪنهن پڪيءَ جو بہ پاڇو ڪونہ پوندو ..... ها باقي، احتياط وري بہ لازم آهي .... اوهين پيغام مونکي ڏيو تہ آءٌ مرزا شاهہ رخ تائين پاڻهي پهچائيندس ..... اوهانجو ائين ٿٽي ۾ داخل ٿيڻ شڪ جو باعث بڻجندو..... "

وريام مولويءَ جي حرفت کي سمجهندي بہ ائين ڏيکائي ڏني جڻ تہ هن کي ڪوبہ شڪ نہ پيو هو.

" انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڳالهہ ٿيندي جو پيغام بہ حفاظت سان پهچي، ۽ ڪنهن کي شڪ بہ نہ پوي .....! "

۽ پوءِ هن آخري ڏُکو هنيو: " پر يا حضرت، اوهين جيڪڏهن سلطاني ساقي خاني ڏانهن ويندا تہ هيڪاري وڌيڪ شڪ پوندن تہ هڪڙي عالم دين جو ساقي خاني ۾ ڪهڙو ڪم .....! "

هن جي انهيءَ ڏُکي هٽي وجي هند ڪيو.مولوي پنهنجي ڏاڙهيءَ کي مُٺ ۾ وٺندي چيو." ڳالهہ تہ اوهان سياڻپ واري ڪئي آهي..... مرزا شاهہ رخ جي حويليءَ تي بہ مغلن پنهنجا جاسوس بيهاري ڇڏيا آهن، جيڪي آئي وئي تي نظر رکندا اچن. پيا ارغون سردار بہ عتاب هيٺ آهن.....! "

مولوي ڪجهہ وقت خاموش ٿي ويو. هو شايد دل مَنُ هٽي رهيو هو تہ هن اوپري ترخان سان اهي راز جون ڳالهيون ڪرڻ بہ گهرجن يا نہ. هن کي اُهي زمانا ياد آيا جڏهن ارغونن جي حڪمراني هئي: تڏهن هن

جي کهڙي نہ پذيرائي ٿيندي هئي. شهر جي سڀ کان وڏي مسجد جو پيش امام هو: سندس شاگرد سمورن اميرن جا صاحبزادا هئا. خود اميرن جون گهر واريون هن کان تعويذ لکائڻ، پاڻي پڙهائڻ ۽ دعائون ڪرائڻ اينديون هيون، ۽ هن کي اميرن جي بدعتن ۽ ساقين سان وندر بابت قصا ڪهاڻيون ٻڌائي، پنهنجي عشقن ۽ محبتن جا راز ٻڌائي وينديون هيون. پوءِ اهي ئي ڳالهيون، هو خوابن جي تعبير ٻڌائڻ، فال وجهڻ، ڪؤنرو ڦيرائي ساقين، ڪنيزن ۽ خود اميرزادين جي بي وفائين جي ڪشف ٿيڻ جهڙن معجزن لاءِ استعمال ڪندو هو. ارغون امير سدائين سندس سلامي هوندا هئا، ۽ وڃڻ وقت اشرفين جون ٿيلهيون هن جي حجري ۾ ڇاڻي واڻي وساري ويندا هئا. هن اهو مشهور ڪري ڇڏيو هو تہ انهن ديني ۽ خير جي ڪمن لاءِ هو ڪوبہ اُجورو قبول نہ ڪندو. فقط فتوىٰ ڏيڻ لاءِ ديني معاوضو يعني اڍائي اشرفيون هن جو حق هو. اميرزادا جڏهن هن وٽ پڙهڻ ايندا هئا تہ پنهنجي حويلين جا ڪيترا راز ٻاراڻين ڳالهين ۾ هن کي ٻڌائي ويندا هئا، ۽ هو ڪنهن نہ ڪنهن ذريعي سان واسطيدار ماڻهن تائين اهي راز پهچائي، مٿن پنهنجي احسان جي مُهر هڻي ڇڏيندو هو، ۽ ائين سمورا امير هن جي اڳيان پويان پيا ڦرندا هئا: ڪي ڊپ کان، ڪي دشمنيون پاڙڻ ڪاڻ، تہ ڪي وري سچ پچ هن کي الله جو برگزيدو ٻانهو ۽ ولي الله سمجهي احترام خاطر!

۽ پوءِ جڏهن مغل آيا- نامراد، بدبخت، ملعون- تڏهن پهرين تہ ڪيس هٽائي، هڪڙي مغل مولويءَ کي وڏيءَ مسجد جو پيش امام ڪيائون. ان کان پوءِ هن جو مدرسو بند ڪيائون جيڪو هن جي علم ۽ خبرچار جو سڀ کان وڏو ذريعو هو. ۽ پوءِ هڪڙي رات مغل لشڪري، رات وڳڙي اشرفين سان ڏٽيل هن جون صندوقون کڻي هليا ويا- دينا داستي: ڏٽي وائي، هن سان مشڪري ڪندي ٺهڪ ڏيندا غائب ٿي ويا. ان ڏينهن کان هن کي مغلن لاءِ شديد نفرت هئي. جيڪي بدعتون ۽ برائيون هو ارغون ترخانن ۾ نظرانداز ڪري ڇڏيندو هو، سي مغلن ۾ ڏسي، هن جو ديني جذبو جوش ۾ اچي ويندو هو. اڳي تہ ڪنهن سنڌيءَ کي ڏسندو هو تہ ڌِڪار کان منهن ٻئي پاسي موڙي ڇڏيندو هو: ۽ هاڻ سنڌين کي زوريءَ ٻيهاري ڪين مغلن جي غيرشرعي حرڪتن کان آگاهہ ڪندو هو، ۽ چوندو هو تہ " **هي مغل رڳو نالي ۾ مسلمان آهن: ڏسو نہ، هنن هندن مان شاديون ڪيون پر ڪنهن بہ راڻيءَ کي مسلمان ڪونہ ٿا ڪن. انهن جو اولاد وري مسلمان ڪيئن چئبو؟ اهي شاديون حرام آهن: اهو اولاد حرام آهي. سنڌ تي هاڻ حرامين جي حڪومت آهي. اسين ارغون ترخان وري بہ مسلمان آهيون، سنڌ ۾ رهي سنڌي ٿي ويا آهيون. اوهان ۽ اسين ٻئي مظلوم آهيون، اچو تہ گڏجي هن غير اسلامي حڪومت کي ٺڏا هڻي ختم ڪريون .....**"

هن کي سنڌين جي رڳو هڪڙي ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ ايندي هئي: سنڌين سان جڏهن بہ هو اهي ڳالهيون ڪندو هو، تڏهن سنڌي کِلڻ لڳندا هئا. " بروبر، مولوي صاحب بروبر پر جيڪڏهن مغلن کي هتان ڪڍون تہ حڪومت ڪير ڪندو؟! " هن جي دل تہ چوندي هئي تہ ڪين چئي ڏي تہ " بدبختو مغلن حڪومت اسان کان کسي هئي، ان ڪري حڪومت تي حق وري بہ اسان ارغونن ترخانن جو آهي، پر متان سنڌين کي اها ڳالهہ ڏکي لڳي، ان ڪري چوندو هو تہ بابا، توهان ۽ اسين، پراڻا سنڌي ۽ نوان سنڌي، هنن ڌارين کي هتان ڪڍون، پوءِ پيا فيصلا ڪنداسون تہ حڪومت ڪير ڪري! " اها ڳالهہ ٻڌي، سنڌي هيڪاري وڌيڪ کِلڻ لڳندا هئا، ٺهڪ ڏيڻ لڳندا هئا، ۽ چوندا هئا: " مولوي صاحب، عرب سگوري ۽ اُٺ واري ڳالهہ ٻڌي اٿوَ .....! "

پر اجا بہ مولوي صاحب سنڌين مان نااميد نہ ٿيو هو. هن سانوڻ ۽ سردار خان جو ڳالهيون ٻڌيون هيون. جيڪڏهن سانوڻ جهڙو سنڌي، ۽ سردار خان جهڙو ترخان همٿ ڪن تہ مغلن کي پچائڻ ڪا وڏي ڳالهہ هرگز ڪانہ هئي. ان لاءِ هن پنهنجي ڪن پراڻن ترخان شاگردن کي بہ تيار ڪيو هو تہ هو سنڌي مدرسن جي شاگردن سان ياريون دوستيون رکي، ڪو اهڙو انسنو ٿاهين جو سنڌين کان بغاوت ڪرائجي، ۽ پوءِ جڏهن سنڌي مغلن کي ڊوڙائي ڪڍن، تڏهن سيوهڻ کان ترخانن جو لشڪر ٽٽي پهچي، امن امان قائم ڪرڻ جي بهاني، حڪومت پنهنجي هٿ ۾ آڻي! مولوي صاحب ارغون ۽ ترخان اميرن کي اهي صلاحون ڏيندو هو، ۽ هو بہ ان ڳالهہ ۾ هن کان پري ڪونہ هئا!

پر هاڻ تہ خود ارغونن جي تاج جي واليءَ مرزا عبدالعليءَ جي سر جو سوال هو. هن کي اهڙو موقعو وري ڪونہ ملندو تہ پنهنجي قوم جي خيرخواهيءَ ۾ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي، مرزا عبدالعلي ۽ خسروخان چرڪس جي جان بچائي وجهي. هو انهن ٿورن ماڻهن مان هو، جن کي مرزا شاهہ رخ وٽ عزت ملندي هئي. هن شاهہ رخ کي مختلف ڳالهين لاءِ مختلف تعويذ لکي ڏنا هئا. وڏي ڳالهہ تہ هن شاهہ رخ کي سچن موتين جي معجون جي دبلي پيش ڪئي هئي، ۽ هاڻ شاهہ رخ وري ڪِيرو ساقين ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو هو، ۽ هن جي گهر واريءَ ۽ ڪنيزن بہ هن جي صحت ۽ مردانگيءَ جا نوان قصا هن کي ٻڌايا هئا. هن کي خبر هئي تہ شاهہ رخ اجا تائين قيصر بيگ جي پٽن کي رکو انڪري ڪونہ آزاد ڪيو هو، جو سنڌي ڪنيز "نُوري" هن کي پسند اچي ويئي هئي. هو روز سنڌي ڪنيز کي ڏسڻ لاءِ لال حويليءَ ويندو هو، ۽ اُتي ئي شاهہ رخ سان هيءَ ڳالهہ ڪرڻ وڌيڪ مناسب هئي. ائين هن کي نہ حويليءَ تي وڃڻو پوندو ۽ نہ ئي سلطاني ساقي خاني جي تهخاني ۾!

ائين پسار ڪندي، مولويءَ وري هڪ ڀيرو هن نوجوان ترخان کي ٽيڏيءَ اک سان ڏٺو، ۽ دل من هٺندي چئي ويٺو: "نوجوان، پٽ! توتي ۽ مون تي ترخان قوم جو وڏو بار آهي، آءٌ توکي پاڻ لال حويليءَ وٺي ٿو هلان: شاهہ رخ جو سمورو وقت اُتي ٿو گذري. هڪڙي پاسي هو حضور مرزا عبد العلي ۽ خسرو خان چرڪس تي پاڻ ذاتي طرح نگهبانيءَ جو فرض پيو نڀائي تہ ٻئي طرف قيصر بيگ جي سنڌي ڪنيز هن جي دل تي ڌاڙو هڻي چڪي آهي، اها بہ اُتي ئي آهي. قيصر بيگ جا پٽ ان جي حوالي آهن پر شاهہ رخ کي صحيح رخ ئي تئي ڏئي، وڏي ڪا بدبخت آهي جو مرزا شاهہ رخ جهڙي امير جي ڪنيز ٿيڻ تئي گهري. قيصر بيگ ۾ چا رکيو آهي؟ پر خيال رکجانءِ، قيصر بيگ جي ڪنيز واري ڳالهہ ڪنهن سان نہ ڪجانءِ ..... پر هڪڙي ڳالهہ وري بہ ڪَن ۾ تو ٻڌايانءِ ......!"

"يا حضرت، هيءَ ڪهڙي ڳالهہ ٿا ڪريو...... مون کي قسم آهي اوهان جي ڏاڙهي مبارڪ جو، جيڪڏهن اوهان وري اهڙي ڳالهہ ڪئي تہ آءٌ هينئر جو هينئر سيوهڻ روانو ٿي ويندس، ۽ پنهنجي ئي خنجر سان پنهنجي زبان ڪپي ڇڏيندس. مون تي اعتماد......" وريام کي فارسي تہ ترخانن جهڙي ايندي هئي، پر هن کي اها خبر نہ هئي تہ ترخانن ۾، مغلن وانگر، ٻئي جي ڏاڙهيءَ جو قسم ڪٿبو آهي يا نہ!

"نہ نہ...... مون کي تو ۾ اعتماد آهي ..... پر احتياط لازم آهي ....." مولويءَ تہ ان قسم کي پنهنجي عزت افزائي سمجهو هو. "چڱو، تون اتي ويهہ تہ آءٌ پنهنجي حويليءَ تان ٿي اچان. جاڻ ڪري ڇڏيان متان ڪا پچا ڳاچا ٿئي ..... !"

مولويءَ وريام کي ڪَن ۾ ڪجهہ ڳالهيون ٻڌائي، ڪيس اتي ئي وهاري، هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هٽندي، مسجد مان نڪري ويو. گهڙيءَ ڪانپوءِ ڪارڙي ٽتر جي ٻولي ٻولي، ڏاتر ڏنوحجري ۾ اندر هليو آيو.

وريام هن کي ڪي ڳالهيون تفصيل سان سمجهائيندي چيو: ” ڏاترنا، پائو، پلائي ڪج، تورو عقل کان ڪم وٺج. مغلن تائين اها ڳالهه هينئر جو هينئر پهچائڻي آهي ته شاهي قيدي مرزا شاهه رخ جي قبضي ۾ آهن، ۽ مرزا قيصر بيگ جا پٽ به ان وٽ آهن، ۽ ترخان مرزا عبد العليءَ جي نالي ۾ خسروخان چرڪس کي حڪومت وٺي ڏيڻ لاءِ وڏي شورش ڪرڻ وارا آهن، ۽ اڄ ٽپهريءَ ڏاري شاهي قيدين کي لال حويليءَ مان ٻئي ڪنهن هنڌ وٺي ويندا ..... “

” پر وريام، مون تي ڪير اعتبار ڪندو...... الائجي آءٌ سچو ڪم مرڳو بگاڙي نه ويهي رهان ..... ۽ توکي اڪيلو هنن بگهڙن جي چُرِ ۾ گهڙڻ آءٌ به ڪونه ڏيندس. آءٌ به توسان ..... “

” ادل منهنجو فڪر نه ڪر...... جيڪڏهن مون کي ڪجهه ٿيو به ته ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي پوندي؟ مون تو جهڙا سنڌي ته روزانو سوين راهه ويندي بي ڏوهيا پيا مارجن. آءٌ ته وري به سنڌ جي ڪنهن ڪم ته ايندس ..... ڏاهو ٿي، هوڏ نه ڪر. اهو منهنجو توسان وچن آهي ته اڪيلو آءٌ به ڪونه مرندس. آءٌ هن مولويءَ کي سڃاڻان ..... فقط هن جي ذريعي ئي آءٌ سانوڻ جي سياست کي ڪارائتو ڪري سگهندس ..... ها پڌ، تون مظفر بيگ واري چوري قاسم سان چڱو گهرو آهين، ۽ مظفر بيگ رستم بيگ ۽ مغلن جو سپهه سالار به آهي ۽ اعتبار جوڳو ماڻهو به. ان کي ڪنهن طرح سان نياپو ڏيئي پٽس تائين اها خبر ڪج ! ..... چڱو، هاڻي الله کي پرتين، سنڌ کي پرتين! حياتي هوندي ته ...... “

ڏاتر ڏني ڪٽي وات تي هٿ ڏنس: ” تڏهن ته چيم ٿي ته توکي اڪيلو ڪونه ڇڏيندس: پر، مون جهڙي ڪانئر تي ايڏو ڪم رکي، تون مرڳو پاڻ به مارائيندين، ۽ مون کي به آپگهات ڪرائيندين ..... “

” چريو نه ٿي ..... ۽ ها، پنهنجا اٺ ڏهه سنگتي لال حويليءَ جي چوپاسي بيهاري ڇڏجان، متان ڪا اوچتي ضرورت پوي ..... پر ڪو اهڙو هٿيار نه ڪڄجو، جو ڏٺا ٿي پئو...... پاڻ وارو هٿيار خردم پهراڻ جي هيٺان چيلهه سان هجي ته پلو...... چڱو، هاڻ تون وڃ ..... مولوي ايندو هوندو. تون هوندين ته هن کي شڪ پئجي ويندو...... ڏاهو ٿي ..... چڱو، ٻيڙا ئي پار...... ! “

ڏاترڏني جي دل ته نٿي چيو، پر وريام ۾ هن کي اَڻ ميو ويساهه هو، ۽ سچ پچ ته جيڪڏهن لال حويليءَ ۾ پهريدارن سان جهيڙٽو پيو ته اسين به ڇٽا ڇا ڪري سگهنداسون، ڏاترڏني سوچيو.

هن وريام کي ڀاڪر ۾ ڀيڙي، سندس اکين ۾ گهوري چيائين ” وريام، متان اٻهرو ٿين! سنڌ کي اڃا تنهنجي گهرج آهي! “

ائين چئي، هو تڪڙو تڪڙو حجري کان نڪري ويو•

(13)

پائنده بيگ کي ڪوتوالي چا ملي، چڻ ته راڪاس وانگر مٽي تي سِڱ ڇمي پيس. ماڻهن کان رستم بيگ جو نالو ئي وسري ويو. ٽپهريءَ ڪانپوءِ جتي ڪٿي ڪڪڙوڪون لڳي ويندي هئي. ٻن هفتن ۾ حالت اتي پهتي جو ماڻهن ٺٽي جي عملداريءَ مان لڏڻ شروع ڪيو. پر لڏڻ وارا وچن ته ڪيڏانهن وڃن: اجا اٺ پلاٽي يا ڏيڍي گاڏين ۾ پنهنجو سامان سڙو پري نڪرندا هئا ته مغل لشڪري ڳجهن وانگر لامارا ڏيئي، هڙ ڪٺي ويندا هئن. وڏي ڳالهه ته عزت آبروءَ جي هئي. شل نه ساٿن ڪا جوان جماڻ نينگري هجي: مغل حڪما حڪمي ٻانهن ڪٺي ويندا هئا. لڏي پلاٽي فقط اهي سگهيا، جن پنهنجي لاءِ محافظ ٻه مغل رکيا: ڪين اشرفين جون ٿيلهيون ڏيئي جان ۽ عزت آبروءَ جي امان حاصل ٿي ڪيائون. ميمڻ، شيخ، لهاڻا، ٻٽي ۽ ڀاٽيه ته پنهنجا سمورا محلا خالي ڪري ڀڄڻ جي تيارين ۾ هئا، پر سيدن جا پاڙا، جيڪي هوئڻ ارغونن ترخانن جي ڏينهن ۾ امن امان ۾ رهيا، سي ٻه پنهنجي عزيزن قريبن کي نياپا سنيها موڪلڻ لڳا ته ٻيلي، اسان جو ڪو ٻلو ڪريو، نه ته اسين ڇاڻ ٻنان ڇاڻ اوهان جا مهمان اچي ٿينداسون.

ٺٽي جون مسجدون ۽ مدرسا ٻه ويران ٿيندا ويا. ائين ٿي ڀانيو ته پڪي پڪڻ ٻه موڪلائي ويا هئا يا موڪلائڻ تي هئا. گهٽيون ڀڙڀانگ، بازاريون برباد ۽ مڏيون مردار ۽ مسافرخانا مجاورن جا آستانا بڻجي ويا. جيڪڏهن سنڌين سان ويل هو ته ارغون ترخان ٻه سک ڪونه ٿي ستا. هنن لاءِ ساقي خانن ۽ غلامن جي نيلامن ۾ شامل ٿيڻ تي تيسين منع هئي جيسين ڪنهن مغل امير جي پناهه ۾ نه هجن. مغل شهزادن کي لاهور، آگري، دهلي ۽ فتح پور مان دعوتون ڏيئي گهرايو ويو ته قنڌاري ۽ شيرازي ساقي جيترا سنڌ ۾ سستا آهن، اهڙا خود قنڌار ، هرات ۽ شيراز ۾ ٻه نه هوندا. مغلن جا قافلا ٺٽي تي ڪڙڪڻ لڳا: ڪي خريداريءَ جي شونق ۾، ڪي ساقي خانن ۽ ڪنيزن جي شهرت ٻڌي آيا ته ڪن کي وري رستم بيگ، تاشي خان، معموري ۽ پائنده بيگ دعوتون ڏيئي گهرائي ورتو ته ٺٽي جا محلات اوهان جا منتظر آهن، ترخانن ۽ ارغونن جون جاگيرون ۽ زميندارين ڪين مفت ٿي ڏنائون. مغل شهزادا، اميرزادا ۽ سوداگر پاڻ سان سوين هاري ناري، منشي، ڪاراوا ۽ ڪامورا وٺي آيا. ٿوري وقت ۾ ٺٽي ۾ ائين ٿي ڀانيو ته سنڌي ته رڳو اٽي ۾ لوڻ وڃي رهيا آهن. ٺٽو سنڌ جو شهر نه پر لاهور يا آگري جو ڪو محلو بڻجي ويو هو. سنڌي ويچارا ته ڊپ کان پاڻ ۾ ٻه سنڌي ڪونه ڳالهائيندا هئا، متان سڃاپي پون ۽ مغل لشڪري ڪانئن آنڪي ڀرائڻ لاءِ اچي ڪڙڪن. هنن ته پنهنجي پوشاڪ ٻه بدلائي ڇڏي. مغلن وانگر ڪمربند ۽ چست پاجامو پائڻ لڳا. پر ڇا ڪن، سنڌن سنڌي شڪل شبيهه ته پري کان پڌري ٿي پوندي هئي. ۽ وڏي ڳالهه ته منجهانئن اها ڳالهه بلڪل نه وئي ته رستي تي هلندي، مغلن ۽ ترخانن جي ابتڙ سنڌن اکيون پنهنجن پيرن ۾ هونديون هيون: هڪ ته متان ڪنهن پرائي زائفان تي نظر ڪڇي وڃي ۽ ٻيو ته ڪو جيت جيتامڙو پيرن هيٺ اچي چيپاڻجي نه وڃي!

سنڌين جو ڪو اوهي واهي ته هو ڪونه جنهن کي دانهن ڏين. ارغونن ۽ ترخانن ته وري سيوهڻ ۽ قنڌار تائين مرزا غازي بيگ وٽ دانهون ڪوڪون ڪيون ته هنن جو تدارڪ ٿيندو رهندو هو ۽ مغل وري ڪنهن ارغون ترخان محلي ڏانهن رخ ڪونه رکندا هئا. مرزا غازي بيگ جي جهانگير جي درٻار ۾ وڏي هلندي پڄندي هئي، مغل رڳو ان ڪان تي ڊنا. هونئن به ارغونن ترخانن ۾ اجا هٿياربند گهٽا هئا. هنن وٽ محافظ به هئا ۽ پنهنجا لشڪري به. جيڪي جيتوڻيڪ وڙهڻ جو ڍنگ وساري ويٺا هئا پر تلوار ۽ هٿيار جو سپ نه هو ته به سراپ ضرور هو. مغلن کي به آخر پنهنجي جان پياري هئي، ان ڪري سمورو عتاب سنڌين تي هو. ماڻهو ته ائين به چوڻ لڳا ته سنڌين کان الله سائينءَ به منهن موڙي ڇڏيو هو. اهائي ڳالهه هئي، جنهن ماڻهن کي وري حافظ بلال ڏانهن ڏسڻ تي مجبور ڪيو.

حافظ بلال کي ماڻهن پنهنجو آخري سهارو ٿي سمجهيو. ان لاءِ ٻه سبب هئا: هڪ ته هنن کي اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ ٻي ڪا واهه ڪانه ٿي سجهي ته آخر الله سائين بار بار سنڌين جو اهڙو ڏکيو امتحان ڇو ٿو وٺي؟ سنڌي ويچارا ته نه ڪنهن جي " هنئيءَ ۾ نه ڪنئيءَ ۾! " سنڌ ته سدائين رحمت ۽ پيار جي ڌرتي هئي، جنهن انسانن کي ته ڇا، سمورن جاندارن کي امان ڏني هئي، پناهه ڏني هئي. سنڌين ۾ ته ايتريون برائيون ۽ بدعتون به ڪونه هيون: پنهنجيءَ ۾ پورا، گهر ڪان زمين يا ڏنڌي ڌاڙيءَ تائين يا مسجد تائين. دين ڌرم جا ارڪان جيترا سنڌين ٿي مجيا ۽ واپرايا اوترا شايد ملائڪن کي به ياد نه هوندا. گگدامن تي ڪهل ته ڪو سنڌين کان سکي. آئي جو آڌرياءُ ڪندي ڪندي هنن سنڌ سندن حوالي ڪري ڇڏي. رسول (صلعم) جي پيروي ڪندي ڪندي جيسين ڪنهن مسافر يا غريب يتيم پاڙيواري کي گرهه نه کارائيندا، تيسين پاڻ گرهه نه کائيندا. ۽ سنڌ، چڻ ته نبين ۽ اوتارن جي سرزمين، جنهن تي الله سائين پاڻ مهربان هو: ڇا سندس ماڻهو، ڇا سندس پکي پکڻ، ڇا سندس گل ۽ ٻوٽا، ڇا سندس سنڌو ۽ سمنڊ، چڻ ته الله سائين جنت ٺاهيندي ٺاهيندي، سنڌ خلقي ويٺو! پوءِ به هن جي ماڻهن سان ايڏو ظلم، ايترو بغداد ڇالاءِ؟ الله سائين مٿن ڇو ڏمريو هو؟ اها ڳالهه پڇڻ لاءِ هو حافظ بلال جي چائنٺ جا اچي سلامي ٿيندا هئا.

– ۽ حافظ بلال جي اکين ۾ ايڏي ويراني اچي ويئي هئي جيتري سموري سنڌ ۾ به ڪانه هئي. هر هڪ ماڻهوءَ جي روئداد ٻڌي هن کي ائين محسوس ٿيندو هو، چڻ ته اهو سڀ ڪجهه هن سان، هن جي گهر وارن سان، هن جي پنهنجي پاتين سان ٿيو هو. ۽ لڙڪ هن جي سُنهاريءَ ۾ منجهي پوندا هئا: ۽ انهن لڙڪن کي لڪائڻ لاءِ هو آسمانن جي هن پار پنهنجي رب پاڪ کي، دل ئي دل ۾، ٻاڏائڻ لڳندو هو: " اي ٻنهي جهانن جا مالڪ، تو جن شين قسم سنهن کنيا آهن، انهن ۾ تو سنڌ جو به قسم کنيو آهي؛ تنهنجي محبوب ۽ سمورن نبين جي سردار کي سنڌ جي هير جي خوشبو معطر ڪري ڇڏيو هو، پوءِ به سنڌ تي هي ڏمر ڇو؟ هي آپدائون ۽ آفتون ڇو؟ سنڌي ماڻهوڙا ايڏو مجبور ۽ معذور ٿي پيا آهن جو هنن مان تو ۾ يقين لڏي ويو آهي. اي ٻنهي جهانن جا مالڪ، آخر ڇو؟ آخر ڪيستائين؟ "

آسمان هن جي اکين جي لڙڪن جو تاب نہ جهلي، جڻ تہ لاجواب ٿي ويندا هئا، ۽ ان وقت حافظ بلال جلال ۾ اچي چوندو هو: ” مون وٽ ڇو آيا آهيو؟ آءٌ ڪير ٿيندو آهيان، الله جي ڳُجهہ ۾ مداخلت ڪرڻ وارو؟ انهيءَ ساڳئي الله اوهان کي بہ ۽ ٻانهون ڏنيون آهن. انهيءَ ساڳئي الله مغلن لاءِ ترخانن لاءِ بہ ترارين ۽ ڀالن ٺاهڻ لاءِ ساڳيو لوهہ خلقيو آهي، جيڪو اوهان لاءِ خلقيو اٿس. تراريون ۽ ڀالا ٺاهيو بہ اوهان ٿا، وڪڻو بہ اوهان ٿا. هڪڙو ڀيرو اهي پنهنجي حفاظت لاءِ ڇونہ ٿا استعمال ڪريو؟ “

حافظ بلال جو اهو جلال، اها ڪاوڙ اهو دليل ماڻهن کي سمجهہ ۾ نہ ايندو هو. پر سانوڻ اڪيلو ماڻهو هو، جنهن هن جي ان جلال، ان ڪاوڙ ۽ ان دليل کي سمجهي ورتو.

” حافظ، هاڻ موڪل ڏي تہ رت جي راند اسين بہ شروع ڪريون! “ سانوڻ حافظ بلال جي اکين ۾ نهارڻ ڪانسواءِ چيو. هن جڏهن اهي ساڳيون ڳالهيون ٻڌيون، تڏهن ڀيلو هن لاءِ آڙاهہ ٻڻجي ويو، فراشين تي ليٽندي هن کي ائين ڀاسندو هو تہ هو ٽانڊن تي ستو پيو هو ۽ ان باهہ تي چندبو وجهڻ لاءِ، هو ٻين وانگر حافظ بلال وٽ هلي آيو هو!

” سانوڻ، رت جي راند رڳو الله جي راهہ ۾ جائز آهي. آءٌ ڪيئن چوان تہ اوهين اها شروع ڪريو! “ حافظ بيوسيءَ مان چيو.

” تہ پوءِ اسان کي ٻڌاءِ تہ الله جي راهہ ڪهڙي آهي، حافظ. “ سانوڻ ڪان رهيو نہ ٿيو ” ڇا الله جي راهہ اها نہ آهي تہ بيوسن ۽ بيواهن ماڻهن تي جيڪو بيداد پيو ٿئي، تنهن کي بند ڪريون. سنڌين جي جان ايتري سستي، ايتري ارزان ٿي وئي آهي جو مغل لشڪري وندر خاطر سنڌين کي مارڻ لڳا آهن تہ جيئن سندن ترارين ڀالن جي مشق پڪي ٿئي. سنڌين جي مال ملڪيت تي هو ائين ٿا مِڙي اچن جڻ تہ انهن ۾ سنڌين جو پورهيو ۽ پگهر شامل ئي ڪونهي. سنڌين جي زائفائن کي هو ائين ٿا کڻن جڻ تہ اهي مال غنيمت جو ڪنيزون آهن؟ سنڌين جي مندرن ۽ مٺن کي تہ ڪٽي ڇڏي ڏيو، سنڌين جي مسجدن کي بہ نہ ٿا بخشين- ڇي، جيسين ڪو مغل مولوي نماز نہ پڙهائيندو، تيسين نماز جائز ڪانهي. سنڌين جي مدرسن کي ان لاءِ ٿا بند ڪن تہ اتي سنڌي ٿي پڙهائي وڃي؟ ڇا الله سائين انهن ڳالهين کي عين اسلام ۽ سنڌين جي انهيءَ بيوسيءَ کي شرڪ ۽ ڪفر ٿو سمجهي؟...... حافظ، مون هيستائين صبر ڪيو آهي، پر هاڻ مون کان صبر نہ ٿو ٿئي ...... الله ٿو ڄاڻي تہ اڳي ئي گهڻي دير ٿي ويئي آهي ..... “

سانوڻ جو سمورو بدن پئي ڪنبيو، ۽ پهريون ڀيرو حافظ بلال هن جي اکين ۾ اهڙا لڙڪ ڏٺا هئا، جن ٻنهہ ٻس ٿي ڪئي. هن جي پنهنجي دل ۾ چڪَ پئجي رهيا هئا. هن کي پنهنجي پاڻ کان، پنهنجي اسلام کان، پنهنجي مدرسي کان، پنهنجي سموري حياتيءَ کان نفرت ٿيڻ لڳي هئي. هن اُتي ڪٽي سانوڻ کي ڀڪُ وڌو...... ڪا گهڙي ٻنهي جون دليون، هڪڙي ئي آواز ۾، هڪڙي ئي ڌڪ ۾ ڌڙڪنديون رهيون، ۽ پوءِ جڏهن هن سانوڻ کي پاڻ کان ڌار ڪيو، تڏهن ٻنهي جون اکيون لڙڪن جي ڌنڌ کان هڪ ٻئي کي ائين ڏسي رهيون هيون جيئن ڪو ماڻهو ڀڳل آرسيءَ ۾ پنهنجو منهن ڏسي، منهن پاسي ڪري ڇڏيندو آهي- ڪنهن اڄاتي ڏپ کان، ڪنهن اڄاتي سمجهہ کان، ڪنهن اوچتي ڄاڻ کان!

۽ پوءِ ان وقت، مدرسي جي صدر دروازي تي ڪڙو ڪڙڪڻ جو آواز ٿيو. جمعي جو ڏينهن هو. مدرسي ۾ موڪل هئي. سواءِ حافظ بلال ۽ سانوڻ جي، ايڏو سارو مدرسو بلڪل خالي هو. سانوڻ جي اچڻ جي اطلاع تي مدرسي جي پهريدار ۽ پنهنجن چئن خاص شاگردن کي، جيڪي وٽس ئي رهندا هئا، تن کي بہ ڪم ڪار ڏسي، هيڏانهن هوڏانهن موڪلي ڇڏيو هئائين.

” اوهين وهو تہ آءٌ تو ڏسان ..... “ سانوڻ اُمالڪ اُٿيو.

” نہ سانوڻ، ڪو اوپرو ماڻهو توکي ڏسندو تہ تنهنجي حياتيءَ کي بہ خطرو ٿي پوندو، ۽ مدرسي تي بہ حرف ايندو...... “ آخوند بلال جُتي پائيندي چيو.

حافظ بلال دروازو کولڻ کان اڳ، ننڍي تاڪي کولي ٻاهر نهاريو: ٻاهر مغل لشڪرين جو وڏو هٿياربند جٿونظر آيس، جنهن جي اڳواڻي خود نئون ڪوتوال پائنده بيگ ڪري رهيو هو. صورتحال ڏسي هن جي هنئين ۾ هدڪ پئجي ويو، ۽ پهريون ڀيرو هن جي دل ۾ ڊپ ۽ مختلف وسوسن اچي گهيرو ڪيو. هو ڪڏهن بہ پنهنجي لاءِ نہ ڊنو هو. هن کي اُلڪو رڳو سانوڻ جو هو. سانوڻ جهلجي پيو تہ چڻ سموري سنڌ جهلجي پئي. هن کي پڪ هئي، تہ هن ڀيري مغل پوري تياري ڪري آيا هئا، ۽ سموري ڪوٽ جي پٽ ۽ فصيلن کي هنن گهيرو ڪري ورتو هو. پڪ ئي پڪ ڪنهن مغل يا ترخان جاسوس سانوڻ کي ڏسي ورتو هو نہ تہ خود رستم بيگ کي بہ مدرسي سان هٿ چراند ڪرڻ جي همت نہ ٿئي ها. پر هاڻي ڇا ڪري– اهو ايڏو وڏو فيصلو هو، جو هن ايترو تڪڙو ڪرڻ تي گهريو. دروازو کولڻ جي معنيٰ سانوڻ کي جهلائڻ هو. جيڪڏهن دروازو نہ کوليائين تہ مغل دروازو ڀڃي اندر داخل ٿيندا. ان صورت ۾ بہ هو پاڻ ۽ سانوڻ جهلجي پوندا.

هن پاڻ ظاهر ڪرڻ بنان ڪجهہ قدر آواز بدلائي چيو: ” ڪير؟ “

” حافظ، دروازو کول: آءٌ آهيان پائنده بيگ، شهر جو ڪوتوال! “

” اوهان کي خبر آهي تہ هن مدرسي ۾ مغلن جي اچڻ جي منع آهي ...... خود شهنشاهہ هند جو پروانو رستم بيگ وٽ آهي ... “

” هوندو، پر اڄ آءٌ خود حضور مرزا رستم بيگ جي حڪم تي آيو آهيان. اسان کي خبر پئي آهي تہ سردار خان جو ٽولو شهر ۾ آيل آهي، ۽ اوهان هن کي پناهہ ڏني آهي ...... اسين مدرسي جي تلاشي وٺنداسون. “

” آءٌ پروانو ڏسڻ تو گهران ..... “ حافظ ڪجهہ سوچيندي چيو.

” پهرين دروازو کول تہ پروانو بہ توکي ڏيکارينداسون ..... “ پائنده بيگ بي صبريءَ مان چيو.

” تيسين دروازو نہ کلندو، جيسين پروانو نہ ڏيکاريندا ..... “

حافظ بلال تاڪي بند ڪري ڇڏي، ۽ تڪڙو تڪڙو پنهنجي حجري ڏانهن موٽڻ لڳو. اڃا اڌ پنڌ تي هو تہ هن دروازي کي زوريءَ کولڻ لاءِ لشڪرين جي هلان جو آواز پڌو. دروازو ايڏو وڏو ۽ مضبوط هو جو سواءِ هاٿين جي يا وڏي بُند سان ڀڃڻ جي، ان کي کولڻ محال هو.

حافظ حجري ۾ پهتو تہ حجرو خالي هو. سانوڻ کي روڪڻ هوندي بہ حافظ ناممڪن ٿي سمجهيو، پر هن کي رڳو اهو اُلڪو هو تہ سانوڻ ٻاهر صحيح سلامت الائجي پهچندو يا نہ. هن کي سانوڻ جي همت ۽ جرئت ۾ ايترو ايمان هو تہ مغل جيئري سانوڻ کي گرفتار ڪرڻ جو خواب خيال بہ نٿي ڪري سگهيا، پر...... نہ نہ، يا خدا، ائين نہ ڪجانءِ، سانوڻ اسان کي بخشي بچائي ڏي .... !

حافظ بلال سجدي ۾ هو، جڏهن هن وڏي دروازي جي ڦاٽڻ جي آواز جو خوفناڪ پڙاڏو ۽ گهوڙن جي هٽڪارن ۽ ٺاپڙ ٺاپڙ جو آواز پڌو. پائنده بيگ حجري ۾ داخل ٿيو تہ اوڏيءَ مهل بہ حافظ بلال سجدي ۾ هو.

حافظ بلال جي شخصيت جي رعب هن کي اڳتي وڌڻ نہ ڏنو. هن جو هٿ خنجر جي مٺيءَ تي ئي روڪجي ويو، ۽ هو اندر ئي اندر حافظ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهيو.

جڏهن حافظ سلام ورايو، تڏهن هڪڙي نظر پائنده بيگ تي وڌائين، ۽ ٻي نظر سان هن ٻاهر بيٺل سپاهين کي ڏٺو.

پائنده بيگ، ڪجهہ قدر پريشانيءَ مان چيو: ” اسان کي اطلاع مليو تہ مشهور باغي ۽ ڌاڙيل سردار خان اوهان وٽ ٽڪيل آهي ..... “

حافظ ڪو جواب نہ ڏنو. هو گهور پائي، پائند بيگ کي ڏسندو رهيو.

” ..... ظاهر آهي تہ اسان کي غلط اطلاع مليو هو، ڇاڪاڻ تہ اسان مدرسي جي ڪوٺي ڪوٺي اُٿلائي وڌي آهي، پر سردار خان هتي ڪونہ ٿو ڏسجي. حضور مرزا رستم بيگ جو فرمان آهي تہ اوهين مغلن سان تعاون ڪريو، ۽ سمورن سنڌين کي سمجهايو تہ هو جتي بہ هن کي ڏسن، اسان کي ڄاڻ ڪن تہ خدا جي خلق تان آزار لهي ..... ! “

” خدا جي خلق تي آزار مغلن جو آهي يا سردار خان جو، اهو مامرو هڪڙو الله پاڪ ٿو ڄاڻي، ٻيو اسين شهنشاهہ هند کي لکڻ وارا آهيون ..... “ حافظ بلال ڌيرج سان چيو.

پائنده بيگ جو هٿ وري خنجر جي مٺيءَ ڦٻي ويو. جيڪڏهن رستم بيگ هن کي حافظ بلال تي هٿ کڻڻ کان منع نہ ڪئي هجي ها تہ هو ان کان گهٽو اڳ خنجر حافظ بلال جي ڇاتيءَ ۾ ٽنبي ڏئي ها. البت هن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي آئي تہ هن ماڻهوءَ ۾ ڪهڙي ڳالهہ هئي جو هن سان ڳالهائڻ وقت، هن جي پنهنجي زبان هٻڪڻ تي لڳي.

” في الحال اوهان کي اسان سان هلڻو پوندو. اهوئي شاهي فرمان آهي. اوهان جو فيصلو حضور مرزا رستم بيگ جن ڪرڻ پسند فرمايو آهي ...... “

” ۽ جيڪڏهن آءٌ نہ هلان تہ ..... “ حافظ بلال وري بہ ڌيرج سان چيو.

” تہ پوءِ اسان کي اهو حڪم آهي تہ اوهان کي گرفتار ڪري حضور مرزا صاحب جن وٽ پيش ڪريون ..... ! “

” تہ پوءِ ڪريو مونکي گرفتار، ڇاڪاڻ تہ آءٌ اوهان سان هلڻ لاءِ بلڪل تيار نہ آهيان ..... ! “

پائنده بيگ منجهي پيو. هن جو حڪم بلڪل واضح هو تہ حافظ بلال کي ڪجهہ ٿيو تہ پائنده بيگ ذاتي طرح ان لاءِ جوابدار هوندو. هن سنڌيءَ کان مغل ايترو چو ٿا ڊڄن، اها ڳالهہ اڃا تائين هو سمجهي نہ سگهيو هو. آءٌ تاشي خان سان ضرور ڳالهائيندس تہ آخر هو شهنشاهہ هند کي اصل حقيقتن کان واقف چونہ ٿو ڪري تہ مغل شهنشاهت کي ترخانن ۽ ارغونن کان نہ پر اصل خطرو حافظ بلال جهڙن سنڌين کان آهي، جن جو سمورو وجود مغلن لاءِ نفرت جو اعلان ڪندو ٿو رهي، جن جي اکين ۾ سمورن ڌارين لاءِ ڌڪار کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي، جن جي لفظ لفظ ۾ ڌارين لاءِ وڄ جا شعلا ۽ باهہ جا پيڙ پوشيده آهن!

لاچار ٿي هن سپاهين کي آواز ڏنو: ” حافظ صاحب کي عزت سان شاهي مهمانخاني وٺي هلو. پر ڏسو ڪيس ڪجهہ ٿيو تہ اوهان جي سرن جو خير ڪونهي ..... ! “

سپاهي هي حڪم ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويا. هڪڙي سنڌيءَ کي گرفتار ڪرڻ ۾ ايترو احتياط هنن جي خواب خيال ۾ ئي ڪونہ هو. سنڌين کي تہ هو ڪتن ٻلن وانگر گهلي يا گهوڙن جي پڇن ۾ ٻڌي ڪاهي وڃڻ جا عادي هئا، ۽ جيڪڏهن ڪو سنڌي گهلجڻ يا ڪاهجڻ کان بچي ويندو هو تہ هن جي بدن جي اهڙي حالت هوندي هئي جو هو ٻاڏائي چوندو هو تہ يا الله، مون کي موت ڏي تہ هن عذاب کان نجات ملي!

هو بہ دل من هٽندي، اڳتي وڌيا ۽ جيئن تيئن ڪري، حافظ کي ڪنيي ڪٽي ورتائون ۽ اچي ڪيس گهوڙي تي چاڙهيائون. حافظ مدرسي جي حالت ڏسي سمجهي ويو تہ دروازي کي پيچڻ جا انتظام اڳي ئي ڪري آيا هئا. پيگل دروازي سان گڏ رسن سان ٻڌل بند بہ اتي ئي پيو هو، ۽ ويهارو کن سپاهي هڪڙو ٻيو بند رسين جي چيڙن سان ڪنيو بيٺا هئا .....*

(14)

ٺٽي ۾ لال حويليءَ لاءِ مشهور هو ته ان ۾ جنن ڀوتن جو واسو آهي. سندس وڏي دروازي تي هميشه هڪ شاهي قلف چڙهيل نظر ايندو هو، جيڪو ايترو ڪٽجي ويو هو، جو هر ڪو ائين ڀائيندو هو ته ان کي ڪنهن ورهين تائين ڪونه کوليو هو. ان جي ٻه ماڙ جاءِ جون در دريون به ڪنهن ڪڏهن کليل ڪونه ڏٺيون هيون. رات جو اڪثر چٻرن ۽ چمڙن جون چيٽون ٻڌڻ ۾ ايندون هيون. فقط ان جي مٿئين برج ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪا شمع ٻريل نظر ايندي هئي، ۽ ائين ڀانئبو هو ڄڻ ته ڪو ماڻهو شمع جي روشنيءَ ۾ سڄي شهر کي جاچي ٽپاسي رهيو هو. حويليءَ ۾ اوڙي پاڙي مان ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي لڏي ويا هئا. البت ماڻهن ۾ اهو مشهور هو ته مرزا باقي اڪثر رات جو ان حويليءَ ۾ پنهنجي پڻ خواجه سرائن سان گڏجي ايندو هو، ۽ پوءِ سموري رات ان حويليءَ مان ڪنهن زائفان جي رڙين ۽ ڪيڪن جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. ماڻهن ۾ اها ڳالهه مشهور هئي ته مرزا باقيءَ جي ماءُ اتي قيد ٿيل هئي، جنهن کان خزاني جو ڏس پڇڻ لاءِ مرزا باقي تتل سيخن سان ڏنڀ ڏيندو هو ۽ اهي ڪيڪون هن جي ماءُ جون هيون.

هڪڙي ڀيري وڏي مدرسي جا ٻه شاگرد هوڙهيائي ڪري حويليءَ ۾ ٽپي پيا، پر جڏهن واپس موٽيا ته هنن تي ڄڻ ماٺ جي مُهر لڳي ويئي، نه ڪنهن کي سڃاڻائون ٿي، نه ڪنهن سان ڳالهايائون ٿي، رڳو ڪنڌ ڌوڻ لڳي پئي هئن ۽ آخرڪار چريا ٿي پيا. ان واقعي کان پوءِ وري ڪنهن کي ان حويليءَ ۾ وڃڻ جي همت نه ٿي هئي. مغل ته اڳي ئي ويساهه ويسوڙا هئا، تن جو اهي ڳالهيون ٻڌيون ته اتان لنگهڻ ئي ڇڏي ڏنائون.

وريام جڏهن مولويءَ سان گڏ حويليءَ جي ويجهو پهتو، تڏهن گهڙيءَ لاءِ حويليءَ بابت سموريون ڪٿائون اکين اڳيان تري آيس، ۽ هن جي دل به ڪنهن اڄاتي ڊپ کان ڪنبڻ لڳي. پر مولوي هن کي حويليءَ جي بدران، ان جي پرسان ٻوڏين جي ٿڦتل ٿل ۾ وٺي آيو. هيڏانهن هوڏانهن نهاري مولويءَ هن کي ٿل ۾ اندر لهڻ جو اشارو ڪيو. وريام ان ٿل ۾ پنهنجي سنگتين سان ڪنئين ڀيرا آيو هو. هو اڪثر اتي لڪ لڪوٽي راند ڪندا هئا. اندر ٿل ۾ ايترين ڏاڪٽيون هيون جو هڪڙي ڏاڪڻ مان ٿي ٿي ڏاڪٽيون ڦٽي ٿي نڪتيون. اندر هڪ ٻئي مٿان ٽي طبق هئا، جن مان هر طبق تي پوري وچ تي ٻڌ جو شاهي بت هو، جنهن جي پٿر تي ڪنهن پراڻي ٻوليءَ جا لفظ اُڪريل هئا. اهي ڏاڪٽيون ان بت جي ڪنهن نه ڪنهن عضوي ۾ اچي ٿي پوريون ٿيون. بت جي اکين وٽ جيڪي ڏاڪٽيون ٿي کُٽيون، اتان هو پنهنجي ساٿين کي ڏسي سگهندا هئا، پر هيٺيان ساٿي هنن کي ڏسي نه سگهندا هئا.

مولوي مٿئين طبق تي وڃڻ بدران، هيٺئين طبق ۾ لهي پيو، جتي ٻنان سِسيءَ جي هڪڙو بت هوندو هو، ۽ ڇوڪرا ان بت ۾ اندر منهن ڪري سيٽيون وڄائيندا هئا ته سموري ٿل ۾ ڪجهه وقت تائين اهي سيٽيون ٻڌڻ ۾ ايندون هيون. مولوي انهيءَ بت جي اڳيان ٻيهي هڪڙي لوهي ڪِلَ کي ڪجهه ڦيرا ڏنا ته بت جي

پيٽ وٽان هڪڙو وڏو پٽر هٽي ويو. مولوي هن کي اشارو ڪري هيٺ لهڻ لڳو. هو بہ مولويءَ جي پويان هليو آيو. هيٺ لهڻ لاءِ هڪ بنهہ سوڙهي ڏاڪڻ هئي. جڏهن وريام اندر آيو تہ مولوي وري بہ پٽ ۾ لڳل هڪ ڪل ۾ ٽي ڦيرا ڏنا تہ لنگهہ بند ٿي ويو. وريام کي حيرت ان ڳالهہ تي هئي تہ لنگهہ بند ٿيڻ جي باوجود هن تهخاني ۾ چڱي روشني هئي. ڏاڪڻ ايتري ڊگهي هئي جو چڻ تہ ڪٿي ئي ڪانہ هئي. " حق تي مرزا عبدالعليءَ خسرو خان چرڪس کي مغل ڳولي نہ سگهيا هئا! " وريام سوچيو.

ڏاڪڻ هڪ گول ڪوٺيءَ ۾ اچي ختم ٿي. اُتي پهچي مولوي، هڪڙي پٽ تي ٺڪ ٺڪ ڪئي تہ پٽ مان هڪڙي تاڪي کلي پئي، جنهن مان هڪ خونخوار حبشيءَ جي سسي صاف نظر آئي. مولويءَ هن کي ٺڪرو ٺڪرو ڪجهہ چيو تہ هن هڪدم تاڪي بند ڪري ڇڏي، ۽ گهڙيءَ ڪان پوءِ هڪ شاهي پٽر پنهنجي جاءِ تان هٽي ويو. مولوي هن کي اڳيان وڌڻ جو اشارو ڏنو. هيءَ هڪ ڊگهي سرنگهہ هئي، جنهن ۾ ٿوري ٿوري فاصلي ڪانپوءِ هڪڙو پاڌي جهڙو خواجہ سرا اگهاڙي ترار سان بيٺل نظر آيو. وريام کي هاڻ پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. هتان جيئرو بچي نڪرڻ بنهہ اڻ ٿيڻي هئي. هيءَ هن پنهنجي پاڻ کي دشمن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏڻ جي ڪهڙي ڪِهيلپ ڪئي هئي. هتي تہ هن جا سنگتي ساٿي تہ ڇا مغل شهنشاهت جا سمورا لشڪر بہ هن کي ڳولين تہ بہ هو ڪاڻن ڪونہ ليي سگهندو. هن کي ڏاتر ڏني جا لفظ ياد آيا: " وريام متان ايهرو ٿين: سنڌ کي تنهنجي گهرج آهي! "

جڏهن سرنگهہ پوري ٿي، تڏهن وريام ڏٺو تہ هو هڪڙي اهڙي ڪوٺيءَ ۾ پهتا، جيڪا زمين جي مٿان هئي، ۽ لوهي سيخن جي دريءَ مان ٻاهر نظر پوڻ تي هو سمجهي ويو تہ هو لال حويليءَ جي عمارت جي پوئين حصي ۾ هئا. ان ڪوٺيءَ ۾ بہ ديو جهڙو خواجہ سرا اگهاڙي ترار سان ڪنهن اشاري جو منتظر هو. ان خواجہ سرا مولويءَ کي سجاڳي ورتو، ۽ هٿ سيني تي رکي حڪم ملڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

" اسان کي سڌو حضور مرزا شاهہ رخ وٽ وٺي هل! اسين ٺڪڙا آهيون! "

" جيڪو حڪم، آقا! "

هو هنن کي ڪئين ڪوٺيون اُڪري، هڪ وڏي سينگاريل ڪمري ۾ وٺي آيو.

" اوهين وهو تہ آءٌ حضور مرزا صاحب کي ڄاڻ ڪري ٿو اچان. حضور جن پنهنجي خاص ڪمري ۾ آرام ۾ مصروف آهن! " حبشيءَ سر نمائي چيو.

ٿوري دير ڪانپوءِ، هو موٽي آيو، ۽ ڪين پاڻ سان اچڻ جو اشارو ڏنائين. وريام جڏهن ڪمري ۾ داخل ٿيو، تڏهن هن کي چڻ پنهنجي اکين تي اعتبار ئي نہ آيو. هي ڪمرو يقيناً ڪنهن بادشاهہ جي آرام گاهہ هو. چوڌاري اطلس ۽ ڪمخواب جا خوبصورت پردا ٽنگيل هئا. سامهون ئي هڪ شاهي پلنگ هو، جنهن تي ريشمي جهالرن سان سينگاريل ڪمخواب جي چادر ۽ وهاڻا هئا. زمين تي جيڪي قالين ۽ غاليچا وڇايل هئا، ائين ٿي معلوم ٿيو تہ هن ئي وقت ڪاريگر انهن کي ٺاهي، پنهنجي فن جو انعام حاصل ڪري ويا هئا. ڪمري جي هڪڙي طرف هڪ گول ميز تي بلوري صراحين ۾ مختلف قسمن جون انگوريون سجايل هيون ۽ انهن جي اڳيان سونا گلاس هڪڙي قطار ۾ رکيا هئا. ان ميز جي ئي ويجهو، هڪ اطلسي طول وهاڻي تي، هڪ ڳيرو جوان ڪنهن ساز جي تارن سان ڪيڏي رهيو هو، ۽ ان ڪان ٿورو ئي پريرو ديندي قد جو هڪ ٿلهو بد زيبو ماڻهو، هڪ ريشمي پٽرائيءَ تي طول وهاڻي تي ٽيڪ ڏيئي، اڌ ليٽيو پيو هو.

" يا مولانا، اچو اچو...... معاف ڪجو، جو اوهان کي هتي ئي سڏائي ورتو اٿم! دراصل اڄ اسين ڏاڍو ٿڪجي پيا آهيون! "

مولويءَ هڪڙي نظر ساقيءَ تي وڌي، جنهن ساز هڪ طرف رکي ڇڏيو هو.

” مون کي خبر آهي تہ اوهين ساقين کي ناپسند فرمايو ٿا ..... پر هي ساقي بلڪل بي ضرر آهي ..... اسين هن کان فقط سندس راڳ ٻڌندا آهيون! “

” پر اوهان سانِ جيڪي ڪجھ ڳالهائڻو آهي، ان ۾ هن جي موجودگي بي ضرر نہ ٿيندي! “

مرزا شاهہ رخ اُٿيو تي ويو، ۽ اشاري سان ساقيءَ کي ٻاهر وڃڻ جو چيئي، سڏو تي ويٺو.

” هي نوجوان ڪير آهي .... ؟ “ مرزا شاهہ رخ اهڙي ڏيکائي ڏني، ڄڻ وريام کي پهريون ڀيرو ڏٺو هو.

” هن غلام اوهان جي لاءِ سيوهڻ کان هڪ پيغام آندو آهي ..... “ وريام پنهنجي بهترين فارسيءَ ۾ ڪنڌ نمائي چيو.

” چئو..... اسان کي مولوي صاحب کان ڪابہ پرديداري ڪانهي. “ شاهہ رخ ٿورو اڀرو ٿي چيو.

” مون بہ حضرت مولانا کي، جيترو ضروري هو، آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي، پر مولوي صاحب کي مملڪت جي مسئلن کان ٻاهر رکجي تہ چڱو: آخر مغل بہ حضرت مولانا تي اعتماد ڪن ٿا ..... “

مولويءَ کي وريام جي ڳالهہ ايتري پسند آئي، جو مرزا شاهہ رخ ڪجھ چوي، تنهن کان اڳ هن چئي ڏنو: ” نوجوان درست ٿو چوي، مون تہ رڳو حضور مرزا عبدالعليءَ جي جان جي حفاظت خاطر هي جوکم کنيو آهي، نہ تہ منهنجو سياست ۾ ڇا وڃي ..... آءٌ مغلن جو اعتماد قائم رکي پنهنجي قوم جي وڌيڪ ڪارائتي خدمت ڪري سگهان ٿو! “

ائين چئي مولوي اٿي بيٺو. مرزا عبدالعليءَ طرف اشارو ڏيندي، شاهہ رخ بہ اُٿيو تي ويو.

” چڱو ڀلا، في امان الله! .....ها، پر مولوي صاحب، اوهان جي نئين معجون جي اسان کي اڃا بہ ضرورت آهي ..... آءٌ اوهان کي ڀي محافظ گڏي ٿو ڏيان، جيڪي اوهان کي مسجد تائين پهچائي ايندا ..... “

” نہ نہ، ان جي ڪا ضرورت ڪانهي. ائين تہ پاڻ مغلن کي وڌيڪ شڪ پوندو..... آءٌ پاڻ هليو ويندس ..... ۽ توهان جي معجون بہ ڪنهن وقت ڏئي ويندس ..... رڳو، جڏهن الله تعالىٰ اوهان کي ڪامياب ڪري، اسان ديني عالمن کي نہ وساري ڇڏجو..... “

” هي ڪهڙيون ٿا ڳالهيون ڪريو، مولانا! ڇا اڳي توهان کي گهٽ اهميت ۽ عزت ڏني اٿئون؟ بس، اسان لاءِ دعا بہ ڪندا رهجو تہ هنن مردود مغلن مان جند آزاد ڪرائي، حق حقدار تائين پهچايون ..... ! “

” بيشڪ بيشڪ ..... ! “ ائين چئي مولوي ٻاهر هليو ويو.

” ها نوجوان، تو ڪهڙو پيغام آندو آهي؟ ۽ تون آهين ڪير؟ “ شاهہ رخ ۾ وري بہ رعونت موٽي آئي.

” منهنجو نالو وريام آهي، اوهان کي رڳو اهو اطلاع پهچائڻو آهي تہ مرزا عبدالعلي ۽ خسرو خان چرڪس ۽ ٻين شاهي قيدين کي هٿ ڪرڻ لاءِ مغل لشڪر، مظفر بيگ جي سربراهيءَ ۾، هن حويليءَ تي حملو ڪرڻ وارو آهي. سو جيترو جلد هتان نڪري وڃو، اوترو چڱو! “ وريام اهڙي انداز سان اهي لفظ چيا، جو شاهہ رخ جي منهن تان هڪڙو رنگ تي آيو، ٻيو تي ويو. هن جا نشا ئي ڪافور تي ويا. هو اُٿي بيهي رهيو، ۽ پوءِ اُٿي ئي اچ وڃ ڪرڻ لڳو. سندس هڪڙو هٿ پنهنجي نڪ کي سهسائيندو رهيو.

وريام هن کي چڱي طرح جاچي ڏٺو. قد جو ايترو ننڍو ماٺهو ترخانن ۾ گهٽ هوندو. پر هن ٻڌو هو تہ خود ترخان هن کان بي انتها ڊڄندا هئا، ۽ چوندا هئا تہ هو جيترو زمين جي مٿان آهي، ان کان ڀيٽو زمين جي اندر آهي. سندس حرفت، جرئت ۽ سنگدلي سمورن ترخان سردارن کان سَوائي هئي. ڪنهن جو دشمن ٿيو تہ ان جو سمورو ڄڻ ٻچو ڪهائي ڇڏيندو. هن ۾ گهٽيون خصلتون مرزا باقيءَ واريون هيون، ۽ هي بہ اهي ئي نسخا آزمائيندو هو جيڪي مرزا باقي واپرائيندو هو. زائفائن جي سٿڻ ۾ ٻليون وجهائڻ، ٻن هاٿين جي پچن ۾ ماٺهن کي ٻڌائي، چيرائڻ، اکين ۾ ڳاڙهيون تتل سرائيون وجهائڻ هن لاءِ عام رواجي ڳالهہ هئي. سمورن ساقي خانن ۾ تهخانا ٺهرائي، ساقين جي بهاني اميرن کي اُتي گهرائي ذليل ڪرائڻ هن جو خاص ڪرتب هو. ساقين ۽

ڪنيزن جا نيلام به هن جي اختيار هيٺ ٿيندا هئا، ۽ ساقي خانن جي نگران ماڻهن ۾ هن جا خابرو هن تائين هر ڳالهه پهچائي ويندا هئا. خود اميرن جي گهرن ۾ ڪي خواجه سرا ۽ ڪنيزون هن جي اڱوٺي هيٺ هوندا هئا، جتان هن کي آئي وئي جي پئي خبر پوندي هئي.

اوچتو هو بيهي رهيو، ۽ وڏي وريام تائين آيو. ڪا گهڙي هن کي گهوريندو رهيو. وريام ايترين خونخوار اکيون گهڻ ڏٺيون هيون جن جي ڏورن ۾ ئي موت نظر ايندو هو. پر وريام اڏول ٿي بيٺو رهيو.

” پر توکي ڪتان خبر پئي، ۽ سنڌين کي اسان سان ڪهڙي همدردي آهي جو هيءُ چتاءُ اسان کي موڪليو اٿن! “ مرزا شاهه رخ اهي لفظ ائين چيا ، ڄڻ پنهنجي پاڻ سان ٿي ڳالهايائين.

” سوال ڏاڍو معقول آهي ..... آءٌ ان جا ڪيترائي جواب ڏيئي سگهان ٿو. سنڌين سان اوهان پنهنجي وقت ۾ جيڪي ڪلور ڪيا آهن، انهن کي ياد ڪريو، آءٌ خود اهو ٿو سوچيان ته آخر اوهان سان ڀلائيءَ جو پير ڇو پريون؟ سنڌين کي اڃا تائين مرزاباقيءَ جا ظلم چڱي طرح ياد آهن ..... “

” پنهنجي زبان بند رک، بد زبان ڪتا! حضور مرزا باقيءَ جو نالو وٺڻ کان اڳ زبان کي عطر ۽ گلاب سان ڌوئڻ لازم آهي ..... “ شاهه رخ رڙ ڪندي چيو.

وريام سڌو ڪوبه جواب نه ڏنو. هو هلي هڪ اطلسي موڙي تي ويهي رهيو. هن ڇاتي واٽي شاهه رخ ڏانهن پٺ ڏيئي موڙي ڏانهن رخ رکيو هو ته جيئن شاهه رخ هن تي ڪو وار ڪري. پر شاهه رخ وڏو سياستدان به هو. هن کي وقت جي نوعيت ۽ اهميت ڪان پنهنجو جلال گهڻ پيارو هو.

” خير، توهين ڀلي پنهنجي زبان کي عطر ۽ گلاب سان ڌوئي، پوءِ مرزا باقيءَ جو نالو کڻو پر سنڌين ۾ جيڪڏهن هڪڙو به سنڌي جيرو هوندو ته شاهه بيگ يا مرزا باقيءَ جو نالو جڏهن به زبان تي آڻيندو ته هن کي هڪدم ڪنهن مروان مروڻ جو خيال ايندو آهي، جيڪو چِتو ٿي نه رڳو ماڻهن کي چڪيندو آهي ، پر پنهنجي پاڻ کي به چڪ پائيندو آهي. سنڌين لاءِ سمورا ڌاريان ۽ اوپرا غاصب، جيڪي صدين کان مروڻ ۽ بگهڙ وانگر سنڌ جو ماس چڪيندا، چيريندا، ڦاڙيندا، سندن رت پيئندا رهيا آهن، سي مرون ئي سڏبا ايندا ......! “ وريام به هاڻ پاڻ کي جهلي نه سگهيو.

” بس ڪر گستاخ ڇوڪرا! تنهنجي جوانيءَ تي رحم ٿو اچي نه ته هينئر جو هينئر تنهنجي زبان نڙيءَ مان پٽي پنهنجي ڪتن کي کارائيندس! “ شاهه رخ وڪڻ لڳو. هن کي پنهنجي سياست به وسري وئي.

” سنڌين جون زبانون مرزا باقيءَ به پٽي ڪتن کي کارائيون، سو تون به آخر ان جو اولاد آهين ......! “ وريام ڪاوڙ ۾ چئي ويٺو. پر پوءِ پاڻ تي ملامت ڪرڻ لڳو ته مرڳو اصل ڳالهه تي خراب ٿئي. پر هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو......

اوڏي مهل شاهه رخ زور سان تاڙي وڄائي. گهڙي ڪانه گذري ته هڪڙو پربت جيڏو حبشي خواجه سرا اندر ڌوڪيندو آيو. هن شاهه رخ کي بيٺل ۽ وريام کي موڙي تي ويٺل ڏٺو ته منجهي پيو.

وريام هن ديو کي ڏٺو ته گهڙيءَ لاءِ هيسجي ويو. هن کي پنهنجي يار ڏاترڏني جا لفظ ياد آيا: ” ورِيام، ايهرو نه تجانءُ .....! “ پر هاڻ ته تير ڪمان مان ڇٽي چڪو هو. يا ابهرائي تنهنجو آسرو! هن پنهنجي ڪمربند مان خنجر ڪڍي، نشانو ڻئي ڪري اڇل ڏني. خنجر حبشيءَ جي نڙگهٽ ۾ ڳن تائين کپي ويو، ۽ هاٿيءَ جيان رنڀ ڪري، هن ٻئي هٿ ڪٽي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌا. پر خنجر هن جي شاهه رڳ ڪپي ويو هو، ۽ هو ڪنهن ڍهندڙ ڀت جيان منهن پر ڦهڪو ڪري اچي شاهه رخ جي پيرن وٽ ڪريو. اهو سيڪجهه ايترو تڪڙو ٿيو جو شاهه رخ جا اوسان به خطا ٿي ويا.

وريام جي دل ۾ زور زور پاسراتين ۾ ڌنوندي رهي. پر هاڻ وقت نه هو. هن اُمالڪ ٽپ ڏيئي، شاهه رخ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهن ورائي، سندس پٺ ۾ چيلهه وٽ گوڏو ڏيئي، پوئتي سٽ ڏني، شاهه رخ سڄو ڀيٽو ٿي ويو، ۽ وريام جي ڪوڙڪي ۾ ڪٻر جيان ڦٿڪڻ لڳو. سندس ناسن مان ساهه ائين ٿي ڪڇيو، ڄڻ تمام وڏي ڊوڙ پائي آيو هو.

” اسين اوهان ترخانن جهڙا ڪميڻا ڪونه آهيون جو بي گناهه ڪنهن تي هٿ کڻون، ۽ احسان جو بدلو ڪميڻپ سان ڏيون. آءٌ جي چاهيان ته هينئر جو هينئر تنهنجو مٽڪو پچي، تنهنجو لاش تو وارن ڪتن کي کارائي ڇڏيان ..... هاڻ سڌ ڪر نه پنهنجن پالتو ڪتن کي ته تنهنجي جان بخشي ڪرائين ..... سنڌ تان مغلن جو ذرت هٽائڻ نه هجي ته هوند اوهان سمورن ترخانن کي قنڌار پهچائي ڇڏيون! “

ائين چئي هن شاهه رخ کي اڳيان اُڇل ڏني. شاهه رخ ڏانهن ڪري وڃي منهن پر ڪريو. ڪجهه وقت هو اُتي هانبارو هٽندو رهيو. پوءِ سڌو ٿي، وريام کي ڏسندو رهيو. اُتان اُٿي ڪنجهندو اچي هڪڙي موڙي تي ويهي رهيو. سندس اکين ۾ رت مڙي آيو هو، جنهن ڪيس وڌيڪ خونخوار بڻائي ڇڏيو هو. هو اهو سوچي رهيو هو ته هو پنهنجي پهريدارن کي سڏي، پر هن وقت هن کي پنهنجي جان جو خطرو سُجهي رهيو هو ته جيڪڏهن هن اهڙي ڪا حرڪت ڪئي، جنهن مان هن سنڌيءَ کي ذرو به شڪ پيو ته هو مونکي مارڻ ۾ ويرم نه ڪندو.

اوڏيءَ مهل وريام هيٺ جهڪي، حبشيءَ جي نڙ گهٽ مان پنهنجو خنجر ڇڪي ڪڍي ورتو، ۽ پنهنجي ڪمربند ۾ هٽي ڇڏيائين، پوءِ شاهه رخ ڏانهن منهن ڪري چيائين: ” تون سمجهين ٿو ته اسين سنڌي ايترا ڳهيلا آهيون جو هت ائين اڪيلو تو جهڙي بگهڙ وٽ هليو آيس ..... هن حويليءَ جي چوڌاري منهنجا همراهه منهنجي انتظار ۾ آهن، آءٌ جيڪڏهن مقرر وقت تي نه پهتس مغلن جي اچڻ کان اڳي، توکي ۽ تنهنجي ساٿين کي- خود مرزا عبدالعلي ۽ خسرو خان چرڪس سوڌو سمورن شاهي قيدين- کي ڳترا ڳترا ڪري ڇڏيندا ....! “

ائين چئي وريام ڪارڙي تتر جي ٻوليءَ کي هڪ ڊگهي سيند ۾ ٻوليو ته حويليءَ جي چوڌاري ساڳي سيند جو آواز ٻُرڻ لڳو. شاهه رخ جو منهن پنهنجو رنگ ئي ڇڏي ويو. سندس اکين جي خونخواريت به ڊپ ۾ بدلجي ويئي.

” آءٌ شرمندو آهيان، نوجوان! مون توکي غلط سمجهيو...... ڏس نه اسان جي بزرگن سنڌ جي خدمت به ته ڪئي آهي. برابر، سنڌين سان ڪجهه زيادتيون ٿيون آهن ..... “

” اسين ته فيروز سمي جي مدد ڪاڻ هت آياسين ..... ۽ جڏهن اسان ڏٺو ته هت ماڻهن ۾ پنهنجي حڪومت هلائڻ جي ساڃهه ڪانهي ته اسان کين تربيت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ..... ۽ ان کان سواءِ ڏس نه، هت سنڌ جي سموري ڪاروبار تي هندن جو قبضو هو، رفته رفته مسلمانن ڪاروبار ڪرڻ سکيو. سومرن کان سمن تائين دربار ۾ وڏا وڏا عهدا- ديوان، منشي، محصول دار، باندري ۽ پيڙياتا سڀ- هندو هئا. اسان انهن جي بدران مسلمانن کي اهي عهدا ۽ ملازمتون ڏنيون. اسان سمورن سنڌين کي فارسي لازمي طرح پڙهائي عالم فاضل ٿيڻ جو موقعو ڏنو. اڄ ڪيترا سنڌي عالم، شاعر، محدث ۽ فقيهه فارسيءَ ۾ علم جا دريا پيا وهائين. سڀ کان وڏي ڳالهه ته هت زمين جي ملڪيت جو پراڻو سرشتو اهڙو هو جو ڪنهن وٽ به ڏهن ويهن جريبن کان وڌيڪ زمين ڪانه هئي. ڪنهن سال مينهن نه پوندو هو ته ماڻهو ويچارا اڌاري سڌاري پيٽ گذران ڪندا هئا. اسان وڏيون زمينداريون ۽ جاگيرون قائم ڪيون، جنهن ۾ زميندار ۽ جاگيردار پنهنجن هارين نارين کي خوش رکندا اچن. ۽ ڏسو ته دين جي ڪيڏي نه خدمت ٿي آهي: سوين مسجدون ٺهرايون اٿئون،

رڳو ٽتي ۾ ئي ڏسو ته ماڻهن ۾ روزو نماز ڪيترو وڌيو آهي! تاريخ اسان جي دور کي اسلامي تاريخ ۾ وڏو اعزاز بخشي چڪي آهي: سمورا مورخ، وقائع نگار ۽ انشاء پرداز اسان جي ديني ۽ علمي خدمتن جا معترف آهن! “

وريام کي هاڻ دل ئي دل ۾ ڪل اچڻ لڳي هئي. طوطي وانگر اهو سبق هن گهڻن ارغونن ۽ ترخانن کان ٻڌو هو. مجال آهي جو لفظن ۾ ڪا هير ڦير ٿئي. مدرسي ۾ هنن کي جيڪي ترخان يا ارغون استاد مليا، تن کي به اهو سبق بر زبان ياد هو ۽ هو وري کين ياد ڪرائڻ جا جتن ڪرائيندا هئا ته ارغونن کان اڳ ته سنڌي سڀ ڪفر ۽ شرڪ ۾ مبتلا هئا، ارغونن ۽ ترخانن خالص اسلامي جذبي سان کين اچي انهيءَ مان پار اُڪاريو ۽ انهيءَ ديني جهاد ۾ جيڪڏهن سنڌ جي آزادي کسي ويئي ته اهو ياد رکڻ گهرجي ته سنڌ هاڻ هڪ وسيع اسلامي سلطنت جو حصو بڻجي ويئي آهي، ۽ ترخان يا ارغون يا مغل امير سان گڏ شهنشاهه هند ۽ بغداد جي اميرالمومنين جا نالا به خطبي ۾ گڏوگڏ ورتا وڃن ٿا. ڇا اها فخر جي ڳالهه نه هئي؟ وريام ۽ سندس ساٿين کي ته رونشو سجهي ايندو هو: هو پاڻ ۾ شرط رکندا هئا ته ڪنهن ڏينهن ڪنهن مولويءَ، استاد يا عالم جي تقرير دلپذير ۾ گهڻن لفظن جي ڦير گهير ٿي ٿئي. وريام چوندو هو ته اها تقرير سيني کي حفظ ٿيل آهي، ان ڪري لفظن ۾ ڪابه ڦير گهير ڪانه ٿيندي، ۽ لاشڪ ڪو اهڙو ڪتاب يا فرمان سيني وٽ موجود آهي، جيڪو هو سبق وٺڻ کان اڳ وري هڪڙو پيرو دورو ڪري ٿا اچن!

شاهه رخ جي انهيءَ تقرير جو اثر وريام تي هوبهو ساڳيو ٿيو، ۽ اهو سوچي، هن جي کِل هيڪاري وڌي ويئي ته نه رڳو عالم، مولوي ۽ اُستاد پر امير اُمرا ۽ پيا ارغون يا مغل به جڏهن سماجي سطح تي ٿا ڳالهائين ته انهن کي به اها ساڳي تقرير ياد ڪرڻي ٿي پوي يا اهي ساڳيا فرمان ۽ ڪتاب پڙهڻا ٿا پون!

شاهه رخ وريام کي مرڪندو ڏٺو ته هن جي همت به موٽي آئي.

” خير نوجوان! ڇڏ انهن ڳالهين کي ..... اچ مقصد جي ڳالهه تي، اوهان کي ڪٿان خبر پئي ته مغلن کي لال حويليءَ ۾ شڪ پئجي ويو آهي ته شاهي قيدي هت رهيل آهن ..... ! “

وريام وري هن دنيا ۾ موٽي آيو. هيستائين هن جيڪي ڪجهه چيو هو، سو بنا سوچڻ سمجهڻ جي، پر هاڻ هن کي به سياست هلڻي هئي جنهن لاءِ سانوڻ جا لفظ اچا تائين پئي ڪنن ۾ ٻُريا ته ” وريام، سنڌ لاءِ هاڻ هوش ۽ مَت جي به ضرورت آهي ..... ! “

” اسان جا پڪي به اوهان جي پکين وانگر هر هنڌ چڳندا ٿا رهن، مرزا صاحب! اوهان جي ئي هڪڙي محافظ قيصر بيگ سان سودو ڪيو ته سندس چوڪرا لال حويليءَ ۾ قيد آهن. قيصر خان سان اوهان وعدي خلافي ڪئي ته هو سڌو مظفر خان وٽ پهتو، ۽ هاڻ ..... اوهان اڳي ئي دير ڪري چڏي آهي. مظفر خان پنهنجو سمورو لشڪر وٺي لال حويليءَ جو محاصرو ڪرڻ وارو هوندو..... پر اجا به وقت نه ويو آهي. جلدي ڪريو، شاهي قيدين کي هتان ڪڍي وڃو، پر حويليءَ واري سرنگهه ۽ بت واري ٽل وٽان نه، جو اُتي مغل اڳي ئي پهچي ويا هوندا. البت سامهون نڪري وڃو ته پوءِ ..... پانئجي تو ته مغل سامهون ڪونه پهتا آهن چوته مغل پهتا هجن ها ته منهنجا همراهه اُتان ڪسڪي وڃن ها.....! “

وريام کي ڳالهه ٺاهيندي، بار بار اهو خيال پئي آيو ته ڳالهه جو منڍُ آهي نه پير، شاهه رخ ان کي ڪيئن مڃيندو. پر هن کي اها به حيرت هئي ته ڳالهه ٺاهڻ کان پوءِ، خود هن کي جڻ اهو يقين ٿيندو ويو ته اصل صحيح ڳالهه به اها آهي. سياست برابر جوکم جو پورهيو آهي، هن سوچيو.

شاهه رخ ڪنهن اونهي ٿيءَ ۾ پئجي ويو. هو دل مَن هٽي رهيو هو ته ڳالهه تي ڪيتري قدر پروسو ڪري تي سگهيو. آخري حربي طور هن چيو: ” پر اوهان سنڌي اسان کي اهو ڇتاءُ ڇو ٿا ڏيو؟ “

” سولي سڌي ڳالهه آهي: اوهين ارغون ترخان وري به هتي ته آهيو. اوهان جا مڙهه مقام به هتي آهن. مغل ته بنهه ڌاريان آهن، ۽ هنن کي سنڌ تي حڪومت هلائڻ جو ۽ لاهور يا آگري مان فرمان جاري ڪرڻ جو

ڪهڙو حق تو پهچي؟ اوهان سان ته پوءِ به اسين ڳالهائي سگهون ٿا، جهيڙو به ڪري سگهون ٿا، اوهين نيٺ به ته پنهنجا آهيو.... “

وريام اهي لفظ چئي ته ويٺو، پر سندس زبان ۾ ڄڻ ته ڇالا پئجي ويا. هن کي پنهنجو اندر ملامت ڪرڻ لڳو. دشمن کي ” پنهنجو “ چوڻ جو لعنتاڻو سهڻ جي هن ۾ اجا سگهه نه هئي، نه هوشمندي، ڪٽي اها سياست خاطر ئي چونه هجي. سنڌي هجڻ کي هو سچو هجڻ جي برابر سمجهندو آيو هو. جن هن جي سنڌ جي آزاديءَ کي پائمال ڪيو، جن سنڌ جي سپاجهن ماڻهن کي ڇيچلائي ڇيچلائي ماريو، ۽ جن سنڌ کي مال غنيمت سمجهي پئي ڦريو لٽيو آهي، تن کي ” پنهنجا “ سڏڻ کان هو مارجي وڃڻ کي ترجيح ڏئي ها! پر سانوڻ جا لفظ هن جا محافظ بڻجي، هن کي ڏي ڏيندا رهيا، تڏهن به هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

” ته پوءِ اچ ته هلون ..... وقت اڳي ئي گهڻو وڃايو اٿئون، اچ ته ملي هنن مغلن کي هتان لوڏي ڪڍڻ جا ڪي جتن ڪريون! “

شاهه رخ، هن کي پنهنجي پويان اچڻ جو اشارو ڪري، تاڙي وڄائي. هڪڙو پيو حبشي خواجه سرا ايتري تيزيءَ سان نمودار ٿيو، جو وريام کي شڪ پيو ته ڄڻ ته هو دروازي جي ٻاهران اڳي ئي هنن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو.

” هيبت خان، هڪدم ڪوچ ڪرڻ جي تياري ڪريو. شاهي قيدين جون ڏوليون ۽ گهوڙا سپاهه جي وچ ۾ هلندا، ۽ رستو اصلوڪو مڪ دروازي وارو وٺبو. رستي تي ڪابه روڪ برداشت نه ڪبي. مڪ دستي جي مهنداري تون ڪندين. اسين پويان واري دستي سان هونداسين .... ۽ ها، قيصر بيگ جي حرامزادن کي اسين پنهنجن هٿن سان جهنم رسيد ڪنداسون، هو ملعون مغلن کي نيٺ خبر پهچائڻ کان باز نه رهيو. هن جي سزا اها ئي آهي، ۽ قسم آهي اسان کي پنهنجي سمورن بزرگن جي روحن جو ته قيصر بيگ کي به اسين انشاءَالله پنهنجن هٿن سان ان جو سبق سيکاريندا سون! “

” حڪم جي تعميل ٿيندي، آقا! “ هيبت خان ڪنڌ جهڪائي بند مٺ پنهنجي سيني تي رکندي چيو. هن جي اکين ۾ ڪو ڪهنو ڏنڌ موتي آيو، ۽ وريام کي هن جي غلاميءَ تي ڏاڍو رحم آيو. هي مغرور اکين وارو هيڏو انسان هن ڪميني اڌ- انسان اڳيان ايڏو مجبور ۽ لاچار هجي، سا غلامي شايد اسان سنڌين جي غلاميءَ کان به وڌيڪ دردناڪ آهي. الائجي ڇو هن کي هيبت خان لاءِ عجيب همدرديءَ جو جذبو اهڙيءَ ريت ايري آيو، جو هن کي ٿوري دير اڳ پنهنجي هٿان مرندڙ خواجه سرا جي موت تي شرمساري محسوس ٿيڻ لڳي.

هيبت خان هنن کي هڪڙيءَ ڪوٺيءَ تائين پهچائي، پاڻ پوئين پير موٽي ويو. ان ڪوٺيءَ جي اڳيان هڪڙو پيو حبشي اگهاڙي ترار سان پهرو ڏيئي رهيو هو. هنن جي اچڻ تي، هن دروازي کي زور سان ڌڪو ڏيئي کولي ڇڏيو.

وريام جيڪي ڏٺو، تنهن هن جي وجود کي لوڏي ڇڏيو. سامهون ئي سامهون کٽ تي نُوري ڪاڏيءَ کي هٿ ڏيو ويٺي هئي. وريام ائين ڀانيو ڄڻ ته هن جي اندر ئي اندر ڪنوڻ ڪڙڪي پئي. هن جو سڄو اندر، گهڙيءَ لاءِ سهائو ٿي ويو، ۽ انهن اکين ۾ الائجي ڇا هو، جو هن سمجهيو ڄڻ ته انهن اکين ۾ جيڪو ڏک، درد ۽ ايذاءُ هو، تنهن هن کي ڏوراپو ڏنو ته وريام، ائين ڪبو آهي، ائين سار لهبي آهي، ايتري دير ڪبي آهي! هن جو سمورو وجود وڍجي ويو، اهو ڏوراپو، اهو مهڻو ٻڌي!

دروازي کلڻ تي، نوريءَ ائين ٽپ ڏنو، جيئن هرڻيءَ جو ابهم معصوم ٻچڙو، خطرو محسوس ڪري ٽپو ڏيندو آهي. ان وقت هن جي اکين ۾ ايذاءُ سان گڏ خوف جا پاڇولا لهي آيا، ڄڻ ته اڳي ئي جُهڙاٽيل آسمان تي نئون ڪارو ڪڪر لهي آيو.

شاهه رخ هٿ وڌائي، حبشيءَ کان سندس اگهاڙي ترار ورتي، ۽ ڪٽ ڏانهن وڌيو، جتي ٻه نندا نينگر ليٽيل هئا. شاهه رخ کي اوڏانهن وڌندو ڏسي، نوريءَ وري سٽ ڏيئي، ڪٽ ڏانهن مڙي، ٻنهي ڇوڪرن کي ڀاڪر ۾ آٽي ڇڏيو. ڇوڪرا ٻه شاهه رخ جي هٿ ۾ ترار ڏسين نوريءَ کي چنبڙي پيا.

” ڪنيز، تون هٽي وڃ. هنن حرام جي تخمن جو وقت پورو ٿي ويو آهي! “ شاهه رخ رڙ ڪندي چيو.

نوري هيڪاري ٻارڙن کي چنبڙي پئي. هوءَ پاڻ ڪرڙيءَ وانگر پئي ڏڪي، پر ٻارن کي وڌيڪ ڀاڪر ۾ ڀيڙيندي چيائين: ” هنن معصومن اوهان جو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي ..... الله، الله جي رسول جي صدقي، اهڙو ڪِيس نه ڪريو..... “ نوريءَ سنڌيءَ ۾ رڙ ڪري چيو.

” ڪنيز، اسين توکي ڪوبه ايذاءُ ڏيڻ نٿا گهرون ..... تون اسان وٽ شان مان سان رهندينءَ، پر هنن نانگ جي ٻچن کي اسين هينئر جو هينئر ختم ڪرڻ گهرون ٿا ..... نادر خان، هن ڪنيز کي هٽاءِ ..... “

حبشي چپ چاپ ڪٽ ڏانهن وڌيو. وريام جڻ ڪنهن اوتاري مان جاڳي پيو. ڪمربند مان خنجر ڪڍندي، هو وڌي اچي نوريءَ ۽ هن جي وچ ۾ بيهي رهيو، ۽ ڏند پيڙيندي، پاڻ تي ضبط ڪندي ڏاڍيان چيائين: شاهه رخ، هن نينگريءَ يا ٻارن کي ڪجهه ٿيو ته آءٌ اتي جو اتي توکي خون ڪري ڇڏيندس.....! “

هن حبشيءَ جي اکين ۾ شوڪي نهاريو، ۽ ڪِيس چيائين: ” خبردار جيڪڏهن هن ڏانهن هٿ وڌايو اٿئي .... ! “ هن خنجر جي اشاري سان حبشيءَ کي پوئتي هٽڻ جو اهڃاڻ ڏنو. حبشيءَ وٽ ڪوبه هٿيار ڪونه هو، پر پنهنجي آقا جي موجودگيءَ ۾ پوئتي هٽڻ ۾ هو هبڪڻ لڳو، ۽ سوال طلب نظرن سان مرزا شاهه رخ ڏانهن ڏٺو. شاهه رخ سنڌي ڪنيز اڳيان پنهنجي حڪم جي انحرافي ۽ هيٺاهينءَ تي باهه ٿي ويو، ۽ هن اگهاڙي ترار جو وار وريام ڏانهن موڙي ڇڏيو.

وريام هن کي ايترو ويجهو هو، جو جيڪڏهن چاهي ها ته انهيءَ وار دوران ئي خنجر هن جي پيٽ ۾ کوڙي ڇڏي ها. پر ان جي بدران وريام هن کي پيٽ واري لت ڦهڪائي ڏني. شاهه رخ پويان ٿاٻڙجندي وڃي، پاڻيءَ جي نندي ناديءَ تي ڪريو. ترار سندس هٿ مان ڇڏائجي ويئي. وريام جهٽ ڏيئي، ترار کڻي ورتي. اهو سڀ ڪجهه ايترو تڪڙو ٿيو جو نادر خان کي ٻه اڳيون قدم کڻڻ جو موقعو ئي نه مليو.

وريام تلوار جي ڇهنب شاهه رخ جي نڙيءَ تي رکندي چيو: ” شاهه رخ، مون توکي ڏاڍو عقل مند سمجهيو هو، پر سمورن ترخانن وانگر تنهنجو عقل به تنهنجي ڏُن ۾ آهي ..... ۽ نادر خان، جيڪڏهن پنهنجي آقا جي زندگي پياري اٿئي ته هتان ٻاهر هليو وڃ، ۽ وڃي هيبت خان کي ڪوچ ڪرڻ ۾ مدد ڪر، مغل اجهو آيا ڪين آيا .... نه ته هيءَ ترار آءٌ هن جي نڙگهٽ جي پار اُڪاري ڇڏيندس! “ وريام جي لفظن ۾ رُڪ جهڙي سختي اچي ويئي.

نادر خان هڪڙو پيرو وري شاهه رخ ڏانهن نهاريو، ۽ چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪري ٻاهر نڪري ويو. وريام به هڪڙي نظر شاهه رخ تي وڌي، جيڪو هڪڙي ٻانهن جي زور تي اُٿڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هار ۽ شرمساري هن جي اکين ۾ وري خونخوار ڪيفيت جي جاءِ اچي والاري هئي.

۽ پوءِ وريام نُوريءَ ڏانهن ڏٺو. پر هو هن جي منهن ۾ نهاري نه سگهيو. انهن اکين ۾ جيڪا نماڻائي ۽ ايذاءُ هو، ان کي گهوري ڏسڻ جي به وريام ۾ پهچ ڪانه هئي. هن جي نظر فقط سندس ڳچيءَ جي ڳهاءَ تي وڃي پئي، جيڪو جيتوڻيڪ سُڪي ويو هو، پر اڃا به رتايل ٿي نظر آيو. ان ڳچيءَ جي پس منظر ۾ نوريءَ جي منهن ۾ معصوميت ائين ٿي ٻهڪي، جو وريام جي دل ڪنهن عجيب احساس کان هڪ نئين سُر ۾ ڌڙڪڻ لڳي.

۽ پوءِ هن پنهنجاپ مان چيو: ” ٿوريءَ دير ۾ هتان ٻاهر هلڻو آهي. هي نينگر قيصر بيگ جا آهن نه؟ “

نوريءَ کان وريام جي واتان سنڌي ٻڌي ڇرڪ نڪري ويو. الا، منهنجي جيجل جي ٻولي ڪيڏي نه مٺي ۽ سُريلي آهي، جيڪا ٻڌڻ سان سڀ ڏک سور ماٺا ڪريو ڇڏي. هن ڦيريون ڦيرو نظر ڪٽي وريام کي ڏٺو، جنهن کي پوشاڪ ته ترخانن جهڙي پيل هئي، پر سندس اکيون نج نبار سنڌي اکيون هيون. سنڌي اکيون ته پري کان پڌريون: انهن جي پنهنجائپ به نرالي ته نهار به نرالي. سنڌي اک جو شرم به پنهنجو، پاڻي به پنهنجو، حياءُ به پنهنجو ته ان نياپو سنيهو به پنهنجو. وريام جي اکين ۾ هن کي جيڪي ڪجهه نظر آيو، تنهن هن کان سمورا ظلم وسارائي ڇڏيا، جيڪي ڏارين هن کي ڏنا هئا. هن جي اندر جا گهاوَ ته ڏاڍا گهرا هئا، پر انهن اکين ۾ هن جيڪو پاڀوهه ۽ پنهنجائپ ڏٺي، تنهن هن جا وار ڪانداري ڇڏيا.

هن رڳو ڪنڌ ڏوڻ ڪري " ها " ڪئي.

" هيءَ ڪنيز اسان جي ملڪيت آهي: قيصر بيگ جا ڇوڪرا جيڪڏهن تون پاڻ سان وٺي وڃين ته ڀلي وٺي وڃ: پر سنڌي ڪنيز اسين موٽائي نه ڏينداسون! اسين ڪيس پنهنجي حرم ۾ آڻڻ ٿا گهرون! "

شاهه رخ وڏي اچي نوريءَ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. پر ساڳيءَ گهڙيءَ وريام جي ابتي هٿ جي لپاٽ هن جا وائيسر ئي ڦيرائي ڇڏيا، ۽ هو وري به تيز ڪائيندو وڃي ناديءَ جي مٿان ڪريو.

" ڪميڻا، آئيندي ڪنهن سنڌي نياڻيءَ کي ائين ٻانهن ۾ هٿ وڌو اٿئي، يا ان کي ڪنيز سڏايو اٿئي، ته آءٌ تنهنجي سسي ڪپي ڇڏيندس. اوهين لائق ته انهيءَ جا آهيو جو سنڌين تي هڪڙي هڪڙي ظلم جي عيوض اوهان جو هڪڙو هڪڙو سَنڌ ويهي ڪپجي ته به هوند دل ٿڌي نه ٿئي، پر شڪر ڪريو جو سنڌي اجا ظلم جي موٽ ۾ ظلم ڪرڻ ڪونه سکيا آهن .... هاڻ نڪر هتان، مٿان منهنجو ارادو بدلجي وڃي! "

وريام هاٿي ڪاوڙ کان سڄو پئي رڙيو. هن جي دل ته اهو ٿي چاهيو ته اتي جو اتي شاهه رخ جي سسي ڪپي ڇڏي، پر وري به هن کي سانوڻ ياد اچي ويو، ۽ هو ڪاوڙ کي پي ويو. شاهه رخ ٻاهر ويو ته هن چيو:

" اچو ته هلون. "

وڏي ڇوڪري هيسيل انداز ۾ چيو: " ڪنيز، هاٿي وري اسان کي ڪيڏانهن ٿا وٺي هلن. اسين ته هاٿي ڳالهايون به ڪونه ٿا! " وريام گهڙيءَ لاءِ ڇوڪرن ڏانهن نهاريو. پنهي ٻارن جي اکين ۾ ڊپ ايترو ته خيما کوڙي ويو هو، جو هو نوريءَ جو پلاند ڪنهن به صورت ۾ ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئا.

" اوهان کي اوهان جي گهر ٿا وٺي هلون! " وريا مر ڪين دلداري ڏيندي، فارسيءَ ۾ چيو.

هو نوري ۽ ڇوڪرن کي وٺي، سرنگهه واري رستي کان ٻوڏي ٿل کان ٻاهر نڪتو. ٻاهر نڪري، هن ڪارڙي تتر جي ٻولي ٻولي همراهن کي اطلاع ڏنو. ڪِرڻ جي هڪڙي ٻوڙي مان ڏاتر ڏنو ڊوڙ پائي، وريام سان ٻڪين پئجي ويو.

" يَرَ ، ايڏي دير..... سڄو ڏينهن لنگهي ويو آهي. حرام جو مانيءَ جو ٻور به ڪاتو هجيم......! " ڏاترڏني پڻ پڻ ڪندي چيو.

" ادل، بک ته مونکي به ڏاڍي لڳي آهي، پر تون ڏي حال احوال! "

ڏاترڏني جي نظر جڏهن نوريءَ تي پئي ته هن جي زبان چڙ ته ڪڪجي پئي. وريام کان آئت ملڻ تي هن چيو: " لال حويليءَ جي اڳيان سمورن لنگهن تي مغل لشڪري مظفربيگ جي اڳواٽيءَ ۾ شاهي قيدين جي آجيان لاءِ تيار بيٺا آهن. پاڻ وارا به ڪجهه همراهه اتي ئي آس پاس لڪل آهن، مغل مٿيا ته ڪڪَ پن ٿي ويندا. پلا هاڻ؟ " ڏاترڏني سوال ڪندي وري نوريءَ ۽ پنهي نينگرن کي ڏٺو.

" پلا، پنهنجا سمورا همراهه پيادا آهن يا ڪو وهٽ به آهي؟ "

" مون سمجهيو ته مٿان وهٽ جي ضرورت پوي، سو ٻه گهوڙيون مغلن کان اُڌاريون وٺي آيو آهيان .... ! " ڏاترڏني مرڪندي چيو.

وريام ڪان ٻه ٽهڪ نڪري ويو. مغلن ڪان گهوڙيون اڏارڻ جو مطلب هن ٻه خوب ٽي سمجهيو. پوءِ ڳچ وقت هو ڏاترڏني پاسي تي وٺي، ڳالهيون سمجهائيندو رهيو، ۽ پوءِ هڪڙي گهوڙيءَ تي نينگرن ۽ نوريءَ کي سوار ڪرائي، ٻيءَ تي پاڻ چڙهي هو قيصر بيگ جي حويليءَ ڏانهن روانو ٿي ويو.*

(15)

قيصر بيگ جا پٽ، جڏهن کان مرزا شاهه رخ وارن پاڻ وٽ جهليا هئا، تڏهن کان هن جي زندگيءَ ۾ چڻ ڪو وڏو زلزلو اچي ويو هو، جنهن هن جي حياتيءَ ۾ هڪ نئون موڙ آڻي ڇڏيو هو. هو جڏهن دربار مان اُٿي حويليءَ ۾ داخل ٿيندو هو ته هن کي در دريون به ماتم ڪندي محسوس ٿيندا هئا. هن جي زال روئي روئي بيمار ٿي پئي هئي، ۽ ڪنيزن کي ته اهو اچي خيال ٿيو هو ته خانم هاڻ ڪانه بچندي. قيصر بيگ اندر داخل ٿيندو هو ته جوڙس جون اکيون هن کان پهريون سوال اهوئي ڪنديون هيون ته منهنجي ٻچڙن جي ڪا خير خبر؟ ۽ جڏهن قيصر بيگ جي اکين ۾ مايوسيءَ جا پاڇا ڏسندي هئي ته هوءَ نئين سر اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳندي هئي، ۽ ڏندڙجي ويندي هئي. قيصر بيگ سندس اها حالت ڏسي پاڻ به روئڻهارڪو ٿي ويندو هو.

هو روز دربار رڳو ان ڪري ويندو هو ته من پائنده بيگ يا مظفر بيگ کان ڪا خوشخبري ٻڌي. پر اُتي ته روز ڪاريءَ وارا ڪڪ بيان ٿيندا هئا. ” يا الله، هنن کي زمين ڳهي ويئي يا آسمان ۾ غائب ٿي ويا منهنجا شهزادا؟ “ هن مرزا شاهه رخ جي ڳالهه اجا تائين ان ڪري ڪانه ڪئي هئي جو هڪڙو ته رستم بيگ اصل ڳالهه جي خبر پوندي ئي جيئري سندس کل لهرائڻ ۾ ويرم نه ڪندو، ۽ ٻيو ته شاهه رخ سندس پٽن کي کُهندي ذرو به قياس نه ڪندو. هو اهڙين ٻن باهين جي وچ ۾ پسم ٿي رهيو هو، جنهن مان جند آزاد ڪرائڻ هن جي وس کان ٻاهر هو. رکي رکي هن کي اهو خيال ايندو هو ته الله سائين ڪيس سندس گناهن جي هيءَ سزا ڏيئي رهيو هو. هن کي اهي سمورا قتل، ڌاڙا ۽ ڪِيس ياد آيا، جيڪي هن سنڌين سان ڪيا هئا، ۽ خاص طرح هن کي نوريءَ جي گهر وارو ڌاڙو ياد آيو جنهن ۾ نوريءَ جي ماءُ قتل ٿي هئي، ۽ نوري هن جي هٿ چڙهي هئي. ڪيڏيون نه دل ڏاريندڙ رڙيون ڪيون هئائون. ان وقت هن کي اهو قياس ڪونه پيو ته سنڌي به آخر انسان آهن، جن ڪڏهن ڪنهن کي ڏکويو ڪونه هو. هو ويچارا ته جيت جناور کي مارڻ کان پيا ڪيٻائيندا هئا. وهٽن کي ” امان “، ” ابو “ ڪري سڏيندا هئا. ڪنهن جيت تي، اوچتو ۽ اڄاتو، پير اچي وين ته پيا توباهون ڪندا، جانا پريندا ۽ پاڻ کي گنهگار سمجهندا. اهڙا نهٺا ۽ نئڙت وارا جو ظلم ٻيا ڪندا هئا ته شرمندا پاڻ پيا ٿيندا. شروع شروع ۾ ارغونن ۽ ترخانن سنڌين تي جيڪي ظلم ڪيا، ته ان تي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ارغون ۽ ترخان شرمسار ٿيندا هئا. ان جي برعڪس جڏهن مغلن، ارغونن ۽ ترخانن سان ڏاڍايون ڪيون، ۽ هو ٽٽو ڇڏي لڏڻ لڳا تڏهن سوين سنڌين هنن کي پناهون ڏنيون، سندن سامون جهليون، ڪين پنهنجن ڳوٺن ۾ آڻي وهاريائون. ڪن ته ڪين وهٽ ڏنا، ته جيڪڏهن سيوهڻ، بکر يا ٻئي پاسي وڃڻ گهرن ته پنهنجي عيال سان حفاظت سان نڪري وڃن. ڪن سنڌين ڪين مهينن جا مهينا ويهي کارايو. سندن لاڏ ڪيو جو هو سندن مهمان هئا. جيڪي ڳالهيون سنڌين لاءِ هونئن قبول ڪرڻ محال هو، اهي به هنن برداشت ڪيون. ڪنيزن ۽ غلامن سان سندن ورتاءُ سندن کي هرگز نٿي آئڙيو، هنن ته انهن ڪنيزن ۽ غلامن

کي ٻه اهڙي ئي ماني کارائي جيڪا پاڻ کائيندا هئا. ڪين سڏي پاڻ سان وهاري کارائيندا هئا متان هو اهو سمجهن ته سنڌي ٻه ڪين غلام يا ڪنيزون ٿا سمجهن.

۽ انهن ئي ترخانن، جڏهن مغلن سان ٺاهه ڪيو ۽ حڪومت جي ڪاروبار ۾ ساڻن ڀائيوار ٿيا يا وري پنهنجيءَ وارا ٿيا ته سنڌين جو مڏيون ضبط ڪرايائون، سنڌين جي ملڪيتن تي قبضا ڪيائون، سنڌين کي بيگناهه ڪوڙن الزامن ۾ گرفتار ڪرائي ڀُنگ ۽ آنڪيون ڀرائيندا هئا. جن محلن ۾ سنڌي ٿورا هئا، انهن جي گهرن ۾ گهڙي، هنن جي ننگن ۾ اکيون وڌائون ۽ جڏهن سنڌي پنهنجن ننگن خاطر مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿيا ته مغل لشڪرين کي اهي دانهون ڏنائون ته سنڌين اسان سان ڏاڍائي ڪئي آهي. سوين سنڌين تي چغليون هٽي ڪين بغاوت جي ڏوهه ۾ ٿياس تي ٽنگائي ڇڏيائون. ائين سنڌين جي زندگيءَ کي عذاب بڻائڻ ۾ هنن ڪا ڪسر ڪانه ڇڏي، ۽ جڏهن قيصر بيگ جهڙن ڏاڙا هڻڻ ۽ راتاها ڏيڻ شروع ڪيا ته سنڌن نشانو فقط سنڌين جا محلا هئا يا نديا واهڻ ۽ وسيون، هنن ۾ نه قياس هو، نه ڪا ٿي ڪهل پين ......

۽ اڄ جڏهن هن سان پاڻ ظلم ٿيو هو ته قيصر بيگ کي اهي سمورا ظلم ۽ اتياچار اچي ياد پيا هئا. هن کي سندس زال ٻه اهو ٻڌايو هو ته جڏهن سندس گهر تي ڏاڙو لڳو، ۽ مغل سپاهين جي ويس ۾ ترخان ڪاٺڪو سندن الهه تلهه لٽي ويا، تڏهن هڪڙي سنڌيءَ جيڪو سنڌي ڪنيز جي ڳولا ۾ آيو هو، تنهن ڪيس آٿت ڏنو هو، دلداري ڏني هئي ته زندگي ۽ موت الله جي وس ۾ آهي، مرزا شاهه رخ جي وس ۾ ڪونهي، ۽ جي حياتي رهي ته هو ڪيس سندس معصوم ٻچڙا ڳولي ڏياريندو! قيصر بيگ ڏاڍي ڪانپوءِ جڏهن خبر چار لڌي تڏهن خبر پيس ته اهو سنڌي سانوڻ هو، جنهن ڪان سردار خان جي نالي، ارغون ۽ ترخان ته ڇا، خود مغل ٻه ائين ٿهندا هئا، ڄڻ ته ڪو خوفائتو خواب ڏٺو هئائون. قيصر بيگ کي پڪ هئي ته سنڌي پنهنجو وچن ضرور پاڙيندو. پر وري ٻه پڪ ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي هٿيڪي ۽ خاص ماڻهوءَ کي پيغام ڏئي سانوڻ ڏي موڪليو هو ته جيڪڏهن سانوڻ هن جا پٽ موٽارائي ڏئي ته هو هن جو اهو احسان زندگيءَ پر ڪونه وساريندو ۽ ان جي عيوض هو جيڪو ٻه گهرندو، سو هو اکين سان پهچائيندو. پر ان کي ٻه ايترا ڏينهن ٿي ويا هئا ......

اوچتو حويليءَ جي ڏيڍيءَ ۾ تيز تيز قدمن ۽ اپهرن جملن جو آواز ڪن تي پيس. الائي، وري ڪهڙي نئين آفت آئي آهي، قيصر بيگ سوچيو. پر سندس خاص خدمت گار خواجه سرا محمود خان تڪڙو اندر هليو آيو.

” آقا، مبارڪون هجنوَ. اوهان جا شهزادا- ۽ سنڌي ڪنيز خير سان واپس اچي ويا آهن. هڪڙو سنڌي ساڻن گڏ آهي .....! “

جيسين قيصر بيگ حيرت ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪري، تنهن ڪان اڳ هن جي زال چرين وانگر، مردانخانو ٽپي، ڏيڍيءَ ڏانهن ڀڳي، ۽ قيصر بيگ جو ٻه لحاظ ڪونه ڪيائين. پنهنجي ٻنهي پٽن کي، هڪ ئي وقت ۾، ڀاڪر ۾ ڀيڙي، چرين وانگر ڪين ائين چمڻ لڳي، جو مرڳو نينگرن جو ساهه منجهڻ لڳو، ۽ هو روئٽهارڪا ٿي ويا. نينگرن جڏهن قيصر بيگ کي ايندو ڏٺو ته پنهنجي ماءُ جي ڀاڪر مان نڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳا.

ننڍو نينگر ته پيءُ جي ٽنگن ۾ چنبڙي پيو. قيصر بيگ ڪيس ٻانهن ۾ جهلي، سندس نرڙ تي چمي ڏني. البت وڏو نينگر ڄڻ ته ٻت ٻڻجي ويو، ڄڻ هن کي پنهنجي محبت جي اظهار ڪرڻ جي منع ٿيل هئي.

” سلام، ابا حضور! اسان اوهان جي حڪم مطابق هڪڙي ٻه نماز قضا ڪانه ڪئي! “

قيصر بيگ جي چپن تي مرڪ اچي ويئي، ۽ هن وڏي ڪٽي وڏي پٽ کي ڀاڪر پاتو. ڪوشش ڪرڻ جي باوجود، هن جي ڀاڪر ۾ به، وڏي نينگر جون ننگون پئي ڏڪيون، ۽ هو وڏا وڏا ساهه ڪٽي رهيو هو، ڇڻ ته پنهنجي ڌپ تي ضابطو رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

” ۽ ابا حضور، هن سنڌيءَ اسان کي دشمنن جي قيد مان آزاد ڪرايو آهي! “

قيصر بيگ کان ڇڻ ڇرڪ نڪري ويو، ۽ هو ڇڻ آسمانن کان زمين تي موٽي آيو. زمين، جتي حقيقت جو اُگرو مهاندو هن جي سامهون هو، جتي پيءُ جي شفقت ۽ محبت کان به اڳتي ڪجهه هو.

هن ڪڏهن سانوڻ کي ڪونه ڏٺو هو. انڪري هن سمجهيو ته هيءُ ئي سانوڻ هوندو. هن احسانمنديءَ جي نظرن سان وريام کي ڏٺو ۽ اڳتي وڌي، هن ڪٽي ڪيس ڳراٽيءَ لاتو.

” سنڌي، اسين تنهنجو هي تورو ڪڏهن به لاهي نه سگهنداسون! “

وريام، هر ٻئي سنڌيءَ وانگر، تورن مڃڻ تي ڇڻ ڪکو وکو ٿي ويو، ۽ ڦڪي کل کلندي چيائين: ” حياتي ته الله جي وس آهي، مرزا شاهه رخ جي وس ۾ ته ڪانهي. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته ويريءَ کان واهرو وڏيڪ ويجهو هوندو آهي. سو اوهان جي چوڪرن جي حياتي، مون نه پر هِن بچائي آهي! “

وريام نوريءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. قيصر بيگ جو ڌيان هيستائين سنڌي ڪنيز، نوريءَ ڏانهن ويوئي ڪونه هو. هن جڏهن نوريءَ ڏانهن ڏٺو، تڏهن ڇڻ هن جو ماضي موٽي آيو. نوري، قيصر بيگ جي زال ۽ سندس ٻانهين جي وچ ۾ گهيريل هئي. هڪڙي ڪنيز ته ڪيس ڀاڪر ۾ جهليو بيٺي هئي، پر سندس منهن جو هڪڙو پاسو پاڇولي جيان قيصر بيگ جي نظرن ۾ کپي ويو. ” هي حسن ته هن دنيا جو حسن ئي ڪونهي! “ قيصر بيگ سوچيو.

” ها، ابا حضور، سنڌي ڪنيز، اسان جي جان بچائي، اوهان جي انعام جي مستحق ٿي آهي! “ قيصر بيگ جي وڏي نينگر اهڙي انداز سان اهي لفظ چيا ڇڻ ته هو ڪنهن درٻاري امير وانگر ٽئي جي عامل اڳيان ڳالهائي رهيو هو.

” بيشڪ بيشڪ! يقيناً اسين هن کي انعامن اڪرامن سان نوازينداسون. هي نوجوان به اسان جي انعام اڪرام جو مستحق آهي! “ قيصر بيگ ۾ ترخان امير موٽي آيو.

وريام کي هن گفتگوءَ منجهائي وڌو. هن جي تصور ۾ به اهو نه ٿي آيو ته ڪو پٽ ۽ پيءُ، ايڏي وچوڙي ڪانپوءِ ائين بناوٽي انداز ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائي ٿي سگهيا. هن رکو ان مونجهاري کان بچڻ لاءِ چيو: ” ڇڏيو انعامن اڪرامن جون ڳالهيون. هاڻي اسين اجازت گهرنداسون ......! “

نه چاهيندي به هن جي نظر نوريءَ ڏانهن کڄي ويئي. نوري، جيڪا قيصر بيگ جي زال ۽ سندس ڪنيزن جي وچ ۾، ڇڻ ته چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر پئي ٻهڪي. اهي سموريون زائفائون سندس اڳيان سچ پچ ته ٻانهيون ٿي لڳيون.

” ائين وري ڪيئن ٿيندو؟ اوهان اسان تي ايڏو احسان ڪيو آهي، سو گهٽ ۾ گهٽ اسان سان ٻه گرهه ته گڏ کائنا پوندا، اوهان کي ...... محمود خان، مردانخاني ۾ طعام جو انتظام هڪدم ٿيڻ گهرجي ......! “ قيصر بيگ جي اندر جو ترخان امير هاڻ پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ ڳالهائڻ لڳو.

” نه نه، حجاب ڪونهي، اوهان جي وڏي مهرباني .... “ ۽ پوءِ هن نوريءَ ڏانهن منهن ڪري چيو: ” هاڻي هلو ته هلون اڳيان به وڏو پنڌ آهي! “

جيسين نوري ڪو جواب ڏئي، تنهن کان اڳ محمود خان وڏي سڏ چيو: ” آقا، مردانخاني ۾ سمورو انتظام حاضر آهي! “

وريام وري منجهي پيو. هن جي دل هت هڪ گهڙي بہ گذارڻ نٿي گهري. ڪا ڳالھ هئي، جنهن هن کي منجهائي وڌو هو، ڪا ڳالھ هئي، جنهن هن جي دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ گمان ۽ شڪ جي صورت ۾ چهنڊڙي پئي هنئين. هن کي هي سچو مانداڻ ائين لڳو، جنهن ۾ سچ لاءِ ڪا گنجائش ئي ڪانہ هئي، جنهن ۾ ڪنهن سنڌيءَ جي جاءِ نہ هئي. هن بيوسيءَ مان هڪ ڀيرو وري نوريءَ ڏانهن نهاريو. عين ان وقت نوريءَ جي نظر بہ هن جي اکين سان مهاڏو اٽڪائي ويهي رهي. ٻنهي جون اکيون، هڪ ٻئي کي سمجهندي سمجهائيندي بہ ، ڪو فيصلو ڪري نہ سگهيون. نوري، هڪ نئين ڊپ کي سانديندي، ٻين ڪنيزن سان گڏ زنانخاني ڏانهن هلي ويئي، ۽ وريام هن کي ويندو ڏسندي، قيصر بيگ سان گڏجي مردانخاني ڏانهن هليو آيو.

ڪنهن هڪڙي ترخان يا مغل امير جو مهمان خانو، مَردانخانو يا خوابگاهہ ڏسڻ سان چئڻ تہ سمورن ترخان ۽ مغل اميرن جا مهمان خانا، مردانخانا يا خوابگاهون ڏسڻ جي برابر آهي. تڏهن بہ وريام، هن مهمانخاني ۾ جيڪي ڏٺو، تنهن هن کي وري اهي ڳالهيون ياد ڏياري ڇڏيون تہ هي سيڪجهہ سنڌ جي رت پونءِ مان ٺهيو آهي. ترخانن سنڌين کي جيترو لٽيو ڦريو، سو هنن جي عشرتخانن ۾ قالين ريشم ۽ ڪيمخواب، ۽ بلوري صراحين ۽ جامن مان جهلڪي رهيو هو. هن جي دل چاهيو تہ چا بہ ٿي پوي، هن کي عشرتخاني مان هڪدم ٻاهر نڪري سنڌ جي آزاد هوا ۾ ساهہ کڻڻ گهرجي، نہ تہ گهُٽ ۽ ٻوسٽ کان هو مڃاڻ ڪو اهڙو قدم کڻي ويهي، جيڪو سنڌين جي شان وٽان نہ هجي!

جڏهن محمود خان هن کي انگوريءَ جو ٽيون جام ڏاهي ڏنو، تڏهن وريام هن جي اکين ۾ جيڪي ڏٺو، تنهن هن کي ديڇاري ڇڏيو. انهن اکين ۾ هن لاءِ اهڙي دشمني هئي، جيڪا فقط هڪڙو غلام پنهنجي آقا جي اشاري ۽ چوڻ تي ٻين سان ڪندو آهي، ۽ جنهن دشمنيءَ ۾ سچائيءَ هوندي بہ سچائي نہ هوندي آهي ..... ۽ پوءِ هن چڻ خواب ۾ اهي لفظ ٻڌا، جيڪي جيتوڻيڪ قيصر بيگ جي چپن مان پئي نڪتا پر وريام سمجهيو تہ محمود خان ڳالهائي رهيو هو.

” سنڌي ڪنيز جي سودي ڪرڻ سان اسين وري توشي خاني جي عملداري حاصل ڪرڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿينداسون. رستم بيگ جڏهن سنڌي ڪنيز کي ڏسندو، تڏهن هن کي پائنده بيگ يا مظفر خان جي نسبت اسان کي ترجيح ڏيڻي پوندي..... ۽ جڏهن اسين تاشي خان تي اهو راز فاش ڪنداسون تہ سردار خان در اصل هڪڙو سنڌي باغي ۽ ڌاڙيل آهي، تڏهن هو شاهي دربار ۾ اسان جي لاءِ ضرور ٻہ اکر چڱا لکي موڪليندو. – ۽ هڪڙو ٻيو فائدو بہ ٿيندو تہ شاهي قيدين کي جهلڻ جو جيڪو الزام ترخانن تي آهي، سو بہ لهي ويندو، جڏهن اسين اهو ثابت ڪري ڏيکارينداسون تہ اسان شهزادا ۽ سنڌي ڪنيز، اسان اُن سنڌي باغي سردار خان عرف سانوڻ جي قبضي مان ڇڏايا آهن. هن وقت ترخانن کي مغلن جي قهر کان بچائڻ لاءِ اهو لازمي آهي تہ رستم بيگ تي اهو واضح ڪري ڇڏجي تہ اصل ڏوهاري سنڌي آهن، جن شاهي قيدين کي، ۽ اسان جي شهزادن ۽ سنڌي ڪنيز کي ان ڪري پاڻ وٽ رکيو تہ جيئن مغل ۽ ترخان هڪ ٻئي سان وڙهي پون، ۽ سنڌي ان جو فائدو وٺي، مغلن خلاف شورش ڪري، مغلن کي لوڏي ڪڍن. “

اهي لفظ، ٺانداڻ جيان وريام جي دما غ جي انهن ڪُنڊن ۾ ٻارڻ ٻاريندا ويا، جيڪي آهستي هن جي پنهنجي وجود جي نفرتن هيستائين ڪوليون هيون، پر جيڪي هاڻ ڪنهن اناهي ڪمري جيان، ان ٻارڻ جي دونهين کان وڏيڪ دونهاٽجي، اونهي غار ۾ تبديل ٿي رهيون هيون.

” آقا، اوهان جي حڪم جي تعميل ۾ ذري جي بہ ڪوتاهي نہ ٿي آهي. سنڌي هاڻ اهڙي ننڊ ۾ غلطان آهي جو چار پهر تہ هن جي اک کلڻ محال آهي، ۽ تاشي خان اوهان جي حڪم موجب، هن سنڌي ۽

سنڌي ڪنيز ڪي حضور مرزا رستم بيگ جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجي لشڪرين جو دستو ڏياري موڪليو آهي، جيڪو اوهان جي اجازت جو منتظر آهي! “ محمود خان ڪورنش ڪندي چيو.

” شاباس، محمود خان! اسان کي تومان اهائي اميد هئي! “

قيصر خان جي چپن تي جيڪا مُرڪ هئي، ان ۾ ڪا خوشي ڪانه هئي.*

(16)

حافظ بلال جي گرفتاريءَ چڻ تہ سنڌ اٿلائي وڌي. مغلن جا ماشا ئي ڦري ويا تہ هي زلزلو آيو ڪيئن؟ سنڌين ۾ ايڏي همت ۽ جرئت آئي ڪٿان؟ هي ڏيرا ڏيرا جيتامڙا ايترو سينو ساهڻ ڪٿان سکيا آهن؟ هي بکن ۾ پاهہ ٿيندڙ ڪمي ڪاسبي، هي غلامن جا غلام اوچتو ئي اوچتو ڳاٽ اوچو ڪرڻ ڪِيئن لڳا.

خود ترخانن کي سمجھہ ۾ نہ آيو تہ هيءُ ڪهڙو ممڻ متو هو؟ حافظ بلال سنڌين جو ڇا لڳي، جو هي ائين مجرجي پيا آهن؟ ۽ هي سانوڻ ڪير هو، جنهن جو نالو ٿتي کان سيوهڻ تائين ٻُرڻ لڳو هو؟ هنن جيڪا پاڻ شورش سوچي هئي، سائي هنن کان وسري ويئي. هي مامرو تہ اهڙو هو جنهن مان هوبہ فائدو وٺي ٿي سگهيا. مرزا شاهہ رخ تہ ارغون اميرن سان اهي صلاحون ڪرڻ شروع ڪيون تہ هيءُ وقت هو جو خسرو خان چرڪس بدران هو پاڻ مرزا عبدالعليءَ جي نالي ۾ ٺٽي ۾ پنهنجو فرمان جاري ڪري، ۽ خطبي ۾ سندس نالو مرزا عبدالعليءَ جي نالي سان گڏ پڙهجي، ۽ پوءِ سيوهڻ ۽ بکر کان ڪمڪ گهرائي، پاڻ ئي حڪومت سنڀالي. شهنشاهہ هند کي سوکڙيون پاکڙيون موڪلي پنهنجي پاسي ڪري وجهي، ۽ صوبيداريءَ جو پروانو حاصل ڪري! پر هن کي سمجھہ ۾ نہ ٿي آيو تہ سنڌين مان ڪنهن سان ڳالهائي: هڪڙي پاسي سما ۽ پليجا هئا، ٻئي پاسي شورا ۽ ابڙيجا هئا، ٽئين پاسي جوکيا ۽ سومرا هئا: چئني طرفن کان شاهي قافلن، مغل جاگيردارن ۽ خود ارغونن جي ننڍين ننڍين زميندارين تي راتاها لڳڻ لڳا هئا. مغلن جا لاش ٺٽي ۾ ائين پهچي رهيا هئا چڻ تہ منجهن ڪا وبا ڦهلجي ويئي هئي.....

پهرين تہ مامرو ٺٽي ۾ مدرسن جي سنڌي شاگردن شروع ڪيو، ۽ سنڌن هٿيار هو خردم! مغلن کي سمجھہ ۾ نٿي آيو تہ راتو رات ايترا خردم سنڌين وٽ ڪٿان آيا. سنڌن پيو هٿيار هو باهہ جا موئرا! اهي گهٽو ڪري گهوڙيسوارن تي تي استعمال ڪيائون. اوچتو ئي اوچتو هڪڙي ڏڳهي چڙ ۾ ٻڌل، تيل ۾ ٻڏل، واڻ جو موئرو، دکائي ڪٽي تي گهوڙي جي اکين ۾ ڏنائون. اهي اُماڙيون ڏسي، گهوڙا پري کان ئي ٿهڻ تي لڳا، ۽ پنهنجي سوارن کي ڪيرائي، منهن واءُ ڪري تي ويا، ۽ پوءِ ڪريل مغلن تي خردمن جو سٽڪارو تي ويندو هو. هنن جا لاش جڏهن ٺٽي پهچندا هئا تڏهن ائين پاڻبو هو چڻ تہ گهاٽي ۾ پيڙجي نڪتل هئا.

پائنده بيگ اڃا رستم بيگ جي دربار ۾ ئي ڪونہ پهتو هو تہ سڄي شهر ۾ چڻ تہ ڍنڍورو گهمي ويو تہ مغل آخوند بلال کي ٻڌي ويا آهن ۽ مدرسو پيچي چڏيو اٿن. ان جو پهريون رد عمل خود پائنده بيگ جي حويليءَ تي ٿيو. سو کن شاگرد ٻرندڙ موئرا ۽ اُماڙيون هٿن ۾ کڻي مغلن جي حويلين ۾ پهتا. پهريدارن کي سمجھہ ۾ نہ آيو تہ هي ڪير هئا ۽ ڇا ٿا گهرن. پهريان چار پهريدار تہ رونشو سمجهي، ساٽن مسخري ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌندا آيا، ۽ پنهنجون اکيون وڃائي ويٺا. پر شاگردن پي ڪنهن بہ حويليءَ ڏانهن نهاريو بہ ڪونہ، ۽ سڌو

پائنده بيگ جي حويليءَ ڏانهن ڌوڪيندا ويا. اُتي وڏي چونڪي هئي. شاگردن جي موئرن ۽ اُماڙين مان ايترو دونهون پئي نڪتو جو چڻ ته ڪنهن دونهين جو ڪڪر حملي آور ٿيو هو.

چونڪيءَ جي پهريدارن ٻه پهرين ته ڪجهه به ڪونه سمجهيو. پر جڏهن دونهين ڪان اکيون پوسرڻ لڳين، تڏهن پهرين جتي جا گهوڙيسوار اڳتي وڌيا. شاگردن ايڏي ڦڙتيءَ سان اُماڙيون گهوڙن جي اکين ۾ ڏنيون جو گهوڙن جا اڳيان سُنب آسمان ڏانهن اُيا ٿي ويا. جيڪو مغل ڪرندو ويو، ان تي خردمن جو اهڙو وسڪارو ٿيو جو سندس چيٿون ٻه ڇٽجي ڇيپاٽجي ويون. مغلن ڪان ٻي غلطي اها ٿي جو اندرين پهريدارن شاهي دروازو کولي شاگردن تي هلان ڪئي. شاگردن انهيءَ هلان جي دوران ئي حويليءَ ۾ پکڙجي ويا، جڏهن موٽيا تڏهن سڄي حويلي باهه جو مچ ٻڌجي چڪي هئي، ۽ باهه جا شعلا آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا. اندران ڪنيزن، خواجه سرائن، ساقين ۽ زائفائن ۽ ٻارن جون ڪيڪون ۽ رڙيون باهه جي سرڙاٽن ۾ ملي چڻ ته مچ کي وڌيڪ مچائڻ لڳيون.

ان هڪڙي رات ۾ چوويهه حويليون سڙيون. ٻن ڪانسواءِ باقي سڀ وڏن درٻارين ۽ اميرن جون حويليون هيون. ٻه حويليون انهن ارغون سردارن جون هيون جيڪي نئين ڪوتوال جي سفارش تي رستم بيگ جا درٻاري بڻيا هئا. ان هڪڙي رات ۾ پاونجاهه مغل خردمن جو شڪار ٿيا. ان هڪڙي رات ۾ اٺ ساقي خانا ٻه باهه جي نذر ٿيا، ۽ جڏهن صبح ٿيو تڏهن سموري شهر جي مٿان دونهين جو هڪ شاهي ڪڪر ڦهليل هو. ان ڏينهن ڪنهن هڪڙي مغل مسجد مان ٻانگ جو آواز نه آيو! خود سنڌي مسجدن مان جڏهن ماڻهو فجر جي نماز پڙهي نڪتا، تڏهن گهڻن کي خبر ڪانه هئي ته رات ٿتي ۾ مغلن سان ڇا ٿيو هو! هنن کي سمجهه ۾ نه آيو ته ٿتي تي هي ڪارو ڳاڙهو ڏنڊ ڇا جو هو! هو صلواتون ۽ درود پڙهندي، تڪڙا تڪڙا پنهنجي گهرن ڏانهن راهي ٿيا.

جڏهن سج ڪني ڪڍي ته سج سان گڏ دريا مان باهه جي هڪ وڏي مَچ ٻه ڪني ڪڍي. ائين ٿي پانيو چڻ ته سڄي دريا کي باهه وڪوڙي ويئي هئي. مغل اميرن ۽ لشڪرين جون سموريون ٻيڙيون، مغل ۽ ارغون سوداگرن جا ٻتيلا ٻيڙ ٻڌجي ويا هئا. پتڻ جي هڪڙي ڇيڙي ڪان ٻئي ڇيڙي تائين ٻيڙيون ۽ ٻتيلا باهه جون ڇپيون آسمان ڏانهن اڇلي رهيا هئا. سِڙهن ۽ رسن کي جڏهن باهه ٿي وڪوڙيو تڏهن خوفناڪ آوزن سان سڙڪاٽ ڪري ٻيڙا هڪڙي پاسي لڙي ٿي پيا.

جيئن جيئن ڏينهن چڙهندو ويو، تيئن مغلن جا ڇڙيل لاش ٻه شهر ۾ پهچڻ لڳا: گهڻو ڪري سمورا لاش خردمن جا سَٽيل هئا. خاص طرح ڪيپراٽيءَ وٽ هڪڙو وڏو ڳوڙهو، جيڪو رتائجي ويو هو. يا وري لوٽيءَ وٽ ساڳئي قسم جو ڏينو هو، جنهن مان رت ٽِمي ڏاڙهيءَ جي وارن ۾ وچڙي پيو هو.

عجيب ڳالهه اها هئي ته ان ڏينهن ڪنهن ٻه سنڌيءَ پنهنجي ڪوٺي، پيڍي يا دڪان، مسافرخانو يا اُٽ جو ڪارخانو ڪونه کوليو. ڏهاڙيءَ تي روزي ڪمائڻ وارا پورهيت- رازا، وادا، لُهر، ڪاريا، موچي، ۽ حمالي ڪرڻ وارا بارگيو- چڻ ته شهر ڇڏي ويا هئا. چئن ئي پاسي هتتاڙ هئي. سنڌي پنهنجي محلن اڳيان پٽلي ماري، ڪانيون ٻڌيو ويٺا هئا. ڪنهن ٻه ڌارئين، اوپري ماڻهوءَ کي سلام جو جواب ٻه ڪونه ٿي ڏنائون. هنن ته پاڻ ۾ ٻه ڪونه ٿي ڳالهايو.

ٽپهريءَ تائين مغلن ۽ ارغونن ۾ ٻه ماٺ ٿي ويئي. ساقي خانا ٻه ڪونه کليا. چونڪين تي سپاهي ۽ لشڪري ته موجود هئا پر اڄ چڻ ته ڪين گشت ڪرڻ جي منع ٿيل هئي. ٽپهريءَ ڪان پوءِ رکي رکي اهي خبرون اچڻ لڳيون ته ايندڙ ويندڙ شاهي قافلن، سوداگرن جي قافلن تي سنڌين حملا ڪيا آهن. ۽ سمورا گهَٽ، گهيڙ ۽ لڪ بند ڪري ڇڏيا اٿن. اڳين شورش پيري ٻه شورن، مغلن ۽ ارغونن کي گنجي ٽڪر وٽ راتاها ڏيئي

سندن گهٽ بند ڪري ڇڏيا. هيٺ پليجن اَن ۽ نِير جون گاڏيون روڪي ڇڏيون. مٿي سومرن ۽ ڪلهوڙن لڪ بند ڪري ڇڏيا هئا. مهاڻن ۽ ميربحرن مال ڍوئڻ ماڻهو ڪڻڻ کان نابري واري ڇڏي.

سانجهيءَ مهل ماڻهن ۾ اهو چوٻول ڦهلجي ويو ته سانوڻ ۽ سندس همراهه حافظ بلال کي ڇڏائڻ لاءِ راتاهو ڏيندا! *

(17)

ڪنهن سنڌيءَ لاءِ سنڌ ڇا آهي، سو ڪنهن اهڙي سنڌيءَ کان پڇجي، جيڪو سنڌ جا وڻ ڇڏي ٻاهر نڪتو هجي. ڏاترڏني جي چوياريءَ جڏهن سنڌ جو سرحدون اورانگهيون ته سڀ ڇڻ سراپجي ويا. هونئن به جنهن ڳالهه لاءِ هنن لاهور اُسهڻ جو ارادو ڪيو هو، تنهن کان هو اڳي ئي ششدر هئا: سنڌ ۾ اُٿل پٿل هئي، هر هنڌ اهو چوٻول هو ته هيلوڪي ويڙهه آخري ويڙهه ٿيندي، ۽ مغل ڄاڻ ته سنڌ مان ٽپڙ ٻڌڻ وارا هئا. رڳو شل ارغون ۽ ترخان ڪا ڦِڙتي نه ڪائين. اهڙي وقت سنڌ کي ائين وڙهندو ڇڏي نڪرڻ تي، ڏاترڏني ۽ سندس همراهن جون دليون پشيمانيءَ ۽ وسوسن جي ڪري جائتيون نه هيون. ڏاترڏني کي پنهنجي دل ۾ هڪ عجيب پوسٽ محسوس ٿيڻ لڳي، بلڪل ائين جئن نديڙي هوندي، هن جي امڙ هن کي ٽڄ ڏارائيندي، اڌ ۾ ڪنهن سانجڻ کي وجي لڳندي هئي، ۽ ڪجهه بڪ، ڪجهه هيڪلائپ ۽ ڪجهه اَجهي آسري ڪسجي وڃڻ کان ٻاڪارڻ لڳندو هو. اڄ به هن جي دل ائين ئي ٻوهاڙ ڪري روئڻ تي گهريو: هن جو ساهه منجهڻ لڳو هو. پاڻ کي پريائڻ لاءِ هن پنهنجي آس پاس نهار ڪئي. بظاهر ڪا تبديلي به ڪانه هئي. وٺڪار هئي، ساوڪ هئي، هُرلن ۽ نارن جا آواز هئا، ڍڳي ڳاڏين جا چيڪٽ هئا، وڏي ڳالهه ته هنن جهڙن ئي انسانن جا نديڙا نديڙا ڳوٺ ۽ واهڻ هئا، جتان انسانن جي خوشين ۽ غمين جا ساڳيرا چوٻول هئا، پر تڏهن به ڄڻ ته انهن ۾ ڪا ڳالهه مڙئي گهٽ هئي. وٺڪار هئي، پر انهن وڻن ۾ اها سونهن ۽ سڳنڌ نه هئي جيڪا سنڌ جي وڻن ۾ هئي؛ ساوڪ هئي پر ان ساوڪ ۾ اها ٿڌاڻ ۽ سڪون ڏيندڙ اها ڪيفيت نه هئي جيڪا سنڌ جي ساوڪ ۾ هئي؛ هرلن ۽ نارن جا آواز به ضرور هئا، پر انهن ۾ اهو سنگيت نه هو، جيڪو سنڌ جي نارن ۽ هرلن ۾ هو!

هن سوچيو ته هن جي دل جي اها حالت سنڌ جي ڇانئٺ ڇڏڻ ڪارڻ هئي. پر رکي رکي ڄڻ ته سندس دل جي ڪنهن ڪنڊ اها چغلي ٿي هنئي ته ان سان گڏ پنهنجي سنگتي وريام جي واهر ڪرڻ جي ڳاراٽي هن جي دل کي ويچارو ڪري وڌو هو. اڃا به ٿينءَ ڪنڊ ۾ اها شرمساري به ڪرُ ڪنيو ويٺي هئي ته سنڌ ۾ اُٿل پٿل هئي، ۽ هو پنهنجي ذاتي ياري نڀائڻ هليو هو! جيئن جيئن ڏينهن ٿي گذريا تيئن ٿي هن جي پشيمانيءَ هن کي ڇيڇلايو: " ڏاترنا، وريام ڇا چوندو ته سنڌ کي نڌڻڪو ڇڏي منهنجي جان بچائڻ لاءِ نڪتين! يَر حيف اٿئي! " رات جو سمهندو هو ته اوٿارا اچڻ لڳندا هئس ته وريام سندس پيرانديءَ کان بيٺو آهي، سندس هٿ ۾ پنهنجي ئي وڏيل سِسي آهي، ۽ اها سِسي چئي رهي هئي: " ڏاتر ڏنا، جنهن سنڌ تي پنهنجي ذاتي ياريءَ کي ترجيح ڏني، سو نه منهنجو يار ٿي ٿو سگهي نه سنڌ جو! " ۽ انهيءَ سِسيءَ جي اکين ۾ لُڙڪ ائين ٿي وهيا، ڄڻ ته منجهن سنڌو اُٿلي پيو هو. انهن کي روئندو ڏسي، هو ڇرڪ ڀري اُٿي ويهندو هو، ۽ ڪلمو پڙهي، توٻاهون ڪندو، اچي پنهنجي گهوڙي جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي اوڇنگارون ڏيئي روئندو هو. هن جا سنگتي

ساٿي هن جي اها حالت ڏسي کيس سمجهائيندا هئا، آٿت ڏيندا هئا، پر هو تيئن وڌيڪ ٻوهاڙ ڪري روئندو هو!

” ادل مونکي ڇڏي ڏيو. هن ندوريءَ دل کي ڇا ڪريان: اصل تني ماٺ ٿئي. جيجل سنڌ تي ياد اچيم، پانيان تہ اُڏامي تني پهچان! پر الا، وريام کي اڪيلو ڪيئن ڇڏيان! ڇا چوندو تہ منهنجي سنگتين منهنجي ڪاڻ نُي ڪانہ ڪيي! “

اُن وقت هن کي سمورو منظر اکين اڳيان اچي ويو. جڏهن وريام انجام تي نہ پهتو تہ هن کي اچي هورا ڪورا لڳي. پَرَ وريام انجام تي نہ آيو: لاشڪ ڪنهن آهيءَ ۾ اچي ويو آهي. هن جي ساٿين کيس اهي خبرون ڏنيون تہ مظفر بيگ جي لشڪر شاهي قيدين کان سواءِ سمورن ترخانن کي بہ گرفتار ڪري ورتو هو. مغل هنن جي لاءِ ائين تيار هئا، جو هنن کي هٿيار کڻڻ جي بہ مهلت ڪانہ ملي. مرزا شاهہ رخ البت ڪنهن طرح سان گوهي ڏيئي واپس حويليءَ ۾ هليو ويو، ۽ مغلن کيس گهٽو ئي تهخانن ۾ ڳوليو، پر ڪين هٿ نہ آيو. مغلن کي حويليءَ مان ايترو مال متاع هٿ آيو جو سندن اکيون ڦاٽي ويون. ايترو خزانو تہ فقط بادشاهن وٽ ئي هوندو آهي. هنن کي اها خبر ڪانہ هئي تہ شاهہ رخ اهو سمورو مال متاع ۽ هٿيار پنوهار ان لاءِ گڏ ڪيا هئا تہ جيئن ترخانن جو شاهي لشڪر تيار ڪري مغلن خلاف بکر کان ٺٽي تائين بغاوتون ڪري ڪين ملتان، لاهور ۽ دهليءَ تائين اُماٽي اچي! مغلن جو ايترو خزانو ڏٺو، سو شاهي قيدين کان بہ وڌيڪ ان کي ميڙڻ ۾ لڳي ويا، ۽ جنهن کي جيڪي ڪجهہ هٿ آيو، ان سان خرزينون ڀريندو ويو. مظفر خان پنهنجي لشڪرين کان واقف هو. جيڪڏهن ڪين روڪي ها تہ شاهي قيدي بہ وڃن ها تہ خزانو بہ! سو پاڻ ڳچ وقت اها روبڪاري ڏسندو رهيو. هن جا پنهنجا خاص ماڻهو هن جي حصي جو خزانو کڇرن تي پرائي روانا ٿيا، ۽ مظفر خان شاهي قيدي ساڻ ڪري نما شام جو اچي مرزا رستم بيگ جي دربار ۾ پهتو.

جئن جئن پاڇولا لڙندا ويا، تيئن تيئن ڏاتر ڏني جا وسوسا وڌندا ويا. هن کي اها تہ خبر هئي تہ وريام مرزا قيصر بيگ جي حويليءَ ويو هو، جتي هن جي نينگرن کي ڇڏي، کيس نوريءَ کي ساڻ ڪري اچڻو هو تہ جئن سڀ گڏجي سانوڻ جي ٻيلي پهچي، نوريءَ کي سندس پيءُ جي حوالي ڪن. ڏاتر ڏني جڏهن نوريءَ کي ڏٺو هو، تڏهن هن ائين سمجهيو هو ڇڻ سنڌ گهوڙي چڙهيل هئي: هن ۾ حسن ۽ سونهن بہ سنڌ جهڙي هئي تہ هن ۾ معصوميت ۽ مظلوميت بہ سنڌ جهڙي هئي. ان مظلوم سنڌ کي ڏسي، هن کي سنڌ جون سموريون ٻاگهيون، سموريون نُوريون ۽ سموريون ماروئيون ياد اچي ويون. هن وريام ڏانهن نهاريو: هي وريام اهو وريام نہ هو. هي وريام ڄڻ تہ ڪنهن جادو جي اثر هيٺ هو: هن کي وريام جي مُک تي هڪ اهڙي مرڪ نظر آئي، جنهن کي ڪنهن خاص جذبي سان مشابهت ڏيئي تني سگهيو. عجيب مرڪ هئي اها، جنهن ۾ ڪا نئين چاڻ هئي، نئين جوت هئي، نئين خوشي هئي، ۽ ڪو نئون اُتساهہ هو، هڪ نئون پاٻوهہ، هڪ نئين پريت هئي. هن کي پنهنجو هي يار ان وقت ڏاڍو وڻيو. دل چيس تہ هن کي وڌيڪ ڀاڪر پائي، کيس مٿيون ڏئي، کيس ڳراٽڙي پائي، کيس چوي تہ وريام سنڌ مبارڪ هجئي! پر هو اهو سڀ ڪجهہ هن کي چئي نہ سگهيو!

هو پهرين تہ اڪيلي سر مرزا قيصر بيگ جي حويليءَ تي ويو، پر پوءِ جڏهن سنگتين سمجهايس تڏهن هو وري قاسم بيگ وٽ هليو آيو. قاسم بيگ سان جڏهن ڳالهہ ڪيائين تہ هو بہ ٿُٻيءَ ۾ پئجي ويو. هن سنڌي مغلن سان وَڙُ ڪيو هو جو سندس پيءُ شاهي قيدي هٿ ڪري سرخرو ٿيو هو. پٽس کي پڪ ئي پڪ خلعت ۽ شاهي جاگير ملندي. هو کيس ساڻ ڪري، مرزا رستم بيگ جي دربار ۾ وٺي آيو. آتي جوابدار کيس سڃاڻندا هئا، تن هڪڙي سنڌيءَ کي ساڻس ڏٺو پر کيس ڪا جهل پل ڪانہ ڪيائون. ڏاتر ڏني اُتي جيڪي ڏٺو، تنهن ذري گهٽ هن کي ڪا اڻنگي حرڪت ڪرڻ تي مجبور ڪيو. پر هن کي وريام جا لفظ ياد آيا ۽ هو بت بڻجي سيڪجهہ ڏسندو رهيو.

قيصر بيگ چئي رهيو هو: ” حضور، شهنشاهه جو بخت بلند هجي، منهنجن پٽڙن کي ترخانن نہ پر سنڌين کنيو هو. مبارڪ جو حقدار آهي مظفر بيگ جنهن شاهي قيدي ڇڏائي ورتا آهن، پر انهيءَ ۾ بہ ترخان اميرن جو ڪو هٿ ڪونہ هو: انهن کي بہ سنڌين ....! “

اوچتو مظفر بيگ جو ڳرو آواز آيو: ” اهو غلط آهي: شاهي قيدين کي ترخانن ئي ڀڄايو هو. اسانکي پڪا پختا ثبوت مليا آهن تہ لال حويلي ترخانن جي ڪمين گاهہ آهي، جتي مغلن خلاف سازشون پئي ٿيون. اهو تہ حضور جن جو اقبال بلند هجي، اوهانجي خابرن ۽ تاشي خان جي جاسوسن جي مهرباني آهي، ۽ منهنجي فرزند ارجمند مرزا قاسم بيگ جي همت آهي- شل ڪيس حضور جن جي قدمن ۾ عزت واري جاءِ ملي- جو اسين بروقت اتي پهتاسون ۽ شاهي قيدين کي هٿ ڪري سگهياسون. اسانکي رڳو اهو افسوس آهي تہ مرزا شاهہ رخ اسانجي چنبي مان نڪري ويو. پر آخر ويندو ڪيڏانهن! حضور جن جي حڪمرانيءَ ۾ مغل شهنشاهيت جو ڪوبہ دشمن گهڻو وقت پاڻ لڪائي نہ سگهندو، ۽ ضرور سزا پائيندو! سنڌين کي ڏوهہ ڏيڻ سراسر ناانصافي آهي! “

مرزا قيصر بيگ جو منهن لهي ويو. هن تاشي بيگ ڏانهن نهاريو، پر اُتي پنهنجي لاءِ ڪا همدردي نہ ڏسي، هن پائنده بيگ ڏانهن ڏٺو. اُتي بہ پنهنجي لاءِ اٿاهہ نفرت ڏسي، هن هڪدم پنهنجي ڳالهہ بدلائي.

” حضور، منهنجو مطلب هرگز اهو نہ هو تہ هن اڻنگي ڪم ۾ ڪن بدبخت ترخانن جو هٿ ڪونهي. مون تہ رڳو پٽن ۽ ڪنيز- حضور جي قدمن جي خاڪ کان ڪمتر- جي ڳالهہ تي ڪئي تہ ڪين سنڌين جي باغي ٽولي جي مهندار سانوڻ کنيو هو، ۽ منهنجي ماڻهن سخت مقابلي ۽ حرفت سان ڪيس گرفتار ڪري منهنجي پٽن ۽ ڪنيز کي ڇڏايو. ان جو ثبوت ان بدبخت سنڌيءَ جو هي مڙهہ آهي ......! “

اُن وقت ڏاترڏني جي نظر، قيصر بيگ جي پيرن وٽ وريام جي مڙهہ تي پئي ..... ڇا ظالمن وريام کي ماري ڇڏيو آهي؟ هن جي دل شاهدي ڏني تہ تہ ائين تي نٿي سگهيو تہ وريام کي ڪجهہ ٿيو هجي، ۽ هن جي دل اجا جيئري ڌڙڪندي رهي ها! پر تڏهن بہ هن ائين ڀانيو تہ هن جي دل سندس پاسرائيون ٽوڙي ٻاهر نڪرڻ تي هئي. پر قاسم بيگ ڪيس ڪلهي تي هٿ رکي، ڪو اشارو ڏنو تہ هن پاڻ کي سنڀالي ورتو.

مرزا قيصر بيگ چئي رهيو هو: ” حضور آءٌ مظفر بيگ کي سندس عظيم ڪاميابيءَ تي مبارڪون ٿو ڏيان، جيڪڏهن هو منهنجي نينگرن ۽ ڪنيز کي بہ هٿ ڪري ها تہ سندس مانُ اجان ئي مٿاهون ٿئي ها، پر خير..... آءٌ پنهنجن ڇوڪرن جي آزاديءَ جي خوشيءَ ۾، اوهان جي احسانن جي عيوض، هي سنڌي باغي ۽ سنڌي ڪنيز اوهانجي قدمن ۾ شهنشاهہ هند لاءِ تحفي طور پيش ٿو ڪريان تہ جيئن منهنجي وفاداريءَ ۾ شڪ ڪندڙن ۽ حاسدن جو ڪارو منهن ٿئي! محمود خان، سنڌي ڪنيز کي وٺي اچ ! “

مرزا قيصر بيگ جو خاص خواجہ سرا محمود خان ٿوري دير ۾ نوريءَ کي دربار ۾ وٺي آيو. نوري جڏهن دربار ۾ آئي تہ ائين ڀانيو چڻ ڪنهن اُماوس جي رات ۾ ٻي مندائتو چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڙڪي پيو. هري هري تي سڀ امير پنهنجي مسندن تان اُٿي بيهي رهيا.

” سبحان الله....! “ ” بيشڪ سموري ساراهہ الله پاڪ لاءِ آهي! “ ” سموري تعريف جل شانہ لاءِ آهي، جنهن هي حسن خلقيو آهي! “ ” الله اڪبر، جنت جي حور زمين تي لهي آئي آهي! “

هر امير پنهنجي منهن پئي پٽڪيو. مرزا رستم بيگ جا ٻئي هٿ تخت جي منئي ۾ ڪُپي ويا هئا. هن جي وات مان بہ ” سبحان الله، سبحان تنهنجي قدرت! “ جا لفظ ادا ٿيندي رهجي ويا. پوءِ هو هري هري تي، تاشي خان سان اکيون ملائي، هيٺ لهي آيو. نوري جي چوطرف ڦرندي، طواف ڪندي، هو چپن ۾ ئي پٽڪندو رهيو. هن جي دل ۾ ڪهرام متل هو، جنهن جي ڏِک ڏيڻ کان هو ڪيٻائي رهيو هو. هن جي دل ۾ رکي رکي اهو خيال اچي رهيو هو تہ قيصر بيگ هي ڇا ڪيو، هن پري دربار ۾ هن ڪنيز کي شهنشاهہ هند جي

تحفي طور پيش ڪري ڇڏيو. هي تحفو ته هن ڪي پاڻ ڪي ملڻ گهرجي ها! هن وري تاشي خان ڏانهن، ڇڻ رحم طلب نظرن سان نهاريو. جيڪڏهن تاشي اهو چئي ڏئي ته هيءَ ڪنيز شهنشاهه هند جي لائق نه آهي ته پوءِ اميرن کان اهو قبول ڪرائڻ- ۽ خود قيصر بيگ کان- اها آچ ڪرائڻ ڏکيو نه هو ته هيءَ ڪنيز مرزا رستم بيگ کي ٿي سونهين!

پر تاشي خان جي اکين ۾ هن فهمائش ڏٺي، شايد ان فهمائش ۾ هن جي بدصورتيءَ جو عڪس به شامل هو. هن کي پنهنجي پاڻ مان بُڇان اچڻ لڳي. هن جي ڏاڙهي اڪ ڦڙڪڻ لڳي. لڪڻ هن جي هٿ جي مٺ ۾ پڇي پيو. لکڻ جي پڇڻ سان هن ۾ انسان بدران مغل امير موٽي آيو، جيڪو شهنشاهه هند جي پاران ٺٽي جو عامل هو. هن جي اکين ۾ حسن جو عڪس سياست ۾ بدلجي ويو، ۽ هن تقريباً رڙ ڪري چيو:

" بيشڪ، هيءَ ڪنيز شهنشاهه هند جي حرم جي لائق آهي، ۽ قيصر بيگ، توکي هن تحفي لاءِ يقيناً شهنشاهه هند کان وڏيڪ قيمتي سوکڙيون پاکڙيون ۽ عزتون ملنديون. تيسين اسين تنهنجي توشي خان جي عملداري بحال ڪرڻ جو حڪم صادر ڪريون ٿا! "

" ۽ مظفرخان، اسين توکي به مبارڪباد ٿا ڏيون ته تو شاهي قيدي ورايا آهن. اسين چاهيون ٿا ته ان سنگين جرم جي جوابدارن کي هڪدم گرفتار ڪري اسانجي اڳيان پيش ڪيو وڃي، ڪٽي اهي سنڌي هجن، ترخان ۽ ارغون امير هجن يا مغل سردار هجن. اسانکي قسم آهي شهنشاهه هند جي قدم بوسيءَ جو، اسين مغل شهنشاهت جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان ڏيندي به فخر محسوس ڪنداسون.... "

" ۽ مظفر خان، هي هڪڙي مولويءَ جي گرفتاريءَ تي جيڪي شورشون شروع ٿيون آهن، تن کي هڪدم پنجو ڏنو وڃي. مغل عامل اجا ايترا ڪمزور نه ٿيا آهن جو مدرسن جا شاگرد ان کي ٽرٽلي ۾ وجهي ڇڏين. اسين چاهيون ٿا ته شهنشاهه هند جي رعيت کي امن ۽ سلامتي پلئه پوي ۽ ان لاءِ جيڪڏهن سمورن سنڌي مولوين کي ڦاهي چاڙهڻو پوي، سمورن مدرسن کي يسم ڪرڻو پوي، سنڌ جي شهرن کي منهدم ڪرڻو پوي ته اسانجي طرفان توکي اجازت آهي! "

" ۽ شاهي قيدي، هن سنڌي باغيءَ ۽ سنڌي ڪنيز سميت هينئر جو هينئر، خاص پهري هيٺ حضور صاحبقران جي خدمت ۾ لاهور موڪليو وڃي، جتي سندن تقدير جو فيصلو شهنشاهه هند پاڻ ڪندا. تاشي خان، اهڙو پروانو جاري ٿئي ۽ عرضداشت هڪدم رواني ڪر ته جيئن اسين مملڪت جي پين ڪمن ڏانهن ڌيان ڏيئي سگهون! " *

(18)

ڏاترڏنو ۽ سندس سنگتي، لاهور جي اڪبري دروازي تي، ان وقت پهتا، جڏهن سانجهي لڙي چڪي هئي، ۽ سموري شهر تي ايترو ڏُنڌ ۽ ڪوهيڙو ڇانيل هو، جو سندن گهوڙا به ڪنهن اڄاتي خوف کان ٺهڻ لڳا هئا. لاهور، جنهن لاءِ هنن ٻڌو هو ته قومن کي غلام بڻائڻ جا سمورا انسٽا هن ئي شهر ۾ ٺهندا هئا، جتي بادشاهه غلام بڻجندا هئا ۽ غلام بادشاهه بڻجندا هئا. چون ٿا ته جڏهن قطب الدين ايبڪ لاهور پهتو هو، تڏهن هن وصيت ڪئي هئي ته آءٌ جڏهن به مران ته مون کي هتي دفن ڪجو ڇاڪاڻ ته لاهور جي شهر جي مفتين ۽ قاضين هن کي اهي نسخا ڏسيا هئا، جن کي آزمائي هن پنهنجي طاقت کي ميڙايو هو، ۽ انهيءَ لاهور جي شهر جي اذيت گاهن هن جي دشمنن کي ڪانئس رحم جي التجا ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو. جڏهن به ڪنهن قوم مرڪز خلاف ڪا بغاوت ٿي ڪئي ته لاهور جي مفتين کان اها فتوىٰ حاصل ڪرڻ ۾ مرڪز ويرم ئي نه ڪندو هو ته اها بغاوت بادشاهه خلاف نه، پر دين اسلام جي خلاف بغاوت آهي: ۽ هن جو باغي واجب القتل آهي. باغين کي سئين راهه تي آڻڻ لاءِ لاهور جا اذيت خانا به اوترائي مشهور هئا، جيترا لاهور جا باغ باغيچا. راويءَ جي ڪناري تي هي خوبصورت شهر پنهنجي پيٽ ۾ ايترا اذيت خانا نپائي چڪو هو، جو هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لاهور جو نالو ٻڌڻ سان ئي ماڻهو ڪنبي ويندا هئا. ڏاترڏني ۽ سندس سنگتين لــي هر ڪنهن اها صلاح ڏني ته اول ته لاهور وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏين، پر جيڪڏهن وڃڻو ئي اٿن ته هڪ ڳالهه ڳنڍ ٻڌي ڇڏين ته اتي ڪنهن به شخص تي اعتبار نه ڪن، ۽ خاص طرح سان مٺو ڳالهائڻ وارن، مروت ڪندڙن، ۽ اخلاق سان پيش ايندڙن تي بلڪل ڀروسو نه ڪن! انهيءَ مٺاڄ جي پويان زهر، ان مروت جي پويان ڪينو ۽ ان اخلاق جي پويان ڪا سازش هوندي!

مغلن به لاهور انهيءَ ڪري اڇي وسايو هو، جو هيءُ ئي شهر هو، جتي هر شئي ٻاهران ڀي انت خوبصورت هئي پر اندران ئي اندران مغل سازشن لاءِ سڀ کان وڌيڪ سازگار ماحول هن شهر ۾ هو. سڀ کان وڏي ڳالهه اها هئي ته جن جنگين ۾ مغل لشڪري ويڙهه کان نٽائيندا هئا، اتي لشڪرين جي اڌ پگهار تي به وڙهڻ لاءِ ماڻهو ملي ٿي سگهيا. لاهور تاريخي شهر هو، ۽ تاريخ ۾ هن شهر جي عجيب حيثيت هئي. شهنشاهه همايون ۽ شيرشاهه سوريءَ جي لشڪرين ۾ اڪثر سپاهي هتان جا هئا، ۽ ڪي ته پاڻ ۾ ٻنهه ويجها عزيز هئا، ۽ دوبدو وڙهڻ وقت هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ جي باوجود هڪ ٻئي جي رت جا پياسا هئا. شير شاهه سوريءَ واري مامري ۾ بنگال ۾ جيڪو ڪوس ۽ قتل عام ٿيو، ان ۾ انهن سپاهين جي تصور سان ئي زالن جا ٻار ڪري پوندا هئا!

قطب الدين ايبڪ کان وٺي شهنشاهه هند جهانگير پنهنجي سمورين جنگين لاءِ سپاهي هتا پرتي تي ڪيا، ۽ انهن سپاهين جي شهرت هڪ طرف ڪابل ۽ قندار تائين هئي ته ٻئي طرف دکن ۽ بنگال تائين. اهي سپاهي جڏهن مال غنيمت جون خرزينون ڀري واپس ايندا هئا، تيسين لشڪرين جا نوان نسل تيار ٿي ويندا هئا، ۽ ائين نسل در نسل سپاهگيري هن علائقي جو دائمي پيشو بڻجي ويو. جيڪو به مناسب قيمت ادا ڪري، ان لاءِ وڙهڻ لاءِ تيار رهندڙ نسل. جڏهن قندارين، ترڪن ۽ مغلن سان لهه وچڙ ۾ آيا، تڏهن هنن ۾ سندن تهذيب جي هڪ نئين ڳالهه شامل ٿي، سا هئي سازش. قندارين هنن کي پاڪر پائي، پيٽ ۾ خنجر هڻڻ جو ڏانءُ سيکاريو. ترڪن هنن کي بي خبريءَ ۾ پٺ ۾ خنجر ٽنبي ڏيڻ جو گُر ڏسيو، ۽ مغلن هنن کي شراب ۽ شربت ۾ زهر ملائڻ جا نسخا آزمائڻ جي سکيا ڏني!

سپيتائن جي ان سنگم لاهور کي پنهنجي الڳ سپيتا بخشي هئي. جيڪڏهن سپاهگيري ۽ سازش طاقت جو سرچشمو هو ته ان جو ردعمل به اوتروئي طاقتور هو. جيڪڏهن هڪ پاسي سپاهي ۽ سازشي ٽولا هئا ته ٻئي طرف عام ڪمي ڪاسبي، ڪرمي ۽ ڪتڻ وارا ڪاريگر هئا. صوفي بزرگ هئا. سنتَ ساڌو هئا. مسعود سعد سلمان ۽ داتا گنج بخش جهڙا انسان هئا جن عام ماڻهن کي سچ ۽ سياڻپ جو ڏس ڏنو. لوڪ- ڪوي پنهنجي ڪويتائن ۾ ماڻهن کي پيار ۽ سنگيت جو سنديش ڏيندا رهيا. سپاهگيري ۽ سازش، لالچ ۽ طمع خلاف صوفي بزرگ پنهنجي خانقاهن ۾ مچَ مچايو وينا هئا. پنجن دريائن جي هيءَ ڌرتي سندن گيتن جي گونجار جي باوجود، سپاهگيري ۽ سازش جي ڪوهيڙن ۾ گهيريل هئي.

اڪبري دروازي جي ويجهو ئي سراءِ اڪبري لاهور جو سڀ کان وڏو مسافر خانو هو. ان مسافر خاني ۾ مختلف ملڪن جي سوداگرن ۽ مسافرن لاءِ جدا جدا ڪوٺ ٺهيل هئا. مختلف مسافرن لاءِ پنهنجي پنهنجي پسند جا بالا خانا، چؤبرجيون، ساقي خانا ۽ قهوه خانا هئا. پر سيني ڪوٺن جا پهريدار مغل لشڪري هئا. ڌاترڏني مسافرخاني جي مهتمم لاءِ قاسم بيگ جي چٺي آندي هئي، ۽ ڪجهه وري مغل لشڪرين جي مُٺ گرم ڪرڻ سان، هنن کي ترخانن جي سراءِ ۾ ترسڻ جو اجازت نامو ملي ويو. ڌاترڏني پاڻ سان پنج ساٿي آندا هئا، جن کي اها هدايت مليل هئي ته جيسين پاڻ ۾ اڪيلا نه هجن، تيسين هو سنڌي نه ڳالهائيندا. سندن فارسي ۾ به ترخانن واري لانڍ هئي. سندن پوشاڪ به ترخان سوداگرن واري هئي، ۽ وڏي ڳالهه ته هنن پنهنجا ترخان نالا به ياد ڪري ڇڏيا هئا. ڌاترڏني کي نالو ڏنو هئائون طغرل بيگ. جڏهن پهريون ڀيرو ڪنهن ساٿيءَ کيس طغرل بيگ سڏيو ته هو خود وائڙو ٿي هيڏانهن هوڏانهن لوٺا هڻڻ لڳو. پوءِ جڏهن ياد آيس تڏهن خود ششدر ٿيو ۽ پوءِ کِل ۾ اونڌو ٿي ويو. هن کي وريام جا لفظ ياد هئا ته ادل، سنڌ لاءِ جيڪڏهن ناٽڪ ڪرڻو پوي ته اهڙو ناٽڪ ڪبو جو اصل ماڻهوءَ ۽ ويسداريءَ ۾ به ڪو فرق نظر نه اچي.

گهوڙن کي ٿانيڪو ڪري، ڪوٺين ۾ سامان رکائي، منهن هٿ ڌوئي، جڏهن سڀ ساٿي پنهنجي چؤبرجيءَ پهتا، تڏهن پهريون ڀيرو هنن کي احساس ٿيو ته هو جنهن مهم تي ايهرا ٿي نڪتا هئا، تنهن جي ڪاميابيءَ جو ترَ جيترو به آسرو ۽ اميد ڪانه هئي. پهريون ته هنن کي اهو معلوم ڪرڻو هو ته شاهي قيدين جو قافلو پهتو يا نه. جيڪڏهن پهتو ته وريام ۽ نوريءَ کي ڪٿي رکيو اٿن. نوريءَ کي ته پڪ ئي پڪ زنانخاني نيو هوندائون. وريام کي الائجي ڪٿي رکيو هجين. جيڪڏهن اها خبر پئجي به وڃي ته پوءِ هن کي ڇڏائڻ لاءِ هي ڇهه ڄڻا مغل شهنشاهت جي مرڪز اندر ڪهڙا ڦاڙها ماريندا. هرويرو پاڻ کي پوهي ۾ ڏيڻ ۽ موت کي دعوت ڏيڻ سان نه وريام کي آزادي ملندي نه ئي ڪو مغل شهنشاهت کي لوڏو ايندو. جيئن جيئن هو پاڻ ۾ صلاحون ڪرڻ لڳا، تيئن تيئن هنن جا حوصلا ڍهندا پٽ پوندا ويا.

” يَرَ ايهرائي ڪري ڪوهه ۾ ٽپو ته ڏنو اٿئون، پر اتان بچي نڪرڻ جو به ڪو بلو سوچيو اٿوَ يا نه؟
“ دوسو سمي چڻ ته سيني جي دل ۾ ڪُڪندڙ ڳالهه وڏي واڪ چئي ڏني.

دوسو سمو انهن سمن مان هو، جن قسم کنيو هو تہ جيسين ڏاريا سنڌ تي قابض آهن، تيسين ڪٽ تي نہ سمهندا، ۽ سومرن وانگر وري ڪڏهن پَٽُ نہ پهريندا. هونئن بہ سنڌ جو سمورو ريشم ۽ پَٽُ پهرين ترخانن ۽ هاڻي مغلن جي قبضي ۾ هو: ڪاريگر انڪار ڪندا هئا تہ ساڻن اهڙيون عقوبتون ٿينديون هيون، جو ڪنهن کي بہ انڪار ڪرڻ جي همت ڪانہ ٿيندي هئي. سمن ۾ ابڙن جا ڪيترا خاندان انهن عقوبتن جي ڪري ڪڇ هليا ويا هئا، ۽ انهن سان گڏ پاٽولي ۽ ميمڻ بہ پنهنجو هنر بچائڻ لاءِ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ وڃي سام وٺڻ تي مجبور ٿيا هئا.

” پاٽو، ياري نياٽڻ ۽ سنڌ سان سر لڳائڻ کي جيڪڏهن کوهہ ۾ ٽپو ڏيڻ ٿو سمجهين تہ پوءِ اهو ٽپو ڏسي وائسي ڏنو اٿئون. ويندي ويندي بہ جان ويندي، سا سنگت تان گهوري، سنڌ تان گهوري! “

هي جواب سيني کان ننڍڙي جوان جيون مينگهواڙ ڏنو، جنهن جي ڪٽنب موچڪو ڏنڊو ئي ڇڏي ڏنو هو جو ترخانن ۽ مغلن جون جتيون ٺاهڻ کان هنن بک مرڻ وڌيڪ چڱو ٿي سمجهيو. هنن سان بہ گهٽيون ئي ڏاڍايون ڪيائون پر هو نہ مڙيا. گهڻا ٽٽا تہ مارواڙ لڏي ويا. جيڪي رهيا سي گهوڙن جا سنجَ ۽ تَلَ ٺاهي پيا گذران ڪندا هئا.

” ها، سچي، هتي تہ موچين جو دروازو بہ آهي. شايد اُتي ڪو ڏس پتو ملي پوي ..... “ ڏاترڏني ڳالهہ بدلائڻ لاءِ چيو. هن سوچيو تہ مايوسيءَ مان تہ مرڳو سچو پنڌ ئي اجايو ٿيندو.

” ادا، موچي دروازي ڪانسواءِ هتي پاٽي دروازو بہ آهي، جتي اسانجا ڪي واقف رهن ٿا. چونہ انهن سان ملي ڪو بِلو ڪجي. “ هيءَ صلاح موليڏني ڪتريءَ ڏني. ڪترين جا ڪيترا پاڙا ترخانن جي زماني ۾ لڏي ملتان ۽ لاهور وڃي وينا هئا. موليڏني جي پيءُ کي مرزا باقيءَ هاٿيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙائي مارايو هو. هن جي اڳيان ترخانن جو نالو وٺبو هو تہ بِرُ ٿي ويندو هو. سو جڏهن سنگت چيس تہ ترخان سوداگرن جو ويسُ پاٽو آهي تہ اصل ۾ پِڙُ ڪڍي بيهي رهيو. ” نہ نہ، اُنهن لُچن جو لباس پائڻ بہ لُچائي آهي. مون کان ڪانہ ٿيندي! “

پر يارن جي منٿن ميڙن وڃي ڪيس راضي ڪيو. هن جي خاص ڪرتبن ۾ اهو شامل هو تہ هن وٽ اهڙو بارود هوندو هو، جنهن کي باهہ ڏيڻ سان ايترو دونهون ٿيندو هو، جو ان جو وجهہ وٺي هو دشمن جي گهيري مان نڪري ويندو هو، ۽ ويندي ويندي بہ چار همراهہ بہ ڪيرائي ويندو هو.

” ادا، واهہ جي صلاح آهي. ايئن تہ اسان جا همراهہ بہ مغلن جي چاڪريءَ ۾ آهن. اهي داتا گنج بخش جي تُربت جي پرسان ڪٽي رهن ٿا. انڌن وڃي ملتان لڌو، سو پاڻ بہ هنن کي ڳولهي لهنداسون. آهن ڪٽي مغلن جا نوڪر، پر سنڌ لاءِ وسئون ڪونہ گهٽائيندا.....! “ جانو جوکئي چيو. هن جو ڪٽنب گهوڙن رکڻ ۽ پالڻ ۾ سنڌ هند ۾ پنهنجي نالي سان هو. اصل ڪنهن تي اک ئي ڪانہ ٻڌندي هئن. هنن جي مڙسالن توڙي زالن ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ هئي جو ذات گهوڙو هنن جي پچڪار ٻڌي بيهي رهندو هو چڻ تہ هنن گهوڙن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ چئي ڏنو هو. اها ڳالهہ جانوءَ ۾ بہ هئي. مجال آهي جو گهوڙو پنهنجي سوار جي چوڻ ۾ اچي، جي جانو ڪيس پچڪار ڏيئي بيهاري ڇڏي. جيسين جانو اشارو نہ ڪندو تيسين گهوڙو اڙي هٽڻ تي بيئي اڳيان سُنب ڪٽي ايا ڪندو ۽ سوار پنهنجو ڪنڌ بچائڻ ۾ پورو هوندو.

” منهنجي صلاح آهي تہ پاڻ ٽي ٽي ڄڻا ٽي نڪرئون، ۽ جنهن کي جتان ڪو حال احوال ملي، سو پاڻ ۾ صلاح ڪري، ان موجب قدم کڻون. باقي ايئن رڳو همت هارڻ مان نہ وريام جي لاءِ ڪجهہ ڪري سگهنداسون ۽ نہ ڪو ٻيو ڪارج سِڌ ٿيندو، جنهن لاءِ هت آيا آهيون.....! “ هي همراهہ ڪڏهن بہ ذات نہ ٻڌائيندو هو. پاڻ کي سڏائيندو ئي هو جکرو سنڌي. هونئن ذات جو هي بہ سمون هو پر چوندو هو تہ يَرَ فيروز سنڌ سان جيڪا ڪئي، ان ڪانپوءِ سمو سڏائڻ ڏاڍي اڻنگي ڳالهہ آهي. مَن سنڌي سڏائڻ سان اها اڻنگائي ڌوپجي وڃي. ننڍو نيٽو هو تہ ڪا عشق جي لپاٽ لڳي هيس، تڏهن کان ڏاڙهي رکي جهنگ منهن ڪري

نڪري ويو. پر جڏهن بہ سنڌ ۾ ڪا شورش ٿيندي هئي، تہ هن کي سيڪو وچ ۾ ڏسندو هو. هن جي گيدي ۾ سَرن مان ٺهيل ننديا سگ يا تِير هوندا هئا. جنهن جي منهن ۾ سئيءَ جهڙي سيخ هوندي هئي، ۽ هو قوڪ سان سرائي وات ۾ وجهي دشمن جي اکين کي نشانو بڻائڻ ۾ اهڙو قابل هو جو ڪيس ترخان توڙي مغل پري کان ڏسندا هئا تہ لنوائي ويندا هئا. هن سان ڪوَنسٹ معنيٰ پنهنجون اکيون وڃائڻ!

ڏاترڏنو جانو جوڪئي ۽ موليڏني کي ساڻ ڪري هڪڙي ترخان ساقي خاني ۾ هليو آيو. باقي همراهہ ڏس پڇائيندا داتا دربار هليا ويا. ڏاترڏني سنگتين کي هوشيار ڪيو تہ سنڌي ڳالهائڻ بند، ڪنهن سان جهيڙو بہ ڪرڻو نہ هو. رڳو اها خبرچار لهڻي هئي تہ شاهي قيدي ڪٿي لتا ۽ ڪٿي رکيا اٿن.

هو هڪڙي خالي مسند ڏسي اڳتي وڌيا تہ ساقي خاني جي مهتم اڳيان وڌي کين منع ڪئي: ” آقا، معاف ڪجو، پر هيءَ مسند خاص مرزا معظم بيگ لاءِ مخصوص آهي. هن کي خاص عاليجاهہ کان پروانو مليل آهي. اوهين دل ۾ نہ ڪجو. هي پيون مسندون خالي آهن، جتي مرضي پويو، اتي وهو، ۽ جنهن ساقيءَ ڏانهن آڱر کڻو، سو حاضر آهي! “

جانوءَ ڏاترڏني ڏانهن ڏٺو. ڏاترڏني موليڏني ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ ٽيئي مهتم کي پاسيرو ڪندي، مسند تي ٺهي جُڙي ويهي رهيا. وِهندي جانوءَ وڏي آواز ۾ چيو: ” معظم بيگ وري بہ ڪنيز جو اولاد آهي. اسين نِج ترخان آهيون. اسان جو حق هن کان مٿاهون آهي، ۽ اسين پري کان پنڌ پيا آهيون! “ اهو سڀ ڪجهہ هن ايڏي وڏي واڪ ۽ ايتري ترخاني لانديءَ سان چيو، جو ويهارو کن اکيون هن ڏانهن کڄي چيون.

اُن وقت ڏاترڏني ڪمربند مان هڪڙي سوني اشرفي ڪڍي هڪڙي ساقيءَ جي رباب جي سوراخ ۾ اهڙي انداز سان وڌي جو ان جي چمڪ سيني کي نظر اچي. سوني اشرفيءَ جي معنيٰ هئي تہ هي تہ خود شهنشاهہ هند جا ڪي مصاحب هئا. نہ رڳو ساقي ڪورنش ۾ وڃائجي ويو، پر ڳچ ماڻهو تعظيماً اُٿي بيهي رهيا، ۽ ڇاتيءَ تي هٿ رکي تيسين بيٺا رهيا، جيسين هو ويهي نہ رهيا. مهتمم بہ ککو وکو ٿي ويو. هي جيڪڏهن شهنشاهہ هند جا مصاحب هئا تہ پوءِ معظم بيگ وڃي کڏ جي تري ۾ پوي.

” آقا، غلام کان خطا ٿي وئي. مون لاءِ جيڪا سزا تجويز ڪريو، سا اکين تي. پر ان جو هڪڙو ازالو اهو ٿو ڪريان جو مون وٽ شهزادن لاءِ خاص انگوري اڄ ئي آئي آهي، اها قبول فرمايو.....! “

جانوءَ جوڪئي اک جي اشاري سان هن کي ايئن اجازت ڏني، ڄڻ هن شهزادن کي بہ پنهنجو غلام ٿي سمجهيو. ٻہ ڀڳرو ساقي بلوري صراحيءَ ۾ انگوري ۽ بلوري جام هڪ وڏي طشت ۾ کڻي آيا جنهن جي تري ۾ ڳاڙهو مخمل وڇايل هو، ۽ جنهن جي اولڙي انگوريءَ کي بہ قرمزي رنگ ڏيئي ڇڏيو هو. جانوءَ وري بہ اک جي اشاري سان ساقين کي حڪم ڏنو تہ انگوري جامن ۾ اوتين. جڏهن انگوري اوتي، ساقي ناز انداز سان هٿ سيني تي رکي پوئتي هٽي بيهي رهيا، تڏهن جانوءَ اکين ئي اکين ۾ پنهنجي ساٿين کي ڪو نياپو ڏنو تہ منهنجو ساٿ ڏجو. جام هٿ ۾ کڻي هو ٽيئي اُٿي بيهي رهيا، ۽ جانوءَ وڏي آواز ۾ چيو: ” هي صحت جو جام تجويز ٿو ڪريان حضور مرزا عبدالعلي لاءِ، جيڪو اڄ شهنشاهہ هند جي قيدخاني ۾ آهي. آءٌ حضور عالي مرتب شهنشاهہ هند جي خاص مصاحبن مان آهيان، پر آءٌ پهرين ترخان امير آهيان ۽ پوءِ مصاحب. مون کي قسم آهي پنهنجي بزرگن جي ڏاڙهين مبارڪن جو تہ جيسين مرزا عبدالعليءَ کي عزت نہ بخشي وئي، تيسين آءٌ شاهي دربار ۾ حاضري نہ ڏيندس، پوءِ ڪٽي منهنجي جان هلي وڃي! “

ايئن چئي هن جام چپن سان لڳائي ڇڏيو. ڏاترڏني لاءِ اهو وڏو امتحان هو. هن ڪڏهن انگوري ڪانہ پيتي هئي. هن جو هٿ پئي لُڏيو. پر هت سياست ڪيڏٽي هئي، ۽ جانوءَ جي ڳالهہ موٽائڻ سان سمورو ناٽڪ ڊهي پوي ها. جانوءَ جي آواز ۾ واهہ جو ڪڙڪو شڙڪو هو: قداور مڙس، جابلو رنگت، ڀنيي ڏاڙهي، ۽ گرجدار آواز.

ڪا گهڙي سموري ساقي خاني تي ماٺ ڇانئجي ويئي، ۽ پوءِ پهرين هوريان، پوءِ تڪڙا ساقي خاني ۾ موجود سمورا ترخان اُٿي بيٺا، ۽ جام چپن سان لڳائي وڏي واڪ چيائون، ” حضور مرزا عبدالعليءَ جي صحت ۽ ڪامرانيءَ لاءِ! “

۽ پوءِ هڪڙو هڪڙو ٿي ترخان امير هنن جي مسند ڏي آيو، ۽ ساڻن ياڪر پائي مليو، ۽ ڪين پنهنجي مسند تي اچڻ جي دعوت ڏيندو ويو. جانوءَ جو مقصد بہ اهو هو، ۽ پوءِ هو ٿيئي ڇٽا ٿن مختلف مسندن تي ترخان اميرن سان سرگوشيون ڪرڻ ويهي رهيا!

جڏهن هو اُٿيا، تڏهن هنن ڪي نہ رڳو سموريون خبرون ملي ويون، پر ڪن ترخانن مان ان لاءِ بہ راضي ٿي ويا تہ جيڪڏهن ضرورت پئي تہ شاهي دربار ۾ سنڌ ۾ مغلن جي ڏاڍاين جي ڳالهہ شهنشاهہ جي خاص خابرن جي ڪَن تي آڻيندا، ۽ پنهنجن ماڻهن جي ذريعي سنڌ جي سمورن ترخان اميرن ڪي نياپا سنيها ڪندا تہ وقت اچي ويو آهي تہ سنڌين جي حمايت سان مغلن خلاف ڪا منظم شورش ڪري مغلن ڪي سنڌ مان ٽپڙ ڪڻڻ تي مجبور ڪن. ڏاترڏني بيماريءَ مان اٿڻ جو بهانو ڪري انگوريءَ جي آچ ڪي لنوائي ڇڏيو. البت جانو ۽ موليڏني ترخان اميرن ڪي اهڙي موٽ ڏني، جو خود ترخان واهہ واهہ ڪندا رهيا. هنن لاءِ سڀ کان ڏکيو مسئلو هو ساقين جي ناز نخرن ۽ سندن اکين جي پيغامن ڪي لنوائڻ جو. ترخان تهذيب ۾ ساقيءَ جي اکين جي پيغامن ڪي موٽائڻ يا لنوائڻ بدذوقيءَ سان ڳڏ وڏي جوکم جي ڳالهہ هئي: هڪ تہ ساقي رُسي وڃن تہ اُنهن ڪي پرچائڻ بيحد ضروري هو، ۽ ٻيو تہ ساقيءَ جو مالڪ ان ڪي پنهنجي بيعزتي سمجهندو هو تہ سندس ساقيءَ جي حسن ۽ ناز و انداز ڪي ڪو ٻيو شخص ايئن رد ڪري ڇڏي! پر ان جو علاج بہ جانوءَ ڳولي لڌو. هڪڙي ساقيءَ جي ڳل ۾ چهنڊڙي وجهندي چيو: ” جانم، هن وقت اسين ڏاڍن ڳنڀير مملڪتي مسئلن تي پيا صلاح مشورا ڪريون: ان ڪري رزداريءَ جي تقاضا آهي تہ اوهين انگوريءَ جا جام رکي هليا وڃو. هتان فرصت ملي تہ پوءِ سڄي رات پئي آهي. “ اهي لفظ هن ايڏي لُڇائيءَ سان چيا جو ترخان اميرن ڪان بہ ٽهڪ نڪري ويو، ۽ هنن بہ پنهنجي ساقين ڪي اکين ئي اکين ۾ ڪو اهڙو اشارو ڪيو جو هنن ڏانهن ساقين جي تير اندازي بنهہ بند ٿي وئي. هڪڙو اڌ ٻيرو ساقي خاني جي مهتم ڳالهين ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي تڏهن بہ جانوءَ اهڙو رخ اختيار ڪيو ڄڻ هن جي موجودگي رازداريءَ لاءِ هاڃيڪار ٿي سگهي ٿي. ترخان اميرن ان جو بِلو اهو ڪيو جو ڪيس ڪو اهڙو ڪم ڏسي ڇڏيائون جو ڪجھ وقت لاءِ مهتم بہ هنن جي ويجهو نہ آيو.

هنن ڪي اها خبر پئي تہ شاهي قيدي پهچي ويا آهن، ملڪہءِ هند نورجهان بيگم مرزا عبدالعليءَ جي جان بخشي ڪرائڻ ۽ ڪيس پنهنجي امانَ ۾ رکڻ جو ذمو کنيو آهي. ان جي عيوض هن ڪي ترخان سوداگرن جي ذريعي دنيا جو سڀ کان قيمتي نولکو هار پيش ڪرڻ ڪرڻ جي آچ ڪئي ويئي آهي. البت خسرو خان چرڪس جو خير ڪونہ ٿو ڏسجي. هن جي خلاف شهنشاهہ جي خابرن سندس ڪَن پري ڇڏيا آهن ۽ شايد هن ڪي جيڪڏهن موت جي سزا نہ ملي تڏهن بہ سندس نُور کسڻ جو حڪم صادر ٿي چڪو آهي.

سنڌي باغين جي فيصلي لاءِ مرزا رستم بيگ جي مراسلي جي روشنيءَ ۾ سياڻي فيصلو ٿيندو. البت سنڌي ڪنيز وارو مامرو ڪجھ منجهي پيو آهي. ملڪ هند نورجهان بيگم ٽَني چاهي تہ ڪنيز شهنشاهہ هند اڳيان پيش ڪئي وڃي. ڪنيز جي حسن ڪي ڏسي شهنشاهہ الائي ڪهڙو فيصلو ڪري وجهي. حرم سراءِ ۾ تہ اهي چوپول هئا تہ سنڌي ڪنيز لاءِ شهنشاهہ جي ڪَنَ تي اها ڳالهہ وڌي ويئي آهي تہ انارڪلي ڄڻ وري جئري ٿي موٽي آئي آهي، ۽ سندس حسن جنت جي حورن ڪان بہ سرس آهي. شهنشاهہ بہ پيرا سنڌي ڪنيز ڪي ڏسڻ جي خواهش جو اظهار ڪري چڪو آهي، پر نورجهان بيگم ڪيس ڪجھ

ترسڻ تي مجبور ڪري وڌو آهي. ڪن شاهي ڪنيزن جو ته اهو به چوڻ آهي ته نورجهان بيگم سنڌي ڪنيز ڪي ڳجهه ڳوهه ۾ ختم ڪرائي ڇڏيندي!

اڌ رات کان پوءِ ٽيئي ڄڻا بظاهر ڙڙندا ڙاپڙجندا، مدهوشيءَ ۾ پنهنجي ڇؤبرجي پهتا. آس پاس جو جائزو وٺي هو پنهنجي ساٿين جو انتظار ڪرڻ ويهي رهيا. جانو ڪنهن اونهي خيال ۾، مونن ۾ منهن وجهي ويهي رهيو. ڏاترڏني سمجهيو ته مايوسيءَ کان بچڻ خاطر ئي سهي، جانوءَ ايئن ڪنڌ ڪٽي گوڏن ۾ وڌو آهي. سو کيس کُلهن ۾ ٻانهن وجهندي چيائين: ” مٺا، دل نه لاهه، الله مڙئي سٺائي ڪندو. ڪونه ڪو ٻِلو ڪري وجهنداسون. ڏينهن شينهن آهي. حالي ته سمهي ننڊ ڪر، صبح جو اول خير، ڪا مڙئي مت اچي ويندي! “

ڏاترڏنا، تون پاڻ سُنهن کٽي ٻڌاءِ ته توکي ننڊ ايندي اڄ رات؟ اسان جو يار ڪوٽ ۾ قابو آهي، ۽ اسين کيس ايترو ويجهو هوندي به سمهي ننڊون ڪريون ته پوءِ حيف آهي اهڙي ياريءَ تي! “ جانوءَ شوڪارو ڀريندي چيو.

” ادل، هن انگوريءَ ته ڄڻ ٽانداڻن جو ڪم ڪيو آهي. هونئن ته شايد ننڊ اچي به وڃي ها، پر انگوريءَ منهنجو اندر اُجاري ڇڏيو آهي، ۽ اکيون بند ٿو ڪريان ته وريام کي شاهي دربار ۾ هٿڪڙين ۽ پير ڪڙين ۾ زنجيرن ۾ جڪڙيل ٿو ڏسان. سو يار ڪجهه ڪرڻو آهي ته هينئر ئي ڪجهه ڪريون. ڏينهن برابر شينهن آهي، پر ڏينهن سازشن کي لڪائي به ڇڏيندو آهي. ايئن نه ٿئي جو اسان کي دير ٿي وڃي! “

موليڏني اچا اها ڳالهه پوري ڪئي ته دوسوءَ وارا به اچي نڪتا. هنن جيڪي حال احوال ڏنو، تنهن تُت به تقريباً ساڳيو هو. البت هو هڪڙي ڪاميابي حاصل ڪري موٽيا هئا. هو اها خبر وٺي آيا هئا ته وريام کي ڪٿي رکيو هئائون. اهو ڪوٽ دريا جي ڪناري تي هڪڙي مغل عقوبت خاني جي پر ۾ هو، ان جو هڪڙو رستو اهڙو هو، جنهن تي پهرو گهٽ هو، چاڪاڻ ته ان پاسي مغل اميرن جون حويليون هيون، ۽ هر حويليءَ تي هونئن ئي مغل لشڪرين جو چڱو خاصو پهرو هوندو هو، ۽ ڪنهن به اوپري ماڻهوءَ کي اوڏانهن وڃڻ جي همت ڪانه ٿيندي هئي.

جانو اها ڳالهه ٻڌي اُٿي ٻيهي رهيو. ” پوءِ ته ان جو هڪڙو ئي رستو آهي ته هينئر جو هينئر اوڏانهن هلون. رات وڳڙي ۾ ڪنهن کي شڪ به ڪونه پوندو، ۽........ “

” يائو، هي لاهور آهي. ڻتو ڪونهي جو رات جو اکيون پوري به اسين پنهنجو ماڳ لهي سگهندا آهيون. هت هڪڙو ته اسين اڻ واقف، ٻيو ته اوندهه ۾ ٻاهر نڪرڻ جي گهٽ کي پرکي ڪونه سگهنداسون..... “ دوسو ڪجهه چوندي چوندي ماٺ ٿي ويو.

ڏاترڏني جي دل ته ائين ٿي چاهيو ته اُڏامي پنهنجي يار جا بند خلاص ڪرڻ لاءِ پهچي وڃي. پر هن کي به دوسوءَ جي ڳالهه ۾ وزن نظر آيو.

” جانڻ، دوسو سچ ٿو چوي. اُبهرائيءَ مان ڪو فائدو ڪونه ٿيندو! “ هن جانوءَ ڏانهن نهارڻ ڪانسواءِ چيو.

” جانوءَ جي ڳالهه وڏيڪ وزنائتي آهي، ڏاترنا! ڏينهن جو شينهن جي غار ۾ داخل ٿيڻ مونکي ته ڪونه ٿو آڙي. باقي جيڪا سنگت جي مرضي! “ موليڏني به شايد انتظار ڪرڻ تي ٿي گهريو.

” يَرَ منهنجي به ڳالهه ته سچي ٻڌو، وريام کي صبح جو شاهي دربار ۾ پيش ڪرڻو اٿن ته ضرور فجر کان به اڳي کيس اتان وٺي ويندا، ۽ اسين اسين هٿ مهٽيندا رهجي ويندا سون. ٻي ڳالهه ته اڄ رات ڏنڊ ۽ ڪوهيڙو اڳي ئي آهي. موليڏني وارو دونهون اڄ ڪنهن کي به شڪ پوڻ ڪونه ڏيندو، هو سمجهندا ته اهو به ڌُنڌ آهي، ۽ تيسين اسين همراهه کي ڪيڏي نڪري ايندا سون.....! “

اها ڳالهه سيني کي وڻي. پر جيڪڏهن وريام کي ڪڏي نڪري ٻه اچن ته پوءِ هن کي صحيح سلامت لاهور مان ٻاهر ڪيئن ڪڍندا. ان ۾ ايترا ته سوال هئا جو ڪنهن ٻه اُن تي سوچڻ تتي گهريو. وريام هميشه هر مسئلي جو حل ڪڍي ويندو آهي، سو جڏهن ڪو اهڙو مونجهارو ٿيو ته پوءِ ته وريام ٻه ساڻن هوندو. نه ته ٻه ويندي ويندي ٻه جان ويندي، سو اُن تان هنن آهَوهوئن هوئن ئي لاهي ڇڏيو هو.

” پوءِ اچو ته هلون..... پر ادل، هوشياري ۽ حرفت سان هلڻو آهي. جيڪڏهن ڪاٻه پُل چُڪ ٿي، ته وريام..... “ *

(19)

سنڌوءَ تي جڏهن سج ابرندو آهي، تڏهن سج وڏيڪ سهڻو ۽ روشن ٿي ويندو آهي. سنڌوءَ تي جڏهن سج لهندو آهي تڏهن به سج وڏيڪ سهڻو ۽ قداور ٿي پوندو آهي. سنڌوءَ جو اُفق به سنڌي ماڻهن جي دل جيان معصوم پر ڪشادو لڳندو آهي. سنڌوءَ جي شفق به چڻ ته سنڌي ماڻهن جي اندر جي جذبن جيان سدا حيات ۽ سدا رنگين لڳندي آهي. جڏهن سنڌو دريا جو اهو حال آهي ته سنڌو ساگر جي اُفق توڙي شفق ڪيترو نه سدا حيات ۽ پاڪيزه هونديون.... سندس ٻوندي چڻ ته سندس ارادو پروڙي هوريان هوريان ٽلڪندي، اڇي پٽڻ سان لڳي! پٽڻ تي پهچي، وات تي ٻُڪ جهلي، تماچيءَ اهڙو آواز ڪڍيو، جهڙو ٻوڙيندي مان نڪرندو آهي، پر ان سينڍ ۾ ڪنهن ڪونج جي پنهنجي ولر کي پڪارڻ واري ڪوڪار به هئي. هن جي سينڍ اڃا پوري ئي ڪانه ٿي ته ڪڇي مان اهڙيون ساڳيون ڪوڪارون چئني طرفن کان هڪ آواز ٿي هن کي موٽ ڏئي ويون.

تماچيءَ جي چپن تي مرڪ اچي وئي: سڀ همراهه پهري سجاڳ آهن، ۽ پانئجي ٿو ته مغلن وري هيڏانهن رخ نه ڪيو آهي، ۽ پوءِ هن کي چاچو گُهرام ياد اچي ويو، ۽ هن کي سانوڻ ۽ سندس سنگتي ياد اچي ويا.....

هن جو ڪٽنب صدين کان مانجهندن واري پٽڻ جو پاٽي هو. هن جي وڏن سنڌوءَ جي پاٽيءَ سان وچن ڪيو هو ته هو جيئندا به سنڌوءَ لاءِ ته مرندا به سنڌوءَ لاءِ. سڪندر جي وقت کان هو دريا جي پنهي ڪنڌين جا راکي هئا. هن جي ڪنهن تَڙَ پَڙَ تَڙَ ڏاڏي جڏهن سڪندر جي لشڪرين جا غوراب لهوارا ايندا ڏٺا هئا، تڏهن پنهنجي بنهه ننڍڙين مَڪڙين ۽ ٻوندين ۾، مانگر جي تيل جا شاهي موئرا ٻاري، لُڏڙي وانگر انهن مڪڙين هيٺان، تڙڳندو، ڪين ڊِڪيندو غورابن جي وچ ۾ پهچائي آيو. رات جي پوئين پهر دريا جي وچ سِير ۾ باهين کي ائين پاڻ ڏانهن سُرندو ڏسي، يونانين کي پڪ ٿي ويئي ته هي پڪ ڪو جنن ڀوتن جو ديس آهي، جنهن جا ماڻهو ته ماڻهو، پر جن ڀوت به پنهنجي ديس جي ڌرتيءَ ۽ دريا کي ڌارين کان بچائڻ ڪاڻ راتيون جاڳي پهرو ڏيندا ٿا رهن. خبر تڏهن پين جڏهن باهه جا اهي سُرندڙ مچ سندن غورابن سان اچي لڳا، ۽ سندن ڏسندي ڏسندي اُهي باهه جو ٻڪ ٽين لڳا. هيءَ باهه به عجيب هئي جو جيئن ٿي ان کي پاڻي مليو، تيئن اها وڏيڪ ٿي پڙڪي اٿي. حالت اها ٿي جو يونانين کي پنهنجي غورابن مان دريا ۾ ٽپي پنهنجي جان بچائڻي پئي. جڏهن غورابن جا سِڙهه سڙڻ لڳا، تڏهن هنن کي اروڙ جي سِرائين جا اهي لفظ ياد آيا ته جيسين هڪڙو به سنڌي جيئرو آهي، تيسين سنڌوءَ جا ٻيئي ڪنارا يونانين لاءِ دوزخ جا آڙاهه ٻٽيل رهندا. اروڙ جي ماڻهن جو اهو پاراتو اڄ هو اکئين ڏسي رهيا هئا.

۽ پوءِ جڏهن بہ ڏارين سنڌوءَ جي پاٽيءَ ۽ سنڌوءَ جي پيٽ کي سنڌ کي غلام بڻائڻ لاءِ استعمال ڪيو تڏهن سنڌوءَ جي پنهي ڪنڌين تي رهندڙ پاٽين، مهاڻن ۽ ميربحرن هنن جي غورابن، جهازن ۽ ٻيڙين کي ساڙي ڀسم ڪري سنڌو ساگر جي حوالي تي ڪيو. جڏهن بہ سنڌ آزادي ۽ ڇوٽڪاري جو ساهہ تي ڪنيو، تڏهن سنڌوءَ جي هنج ۾ سڙهہ سنوان ۽ لاچو نوان ٽلڪندا رهيا، ۽ ٻيڙيون ۽ ٻيڙياتا سنڌوءَ کي اروڙ کان ديبل تائين وٽج واپار جي شاهراهہ بڻائي، سنڌ کي سون جون سوغاتون ڏيندا رهيا. پر جڏهن بہ سنڌ غلام ٿي، تہ سنڌوءَ جو پيٽ پاٽيءَ سان پُر هوندي بہ سڃو ۽ سڪتو ٿي پوندو هو. ڌارين کي پار اُڪارڻ کان پاٽي بس ڪري ويهي رهندا هئا. ٻيڙياتا ٻيڙا ساڙي ڇڏيندا هئا تہ متان دشمن جا ماڻهو يا مال ڊوٺو پوي!

تنهن رات سندس چاچو گُهرام پتڻ جا ٻہ پُور اُڪاري جڏهن گهر آيو، تڏهن اصل هٽن مان پيو وجي. سندس منهن مشعل وانگر پئي ٻريو. سندس چاتيءَ سنڌوءَ جيان پئي ڇوليون ڪاڏيون. هن چاچي گهرام کي اهڙي پور ۾ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو. هو تہ اهڙو ماڻهو هو جنهن جا سمورا جذبا ۽ احساس سندس منهن جي گهنجن ۾ پنڊ پهڻ ٿي ويا هئا.

” چاچا خير تہ آهي. اڄ ڏاڍو موج ۾ تو ڏسجين. پتڻ تان پيو اچين يا ڪنهن ڪلاڙڪي هَٽ تان! ؟ “ هن ڪلي ڪيس ڪيڪاريو.

” اَبل، اصل ڳالهہ ئي نہ پُڇ. ائين سمجهہ تہ تہ ڪو نئون مَڏُ پي آيو آهيان..... “چاچي گهرام سهڪندي چيو.

” پَرَ بہ ڳالهہ جي قوري کي قولهہ تہ سهي تہ اهو وري ڪهڙو نئون مَڏُ آهي جو اصل وٽ ئي ڪونہ پيو ڏين ....؟ “ هاڻ هن کي بہ اچي هورا کورا لڳي. ” متان ٻيڙيءَ ۾ ڪا وينگس تہ ڪونہ وهاري آيو آهين؟ “ هن چرچي مان چيو.

” نہ ڙي بابل..... آءٌ هن عمر ۾ ڪهڙي وينگس وهاريندس..... پر ڳالهہ ئي اهڙي آهي جو..... “

” چاچا، هاڻ ڳجهارتون نہ ڏي؛ ڪجهہ انت ڏي نہ تہ پاڻ ڪونہ ٿهنداسون..... “ تماچيءَ ڪُوڙيءَ ڪاوڙ ۾ چيو.

گهرامُ مانجهندن واري پتڻ جي پاٽي هجڻ سان گڏ تَر جو ڏاڍو مڙس هو. هن کان هر ڪو ڪَن هٽندو هو. تماچي جڏهن کان ساڃهہ پريو ٿيو هو تڏهن کان هو پنهنجي چاچي گهرام جي ڏنگائيءَ جون ڳالهيون ٻڌندو آيو هو. هن کي عجب اهو ٿيندو هو تہ جڏهن گهرام گهر ايندو هو، ۽ هو ڊوڙي سندس ڊڍيءَ تي چڙهي ويندو هو تڏهن هو ايترو ڪونئرو ۽ مِٺو هوندو هو جو گهڙيءَ لاءِ هن کي بہ اهي ڳالهيون وِسري ويندون هيون جيڪي هن جا جيڏا ۽ سنگتي راند روند ڪندي هن کي چاچي گهرام بابت ٻڌائيندا هئا. ڊڄي ڊڄي چوندا هئا تہ ” متان ڪيس اهو ٻڌائين تہ اسان توکي اهي ڳالهيون ٻڌايون آهن. “ پوءِ جڏهن هو گهر ايندو هو تڏهن هن کي سموريون ڳالهيون دل تان لهي ويندون هيون ۽ ڊوڙي وڃي ڪيس ٻَک وجهندو هو. هن ڪيس سدائين ايترو پيار ۽ پاٻوهہ ڏنو هو، جو هن کي سمجهہ ۾ ڪين ايندو هو تہ هن جا ساٿي هن لاءِ ايترو ڏيچوڙي ۾ چو ورتل هئا، جو ڪيس پريان ايندو ڏسندا هئا تہ ٽڙي پکڙي ويندا هئا.

پوءِ جيئن تيئن هن کي ساڃهہ ايندي ويئي، تيئن تيئن چاچي گهرام جو اسرار هن تي کُلندو ويو. هڪڙي هڪڙي ڪري هن کي هو پنهنجون ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو. جڏهن ڪيس شاهہ تاڙو بڻائڻ لاءِ دريا جي سِير ۾ وٽي ٽٻيون ڪارائيندو هو، تڏهن هن ڪيس ٻڌايو تہ ڪنهن زماني ۾ جڏهن دريا ۾ ترڻ جي گوءِ ٿيندي هئي، تڏهن هو ۽ تماچيءَ جو پيءُ شيرل، سيني کان گوءِ کٽي ويندا هئا. جڏهن ڪيس ونجهہ هٽڻ ۽ ٻيڙي هلائڻ سيکاريائين، تڏهن ڪيس ٻڌايائين تہ ” ادو ۽ آءٌ ٻيڙين جي گوءِ ۾ هميشه سيني همراهن کان گوءِ کٽي ويندا هناسون! “

۽ پوءِ جڏهن ڪيس پيا هُنر سيکارڻ سان گڏ، پنهي هٿن ۾ ٻه ڪُهاڙيون جهلڻ ۽ هڻڻ سيکاريائين، تڏهن شوڪارو پري چيائين: ” ڪهاڙيءَ ۾ ادو مونکان ٻه رتيون ڪسر هو. هڪڙو هٿ پويان ٻڌي، هڪڙي ئي هٿ ۾ ڪُهاڙيءَ سان هو مونکي پنهي هٿن ۾ ڪهاڙيون هوندي به ماري ويندو هو.....! “ ۽ پوءِ ان ڏينهن ڪيس هن جيڪي ٻڌايو، تنهن تماچيءَ جو سُک ڦٽائي وڌو، ۽ هو هڪ نئون تماچي بڻجي ويو.

” تماچي، تون سنڌ جي انهيءَ سدا ملوڪ سورهيه شيرل جو نينگر آهين، جنهن، جيسين جيئرو هو، تيسين ڪنهن ڌارئين کي سنڌوءَ جو پتڻ اُکرڻ نه ڏنو، ۽ نه وري ڪنهن دشمن جي ٻيڙيءَ کي هتان لهڻ ڏنائين.... “

” تون اجا ڄائو هئين.... ارغونن سنڌ کي تاراج ڪري ڇڏيو هو. مرزا باقيءَ جو زمانو هجي.... ادي جن مانجهندن کان مٿي ڪنهن ارغون ٻيڙي کي مَٿڻ نٿي ڏنو. آءٌ تن ڏينهين جبل ويل هوس. مرزا باقيءَ فرنگين کان ٻه غوراب اُڌاري، شاهي سوڪڙيون ملتان موڪلڻ لاءِ، نٿي کان مٿي چاڙهيون. پنهي غورابن ۾ سوين ارغون ۽ ترخان لشڪري هئا. تنهن کان سواءِ ننديون وڏيون ٻيڙيون ٻه ويهارو کن هيون، تن ڏينهين سنڌ ۾ مرزا باقيءَ خلاف سنڌين شورش ڪئي، ۽ ادي جن کي نياپو مليو ته اهي ٻيڙيون ۽ غوراب مَٿي ويا ته ملتان مان ارغونن لاءِ ڪُمڪ اچي لهندي، ۽ سنڌ جا بند، جيڪي ٽُٽڻ تي هئا، سي وري ڳٽ ٻڌجي ويندا..... “

تماچيءَ ان وقت پنهنجي هن ڪونئري ۽ مٺي چاچي جي اکين ۾ جيڪا روءِ ڏٺي، تنهن هن کي پهريون ڀيرو پنهنجي جيڏن ۽ سنگتين جي ڳالهين جي سَچَ جي جهلڪ ڏيکاري ڇڏي. انهن اکين ۾ ڪو اهڙو مچ متل هو، جو ڄڻ ته هن جي ساري وجود کي ساڙي رهيو هو، ۽ هو مڇيءَ جي ڇلرن وانگر باهه جي تَوَ کان اُيامي پيو هو.

” ..... ادي جن وارا ڪُل ئي ٻارنهن همراهه هئا. وٽن ٽي ٻيڙيون هيون، سي به پراڻيون، ڳنڍل پيتل، ۽ ٽڙڪيل. پر واهه ڙي ادا واهه، واهه ڙي تنهنجي سورهيائي..... مرزا باقيءَ جي غورابن سان ۽ ٻيڙين سان هنن اها ڪار ڪئي، جيڪا اسان جي وڏڙن سڪندر جي ٻيڙي سان ڪئي. مانگرن جي تيل مان شاهي موئرا ۽ اُماڙيون ٿاهي، هو پنهنجيون ٻيڙيون تاري مرزا باقيءَ جي ٻيڙي جي وچ ۾ لهي پيا..... جڏهن ارغونن جي ٻيڙين ۽ غورابن جا سِڙهه سڙيا، تڏهن ادي جن انهن ۾ چڙهي پيا. ادي جي پنهي هٿن ۾ ڪهاڙيون هجن، ۽ ارغونن جا ڪنڌ! ذات ارغون ڪونه بچيو..... ادي جن جي همراهن مان چار ڄڻا مارجي ويا، ۽ ٽي ڄڻا ڌڪجي پيا. ٻيو مڙئي ٺيو خير..... پوءِ ته جيڪي جشن ٿيا..... ٺٽي مان، سيوهڻ کان، نيرون ڪوٽ مان، ويندي اروڙ ۽ روهڙيءَ مان ماڻهو اهي سڙيل غوراب ڏسڻ آيا ۽ جشن ۾ شريڪ ٿيا.....! “

پوءِ هن ڏٺو ته چاچو گهرام ڳالهه ڪندي ڪندي ڄڻ ڪومائجي ويو. هن جي منهن مان رت ست ئي نڪري ويو..... ۽ تڏو شوڪارو پري چيائين، ” پوءِ جڏهن ارغونن جا سوٽ ماسات مغل سندن واهرو ٿي آيا، ۽ سنڌ جي ويڙهه هارائيسون، تڏهن ارغونن ۽ مغلن گڏجي ادي جن تي راتاهو ڏنو. انهيءَ ساڳئي پتڻ کان سڌ پنڌ تي، ڪارڙي ٽَڪر واري مقام وٽ اسانجا واهڻ هئا. گهڻو ٽڻو سڀ ڪکاڻوان ڇئونرا هئا. مغلن مان هڪڙا ڇئونرن کي باهه ڏيئي، چوڌاري گهيرو ڪري بيهي رهيا، جيڪو ڏانهن ٽي ڀڳو آيو، تنهن کي تيرن سان ٽي ڪيرايائون. زالون ۽ ٻارڙا باهه کان بچي پتڻ ڏي ڀڳا ته ارغونن جا جٿا سندن پويان پيا..... دريا ۾ ٽپڻ کان سواءِ ٻي واٽ ئي ڪانه بچي هئي، سي وچي سنڌوءَ جي هنج ڀيڙا ٿيا..... سڄي رات ويڙهه هلندي رهي..... چون ٿا ته ادي وارن کي جيڪڏهن ويهارو کن واهرو پهچن ها ته مغلن ۽ ارغونن کي وري ٺٽي جو منهن ڏسڻ نصيب نه ٿئي ها..... پر پوءِ قادر جي قدرت اڳيان بندي جو ڪهڙو اختيار..... هڪڙو هڪڙو ٿي ڪرندا ويا..... “

پوءِ هن پهريون پيرو پنهنجي اڙبنگ چاچي کي سڏڪو پريندي روئندي ڏنو..... ” يلا ڙي گهرام، تنهنجو ڪونڌر ياءُ ۽ ڪُوپا سنگتي ايئن قتلام تي ويا، ۽ تون جبل تي الوليون ڪندي وتئين! حيف آهي اهڙي جيئڻ تي! “

پر سندس چاچو گهرام، اهو گهرام نہ رهيو جنهن جي سموري جبل ۾ هاڪ هئي تہ عشق ڪري تہ پلي گهرام ڪري. هن آڏو جبل بہ جالي نہ سگهيو. سو ساڳيو متو ماٿهو ڪڙو زهر تي پيو. پنهنجي ٽولي ٺاهي، جتي ڪو ارغون ترخان يا مغل ڏٺائين، يا سنڌين مان ڪنهن مغل يا ارغون جي دلالي ڪندڙ کي ڏٺائين، تنهن جو سچو لڳ نہ ڇڏيائين. ڪو راتاهو ڏيئي وري جبل هليو ويندو هو. جڏهن شورشون ماٺيون تي ويون، تڏهن بہ هو ڪين مُڙيو. ارغون اهڙا عاجز ٿيا، جو لڪيءَ ۽ سَن جي سيدن کي وچ ۾ وڌائون. انهن کي بہ جواب ڏنائين: ” مرشد، جيسين ارغون ۽ مغل سنڌ جي ڌرتيءَ تي موجود آهن، تيسين منهنجي ساڻن ويڙهاند جاري رهندي. پوءِ ڪٿي اڪيلو سِر رهجي وڃان! “

” پر، بابا اها ويڙهاند پنهنجن جي ئي خلاف تي وڙهي. ارغونن پٽڻ جهلي ڇڏيا آهن. ڪڇي ۾ پنهي پاسن تي ماڻهن کي لڏائڻ لڳا آهن. مڇي جهلڻ تي پابندي وجهي ڇڏي اٿن. پلاوٽن کي مال خريدڻ تي موچڙي مار لڳي پئي آهي. آخر اُهي بہ تہ سب سنڌين جو نقصان آهي! “

گهُرام جي دل چيو تہ چئي ڏي تہ ” سائين، اوهان کي سنڌين جو ايڏو سُور ڪونهي، جيڏو پنهنجي جاگيرن ڦرجڻ جو اونو آهي! “ پَرَ مُڙي ويو. البت هوڏ مان مرشد جي منهن ۾ شُوڪي نهاريندو رهيو.

” تون سمجهين ٿو تہ اسين ڪو مغلن ۽ ارغونن جي سفارش ڪرڻ آيا آهيون تہ پُليو آهين. پر هر ڳالهہ جو وقت هوندو آهي، گهرام! هن وقت سنڌي ٽڙي پکڙي ويا آهن. منجهن ڪو گڏجي وري مغلن يا ارغونن سان مُهاڏو اٽڪائڻ جو انسئو بہ ڪونهي. جيڪڏهن ايئن بدامني ۽ ڏقير رهيو تہ ارغون اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائيندا رهندا، نندا نندا محاذ کوليندا، اسان کي چڙوچڙ رکڻ ۾ ڪامياب تي ويندا. ڪجهہ وقت سانهہ ستيءَ سان گذرڻ ڏي تہ سمورا سنڌي وري پنهنجن پيرن تي بيهڻ جهڙا ٿين. پوءِ وري بہ....! هڪڙي سيد سڀوري ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

” سائين، اُهي سياست جون ڳالهيون منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهن. مون کي رڳو اها خبر آهي تہ ارغون سنڌ کي ڇوڙن وانگر چنبڙيا پيا آهن. سنڌ جو رت چوسي ٽُلها ٽنيرا ۽ متارا ٿيندا وڃن. انهن کي سنڌ جي سرير تان روڙي ڪيڏو آهي تہ هڪڙو هڪڙو سِنڌي پنهنجي ليکي جيسين ساڻن نہ وڙهندو، تيسين چوٽڪارو ڪونہ ملندو! “ هن اُٿندي چيو. هن لاءِ هيءَ ميڙ بي معنيٰ هئي. هيءَ منت بي اثر هئي. هن کي سنڌ جي ميڙ ۽ منت دل ۾ وَڍَ وجهي ڇڏيا هئا. هن کي پنهنجو ڪونڌر ياءُ ۽ ڪُوپا سنگتي چاتيءَ تي چڙهيل تي پانيا، جيڪي ارغونن ۽ مغلن جي تِيرن ۽ سنگينن جو ٻَڪ ٿيا هئا.

” يلا يار اسان جي ميڙ ٿو مڃين تہ هن ابهم جو بہ تہ سوچ جيڪو ياٿهين جي اڪيلي نشاني وڃي بچيو آهي. تون پنهنجي ويڙهاند ۾ پورو آهين، ۽ هي معصوم ايئن بي آسري لُڏڙن جي زندگي پيو گهاري. هيءُ سمورو نسل، جيڪو يتيم تي ويو آهي، انهيءَ کي بہ تہ ويڙهاند جي لائق بڻائڻ جو ڪو سوچيو اٿئي.....! “

هو جيئن اُٿيو هو تيئن ئي اُمالڪ ويهي رهيو. هن تماچيءَ ڏانهن ايئن نهاريو، ڄڻ ڪيس پهريون پيرو ڏٺو هئائين. تماچيءَ جي ان معصوم مُک ۾ هن کي پنهنجو ياءُ، ٻنهي هٿن ۾ ڪهاڙيون ڪٽي وڙهندو جهيڙيندو نظر آيو. ۽ پوءِ هن ڪٽي تماچيءَ کي هنج ۾ ڪنيو. ڪيس پنهنجي ياڪر ۾ پريندي چيائين:

” انهيءَ مهٽي ماري وڌو، سائين! مون آڻ مڃي. مون رڳو پاڻ لاءِ پئي سوچيو. مون رڳو پنهنجي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي باهہ کي ٿڌو ڪرڻ جا پئي جتن ڪيا. پر سنڌ تہ هن تماچيءَ جي آهي. هي نسل سنڌ جو آئيندو

آهي. اسين ته ويڙهاند ۾ ارغونن کان مار کائي، پنهنجا گهاوَ وينا سيڪيون. پر جي هي نه وڙهيا ته پوءِ.....! “ هو چڻ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو.

مرشدن کي وَچن ڏيئي هو پٽڻ تي موٽي آيو. جبل وچڻ به چڏي ڏنائين. گهٽئي نياپا سنيها آيس. پر هو وري جبل نه ويو. هو تماچيءَ ۽ سندس جيڏن جو اُستاد بڻجي ويو. هو ڪنهن سان به ڪين ڳالهائيندو هو. ماڻهو سندس ويجهو اچڻ کان به ڪيٻائيندا هئا. هو به ڪنهن کي به ويجهو ڪونه پوندو هو. رڳو هام هون ڪري پنهنجي ڪم سان ڪم، پٽڻ کان گهر، گهر کان آکاڙو، آکاڙي کان وري گهر. ايئن سال گذري ويا ۽ تماچي ۽ سندس جيڏن سنگتين هن نئين گهرام جي ماٺ مان اهو ڪجهه پِرايو، جيڪو هوند هو ڪنهن مدرسي مان به ڪونه پِرائين ها. هن ڪين نه رڳو وڙهڻ سيکاريو، پر ڪين اها مَت موٽائي ڏني، جيڪا سنڌين کي پيڙهيءَ کان پيڙهيءَ تائين رت جي ڳاڙهن جزن ۾ شامل ٿي ملندي آهي.....

” چاچا، پڪ ئي پڪ، تون ڪنهن نئين پريت جو پند ڏسي آيو آهين....! “ تماچيءَ وري چرچو ڪندي چيو.

” نه ڙي بابل، هيءُ ته پراڻي پريت جو پند آهي، جتي هاڻ توکي به مون سان گڏ هلڻو آهي.....“ گهرام جي اکين جا مچ ڪجهه ماٺا ٿيندا نظر آيا. تماچيءَ جي دل به ڪنهن اجاتي جذبي کان وڌيڪ تکي ڌڙڪڻ لڳي.

” پُٽ، سانوڻ وارن جو نياپو پهتو آهي ته فيصلي جو وقت اچي ويو آهي! اج رات اُنڙن واري ڍوري ۾ سمورن راڄن جا ماڻهو اچڻا آهن. اسان کي به ڪوٺ ڏني اٿن..... تماچي، پڌين تو، سنڌ وري اُٿل کائڻ واري آهي.....! “

تماچيءَ سانوڻ وارن جون رڳو ڳالهيون پڌيون هيون. اهڙن سورهين جون رڳو ڳالهيون ته ڳائبيون آهن. هو ماڻهو نه پر ڏند- ڪٿائون بڻجي ويندا آهن، اهڙيون ڏند ڪٿائون جنهن کان سواءِ ڪابه ڪچهري رِهاڻ ۾ نه بدلبي آهي.

تماچي ۽ سندس سنگتي ساٿي جڏهن گهرام سان گڏجي اُنڙن واري ڍوري ۾ پهتا، تڏهن سانجهي اچي ٿي هئي. هر راڄ مان ڏهاڪو همراهه آيا هئا. سڀ پاڻ ۾ ايئن ٿي مليا چڻ ته هو صدين کان هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئا. ايئن ٿي حُب ۽ قرب سان مليا چڻ ته ويجها مائٽ هئا. هنن جي مائٽي سنڌ جي ناتي جي ڪري ايتري مانائتي هئي جو هتي ذات پات ۽ رت جي رشتن کي ڪا اهميت ڪانه هئي. هي ته سِر جو سڏ هو، سسيءَ جو سودو، ڪَنڌن جو ڪاروبار هو: هتي ڪير تو ذات پڇي، ڪير تو قبيلي جي ڳالهه ڪري. هي سما، هي سومرا، هي اُنڙ هي ابڙا، هي شورا هي سهتا، هي مُهاڻا هي ميربحر، هي جوٽيجا هي پليجا، هي ميمڻ هي ڪوري، هي سوڍا هي ميندرا، هي راٺا هي راجپوت، هي نانگا هي مهيسر، هي لاڪا هي لهاڻا، هي جت هي جاڙيجا، هي سرائي هي ڪلهوڙا، هي کتري هي مهتا، هي ڪاريا هي مينگهواڙ هي چنا هي چنڊ، هي سورج ونشي هي چندر ونشي، هي سيد هي سادات، هي قاضي هي عرب، هي انصاري هي قريشي، هي شيخ هي شيدي، هي مسلمان، هي هندو، هي ٻڌ، هي جين- هي سڀ هڪڙي ڪڙم قبيلي جا مِٽ هئا. سنڌ جي مٽيءَ ۽ سنڌوءَ جي پاڻي جي اڪيلي واحد رشتي ۾ سڀ رنگ، نسل، پيڍ پاوَ وساري، فقط سنڌي هجڻ جي ناتي ۽ نالي ۾ نهال هئا. جيڏو سنڌ جو نانءُ هو، جيڏو سنڌوءَ جو مانُ هو، اوڏو ئي سنڌي هجڻ جو ناتو رشتو مهان هو.

پوءِ تماچيءَ هڪ نظر سنڌ جي هنن پانڌيئڙن تي وڌي. مشعلن جي روشنيءَ ۾ سنڌن روءِ سنڌ جي مٽيءَ جهڙي مٽيادار هئي. انهن ۾ پيرسن به هئا ته ڳڀرو جوان به هئا: سنوان نڪ، سيبتا مُک، چاپئيون ڏاڙهيون، ويڪريون ڇاتيون، اڏول جسم، اُپامنڊڙ جذبا ڪٺي هي سڀ هت سنڌ جي سنيهي کي مانُ ڏيڻ آيا هئا.

گهرام هن کي سانوڻ سان ملڻ وٺي آيو. سانوڻَ گهرام کي ڏٺو ته کيس ٻَڪين پئجي ويو. ڪا دير کيس ياڪر ۾ پري بيٺو رهيو، چڻ هن کيس پاڻ کان جدا ڪرڻ نٿي گهريو.

” گهرامَ، ايئن ياريون نيائبيون آهن. ايئن وساربو آهي....؟ “ سانوڻ ڏوراپو ڏيندي چيو.
” سانوڻ، آءٌ تنهنجو مَياري آهيان. آءٌ ٻه پنهنجي پَر ۾ توکي ساندييندو اچان..... هان، هن سان مِل. هي ادي شيرل جو نينگر تماچي آهي!“ گهرام تماچيءَ کي اڳيان ڪندي چيو.
سانوڻ ڪا گهڙي تماچيءَ کي ڏسندو رهيو. پوءِ سندس اکين ڪو اهڃاڻ سڃاڻي ڪٽي کيس ياڪر ۾ وڌائين.
” آءٌ ٻه چوان ته هي جوان ڪنهن جي پيو ياد ڏيارينم! مٺا، تنهنجي ته شڪل ٻه هوبهو شيرل جهڙي آهي....! “ سانوڻ پاڀوهه مان چيو.
” اٿس رڳوشڪل ادي شيرل واري، باقي پيو مڙئي خير سمجهه! “ گهرام منهن ٺئي پاسي ڪندي چيو.
” نه ڙي گهرام، اهو تي ٿتو سگهي. شيرل جو نينگر تنهنجو منهنجو پائيتو ٿيو، سو ايئن پاڻ کي ٻه ته لائون نه ڪر! “ سانوڻ کِلندي چيو.
سانوڻ ڪجھ وقت تماچي ۽ سندس سنگتين کان خبرون چارون وٺندو رهيو. دريا جي ٻنهي ڪنڌين تي هُن جي همراهن جيڪي مورچا ٺاهيا هئا، دريا جي پيٽ ۾ جيڪي ڪُن سنڀاليا هئا، تن جون ڳالهيون ٻڌي سانوڻ کي ڪا حيرت ڪانه ٿي. آخر ٻه ته تماچي شيرل جو پُٽ هو، جنهن سنڌوءَ کي ارغونن ۽ مغلن جي ٻيڙن جو قبرستان بڻائي ڇڏيو هو.
” تماچي، هاڻ اسان کي زمين سان گڏ پاڻيءَ تي ٻه معرڪا ڪرڻا آهن. مغل ٻکر کان ڪجهه لشڪر ۽ ڪجهه هٿيار سنڌوءَ جي ذريعي سيوهڻ ۽ ٺٽي پهچائڻ جو سوچيو ويٺا آهن. هن دريا جا هو ايترا هيراڪ ڪونه آهن. ان ڪري هنن جي انهيءَ گهٽَ کي بند ڪرڻ جو ڪم اوهان تي آهي: وڏيون شاهراهون اسان جي ڪيترن ساٿين اڳي ئي بند ڪري ڇڏيون آهن. شورن هنن جا سمورا لنگهه بند ڪري ڇڏيا آهن. سو يونانين وانگر دريا جي ڪنڌيءَ ڪنڌيءَ هو ڪچي مان لنگهندا. اتي ٻه اسان کي اوهان جي مدد جي ضرورت ٿيندي. تنهن کان سواءِ توهان مٿي آهيو. اسين هيٺ آهيون. اوسي پاسي مان جيڪي جوان اسان سان ساٿ ڏيڻ گهرن، تن کي تڪڙو اسان وٽ پهچائڻ لاءِ ٻه اوهان جا ٻيڙياتا ۽ پاتڻي ڪو ٻِلو ڪن ته وَهه واهه! “
تماچي پانيو ته هن جي دل ويڪري تي ڦاٽڻ تي هئي. هي سانوڻ، جنهن سنڌ تان سِر گهورڻ جو وچن ڏنو هو، سو هنن کي اهڙو اعتبار جهڙو سمجهي ٿو جو هنن کي دريا جي رکوالي جو ڪم ٿو سونپي. ڇا اسين سندس اعتبار کي پورو ڪري سگهنداسون؟ هن چاچي گهرام ڏانهن نهاريو، جنهن جون نظرون ٻه پنهنجي پائيتي ۾ ڪپيل هيون. هن چاهيو ٿي ته تماچيءَ کي هن مهل چاتيءَ سان لائي چوي: ” تماچي، يَر تون شل ادي جن جا اٽپورا اَنسنا سچا ڪري ڏيکارين! “ پر هن پاڻ جهليو، سانوڻ سان گڏجي ميڙ ڏانهن موٽي آيو.
اوچتو ڇڻ ڪنهن اڱوات چاڻ مِلڻ تي، سمورا ماڻهو هيٺ ويهي رهيا: ڪي ڪانيون ٻڌي ويٺا ته ڪي ايئن ئي اُپ ڪوڙي ويٺا هئا، ڇڻ بس هاڻ ئي اُٺي گهوڙي تي چڙهڻ وارا آهن. ڪي جوان البت چئني طرفن کان پهري سجاڳ ٻتن وانگر بيٺا هئا. هنن جون نظرون ميڙ جي ٻدران انهن راهن ڏانهن هيون جتان راتاها لڳي ٿي سگهيا.
۽ پوءِ سانوڻ جو آواز سنجها جي ويڳاڻپ ڪٽي بلند ٿيو.
” سنڌ جا مُهندارو اوهان تي سنڌ جو سلام هجي، جو اوهان منهنجي سڏ ۾ سڏ ڏنو آهي. آءٌ گهڻي ڊيگهه ڪونه ڪندس. الله ٿو ڄاڻي ته اڳي ئي گهڻي دير ٿي ويئي آهي. جيڪا حالت اڄ آهي، سا جيڪڏهن تڏهن ڪريون ها جڏهن مغل اڃا پنهنجا پَير ڪوڙڻ ۾ مصروف هئا، ته شايد هي ڏينهن ٻه ڪونه ڏسون ها ۽ هنن کي لاهور ۽ دهليءَ

روانو ڪرڻ ۾ اسان کي ايتري گهل ڪرڻي ڪانہ پوي ها! پر خير، سو ڳالهہ تي ڪيم. مغلن جيڪي جتيون سنڌين سان پئي ڪيون، انهيءَ بہ اسان کي ڪونہ ڌونڌاڙيو. شايد ان جو سبب اهو هو تہ هو وڏي سياست آزمائي رهيا هئا. ڪن راڄن کي هنن ريهي ريبي پنهنجو ڪري ڇڏيو. جنهن راڄ کي هنن پنهنجي لاءِ خطرو تي سمجهيو، ان کي ٻين سنڌي راڄن سان ويڙهائي، ڪيس اڪيلو، هيڪل ڪري هنن سندس جڻ ٻچو رلائي ڇڏيو. هڪڙي راڄ جو اهو حال ڏسي، ٻيا پنهنجي سلامتيءَ کي سنڌ کان متاهون سمجهي يا تہ مات ڪري ويهي رهيا يا دربار جهانگيريءَ ۾ خلعتون وٺي ٽانيڪا ٿي ويهي رهيا تہ جيئن مغلن جي شر کان بچيل رهن. هنن جي ٻي سياست سنڌين کي ويڙهائڻ جي هئي جنهن ۾ جيڪڏهن ڪنهن راڄ خلاف ڪو قدم کڻڻو هون تہ مغلن بدران هو ڪنهن سنڌي راڄ جي ڪاموري يا ڪوٽوال کي انهن سان نبيرڻ لاءِ موڪلي ڏيندا رهيا. اوهان کي ياد آهي تہ ساموئي وارن سومرن خلاف راتاها شورن کان ڏيارايائون. وري نئين باران وارن جوکين کي زير ڪرڻ لاءِ پليجن کي پڙڪايائون. پليجن شورش ڪئي تہ مٿن سمن کي ٻچي ڇڏيائون. ايئن اسان جا راڄ هڪ ٻئي جي پٽڪي لاهڻ ۾ پورا هئا. “

” ۽ پوءِ ارغونن ۽ ترخانن کي پنهنجو سوٽ ماسات سڏي، ڪين وڏيون وڏيون جاگيرون ۽ پنج هزاريون ڏهہ هزاريون ملازمتون ڏيئي ڪين سنڌين سان پراڻا وير پاڙڻ ڇڏي ڏنائون. مرزا قيصر بيگ جهڙا ترخان سنڌي راڄن تي ڌاڙا بہ هڻندا رهيا ۽ مغل دربار ۾ توشي خان جون عملداريون بہ ماڻيندا رهيا. جيڪي ارغون ترخان ۽ سندن پرتي ڪيل پٺاڻ ۽ قنڌاري راڄ سنڌ ۾ رهي سنڌي ٿيڻ جي هام هڻڻ لڳا هئا، سي بہ اوچتو مغلن جي هُشيءَ تي اسان سان مهاڏو اٽڪائي بيهي رهيا. اسان جا پنهنجا سوداگر ۽ ڪوٽيدار مغلن سان ڦٽائڻ بدران اسان کي اسلامي سلطنت جي وفاداريءَ جي تلقين ڪندا رهيا ڇاڪاڻ تہ هنن جا ٺيڪا، پلاوٽيا ۽ ڪوٺيون خطري ۾ هيون. محصولداريون ۽ ٺيپداريون بہ سنڌي ڪامورن کي سنڌ کان وڌيڪ پياريون آهن. هو غلامن کان وڌيڪ شاهہ جا غلام آهن! “

سانوڻ ڪا گهڙي مات ٿي ويو. جڻ سوچيندو هجي تہ اڳتي ڳالهہ کي ڪٿي يا اتي ئي ختم ڪري.

” پر ان وچ ۾ سنڌ پيسجندي رهي. عام سنڌي پيڙجندو رهيو. نہ هنن جا ننگ سلامت هئا، نہ وڻج واپار، نہ زمينون نہ مال، نہ پورهيو نہ ڪسب. مغل تہ خير حاڪم هئا پر ترخان ۽ ارغون بہ نئين سِر سنڌين جي پويان پئجي ويا. جڻ تہ هنن کي نئين سر پراڻا حساب چڪتو ڪرڻ جو موقعو مليو هو. خاص طرح سان جڏهن کان پائنده بيگ ڪوٽوال مقرر ٿيو، تڏهن کان تہ اهو ڏينهن خالي نہ هو جڏهن ڪنهن نہ ڪنهن سنڌي محلي، ڪنهن نہ ڪنهن سنڌي راڄ تي آفت نہ آئي هجي. سموري سنڌ سان اهو حال هو. جڏهن بہ ڪنهن سنڌي راڄ پنهنجي حد جي عامل جي دانهن مٿي تي پهچائي تہ داد ٿيڻ جي بدران هنن سان بيداد ٿي ٿيو. اهڙيون عقوبتون ٿي ڪيائون جو ماڻهو مِٽي بہ مات، مُٺي بہ مات ڪري ويهي رهيا! “

سانوڻُ گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويو. سموري ميڙ ۾ ماڻهو ڄڻ بت بڻجي، ساهه روڪي، سانوڻ جون ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا. سي به هن جي ماٺ تي ڄڻ ته خواب مان جاڳي پيا. هنن جو روڪيل ساهه شوڪارو بڻجي نڪتو. ڪنهن پنهنجي ڪانپ چوڙي نئين سر ٺاهي جوڙي ڪَشي ٻڌي ته ڪنهن پنهنجي پَٽڪي جو ور سڌو ڪيو. جيڪي بيٺا هئا، تن به پنهنجي پيرن تان بار هلڪو ڪرڻ لاءِ گوڏا سڌا ڪرڻ شروع ڪيا.

پوءِ وري سانوڻ جو آواز گونجيو. ” پر شاباس آهي سنڌ جي مدرسن جي شاگردن کي، جن هن پيري اسان کي ڏونڏاڙي، ڄڻ ته خواب مان جاڳائي وڌو آهي. جڏهن حافظ بلال ۾ هٿ وڌائون ته ڄڻ ته سنڌ جا سمورا مدرسا اُيامي اُٿيا. ڪالهوڪا نينگر ڄڻ چِتا ٿي پيا. هي ننڍا نيٺا جن جنگين جون رڳو ڳالهيون ۽ ڏند ڪٿائون ٻڌيون هيون، پٽنگن وانگر پڙڪي اٿيا، حافظ بلال جي مچ تي مرڻ لاءِ سانپاهي آيا. مغلن سان اهو ڪجهه ڪيائون جيڪو اوهان اسان جهڙا جهيڙاڪ ماڻهو به هوند ڪين ڪن. اوهان ته ٻڌو سُؤ هوندو پر مون اکين سان ڏٺو آهي. مغلن جي هڪڙي به حويلي سڄي ڪانه ڇڏيائون. جتي جتي مغلن جون رسدگاهون، اناج جا پاندا، گاهه جون دنون ۽ مال خانا هئا، وهتن جون ڪُڙهيون هيون، تن کي راتو رات پسم ڪري ڇڏيائون. پائنده بيگ کي حڪما حڪمي مغلن جي ڪِرِهه منجهان ڪٽي ويا ۽ ٻئي ڏينهن مرزا رستم بيگ جي حويليءَ جي سامهون ٽياس تي سندس لاش ٽنگيل هو! “

هن وري هڪ ڊگهو ساهه کڻي چيو: ” ڏينهنڪ مغلن ۾ ٽاڪوڙا پئجي ويا. ساقي خانا بند ٿي ويا. غلامن جا نيلام گهر ويران ٿي ويا. مغل سوداگرن پنهنجيون مڏيون ۽ ڪوٺيون بند ڪري ڇڏيون. ڪيترن مغلن ته لاهور ۽ دهلي وڃڻ لاءِ قافلا سنبارڻ شروع ڪيا. ترخانن جڏهن اهو رنگ ڏٺو، تڏهن انهن به مغلن مان ڪسرون ڪڍڻ شروع ڪيون. هنن سمجهيو ته مغل اِجهو ٿا سنڌ ڇڏين، وارو ڪريون ته سنڌ تي سيوهڻ کي مرڪز بڻائي وري ترخانن جي غلاميءَ جو ڳٽ وجهڻ ڏکيو ڪونه ٿيندو!“

اهو چوندي سانوڻ جي لفظن ۾ جيڪو زهر اوتجي آيو، سو ماڻهن کي ڄڻ ته پنهنجي نڙيءَ ۾ محسوس ٿيڻ لڳو.

” ۽ پوءِ مغل لشڪري سنڌي محلن، راڄن ۽ سنڌي واهڻن ۾ ڪاهي پيا. شروع شروع ۾ هنن کي ماڻهن کي هيسائڻ ۽ مارڪُٽ ڪرڻ ۾ ڪجهه ڪاميابي به ٿي. ايتري قدر جو ڪن ماڻهن اهو به چوڻ شروع ڪيو ته هنن وات ڳاڙهن چورن جي ڪري مغل لشڪري چِتا ٿي پيا آهن. ڪن ته پنهنجن نينگرن کي سمجهائڻ جي به ڪوشش ڪئي، پر چوڪر نه مڙيا. هنن وري به ٽوليون ٺاهي مغلن تي راتاها ڏيڻ جي وات ورتي. مغلن ۾ هائيدوس مچي ويئي. پر پوءِ هٿياربند لشڪرين اڳيان هي اسان جا مهندار نينگر هيٺا ٿيڻ لڳا، جن وٽ جيڪڏهن ڪو هٿيار هو ته اهو هو خردم يا باهه جا موئرا! “

” جڏهن هنن جو ريتو رت سنڌ جي ڌرتيءَ کي ريج ڏيڻ لڳو تڏهن اسان پارا اَٽي تي چٽي به جاڳي پيا. اولاد ڪنهن کي پيارو ڪونهي! هي ته سنڌ ۽ سنڌوءَ جو اولاد هو. ۽ پوءِ هري ڏاڍي هر هنڌ جوانن ۽ وڏڙن به پنهنجون ڪُهاڙيون، لوڙهيون، ڀالا ۽ برڇيون سنڀاليون. ۽ پنهنجن ٻچن سان گڏ بيهي رهيا آهن. هاڻ اها ويڙهه رڳو مدرسن جي شاگردن جي نه رهي آهي. هاڻ هيءَ سنڌ جي ويڙهه بڻجي ويئي آهي. “

” سو اُنهيءَ ويڙهه ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آءٌ اوهان وٽ ميڙ ڪٺي آيو آهيان. هيءَ ويڙهه اڳين سمورين شورشن کان نرالي آهي. ترخان به اسان جا ايترائي ويري آهن، جهڙا مغل. پر هن پيري ترخان ماٺ ڪري شعل پيا ڏِسن. مغلن کي ڪڍڻ لاءِ هو به آتا آهن، پر هو مغلن کان پوءِ وري پنهنجي عملداريءَ جا خواب پيا ڏسن. سو هن پيري هٿيار ۽ همت سان گڏ اسان کي سياست جي جنگ به وڙهڻي آهي. “

”سو اڄ آءُ وري سنڌ جو سڏ ڏيڻ آيو آهيان. سِرَ جي سَئن هٽڻ آيو آهيان. آءُ سنڌ پاران اوهان آڏو جهول جهلڻ آيو آهيان. هونئن به غلاميءَ جو جيئڻ به ڪهڙو جيئڻ آهي. جي سر ڏيڻ سان اسان جي سدا ملوڪ سنڌ آزاديءَ جو ساهه کڻي ته هوند اهڙو موت هن حياتيءَ کان هزار دفعا وڌيڪ ملهائتو آهي.

”هن ڀيري هيءَ جنگ ايئن وڙهو، ڄڻ هيءَ اسان جي آخري جنگ آهي. اڄو ته سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجي وڃون. مغلن تي نه رڳو زمين تنگ ڪريون، پر هي سدا سهڻو دريا به جيئن هنن جي پناهه گاهه نه بڻجي سگهي. اڄو ته هنن جا گهٽَ گهيڙ بند ڪريون. هنن کي فقط هڪڙو رستو ڏسيون_ سو اهو ته سنڌ هاڻ هنن لاءِ قبرستان بڻجي ويندي. نِتي کان اروڙ تائين، بلڙيءَ کان بکر تائين هنن لاءِ فقط لاهور ۽ دهليءَ ڏانهن واپسيءَ جو رستو آهي. جيسين آخري مغل سرحد پار نه اُڪري، تيسين سک نه سمجهو. هي ٿر، هي بر، هي جبل، هي ڪرڙ، هي ڪانديرا هاڻ آزاديءَ لاءِ اسان اڳيان جهول جهليو بيٺا آهن. اڄو ته هنن جو سڏ سڻون، اڄو ته هنن کي موٽَ ڏيون.....“

هن جي آواز ۾ الائي ڪتان جو درد پرجي آيو. ماڻهن جي دل ڪنئري ڪنئري ٿيندي ويئي. ايئن پئي ڀانيو ته ماڻهو اِجهو ٿا هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي، آتَت ڏين ته اڙي ادا، هاڻ غلاميءَ جا بند کُلڻ وارا آهن. هاڻ آزاد سنڌ ۾ ساهه کڻڻ جا ڏينهن اجهو ڪي آيا. پر..... پر ڪجھ وقت ماڻهن تي ماٺ ڇانيل رهي، ۽ پوءِ ڄڻ ته ميڙ ۾ هڪ اَڇاتي لهر اُڀري، ۽ هَري هَري تي، ماڻهو ساٿوڻ سان ڀاڪر پائي ملڻ لاءِ اڳتي ايندا ويا. ساٿوڻ هنن سان ايئن ٿي مليو، ڄڻ هو ورهين کان هڪ ٻئي جا واقف هئا ۽ ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ مليا هئا. سيني جي اکين ۾ هڪڙوئي احساس هو. هڪڙو ئي اُتساهه هو. هڪڙوئي خيال هوته سنڌ لاءِ هن کي ئي ڪجھ ڪرڻو آهي. هن کي ئي سنڌ جي جنگ اڪيلي سر وڙهڻي آهي. هن کي ئي اڪيلي سر سنڌ جو سڏ اونائڻو آهي. ايئن نه ٿئي جو پوئتي رهجي وڃي. ايئن نه ٿئي ته هو سنڌ جو مياري ٿي پوي. ايئن نه ٿئي جو هن کي هن جي ماءُ، هن جي ڀيڻ، هن جي زال اهو مهڻو ڏيئي وجهي ته تو سنڌ جو سڏ نه اونائيو. سنڌ جي ڌرتي، سنڌ جو آسمان، هي سنڌو، هي مهراڻ، هي ڍنڍون، هي ڍورا، هي پَٽ متان شڪايت ڪري وجهن ته تو اسان لاءِ ڪجھ نه ڪيو!

تماچي چُپ چاپ هي جذبو ڏسندو رهيو. پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندو رهيو. هي هن لاءِ بلڪل نئون احساس هو. نئون تجربو هو. هن پنهنجي چاچي ڏانهن نهاريو. هن ساٿوڻ ڏانهن نهاريو. هن هر ماڻهوءَ ۾ نهاريو، ۽ هر چهري ۾، هر مک ۾ هن کي پنهنجو ابو شيرل نظر آيو، جنهن جي ٻنهي هٿن ۾ ڪهاڙيون هيون، جنهن جي اکين ۾ اهو سنيهو هو، جيڪو فقط هڪ آزاد وطن جو آزاد ماڻهو ئي ٻڌي سگهي ۽ محسوس ڪري ٿي سگهيو. هن دل ئي دل ۾ چيو: ”بابا، آءُ اِجهو آيس. مون تنهنجو سڏ سڻي ورتو آهي. مون سنڌ جو سڏ ٻڌي ورتو آهي. آءُ توکي وچن ٿو ڏيان ته جيسين سِسيءَ ۾ ساهه آهي، تيسين سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي آزاد رکندس_ جئن مون کان اڳي، توکان به اڳي سنڌي ماڻهن ان کي يونانين، عربن، ترڪن ۽ ارغونن کان آزاد رکيو هو!“ ❊

(20)

سنڌ جو وڻ وڻ ڦُلارجي پيو هو. جيڏانهن تي نظر ويئي، اوڏانهن سنڌ جي سونهن ڪَرُ ڪٽي، اکين ۾ گهرندي تي ويئي: ڪيٽ سُرها، ترَ بر سُرها، ڍنڍون ڍورا سُرها، سنڌو سُرهو، جبل جا پهڻ بہ سُرها تي پيا هئا. سنڌ جا ماڻهو بہ ڪنهن نئين سرهاڻ ۾ واسجندا تي ويا. سنڌن منهن تي مُرڪ موتي آئي هئي: هيج ۽ هٻڪار جو اهو رنگ سانوڻ اڳ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو. هو جتان تي لنگهيو، جوانن جا جٿا اچي تي هن سان مليا: ڪنهن کي ياڪر پائي ڪنهن کي پائي. ڳوٺن ۽ واهڻن وٿان تي لنگهيو تہ جوانن کان سواءِ پوڙها پيرسن بہ کين اڳيرو ڪري تي آيا. ڪيڏي نہ آس هئي هنن جي اکين ۾: لُڙڪن ڳاڙُ آس، مُرڪ ڳاڙُ آس، جنهن هنن جي منهن کي نئون نُور تي بخشيو: هن نئڙي کين ملڻ جي تي ڪئي تہ هن کي پکن ۾ ڪٽي تي ورتائون: ” ابا، اسين اڳي ئي گناهگار، وڌيڪ گناهگار تہ نہ ڪر. تون تہ سنڌ ڪلهن تي کڻيو وتين، تون تہ نہ جهُڪ! سلام تہ سنڌ تي آهي، ۽ انهيءَ مهابي توتي سلام آهي، تون ڪيئن ٿو نئڙي اسان سان ملين! “

۽ سانوڻ جي هنئين ۾ اهي ڳالهيون پڌي، هدڪ پئجي ويندو هو. جيڪڏهن هنن نُوراني ماڻهن جي آس پوري نہ ڪري سگهياسون تہ هنن جو نُور ڪسجي ويندو، ۽ سندن مُنهن تي وري پراڻا گهاوَ نوان گهنج بڻجي، کين وڌيڪ پوڙهو ڪري ڇڏيندا! وينجهرن جي واهڻن وٿان لنگهيو تہ ڄڻ هن کي ڏانوڻ پئجي ويا. جوانن جو هڪڙو جٿو اچي هن سان مليو، پر انهن جي پويان هن ڏٺو تہ ڪجهہ زائفائون ٿالهيءَ ۾ ڏِيا ٻاريو بيٺيون هيون. انهن مان هڪڙي هڪڙي تي اڳيان آئي، ۽ تي پيرا هن تان ٿالهي گهوري، ٿالهيءَ مان سنيڌر جي چپٽي کڻي هن کي تلڪ ڏيندي ويئي. ۽ پوءِ هن جي پيرن مان مٽيءَ جي چپٽي کڻي، پنهنجي سينڌ ۾ وجهندي پويان هٽي بيهي رهي. جڏهن آخري زائفان، سنڌ جي مٽيءَ جي چپٽي، پنهنجي سينڌ ۾ وڌي، تڏهن سانوڻ کي پنهنجي دل ڇاتيءَ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تڙڦندي محسوس ٿي. پوءِ هڪڙي زائفان چيو: ” ڀائو، جڏهن رام راوڻ سان وڙهڻ نڪتو هو، تڏهن ستن سهاڳڻين، سندس آرتي ڪئي، ڪيس موڪلائي ڏني هئي: اها وارتا پستڪن ۾ لکي پيئي آهي، پر اڄ اسان رام اکئين ڏٺو آهي. اسان جي سنڌ بہ سيتا جيان راوڻ جي پنجوڙن ۾ آهي. اسين بہ سَت سُهاڳڻيون اڄ توکي راوڻ سان وڙهڻ جو سوڳنڌ ٿيون ڏيون. اسان کي اسان جي سيتا ورائي ڏي. اسان کي سنڌ ورائي ڏي. شل سنڌوءَ جو جل ۽ سنڌ جي مٽي تنهنجي راکي ٿئي! “

سانوڻ ٻُت بڻجي سنڌ جي هنن نياڻين ڏانهن نهاريندو رهيو: سندس اکين جي لڙڪن ۾ هنن جون صورتون ستارا بڻجي چمڪنديون رهيون. سڀ ماڻهو ڄڻ منڊجي ويا هئا. پوءِ هڪ پيرسن ڪنگهڪار ڪري چيو: ” ابا، اسين سنڌي ڏاڍا ويساهہ وسوڙا آهيون. اسين هندو تہ اوهان مسلمينن کان بہ وڌيڪ ويساهہ وڃائي ويٺا هئاسون. پر تو اسان کي ويساهہ موٽائي ڏنو آهي. هنن ستن سُهاڳڻين جو تو ۾ ويساهہ، سمجهہ تہ سموري

سنڌ جي سُهاڳڻين جو ويساهه آهي. سو جيئن رام سيتا موٽائي امر ٿي ويو، تيئن تون به سنڌ موٽائي امر ٿي ويندين.... وچ، سموري سنڌ جون دعائون ۽ پراٿنائون توسان ساٿي آهن....! “ پيرسن جي نڙيءَ ۾ ڇڻ اکر اٽڪي ٿي پيا. سندس اکين مان لڙڪ سنڌوءَ جيان پئي وهيا.

سانوڻ اُمالڪ پيرسن جا پير ڇُهي، سندس پاکر ۾ سڏڪندي چيو: ” ڪاڪا! ڏٺيءَ لڳ، مون تي ايڏو بار نه وجهو، جو آءٌ کڻي نه سگهان. سنڌ جيڪڏهن آجي ٿي ته هنن سهاڳڻ پينرن جي صدقي آجي ٿيندي....! “ لفظ هن جي نِڙيءَ ۾ اٽڪي پيا، هو ڪا گهڙي ڪاڪي جي پاکر ۾ بنا آواز سڏڪندو رهيو ۽ پوءِ تڪڙو تڪڙو اچي پنهنجي همراهن سان مليو، ۽ ڪوچ ڪرڻ جو اشارو ڪيائين.

سنڌ جي نياڻين جي سينڊ ۾ سنڌ جي مٽيءَ جي اهڃاڻ هن کي لوڏي وڌو هو. شل ان سينڌ ۽ اُن مِٽيءَ جو مانُ رکي سگهون! هيلوڪي اٿل هن جي پنهنجي اميدن کان به وڌيڪ ثابت ٿي هئي. ماٺهو هئا جيڪي مينهن وساڙن وانگر وسندا ٿي ويا. هن جو پيلو ته سمورو جوانن سان پرجي ويو هو، پر ڪچي ٽوڙي پڪي ٿي، بکر کان ٺٽي تائين سنڌين جا مورچا ۽ محاذ نهي پيا هئا. اتر کان ڏکڻ، اوير کان اولهه تائين جتي ڪٿي اهو چوپول هو ته هيل سچي سنڌ ۾ جيڪا ويڙهاند ٿيندي، سا آخري ٿيندي. جئن جئن وقت گذرندو ويو تئن تئن سنڌين جا حوصلا وڌندا ويا. مغل جتي ڪٿي ڏنل ۽ چرڪيل هئا. هنن کي سمجهه ۾ ٿي آيو ته هن اُٿل کي ڪيئن منهن ڏين. سڌو سنئون ڪٿي به مهاڏو ڪونه هو. ڪا وڏي جنگ به ڪانه هئي. رڳو راتاها هئا، ڪڏهن چانوٽين تي، ڪڏهن ڪنهن مورچي تي، ڪٿي ڪنهن قافلي تي، ڪٿي ڪنهن رسدگاهه تي! مغلن لاچار ٿي ترخانن ڏانهن نياپا ڪيا، پر ترخان مات هئا: هنن ڪنهن جو به پاسو ڪونه ٿي ورتو. ايتري قدر جو رستم بيگ جي دربار ۾ ترخان امير حاضريءَ ۾ ناغو ڪرڻ لڳا. ۽ پوءِ رستم بيگ مظفرخان جي ذريعي سانوڻ کي نياپو موڪليو ته جيڪڏهن سنڌين کي مغلن کان ڪي شڪايتون هيون ته رستم بيگ انهن جي تدارڪ ڪرڻ لاءِ وعدا وعيد ڪرڻ ۽ ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لاءِ تيار هو بشرطيڪ هي شورشون ۽ راتاها بند ٿين! ۽ ان ڪم لاءِ وچ ۾ ٽياڪڙ ٿيڻ لاءِ ٺٽي جي جامع مسجد جو مغل پيش امام، ۽ سنڌين جي ٻن وڏين مسجدن جا پيش امام ۽ عالم رضامند هئا.

سانوڻ کي جڏهن اهو نياپو پهتو هو، تڏهن هن جون مُٺيون پڪوڙجي ويون هيون. هي اهي ساڳيا مولوي هيا، جن رستم بيگ جي پريءَ دربار ۾ چيو هو ته ” حافظ بلال اسلامي حڪومت خلاف بغاوت ڦهلائي رهيو آهي. هن جو علمي مرتبو برابر وڏو هو، پر بغاوت کي فقط شهنشاهه هند ئي معاف ڪري سگهي ٿو! “ انهن ئي ٺهي مولوين فتوا ٿي صحيحون ڪيون هيون ته حافظ بلال واجب القتل آهي. ان ڪري هن کي سزا ڏيڻ لاءِ شهنشاهه کي عريضو موڪلجي، يا حافظ کي لاهور روانو ڪريو، شهنشاهه آڏو پيش ڪيو وڃي، جئن حضور جن پاڻ هن کي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪن!

هن کي حافظ بلال وارو مامرو جئن ٿي ياد آيو، تئن ٿي هن جي تن بدن ۾ باهه پڙڪڻ لڳي. هن سنڌ جي نَڪ، حافظ بلال کي، نيئرن ۽ سنگهرن ۾ جڪڙي، هڪ عام ڏوهاريءَ جيان لاهور موڪلي ڇڏيو، ۽ هو ڪجهه به ڪري نه سگهيو. جڏهن مدرسي جي شاگردن پائنده بيگ جي حويليءَ کي ساڙيو ۽ پائنده بيگ کي موت جي سزا ڏني، تڏهن به هن جي دل تي چندبو ڪونه پيو. هن جي دل ته اهو ٿي چاهيو هڪڙي هڪڙي مغل کي پنهنجي هٿن سان نِپوڙي ماري، پر پوءِ شاگردن جي لڳايل چڻنگ جڏهن سموري سنڌ ۾ پنيٽ پاريو، تڏهن هن کي پنهنجي پاڻ ۽ پنهنجي ساٿين سان جهيڙٽو پيو. هن جي مرضي هئي ته هو مغلن جي انهيءَ قافلي تي راتاهو ڏين پوءِ کٽي هنن کي سنڌ جي سرحد چونه اُڪرٽي پوي، پر سندس اندر واري ڪيس مهميز ڏني ته هي وقت وڃايوسون ته وري ڪڏهن به هٿ نه ايندو. حافظ بلال ساهميءَ جي هڪڙي پُڙ ۾ هو ته اُن جي ٻئي پُڙ ۾ سنڌ جي آزاديءَ جي ويڙهاند هئي! هن جي همراهن مان به ڳچ چڻا هن جي راءِ سان شامل

هئا پر گهٽائي اُنهن جي هئي، جن اهو ٿي چيو ته هن مهل تي خود حافظ بلال هجي ها ته اهو به چوندو ته هڪڙي حافظ بلال جي حياتيءَ کان سنڌ جي آزاديءَ جو آسرو وڌيڪ اهم آهي! مغلن کي ٿورو وقت به مليو ته چئني طرفن کان هنن جا واهرو ماڪڙ جيان سنڌ تي اچي ڪڙڪندا. ايران کان، قنڌار کان، ملتان کان ۽ هيٺان ڪڇ کان ڪٽڪ لٿا ته پوءِ رڳو هٿ مهٽيندا رهجي ويندا سون. پر سانوڻ جي چري دل اصل ٿي مڃيو. هن جي روح ۾ حافظ بلال جو نوراني چهرو وَرَ وَرَ ڪري پنيٺ پاريندو رهيو، ۽ پوءِ هن همراهن کي چئي ڏنو: ” پائو، ڳالهيون اوهان جون سڀ سچيون ۽ سيبتيون آهن، پر هن ندوري دل کي ڇا ڪريان. مون کي تيسين سُک نه ايندو جيسين حافظ کي نه ورايو اٿم. سو مون کي بخش ڪجو..... “

پري کان خابروءَ جي گهوڙي جي ٽاپڙ ٽاپڙ پڌي، سانوڻ ماٺ ٿي ويو، نه ته هو پنهنجي جنون ۾ الائي ڇا چوڻ وارو هو، ڇا ڪرڻ وارو هو. خابروءَ جڏهن چٺي سندس هٿ ۾ ڏني، تڏهن سيني ڏنو ته پهريون پيرو سانوڻ جي هٿن ۾ اڻ لکي ڏڪٽي اچي وئي هئي. هن هڪ اونهو ڊگهو ساهه ڪٽي، چٺيءَ تي نظر وڌي!

حافظ بلال لکيو هو: ” **سانوڻ، اُبهرو نه تجانءِ! سنڌ اڳيان آءُ ڪا وَٽُ ڪين آهيان، متان مون ڪارڻ، سنڌ جو سڌ موٽائي ڇڏين! پانيان ٿو ته ههڙي مهل وري ڪڏهن به ڪانه ايندي: جيڪڏهن منهنجي موت سان سنڌ آزاد ٿئي ته سمجهندس ته هيءَ حياتي ته سجائي ٿي، پر عافيت به سجائي ٿيندي. مغل مونکي لاهور نه موڪلين ها ته آءُ پاڻ دربار ۾ حاضر ٿي مغلن جيڪي سنڌ سان ڪئي آهي، سا شهنشاهه اڳيان بيان ڪريان ها. سنڌ جا ماڻهو ننڍ مان ڇرڪ پري جاڳي پيا آهن: هنن جي جاڳ کي سجايو فقط تون ئي ڪري سگهين ٿو. آءُ توکي منٿ ٿو ڪريان ته هن وقت مهلَ سڃاڻ، سنڌ جي هڪڙي ڪنڌ کان ٻي ڪنڌ تائين جيڪا ٻاهه ٻري آهي، ان مان سنڌ جي ڇوٽڪاري جو صبح ڄاڻ ته ٿيو. الله، الله جو رسول ڪندو ته جڏهن موٽندس ته آزاد سنڌ کي پنهنجي اکئين ڏسندس. جي نه، ته ڏٽيءَ در اهائي التجا آهي ته غلام سنڌ ڏسڻ کان اڳ مون کي موت ڏيئي، پنهنجي هن گناهگار بندي جي مغفرت ڪندو. چڱو: الله کي پرتوءِ، سنڌ کي پرتوءِ!** “

خط پڙهي، سانوڻ کي هڪ ئي وقت ڪئين خيال اچي ويا: هن جي دل هلڪي ٿي ويئي: هن جي اکين مان لڙڪ ايئن ٿي وهيا ڄڻ هو ورهين کان ڪونه رُنو هو، تڏهن اکين اڄ روئي ڪٿر پوري ڪرڻ ٿي گهري. هن کي پنهنجي سنگتين سان اکيون ملائڻ ۾ شرمساري محسوس ٿيڻ لڳي. هن جي دل چيو ته هو سنڌ جي مٽيءَ مان مُٺ پري، ان کي چُمي، پنهنجا سمورا وچن ورجائي ته وري ڪوبه جذبو سنڌ کان مٿاهون ڪونه ڪندو. هن جي دل اهو به ٿي چاهيو هر هڪ همراهه کان، پلاند وجهي معافي گهري ته ادا، مون کي بخش ڪر، مون کان گهڙيءَ لاءِ سنڌ وسري ويئي هئي! هن جي اندر ۾ جيڪو مانڌاڻ متل هو، سو جڏهن جائيتو ٿيو، تڏهن هو بي اختيار اُٿيو، ۽ پنهنجي همراهن کي هڪ هڪ ڪري، يا ٽولن ۾ سمجهاٽيون ڏيندو ويو. پنهنجي خاص چوياريءَ کي رڳو ايترو چيائين: ” اُٿو، ته هلون. سنڌ ۾ لهي پئون. سنڌ جي ماڻهن جي دلين ۾ لهي پئون، متان مهل ٽري وڃي! “

۽ پوءِ هو سنڌ ۾ لهي پيا: واچوڙي وانگر هڪڙي واهڻ کان ٻئي واهڻ تائين، هڪِڙي پِٽ کان ٻي پِٽ تائين، هڪڙي لَڪَ کان ٻئي لڪ تائين، هڪڙي پرڳڻي کان ٻئي پرڳڻي تائين! هنن جي اکين مان ننڊ ايئن غائب ٿي ويئي، ڄڻ هنن جون اکيون ننڊ جون هيراڪ ئي ڪونہ هيون. ماڻهن هنن جون مهمانيون ٿي جهليون، پر هنن وٽ پَہ گرهہ کائڻ جي بہ وارڪائي ڪانہ هئي. ڏينهن رات جا سنڌا مِتجي ويا هئا. هڪڙا وهٽ تڪجي ٿي پيا تہ اُنهن کي اُتي ٿي ڇڏيائون. نوان وهٽ، نوان ارادا، نيون منزلون! نئين پهچ، نئين ڳالهہ! نوان هٿيار نوان اوزار، نوان جذبا، نوان حوصلا ٻڌجي ٿي ويا! راڄن جا راڄ راتورات پنهنجا پراڻا ويرَ وساري، ياڪرين پئجي ويا. ڪنهن راڄ دِل مَن ٿي هنيو تہ ٻيا راڄ هنن وٽ ميڙ ڪٽي ٿي آيا! نياڻيءَ ميڙ! ٻيلي ڏاها ٿيو، هيءَ مهل سوچڻ جي ڪانهي: هيءَ مهل ڏک هٽڻ جي مَهل آهي؛ هيءَ مهل ملهائيندا تہ مهل بہ امر ٿي ويندي، اوهين بہ امر ٿي ويندا! او ادل، او پائو وسارين متان، مياري ٿي پئون!

سڄي سنڌ جا پورهيت، ڪمي ڪاسبي نئين پريت جي پورهئي ۾ لڳي ويا. لوهار ڪُهاڙيون، ڪاترون، ٻرڇيون، ڀالا، تراريون ۽ تير ناهڻ ۾ هڪ ٻئي سان شرطون پچائڻ لڳا. واڍن گاڏيون ائين ٿي ناهيون ڄڻ انهن گاڏين جي چاڪن تي سندن پنهنجي گوءِ جو دارو مدار هو. موچي ۽ مينگهواڙ وهٽن جي سنجن سان گڏ چمڙي جا چابڪ ۽ خردم ناهيندي ناهيندي، ٻچيل چم جي ليڙن مان غليلون ناهڻ ويهي رهيا. جبلن جي لَڪن تان شاهہ چور ۽ ڏاڙيل لهي پيا ۽ ننڍن نيٽن کي ويڙهہ جا انگ سيکارڻ ويهي رهيا. هر ڪنهن کي هورا کورا هئي تہ ڪيئن هٿ ونڊائي. جهور پيرسن بہ جوانن کي اڳين شورشن ۾ ڪاميابين ۽ ناڪامين جا ڪارڻ سمجهائيندا، ڪين نيون اٽڪلون ٻڌائڻ لڳا. ننڍن نينگرن وري هڪڙي هڪڙي مورچي کان ٻئي مورچي تائين، هڪڙي محاذ کان ٻئي محاذ تائين خبرون پهچائڻ جو ڪم پاڻ تي ٿي کنيو. رسد گاهہ ڪٽي آهي، گاهہ جون دنون ڪٽي آهن، وهٽن لاءِ ڪُڙهيون ڪٽي هيون، ان لاءِ وٽن جا چوڏا لاهي، مٽن نشان ڪڍي ٿي ڇڏيائون. مغلن جي عام شاهراهن جي وچ وچ ۾ ڪاهيون ڪوٽي، انهن کي ڪانن ۽ ٻُهہ سان ايئن لٽي ٿي ڇڏيائون جو مجال آهي جو سندن وهٽن کي بہ ڪو شڪ پوي. راتين لاءِ زائفائون موئرا ۽ مشعلون ناهڻ ويهي رهيون. سڄو ڏينهن پنهنجي مڙسالن کي مهل ياد ڏياريندي، رات جو جنڊ پيهڻ ۽ اڳوٽن وقتن جي سورهين جون ڳالهيون ڪٽڻ جا انسنا ناهيندي، سنڌ جون سيتائون، ٻاگهيون، موملون ۽ ماروئيون سنڌ تان صدقو ٿيڻ لاءِ ساٿ سوڻ ڪرڻ لڳيون هيون. سڄ سياٽي جا ڪري، سا روءِ سنڌين جي هئي. هر ڪنهن جي اندر ۾ ڄڻ ڪو نئون سوجهرو سمائجي ويو هو!

سنڌ جي هيءَ حالت مغلن کان ڳُجهي ڪانه هئي، پر لڪا ڪانه تي ڏنائون. پر سندن ٽپالي ٺٽي کان لاهور تائين هر ڳالهه شهنشاهه جي ڪَن تائين پهچائڻ لاءِ روز ٽي روانا ٿيا. ترخانن ۾ پهريون ته دل مَنُ پئي هنيو. هنن سنڌين جون ڪيترون ئي شورشون ڏٺيون ۽ ٻڌيون هيون. پر هيلوڪي اُٿل شورش نه هئي: هيءَ اُٿل دريا جي اُٿل کان به وڌيڪ وسيع، وڌيڪ تِکي ۽ وڌيڪ ڦهلجندڙ هئي. مغل انهيءَ اٿل آڏو بيهي سگهندا يا نه، پر اها ڪين پڪ هئي ته سنڌ وري ساڳي سنڌ نه رهندي. سنڌي جياپي جي جنگ لاءِ تيار هئا: جياپي جي هن جنگ ۾ جيڪڏهن هو سُرخرو نه به ٿيا، تڏهن به سنڌ کي وري غلام بڻائڻ تي هڪ کان وڌيڪ ڀيرو سوچڻو پوندو. اهو سوچي هنن سانوڻ ڏانهن نياپا سنيها موڪلڻ شروع ڪيا. سانوڻ ڪَنَ لاٿار ڪندو رهيو. هن جو جواب اهو هو ته ڏسنداسين، سوچينداسين!

پوءِ مرزا شاهه رخ پنهنجو خاص ايلچي موڪليو. ڪچهريءَ ۾ سمورن همراهن کي سانوڻ مرزا شاهه رخ جو نياپو پڙهي ٻڌايو: ” اسين پنهنجي حمايت جو هٿ اوهان ڏانهن وڌائڻ وقت اهو به چاڻون ٿا ته سنڌين کي اسان سان شڪايتون آهن. اسان مان گهڻن برابر سنڌين سان ڏاڍايون ڪيون آهن. پر اهو تڏهن جڏهن اسان کي سنڌ جي گهٽي سڃاڻپ ڪانه هئي. هاڻ اسين اوهان کي سڃاڻون ٿا: اوهين اسان کي سڃاڻو ٿا: ماضيءَ کي دفن ڪرڻ ۾ ٻنهي ڌرين جو فائدو آهي. اسين هاڻ قندار واپس موٽي ڪين وينداسون، اسان جو مرڻ جيئڻ سنڌ سان آهي. اسان جو نئون نسل هن مِٽيءَ مان سرجيو آهي. اسان به سنڌوءَ جو پاڻي پيتو آهي. اسان جي بزرگن جا مزهه مقام هتي آهن. وڏي ڳالهه ته اسين به مري هن مٽيءَ ۾ پورباسون. . مغل ڌاريان آهن، غاصب آهن. اسين اوهان جا پنهنجا آهيون. اسين اوهان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، غاصبن سان وڙهڻ لاءِ پنهنجي دوستيءَ جو هٿ ڊگهيرڻ جي آڇ ٿا ڪريون. سيوهڻ پرڳڻي جي ترخان حڪومت به مغلن خلاف جنگ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ تيار آهي، بشرطيڪ هنن کي اهو يقين ٿي وڃي ته سنڌي مغلن خلاف جنگ ۾ پوئتي نه هٽندا. اسان کي اوهان جي جواب جو انتظار رهندو. “

ڪا گهڙي ڪچهريءَ ۾ ماٺ ٿي ويئي. پوءِ هڪ همراهه ڇڪيو: ” هي اوچتو ترخانن کي سنڌين لاءِ همدردي ڪيئن جاڳي پيئي آهي؟ يَرَ مون کي ته مٿن اعتبار ڪونه ٿو اچي، باقي جيڪا صلاح سنگت جي! “

” آهي ته منهنجو به اهو خيال، پر هن وقت جيڪڏهن ٻن محاذن تي وڙهياسون ته پورا ڪونه پونداسون. سيوهڻ کان سواءِ هنن جون جاگيرون بکر تائين آهن. ڪين رکو جواب ڏيڻ سان پاڻ نقصان ۾ ته ڪين پونداسين؟ “ جنهن همراهه هي سوال وچ ۾ اڇلائي وڌو، تنهن جي سڄي عمر ترخانن سان جهيڙيندي گذري هئي.

اڌو اڌ همراهن جو خيال هو ته ترخانن تي اعتبار ڪرڻ ۾ جوکو ئي جوکو آهي. همراهن جو ٻيو اڌ ان خيال جو هو ته ممڪن آهي ته ترخانن ۾ واقعي اهو جذبو پيدا ٿيو هجي ته هنن جون ٽي چار پيڙهيون ڄايون نپنيون سنڌ ۾ آهن، ۽ هاڻ سنڌ سان ئي سندن آئيندو سلهاڙيل آهي. جيڪڏهن سنڌ ۽ سنڌين سان وير وڌائون ته ڪا مهل اهڙي ته اچي سگهي ٿي جو هنن کي سنڌ جا وڻ ئي چِڏٿا پون.

سانوڻ چپ چاپ سنگت جون ڳالهيون پئي ٻڌيون. هن جي جاسوسن ۽ خابرن هن تائين اهي سموريون ڳالهيون پهچايون هيون ته مرزا شاهه رخ پاڻ مرزا عبدالعليءَ جي نالي ۾ حڪومت جا خواب ڏسي رهيو هو. مغل دربار ۾ پنهنجي گماشتن جڏهن ڪيس ڪو اميدن ڀريو جواب نه موڪليو، تڏهن کان هن اهو سوچيو هو ته سنڌين کي اڳيان ڪري، مغلن جي طاقت جو اندازو ڪري، ان مطابق قدم کڻي. جيڪڏهن مغل زور ٿي ويا وري به پنهنجن گماشتن، ۽ خاص طرح پنهنجي محسن ملڪ نورجهان جي ذريعي شهنشاهه کي راضي

ڪري وجهندو. پر جيڪڏهن مغل سنڌين جي اڳيان بيهي نہ سگهيا تہ آخري موقعي تي پنهنجي فوج جي ذريعي، سنڌين جي خاص مرڪزن تي حملو ڪري، ان تي پنهنجي عملداريءَ جو اعلان ڪري ڇڏيندو.
ٻئي طرف هن وقت ترخانن کي ڪُتو جواب ڏيڻ جو مطلب اهو هو تہ هو مغلن تي راتاها ڏيڻ لاءِ، ترخان سرحدون ٽپي ڪونہ سگهندا، ۽ ممڪن هو تہ هنن کي ترخانن سان بہ معرڪا ڪرڻا پون. هن کي اهو احساس هو تہ هن وقت سنڌن طاقت ايتري ڪانہ هئي جو ٻن ويرين سان مهاڏو اٽڪائي سگهن. هن پنهنجي انهن خيالن جو اظهار ڪيو تہ ڳالهہ سيني کي وڻي، ۽ رٿ اها بيٺي تہ ترخانن کي رُکو جواب ڏيڻ بدران، ڪين ريهي ريبي آسري ۾ رکجي. گهٽي رد ڪَڏ ڪان پوءِ هنن ترخانن کي نياپو موڪليو: ” اسين اوهان سان متفق آهيون، پر اوهان جو وچ ۾ ٽپي پوڻ فائديمند ڪونہ ٿيندو، ڇو جو مغلن سڌو سنئون اوهان سان ڪانہ ڦٽائي آهي. ان ڪري اسان کي ساٿن وڙهن ڏيو. البت مغلن کي پنهنجي جاگيرداري جي سرحدن ٽپڻ جي اجازت نہ ڏيو. مغلن جي ڇُر پُر تي نظر رکو، ۽ اسان کي اطلاع ڏيندا رهو. جڏهن اهڙو وقت آيو، جو پاڻ ۾ گڏجي هنن کي سنڌ مان ڪيڻ لاءِ آخري معرڪو ٿيو تہ پوءِ اوهان کي تڪليف ڏينداسون! “
ايلچي جڏهن اهو نياپو پهچائي آيو، تڏهن ٺٽي ۾ اها حالت هئي جو مغل سمورن ترخان اميرن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ ۽ سنڌن حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ويهن ئي ننهَن جو زور آزمائي رهيا هئا. ڪين ريهي ريبي، وڏيڪ جاگيرن جا وعدا وعيد ڪري، ڪن کي دڙڪو داٻ ڪري هيسائي تہ ڪن کي وڏيون وڏيون ملازمتون آڇي، ڪن کي سنڌن ساقيخانا ۽ نيلام گهر واپس ڪري، تہ ڪن کي ڪنيزن ۽ ساقين جي ذريعي قائل ڪرڻ جا جتن ڪري رهيا هئا. هي نياپو ملڻ سان مرزا شاهہ رخ جا ماڻهو چوطرف روانا ٿي ويا. هونئن جو سنڌن جاگيردارين جي حدن مان سنڌي هٿيار‌بند رڳو رات جي اونداهين ۾ لنگهي ٿي سگهيا، تن کي هاڻ جنهن بہ مهل سنڌن مرضي هجي، ترسڻ يا لَنگهڻ جي اجازت ملي ويئي. ڪيترن هنڌن تي مغلن جيڪڏهن جوابي ڪاروائي ڪرڻ لاءِ جٿا تي موڪليا تہ جيتوڻيڪ ترخانن ڪين منع ڪانہ ٿي ڪئي، پر سنڌين کي اڳواٽ خبر پهچي ٿي ويئي. پر ترخانن اهو سيڪجهہ اهڙي نموني تي ڪيو، جو مغلن کي متن اهو شڪ بہ نہ پيو تہ هو اهو سيڪجهہ سنڌين سان ڪنهن ناهہ هيٺ ڪري رهيا هئا. هنن رڳو اهو ٿي سمجهيو تہ ترخان چاڪاڻ تہ سنڌين جي وچ ۾ ٿا رهن، ان ڪري هنن سنڌين کي ميڙائڻ تي گهريو!
شاهہ رخ ان صورتحال تي ڏاڍو خوش هو، ۽ پنهنجي اميرن کي سندس هدايت اها هئي تہ سنڌين اسان کي ترڪ تي بهشت رکي ڏنو آهي. اسان جي سياست ايتري ڪامياب ٿي آهي جو سنڌي سمجهن ٿا تہ اسين ساڻن گڏ آهيون. ٻئي طرف مغل بہ اسان کي پنهنجو دشمن ڪونہ ٿا سمجهن. اسان کي وڙهي، سنڌين لاءِ پنهنجي ماڻهن کي مارائڻ جي بہ ڪا حاجت ڪانهي! وينا رنگ ڏسو، ۽ پنهنجا جٿا تيار ڪندا رهو. جڏهن مغل ۽ سنڌي هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ وڙهي ڊانگا ٿيندا، ۽ ٻئي گهايل ڪُڪڙن وانگر پنهنجون ڪڙهون مڏيون جڏيون ڪري، ساٽا تي پوندا، تڏهن اسان جا شيردل لشڪري متن لومڙ واري اها لوهہ ڪندا جو تاريخ جا مشاهير مرزا شاهہ رخ جي عقلمندي ۽ حرفت کي سونن اکرن ۾ لکندا!

(21)

ڪاري رات، لوهي ڪڙن ۽ سنگهرن جا آواز انسانن جي روح مان نڪرندڙ دانهون ۽ چيٽون، پهريدارن ۽ لشڪرين جا ٺهڪ بہ اهي هئا آواز جيڪي وريام جي خوابن ۾ گڏجي مسجي ويا هئا. مغلن سنڌ ۾ جيڪي ڪجهہ ڪيو هو، اهو هن پنهنجي اکئين ڏٺو هو. هن پنهنجي روح تي اهي ظلم واريا هئا: هر سنڌي، جڏهن گهوڙن جي سُنبن ۾ چچرجي مرندو هو، هر سنڌي، جڏهن ٻن هاٿين جي پُڇ ۾ ٻڌجي چيريو ويندو هو، جڏهن ڪنهن سنڌيءَ جي اکين ۾ تتل سيخون گهمايون وينديون هيون، جڏهن سنڌي نياڻين جي سُٿڻن ۾ ٻليون وجهرايون وينديون هيون، جڏهن سنڌي زائفائن جي عضون کي هڪ هڪ ڪري ڪپيو ويندو هو، تڏهن وريام ۽ هن جهڙا ٻيا سنڌي اهو سيڪجهہ پنهنجي پاڻ تي ٿيندو محسوس ڪندا هئا. **سنڌي مَنُ، جنهن رڳو پيار ۽ محبت سکي هئي، سو مَنُ نفرت سِکڻ لڳو هو. سنڌي روح جو پاٽي مرڻ لڳو هو، ۽ جڏهن روح جو پاٽي مرندو آهي، تڏهن نفرت جا رڻ پٽ انسان جي اندر ۾ ايئن ڦهلجڻ لڳندا آهن، جيئن دريا جي موٽي وڃڻ ڪانپوءِ وارِي وَسڻ لڳندي آهي. انهن رڻن پٽن ۾ رڳو دشمنيءَ جا ٿوهر ڄمندا آهن، جيڪي ڪنهن وڻ ويڙهيءَ وانگر هر انساني گُڻ، هر انساني جذبي کي سُڪائي نوٽ ڪري ڇڏيندا آهن. هنن مان پاٻوهہ، پيار، نئڙت ۽ شراڪت جا جذبا مري ويندا آهن. صدين کان پوءِ بہ روح جا اهي بيابان، نفرتن جا اهي رڻ پٽ پري ساوا نہ ٿي سگهندا آهن.**

جڏهن هن پاڻ کي لوهي سنگهرن، پيرڪڙن ۽ ڪاٺ جي ڊگهي مُهري ۾ ٻڌل، ڪنهن اونداهي تُهخاني ۾ ڏٺو هو، تڏهن هن کي هري هري تي، سڀ ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون، ۽ هن کي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي. هن هڪڙي ترخان امير تي اعتبار ڪري، سانوڻ جي اعتماد کي چيهو رسايو هو. ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ نُوريءَ کي آزاد ڪرائڻ کان پوءِ وري ترخانن يا مغلن جي حرمسرائن ۾ يا بنديخانن جي بيداد نگريءَ ۾ اُماٽي ڇڏيو هو. نُوريءَ جو خيال ايندي ئي هن کي پاڻ مان ٻُجان اچڻ لڳي. ڇا هو ايترو انڌو ٿي ويو هو جو قيصر بيگ جي اکين ۾ مڪاري ۽ دغابازي بہ پڙهي نہ سگهيو. هن جي اکين ۾ نوريءَ لاءِ هَوس کي بہ محسوس نہ ڪري سگهيو. ڇا سوچيندي هوندي نوري بہ؟ هڪڙو سنڌي هن جو واهرو ٿي آيو، پر آخر ۾ وري بہ ويري ثابت ٿيو. هڪڙي ترخان امير جي بنديخاني مان ڪڍي ٻئي ترخان امير جي حرمسراءِ ۾ پهچائي آيو! شرمساريءَ جي لُڙڪن کان هن جون اکيون پوسرڻ لڳيون. نوري، جنهن ايترو ظلم سَٺو هو، سا وري نِت نئين ظلم جو شڪار ٿي رهي هوندي. اوڏيءَ مهل، پاسي واري بنديخاني مان ڪا انساني دانهن اُٿي، هن جي روح کي ڏڪائي ويئي. هيءَ دانهن پڪ ئي پڪ نوريءَ جي هوندي. شايد هنن نوريءَ کي بہ ڇيچلائڻ لاءِ هن تهخاني ۾ رکيو آهي. هن

کي قيصر بيگ جا لفظ ياد اچڻ لڳا. جيڪي هن انگوريءَ جي آخري جام پيئندي، تَتل شيهي وانگر پنهنجي ڪنن ۾ اوتجندا پڏا هئا، ۽ ويهن ئي ننهن جو زور لڳائڻ جي باوجود نند هن کي بيهوشيءَ جي ڪُن ۾ نهوڙي ويئي هئي..... نوري، شهنشاهه جهانگير جي حرم ۾ داخل ٿيندي، ۽ قيصر بيگ کي توشيخاني جي عملداري وري حاصل ٿي ويندي! هن کي وَرَ وَرَ ڪري نوريءَ جو معصوم مُک ياد اچڻ لڳو. هن کي نوريءَ جي ڳچيءَ تي رتايل گهاءُ به ياد آيو. اهو ياد ايندي ئي هن جي دل جي رفتار بنان ارادي، اِيتري تکي ٿي ويئي جو هن سمجهيو ته اجها ٿي سندس ڇاتيءَ جا بند ٽوڙي ٻاهر نڪري. سنڌ جو سمورو حسن اُن مُک، اُن گهاوَ ۾ اوتجي آيو هو، جڻ انسان جو ڪو حَسين جذبو ضربجي پيو، جڻ فرشتن جهڙو ڪو معصوم احساس ڏڪجي پيو هو. هن ڪان ٽڌو شوڪارو نڪري ويو. اُن وقت هن کي پنهنجي بدن جا سمورا گهاوَ ۽ ايذاءَ وِسري ويا. نيڻن هن جي ٻانهن ۽ پيرن جي مُرين ۾ ڦٽ ڪري وڌا هئا. ڪاٺ جي مُهريءَ هن جي ڇاتيءَ جا چوڏا لاهي ڇڏيا هئا. اُچ ڪان هن جا چپ پنهنجي ئي ڏندن کي پکوڙي اُيامي پيا هئا ۽ مٿن چلر جمي ويا هئا. هن جو سَنڌ سَنڌ سور ڪان ڪرڪڻ لڳو هو، پر نوريءَ جي ياد ايندي ئي چڻ ته هن جي زخمن تي ڪنهن پَهو رکي ڇڏيو.

هن کي اهو منظر ياد آيو، جڏهن هنن جو قافلو ٺٽي مان ڪوچ ڪرڻ تي هو. هن کي نيڻن ۽ سنگهرن سان جهنجهي ڇڏيو هئائون. ڪاٺ جي ٿلهي مُهري کي هن جي بغلن ۾ ڏيئي، هن کي ايترو سوگهو ڪيو هئائون جو هن ٿورو به ڪنڌ مٽي ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي ته سندس ڪُلهن جون ڀئي ڦٽيون ۽ پاسراٽيون ٽرڪڻ تي لڳيون. هڪڙي سنگهر جو هڪڙو ڇيڙو سندس ڳچيءَ مان ٿيندو، هَني ۾ ٻڌل هو ته ٻيو ڇيڙو ٻنهي رڪابن ۾ ويڙهيل هو. جيڪڏهن گهوڙي رڳو هٽڪاريو ٿي، تڏهن به هن کي پنهنجو ڪنڌ مروڙبو ٿي پانيو. قافلو ڪنهن جي اچڻ جي اوسيئڙي ۾ سيڙيو بيٺو هو. مغل لشڪري هڪ ٻئي سان چرچا گهبا ڪندي، ڪنهن سنڌي ڪنيز جي اچڻ جي ڳالهه ڪري رهيا هئا. ۽ پوءِ مغل لشڪري اوچتو ماٺ تي ويا. هن جيئن تيئن ڪري ڪنڌ کي ٿورو موڙي، ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. قافلي جو مهندار چئن لشڪرين سان گڏ پي آيو، ۽ هن جي پويان ٻن مغل ٻانهين سان گڏ نوري هئي. هن جي اکين ۾ چڻ وري هڪ پيرو ڪنوڻ جو تجلو لهي آيو. هن جي دل ايئن محسوس ڪيو ته چڻ پونءِ پڻ بسم الله تي ڪئي.

نوري هن جي پرسان لنگهي، ۽ گهڙيءَ لاءِ بت بڻجي بيهي رهي. پوءِ هن جي ڪَنن هڪ سڏڪو ٻڌو: ” گهوڙا مُنيس! مُئن کي شل قهر پوي.....! “

هوءَ اُمالڪ، لوهه پائي هن تائين پهچي ويئي. گهوڙي جي تَل ۾ ٻئي هٿ وجهي، هن وريام جي اکين ۾ نهاريو هو. وريام ايئن پانيو چڻ صدين جو پراڻو درد انهن اکين ۾ لهي آيو هو: اهو درد ڪنهن اهڙي گهاوَ جو اولڙو هو، جيڪو فقط هڪڙو مظلوم، بيوس ۽ بي واهو انسان ئي محسوس ڪري سگهيو ٿي. هن جي اکين ۾ لُڙڪ ايئن تي جرڪيا، جيئن ڪنهن آرسيءَ تي پاٽيءَ – ڦوٽا جرڪندا آهن. انهن اکين ۾ نهاريندي، وريام کي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو ته ان ڪَرب ۾ هڪ ذاتي درد به هو، جيڪو ذاتي طرح هن لاءِ هو. اهو محسوس ڪندي ئي هن جون پنهنجون پيڙائون، پنهنجا ايذاءَ، پنهنجا درد هن کي بنهه وِسري ويا. دل ئي دل ۾ هن دعا گهري: ” يا الله، انهن اکين کي ڪو ڏک نه ڏجانءِ. هن جي حصي جا سمورا ڏک سور منهنجي ٻِلي ڪري ڇڏ! “

” مُئن ناس ٿين، هي اوهان سان ايڏو قهر ڇو ڪيو آهي؟ ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي اسان سندن....!“ نوري جي سڏڪن ۾ اهڙي بيوسي هئي، جو وريام جي دل چيو ته هو پنهنجا نيئر ٽوڙي، ڪيس ڳراٽڙي پائي، دلداري ڏي.

” **اسين سنڌي جو آهيون.....** “ وريام کي به چڻ ساڳي بيوسيءَ جو جواز ڳولڻو پيو.

” سنڌي هجڻ ڪھڙي مذهب ۾ گناهه آهي؟ نہ نہ....هي مون ندوري نانگيءَ جي ڪارڻ ٿيو آهي.... منهنجو نصيب تہ ازل کان قتل آهي: منهنجي مٽي امڙ بہ مون ڪارڻ ويرين جي برڇين جو بَکُ ٿي وئي.... ۽ هاڻ منهنجي ڪري اوهان ......! “ نوريءَ اوچنگار ڏيندي، پنهنجو منهن گهوڙي جي پُشڪن ۾ لڪائي ڇڏيو. هن جو سمورو بدن سڏڪن جي ڪري پئي لرزيو. وريام جي دل ۾ وَڍَ پوڻ لڳا. هن جي سموري بدن ۾ اهڙو سور سٽون ڏيڻ لڳو جنهن ۾ هن جي روح جو ايذاءُ شامل ٿي ويو.

پوءِ هن چيو: ” منهنجي هڪڙي ڳالهہ مڃيندينءَ؟ “

نوريءَ پنهنجو منهن مٿي ڪيو، وريام جي اکين ۾ ايئن نهاريو، جيئن ڪو چئيوان ٻار پنهنجي ڪنهن سگهاري مائٽ جو چيو ٻڌڻ لاءِ آتو هوندو آهي. هن جي اکين ۾ اجا بہ لڙڪ هئا. هن جي ڳلن تان ڳوڙها ٽِمي، هن جي پهراڻ ۾ جذب ٿي رهيا هئا. وريام ۾ هاڻ انهن اکين ۾ لڙڪ ڏسڻ جي سهپ نہ هئي.

” آءٌ تہ اوهان جي گولي آهيان....! “ نوريءَ جي اکين ۾ اهي لفظ چوندي مهل هڪ اهڙو احساس ظاهر ٿيو، جنهن جو هو ڇيد ڪري نہ سگهيو.

” پلائي ڪري، پاڻ کي ايئن بيوس سمجهي، رڳو ڳوڙها ڳاڙڻ بدران، هاڻ ڪو حوصلو بہ ڌار! منهنجي هن حالت کي وساري ڇڏ! اڳيان جيڪي اچڻو آهي، ان کي منهن ڏيڻ لاءِ همت ۽ بهادريءَ جي ضرورت آهي. ظلم جڏهن سهپ جي سرحد اورانگهيندو آهي، تڏهن سمجهہ تہ ظالم جا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن. مغلن بہ سنڌين جي سهپ جي سرحد اورانگهي آهي، ۽ سنڌين هاڻ، پير جهلي هنن سان مقابلو ڪرڻ جو حوصلو حاصل ڪري ورتو آهي. اسان وٽ هاڻ رڳو پنهنجو ساهہ آهي يا نيئر ۽ سنگهرون! جيڪڏهن رڳو رليءَ ۾ منهن وجهي وينا روئنداسون تہ پوءِ هي نيئر ۽ سنگهرون پاڻ وڏيڪ ويڙهجنديون وينديون. پر جي سَٽ ڏيئي، انهن کان آجو ٿيڻ جي همت ڪئيسون تہ اهي ساڳيون سنگهرون ظالم جي ڪنڌ ۾ هونديون. آءٌ يا مون جهڙا سوين سنڌي ان راهہ ۾ صدقو ٿياسون تہ سنڌ تان گهورياسون! سو منهنجي لاءِ پاڻ نہ ڏکوءِ: پاڻ تي ٿيندڙ ظلم سان جهيڙڻ لاءِ سوچ! جي ٿي سگهئي تہ مغلن تي اهو ثابت ڪجانءِ تہ سنڌ جون ڄايون بہ مانَ مريادا لاءِ سِرُ سهسائي سگهن ٿيون....! “

نوري هن شهزور جون ڳالهيون ٻڌندي، هن جي اکين ۾ پرندڙ مچ ۾ ڪجهہ ڳولڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. هن ايئن سمجهيو تہ اهي اکر وريام جي واتان نہ، پر هن جي اندر مان پئي آيا، ڇڻ جيڪي هن سوچيو پئي، تنهن کي اظهار جو روپ ملي ويو هو. هن جي دل اهو بہ چيو تہ انهن لفظن کي چوڻ وارن گهايل گهايل چپن تي هو پنهنجا هٽڙا گهمائي، ڪين يقين ڏياري تہ اهي هن جي دل ۾ لهي ويا آهن.. هن بنان ڪنهن ارادي، پنهنجا هٿ وڌائي، وريام جي سنگهرن ۾ جڪڙيل هٿن کي جهلي ورتو، ۽ پنهنجو منهن هن ڏانهن ڪندي، ڪجهہ چوڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان مهل پنهي ڪنيزن لوهہ ڏيئي، ڪيس ڇڪي ورتو ۽ ڪيس ايئن ڇڪيندي، ٻگيءَ ڏانهن وٺي ويون.

زندان جي پرئين پر وري ڪنهن جي درد پري ڌانهن اُٿي، وريام کي حال ۾ موٽائي آندو. هاڻ هن جا ڪَنَ انهن ڌانهن ۽ ڪوڪن ٻڌڻ تي هِري ويا هئا، پر ڪا ڪا ڌانهن اهڙي ايندي هئي جو هن جو روح بہ

ڪنبي ويندو هو. هو پنهنجي حواسن جي مدد سان فقط اهو اندازو لڳائي سگهيو هو ته هن تهخاني ۾ ڪيترائي بنديخانا هئا. ڪن ۾ هن وانگر نيئرن ۽ سنگهرن ۾ جڪڙيل اسير هئا، جن کي ڪڏهن به کوليو ڪونه ويندو هو. ڪن ۾ وري اهڙا هئا، جن کي سندن بندن کان آزاد ڪري ٻاهر وٺي ايندا هئا، ۽ جڏهن واپس ايندا هئا ته اڪثر لاش ۽ مڙهه هوندا هئا. ڪن تهخانن ۾ وري عقوبت خانا ۽ اذيتگاهون هيون، جتي هر قسم جا ايذاءَ ڏيڻ جا انتظام هئا. انهن مان رکي رکي اهڙيون ته دل ڏاريندڙ رڙيون ۽ دانهون هن جي ڪَنن تي پهچنديون هيون، جو هن کي ائين محسوس ٿيندو هو جڻ ته انسانن کي گهاڻي ۾ پيڙهيو ٿي ويو، ۽ سندن عضون کي هڪ هڪ ڪري ڪپيو پئي ويو! مغلن جي عقوبت گاهن جون هن ڪنئين ڳالهيون ٻڌيون هيون، پر هت پهچي هن اهو ڀانيو ته اهي ٻڌل ڳالهيون ته ساييان جي مقابلي ۾ ٻنهه تڇ هيون. سچ انهن کان وڌيڪ هيبتناڪ هو.

هن کي اها خبر ڪانه هئي ته آخر هن کي هت ڇو ۽ ڇالاءِ رکيو ويو هو. هن کي رڳو اها خبر هئي ته هن تي قيصر بيگ جي نينگرن ۽ نوريءَ کي ڪٽڻ جو الزام هو. پر پوءِ هن کي لاهور موڪلڻ جو ڪهڙو مقصد ٿِي ٿي سگهيو. هن جي ان ڏوهه جي سزا ته مغل عامل، رستم بيگ به هن کي ڏيئي ٿي سگهيو. ڪنهن سنڌيءَ کي ڦاهي چاڙهڻ، هاٿيءَ جي پيرن ۾ لتاڙائڻ يا ڪيس گهاڻي ۾ پيڙائڻ رستم بيگ لاءِ عام رواجي روزاني معمول جي ڳالهه هئي. پوءِ هن پيري هنن ڪيس شهنشاهه هند اڳيان پيش ڪرڻ جو ڇو سوچيو آهي؟ ان ۾ مغل ڪهڙي سياست کيڏي رهيا هئا؟ هن اهو ته سمجهيو هو، ته هنن ڪيس سانوڻ سمجهيو هو، جنهن کي هو سنڌ ۾ بغاوتن جي منڍ مهاڙ سمجهندا هئا. پر جيڪڏهن هنن ڇواٽيءَ هو سانوڻ کي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ته پوءِ سانوڻ کي جيئرو شهنشاهه اڳيان پيش ڪرڻ ۾ ڪهڙي سياست هئي؟ ڇا مغل ترخانن جي سياست ۽ سازشن کان ايترو ڊڄي ويا هئا جو هنن سنڌين کي سانوڻ جي ذريعي ترخانن خلاف اُٿارڻ جو پئي سوچيو؟ ته ڇا رستم بيگ جي عملداريءَ جا ڏينهن اچي پورا ٿيا هئا، ۽ ترخان امير لاهور جي دربار ۾ هن خلاف ڪو خلم ٻارڻ ۾ ڪوءِ ڪٽي ويا هئا؟

۽ سنڌ جو ڇا ٿيندو؟ سنڌ ۾ هيل جا اُٿل آئي هئي، ساڀ هميشه جيان ڀاٽيءَ جو ڦوٽو ثابت ٿيندي؟ سنڌين جي سمورين اُٿلن کان هيءَ اٿل وڌيڪ منظم، وڌيڪ وسيع ۽ وڌيڪ پائدار ٿي ڀانئين، جو اها هيٺين سطح کان اُٿي هئي. شاگردن، ڪمين ڪاسبين ۽ پورهيتن مغلن کي للڪاريو هو، ۽ اهي ئي سڀ کان اڳ ۾ هئا. منظم ويڙهاند وڙهڻ وارا جٿا ۽ ٽوليون– سانوڻ، جيوڻ جوکئي، نوري سمي، علڻ پليجي، خيروشوري، شيرل مُهاٽي– وارا همراهه به هن اٿل تي حيران هئا، ۽ سانوڻ جي صلاح سان سڄي سنڌ ۾ ڪا هِڪ– هِڪاٽي ڪرڻ لاءِ رٿابندي ڪري رهيا هئا. هيلوڪي اٿل ٿلهي شورش ڪانه هئي، آزاديءَ جي جنگ هئي. سنڌ جي آزاديءَ جي جنگ جا سانياها هئا، ۽ هُو، هت مغلن جي بنديخاني ۾ پنهنجي عقل جي انڌائيءَ جي ڪري سنگهرن ۾ سلهاڙيل هو! شرمساريءَ جي احساس کان هن جي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا: ” منهنجي جيجل جو مانُ متاهون ڪرڻ جو وقت آيو، ۽ آءٌ پنهنجي عقلمنديءَ جي عيوض هت ائين اجايو سور چرندو مري ويندس! “ هن ڏاڍيان ڇئي ڏنو.

هن کي وري نوري ياد آئي: ۽ هو پنهنجي جذبن جو ڇيد ڪرڻ لڳو. هن جئن ٿي سوچيو، تئن سندس ڪاوڙ وڌندي ٿي ويئي، پنهنجي ڪمزوريءَ تي، پنهنجي بي عقليءَ تي، پنهنجي جذباتيت تي! جيڪڏهن هن کي نوري نظر نه اچي ها ته ڇا جيڪا سياست هن جي هن حالت جي ذميدار هئي، سا هن کي ڦنيلائي سگهي ها! سنڌ جون الائي ڪيتريون نُوريون ترخانن ۽ مغلن جي هَوس ۽ ظلم جو شڪار ٿي ويون، ۽ سندن نالو نشان به باقي نه رهيو. پوءِ هن ڇو اهو جوکم کنيو؟ ان ۾ هن جا پنهنجا ذاتي احساس ۽ شخصي جذبا ته ذميدار ڪونه هئا؟ هن جي دل هزار ان کان انڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي، پر سندس ذهن جي هڪڙي

ڪُند ۾ ميار منهن ڪيدي هن کي چيڙائيندي رهي. ڇا نوري سنڌ کان متاهين هئي، جو منهنجي ذهن مون کي پنيلائي ڇڏيو.... ۽ پوءِ هن کي وري نوريءَ جي اها صورت ياد اچي ويئي، جيڪا هن مرزا شاهه رخ جي حويليءَ ۾ ڏٺي هئي! ڪائنات جو سمورو حسن، ۽ ان حسن جي پس منظر ۾ هن جي ڪچيءَ جو رتايل ڳاڙهو ڳاڙهو زخم هن جي اکين اڳيان نچڻ لڳو. ۽ عين ان وقت سنڌ جو تصور هن جي روح مان نروار ٿيو. ڪائنات جو سمورو حسن به سنڌ اڳيان تڇ هو، ڪجهه ڪين هو. سنڌ ڇا نوريءَ کان گهٽ گهايل هئي؟ ڇا سنڌ نوريءَ کان گهٽ باندي هئي؟ پوءِ هن جي جذبن هن کي ڇو پنيلايو؟ لڙڪ هن جي اکين کي پوسرائيندا رهيا، ۽ هو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو! هن جي روح جو ايذاءُ هن جي لڱن جي ايذاءَ تي ڇانئجي ويو، ۽ هن وڏي سڏ چيو: " **نه نه، ايئن ڪونهي. سنڌ تان هزارين نُوريون قربان، سنڌ تان سوين وريام صدقي! الله سائين، مون کي هيئن نه مارجانءِ جو آءٌ سنڌ جا وڻ به ڏسي نه سگهان! مون کي سنڌ جي مٽيءَ ۾ مرهجانءِ ته جيئن پنهنجي جيجل جي جهول ۾ سڪرات سولي ٿئي!** " *

(22)

ڏاريون آسمان ٻه ڏارين جيان اوپرو لڳندو آهي: بلڪل ائين جئن ماڻهو ته سڀ ماڻهن جهڙا برابر آهن پر سنڌي ماڻهو هر ٻئي ماڻهوءَ کان نرالو آهي. هن جي جوڙجڪ ۾ الائجي الله سائينءَ ڪهڙي جوڙ رکي آهي جو سنڌي پري کان پڌرو! اها رڳو مهاندن جي ڳالهه ڪانهي. اها رڳو هن جي ٻوليءَ جي ڳالهه به ڪانهي. پر سنڌيءَ جي من جي اوجر چڻ هن جي منهن ۾ پهڪڻ لڳندي آهي. جيئن ڪنهن ابهم ۾ معصوميت جرڪڻ لڳندي آهي. نوريءَ کي وريام جو منهن ياد اچي ويو: ايذائن جي اولڙي ۾، هن ائين سمجهيو هو ته ان مُک ۾ اهو سيڪجهه هو، جيڪو هن هميشه پنهنجي تصور ۾ اڪيٽيو هو: معصوميت سونهن، دليري ۽ صاف دلي! هن وري آسمان ڏانهن نهاريو: ڏاکڻي ڪنڌ ۾ تارن جو هڪ جهڳٽو ڪڏهن جهڪو ٿِي ٿي ويو ته ڪڏهن وڌيڪ روشن ٿي جرڪڻ ٿي لڳو. ڪا گهڙي هوءَ وشال آڪاس ۾ ڪجهه ڳوليندي رهي، ۽ پوءِ هن چيو: ” هو ڏس: او هو، هن تاري هيٺ منهنجو وطن آهي، منهنجا مارو آهن! “

” سائڻ، اهو تون ڪيئن ٿي چئين ته انهيءَ تاري هيٺ تنهنجو وطن هوندو؟ “ قيصر بيگ جي ڪنيز هن کي عجب جي نظرن سان ڏٺو. قيصر بيگ جون ٻه ٻانهيون هن سان گڏجي آيون هيون. پهرين ته هوءَ ٻه هنن جهڙي ڪنيز هئي، ۽ پن ڪنيزن هن سان بنهه پنهنجائپ وارو سُلوڪ ڪيو هو، ۽ هڪ ٻئي جي ڏکن سورن ۾ ڀائيوار ٿيون هيون. پر جڏهن کان هنن کي ٻڌايو ويو هو ته نوريءَ کي شهنشاهه جي حرم ۾ سوکڙيءَ طور موڪليو پيو وڃي، ۽ ٻه ٻيون چٽيون هن سان گڏجي وينديون، ۽ هن جي ڪنيزن طور ڪم ڪنديون، تڏهن کان هنن نوريءَ سان بنهه مختلف سلوڪ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ڪيس ” سائڻ “ جو لقب ڏيئي ٿي سڏيائون. ڪن سنڌي نه چانڊڙ ڪنيزن ته هن کي ” خانم “ به سڏڻ شروع ڪيو هو. هونئن جو پنهنجي دردن جا داستان کولي بيان ڪرڻ ويهي رهيون هيون، هاڻي هن سان ڳالهائڻ جون به روادار ڪونه هيون. هن کي پاڻ سمجهه ۾ نٿي آيو ته اهو وِيڇو ڪيئن ۽ ڇو پيدا ٿي پيو هو، ۽ هن اکين ۾ ڳوڙها آڻي کانئن پڇيو هو:

” اديون، مون کي گهٽ ۾ گهٽ ٻڌايو ته سهي ته مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو اوهان مون سان اهو ورتاءُ شروع ڪري ڏنو آهي؟ “

پهرين ته ڪنهن به جواب ڪونه ڏنو، پوءِ هڪڙيءَ چيو: ” اسان ڪنيزن کان ڪا خطا ٿي هجي ته اسان کي معاف ڪجو! سائڻ! “

” وري ٻه اها ” سائڻ! “ اوهان ته مونکي پٽيپو آچيو هو. پينر ائين ڪنديون آهن؟ “ نوريءَ کان سڏڪو نڪري ويو.

پنهي ڪنيزن کي الائي ڇا ٿي ويو. هڪ ئي وقت پنهي ڄڻين کٽي ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريو، ۽ ڀاڪر ۾ ڀريو، ۽ پاڻ ۾ سڏڪندي چيائون: ” منٺي، تون ساڳي مورک جي مورک آهين! هاڻ تون شهنشاهه هند جي حرم لاءِ سوغات آهين، ۽ تون اسان جي سانئڻ بڻجي ويئي آهين. توکي ياد آهي ته اسان توکي چيو هو ته جيڪڏهن توکي شهنشاهه لاءِ سوکڙي طور موڪليائون ته پوءِ تون رستم بيگ جهڙي بگهڙ جي چنبي کان بچي ويندئين. توکي خبر ڪانهي ته الله سائين توتي ڪيڏو نه وڏو احسان ڪيو آهي! “

” مون نصيب ڦٽيءَ جي لاءِ ته ڪو فرق ڪونهي. رستم بيگ جي پانهي ٿي گذاريان يا قيصر بيگ جي يا وري جنهن کي اوهين شهنشاهه ٿيون چئو. آءٌ پنهنجي مارن کان پري، مارئيءَ وانگر ڪوٽ ۾ قابو هونديس. ڪوٽ ڪهڙو به هجي، آءٌ ته اهائي باندي ٿي رهنديس! “ نوريءَ سڏڪندي چيو.

” نه چري، تون اهو تڏهن ٿي سمجهين جڏهن تو رستم بيگ جي حرم کي ۽ سندس ڪنيزن کي ڪونه ڏٺو آهي. اسان ڏٺو آهي، سو اسين سمجهي سگهون ٿيون ته خدا توتي ڪيڏو مهربان آهي!“ هڪڙي ڪنيز هن کي پاڻ کان جدا ڪندي چيو.

۽ پوءِ هن سَٽ ڏيئي پنهنجو ڪفتان پنهنجي ڪلهن وٽان ڪيرائي ڇڏيو، ۽ هن ڏانهن پٺ ڏيئي بيهي رهي. نوريءَ جيڪو ڏٺو، تنهن هن کان پنهنجو حال ۽ ماضي گهڙيءَ لاءِ وسارائي ڇڏيو. ڪنيز جي گوڏن کان چيلهه تائين، ۽ خاص ڪري سندس چڏن ۽ ڊُڏن تي ايترا ته ڪارا نيل هئا جڻ ڪنهن هن کي تتل سيخن سان ويهي ڏنبي ڏنا هئا. انهن مان ڪي نيل اهڙا هئا جيڪي ڪتان ڪتان رتايل هئا. اهي اهڙا هند هئا جتي چمڙي ڦاٽي پوڻ تي ڪڙيون پڌجي ويون هيون وقت گذرڻ سان سڪي اُتڙي ويون هيون. نوريءَ کي پنهنجي اکين تي اعتبار ئي ڪونه ٿي آيو: ڇا هڪڙو انسان ٻئي انسان تي، سو به ضعيف زال ذات تي اهڙو ظلم ڪري ٿي سگهيو. هن اُمالڪ کٽي ڪنيز کي ڀاڪر ۾ ڀريو، ۽ سندس وارن ۾ منهن لڪائي اوچنگارون ڏيڻ لڳي.

” ۽ جڏهن حضور مرزا صاحب پنهنجي چابُڪ سان اسان کي نوازيندا هئا، تڏهن هُنن جي اها خواهش هوندي هئي ته...... ته...... اسين سُور ۽ پيڙا کان رڙيون ڪرڻ بدران لذت ۽ فرحت جا شوڪارا ڀريون!“ هن اهي لفظ اهڙي طرح چيا، جنهن ۾ ڪوبه احساس ڪونه هو. نوريءَ کي رڳو اهو محسوس ٿيو ته هن جو زخمي جسم ڪن اندرين زلزلن جي ڪري سچو ڏڏي رهيو هو. هوءَ ڪجهه وقت هن کي ڀاڪر ۾ گرانڙيون پائيندي رهي. هن کي سمجهه ۾ ئي آيو ته هن جي جسم جي انهن زلزلن کي ڪيئن ماٺو ڪري، ۽ هن جي بي آواز مظلوميت جي روح کي ڪيئن چُپ ڪرائي.

” بس ڪر منهنجي ڀيڻ، بس ڪر! مون کي بخش ڪر جو مون توکي اهو ڪجهه ياد ڏياريو آهي، جنهن منهنجي روح کي رنجايو آهي ته توسان ته الائي ڪهڙي قيامت هوندي! “

”نوري، منهنجي ڀيڻ، هاڻ سور سهسائي سهسائي اسان جا جذبا به مُڏا ٿي ويا آهن: پنهنجي وطن کان ڏور، پنهنجن مِٺن عزيزن قريبن کان پري: اسين فقط اندر ئي اندر ٿهڪون ۽ ڪڙهون ٿيون. تون ته پنهنجي وطن ۾ پنهنجن کان ايترو ويجهو هوندي به ايڏي ڏور آهين، ۽ تنهنجا گهاوَ به اجا تازا تازا ۽ نوان نڪورا آهن، سو تنهنجي لاءِ اسان جو به هڏ تو ڪُرڪي......! “ ڪنيز سندس اکين ۾ نهاريندي پاپوهه مان چيو. ان پاپوهه ۾ وري پنهنجاپ موٽي آئي هئي.

پي ڪنيز به هن جي ڪاڏي مٿي ڪري، سندس منهن ۾ نهاريندي چيو: ” **خدا شل ڪنهن به عورت کي حسن نه ڏي: جنهن دنيا ۾ اسين ساهه پيون کڻون اُتي سونهن عذابن جو سبب بڻجي ٿي وڃي. رستم بيگ جي ڪوڙڪي مان نڪري، تنهنجا پَرَ ڪَتري،**

توکي شهنشاهه جي حرم جي پڃري ۾ قيد ڪرڻ لاءِ تا موڪلين. ٻي ڪا چتر ۽ چالاڪ عورت هجي ها تہ هوند خوشيءَ ۾ ڪانہ ماپي ها ۽ راڄ راڻي ٿيڻ جا سپنا ڏسڻ لڳي ها. پر تون..... تون تہ اُتي بہ روئي روئي پنهنجو جيءُ جهوري وجهنديئن. تون پنهنجي نصيب آڏو مجبور آهين: اسين پنهنجي نصيب آڏو مجبور آهيون. پر اسان وٽ اهڙيون بہ آهن جن پنهنجو نصيب پاڻ خلقيو آهي. اسان جي سنگلاخ وادين ۾ اڄ بہ اهڙيون عورتون آهن جيڪي پنهنجي زبان جي بدران خنجر جي نوڪ سان ڳالهائينديون آهن، جيڪي اڙٻنگ گهوڙن جي اگهاڙيءَ پٺيءَ تي لانگ ورائي ظالمن سان دوبدو مقابلا ڪنديون آهن، ۽ جڏهن جياپي جي جنگ هارائڻ لڳنديون آهن، تڏهن ظالمن جي هٿ چڙهڻ بدران خنجر جي نوڪ پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ٿنبي ڏينديون آهن..... هاڻي توکي فيصلو ڪرڻو آهي تہ تون پنهنجو نصيب پاڻ خلقينديئن يا پاڻ کي، اسان وانگر، نلهو مردارن وانگر جيئرو رهي، پاڻ کي نصيب جي حوالي ڪري ڇڏينديئن! “

نوري يادگيرين جي انهيءَ ڌُنڌ مان موٽي آئي، ۽ شڪايتي انداز ۾ چيائين: ” تو وري مون کي سانئڻ سڏيو؟ “

ٻانهي گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويئي. پوءِ هيڏي هوڏي ڏسي چيائين: ” مون توکي اڳ بہ سمجهايو آهي. هيءُ مغل محل آهي، جتي ڀتين کي بہ ڪَن ٿيندا آهن. هت پاڻ تي بہ اعتبار ڪرڻ جوکائتو آهي. ان ڪري تنهنجي- ۽ اسان جي بہ- سلامتي انهيءَ ۾ آهي تہ اسين ٻاهرين طور اهوئي ڏيکاءُ ڏيون تہ تون اسان جي سانئڻ آهين، ۽ اسين تنهنجون ڪنيزون! “

۽ پوءِ هن کي ٻانهن کان وٺي آڻي پلنگ تي وهاريائين. ” هاڻ ٻڌاءِ تہ تو اهو ڪيئن سمجهيو تہ انهيءَ تاري هيٺ تنهنجو وطن هوندو.....؟ “ هن نوريءَ کي ڇيڙيندي چيو.

” بس، ايئن ئي ڇيم. هيڏي ساري ڪاري ڏارئين آسمان ۾ انهيءَ تاري ۾ ئي جوت هئي. ايئن ڀانيم تہ ان تاري جي جوت منهنجي ڌرتيءَ، منهنجي ديس سنڌ جو اولڙو هجي تہ بہ شڪ ناهي. نہ تہ هيترا سارا تارا ايئن ايترا اونداها ڪيئن هجن ها! “

ٻانهي حيرت مان هن کي ڏسندي رهي. هن جو سنڌين سان گهٽ واسطو پيو هو، پر جڏهن بہ هوءَ ڪنهن سنڌيءَ سان ملي هئي، تڏهن هن اهو محسوس ڪيو هو تہ اڇن اوجرن ماڻهن سان ملي هئي، ۽ لاشڪ اها اوجر ۽ شفاف روشني ماڻهن ۾ سندن ڌرتيءَ کان ڪين ملي هئي. نوريءَ جي اچڻ کان پوءِ تہ هن کي هيڪاري يقين ٿي ويو هو تہ سنڌ جي ڌرتيءَ کي خدا ڪا اهڙي خصوصيت عطا ڪئي هئي جو اُن جا ماڻهو مَنَ جا ايڏا اڇا اُجرا هئا، ۽ شڪلين ۾ بہ هن اڇا ٿائين ڪو ماڻهو ڪوجهو ڪونہ ڏٺو هو. جيڪڏهن ڪنهن جو رنگ ڪارسرو هو تڏهن بہ سندس منهن ۾ ڪا اهڙي مٺيا هئي جو هن جو اُجرو مَنُ پيو جرڪندو هو!

” ڀلا، اهو تہ ٻڌاءِ تہ تنهنجو هو سنڌي ڳڀرو..... ڇا نالو ٻڌايو هيئي، ها، وريام، اهو ڀلا ڪهڙي تاري هيٺ هوندو؟ “ هن وري بہ ڪيس ڇيڙيندي چيو.

گهڙيءَ لاءِ نوريءَ جي اکين ۾ هڪ اهڙو رنگ آيو. جنهن ۾ حيا، حجاب سان گڏ هڪ خوشيءَ جو لياڪو هو. پر ٻيءَ گهڙيءَ هن جي اکين ۾ اٿاهه ڏک لهي آيو. هوءَ چڻ سچي ڪومائجي ويئي، ۽ ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيائين: ” الائي ڪٿي هوندو؟ الائجي هن سان ڇا ڪيو هونداؤن؟ تو تہ ڏٺو هو تہ هن کي ڪيئن ڪٺي سنگهرن ۾ سوگهو ڪيو هئائون.....! الله سائين، رڳو هڪڙو ڀيرو هن کي ڏسان، پوءِ ڀساهہ پورا ٿين تہ هن تان گهوريس! “

ٻانهيءَ وري ڪٽي پاڪر وڌس، ۽ نوري هن جي ڇاتيءَ ۾ منهن وجهي ڪيترو وقت سُڏڪندي رهي.

اوچتو ٻاهر تڪڙن تڪڙن قدمن جو آواز ٻڌي ٻئي ڇرڪجي اُٿي ٻيهي رهيون. ۾ ديوقامت خواجہ سرا دروازو کولي، هڪڙو هڪڙي پاسي، ٻيو ٻئي پاسي تي ٻيهي رهيو. سندن هٿ ڪمربندن ۾ آبنوسي خنجرن جي مٺين تي هئا، ۽ پوءِ واچوڙي وانگر، ملڪہ ء هند نورجهان جي خاص ٻانهي، اندر هلي آئي.

” ملڪہ ء عالم، ملڪہ ء هند جن سنڌي ڪنيز کي عزت بخشڻ لاءِ تشريف فرما ٿي رهيون آهن!“

نوريءَ جي ڪنيز تہ هڪدم فرش تي سجدي ۾ وڃائجي ويئي. نوريءَ کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هوءَ ڇا ڪري. حبشين کي ڏسي هن جو ساهہ اڪي ئي سڪي ويو هو. هوءَ ڪنهن بت وانگر اُٿي ئي بيٺي رهي. هن زائفان کي جيڪا پوشاڪ پيل هئي، تنهن جي جرڪي هن جي اکين کي چڻ ڪيرو ڪري ڇڏيو. هن کي نهايت زرق برق پر نهايت شفاف ريشمي ململ جو ڊگهو پهراڻ پيل هو جنهن مان هن جو هر انگ صاف نظر پئي آيو: فقط ڇيلهہ ۾ ٻڌل هيرن جواهرن سان سان جڙيل ڪمربند وارو جسم نظر ڪونہ ٿي آيو. هوءَ ايترو تڪڙو اندر آئي هئي، جو چڻ واچوڙا پاڻ سان ڪٺي آئي هئي، ۽ انهيءَ واچوڙي ۾ هن جا اُرهہ ايئن دمڪي رهيا هئا چڻ ڪبوتر اڏامڻ لاءِ پَرَ سوئي رهيا هئا. هوءَ انهيءَ اُرهہ، ۽ اُرهہ ڪان هيٺ ڏسندي پنهنجي دل ۾ پنواٽيون پونديون محسوس ڪندي رهي. هن کي يقين ٿي ويو تہ جيڪڏهن هن ڪنهن شيءِ کي نہ جهليو تہ هوءَ اُتي ئي ڦهڪو ڪري ڪِري پوندي. هن قيصر بيگ جي خانم کي بہ زرق برق پوشاڪن ۾ ڏٺو هو، پر هي نظارو هن جي تصور کان بہ گهڻو اڳتي هو.

اوچتو ڇئن ڪنيزن جي وچ ۾، هڪڙي قداور مائي، مٿي تي ڇٽ ڦيريو، هوريان هوريان اندر داخل ٿي. ڪنيزن نورجهان بيگم لاءِ هن کي جيڪي ڪجهہ ٻڌايو هو، سو هن ساڀيان اڳيان ٻنهہ ٽڃ برابر هو. ڇَٽ جي بِلوري هيرن جواهرن هن جي منهن کي اهڙو تيج ۽ تجلو ٿي ڏنو، جو چڻ تہ هن جو منهن مشعل وانگر پئي ٻَريو. هن جي ڊگهي ڳچي بہ هيرن جي هارن سان جِهنجهي پئي هئي. ريشم جي لباس جي ڇَتي ڇَتيءَ تي اهڙن موتين جو پرت پريل هو جيڪو اکين ۾ گهڙندو ٿي ويو. پر جنهن ڳالهہ نوريءَ کي ڇرڪائي وڌو، سي هن جون اکيون هيون. هن ايتريون خوبصورت ۽ سهڻيون اکيون ڪڏهن بہ نہ ڏٺيون هيون. پر انهن ۾ رڳو خوبصورتي ۽ سونهن ڪانہ هئي: انهن ۾ هڪ اهڙي چمڪ هئي جا ڪنهن شڪاري پکيءَ ۾ هوندي آهي. ان چمڪ ۾ شڪار جي بيوسيءَ تي سوپ جو رنگ هو. ان ۾ زخمي چيتي واري رتو رت جلالي ڪيفيت هئي. هن کي اهي اکيون ڏاڍيون وڻيون، پر ساڳئي وقت انهن اکين کان هن کي بي انتها خوف محسوس ٿيڻ لڳو، ۽ هوءَ هلڪي واءَ ۾ لرزندڙ پَنَ وانگر ٿڙڪڻ لڳي.

ملڪ جي هڪڙي ٻانهيءَ هن کي ڪو اشارو ڪيو، پر هوءَ ان اشاري کي ٻنهہ نہ سمجهي سگهي. سندس پنهنجي ڪنيز جيڪا سجدي مان اُٿي، هن کي چيو: ” مون وانگر جهُڪي، ملڪہ ء هند جي قدمن ۾ وڃائجي وڃ! “

ملڪ نورجهان ڪنيز ڏانهن ڏسندي چيو: ” تو هن کي سندس زبان ۾ ڇا چيو؟ “

ڪنيز ڪنڌ هيٺ ڪندي فارسيءَ ۾ چيو: ” قربان وڃان، مون کيس چيو تہ سجده ريز ٿي ملڪہ ء عالم جي قدم بوسي ڪري! “

” هون.....! “ نورجهان ڪنڌ جي جنبش سان هن کي هٽڻ جو اشارو ڪري، اڳتي وڌي آئي.

نوريءَ جي ڪاڏيءَ کي پنهنجي آڱر سان مٿي ڪٽي، ڪا گهڙي هن جي ڏنل هرڻيءَ جهڙين اکين ۾ نهاريندي رهي. پوءِ ٿورو هٽي، هن جي سموري سراپا کي ڏٺو.

” هيءَ واقعي غضب جي حسين نينگري آهي! “ ملڪ پڙڪيو.

” اوهان جي ته قدمن جي خاڪ برابر به ڪانهي! “ ڪنيز ڪنڌ مٿي ڪڻڻ کان سواءِ چيو.

” هن کان پڇ ته هوءَ خوش آهي شاهي حرم ۾ داخل ٿيڻ تي! “

ڪنيز نوريءَ کي ساڳي ڳالهه سنڌيءَ ۾ چئي ته نوري اچي سُڏڪن ۾ پئي. ” باهه لڳي شاهي حرم کي، شل زمين مون کي جاءِ ڏي ته آءٌ ان ۾ غرق ٿي وڃان.....! “

ڪنيز ترجمو ڪندي چيو: ” چوي ٿي ته ملڪ عالم جي قدمن ۾ جاءِ ملي ته ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي خوشبختي ٿِي ٿي سگهي! “

نورجهان هلڪو ٽهڪ ڏنو. ” توکي ڪوڙ ڳالهائڻ نٿو اچي. اسين هن جي سڏڪن مان ئي سندس دل جو حال ڄاڻي ويون آهيون. هيءُ حُسن ترڪ يا مغل حُسن ڪونهي جيڪو آسمانن ڏانهن اُڏامڻ گهرندو آهي. هيءُ حُسن اهڙو حُسن آهي جيڪو پنهنجي مٽيءَ ۾ ماڻُ گهرندو آهي..... تون اسان سان اچ! “

جهڙي طرح واچوڙي وانگر هو آيون، تئن ئي وري واچوڙي وانگر هو هليون ويون. دروازي کان ٻاهر نڪري، نورجهان پنهنجي هڪڙي آڱر مان هڪڙي مُندي لاهي ڪنيز کي ڏيندي چيو: ” هيءَ پاڻ وٽ رک. ماهه بيگم، باقي تون هن کي سمجهائي ڇڏج. پر سيگهه ڪجو، قبلهء عالم تي پروسو ڪونهي ته ڪيڏيءَ مهل ڪين هيءُ جنت جو ميوو ياد پئجي وڃي.....! “

ڪنيز وري سجدي ۾ ڪري پئي. نورجهان جي وڃڻ کان پوءِ ماهه بيگم، ملڪ جي خاص ڪنيز، هن کي ڳچ وقت ڪي ڳالهيون سمجهائيندي رهي.*

(23)

لاهور جي رات اوندهه ڪان به وڌيڪ پنيلائيندڙ هئي: هيٺ ڏنڊ هو، ان ڪان ٿورو مٿي، مٿيءَ جو اڌوگابرو شاهي ڪڪر ٿي نظر آيو، ۽ ان ڪان به مٿي تارن تائين رات جي اصل اوندهه ڦهليل هئي، جنهن مان تارا نظر ته آيا ٿي، پر ايئن ٿي ڀانيو ته سندن روشني ڪنهن ڪوڙڪي ۾ گرفتار هئي، ۽ رکي رکي ٿي منهن ڪڍيائين. جيستائين نظر ٿي ويئي، تيستائين اوندهه جا مختلف چانورا ٿي نظر آيا، ڄڻ اوندهه ڪي به پنهنجو ڪو جسم هو جو آسمان ۾ مٿي ۽ منهن پر ابتو ٽنگيل هو. شايد رات ۽ اوندهه جي ڪردار جو اهو اولڙو لاهوري ماڻهن جي پنهنجي ڪردار ۾ به هو: ٻاهر هڪڙو اندر ٻيو؛ پنهنجن سان هڪڙو ڌارين سان ٻيو؛ پنهنجي ئي اندر واري سان هڪڙو، پر ٻاهريون ٻيو ٻيو!

” يَرَ ههڙي رات ته نه ڏٺيسون، نه ٻڌيسون! “ ڌاتر ڏني پنهنجي منهن ٻٽڪندي چيو.

” ڌاتر ڏنا، ظلم جون راتيون اهڙيون بدصورتون نه هونديون ته ٻيون ڪهڙيون هونديون! “ جانوءَ سندس سُر وٺايو.

” ادل، شُڪر ڪر جو هي ڏنڊ آهي، نه ته هيستائين ٻن چئن چونڪين سان ته مامرو ڪرٽو پوي ها! “ دوسوءَ پنهنجا هٿيار سنڀاليندي چيو.

” سو ته ڏسي وٺون ها، پر هاڻ هن اجگر جهڙي ڪوٽ جو دروازو ڪيئن کلندو؟ “ جيون ڄڻ پنهنجي پاڻ کان سوال پڇيو.

” دروازو کلڻ ته ڏاڍو ڏکيو آهي. پر ڪوٽ جي پرئين پڙ، لشڪرين جو هڪڙو مورچو ٺهيل آهي. هيٺ دريا ۾ ٻيڙيون بيٺل آهن. لاشڪ مغلن پنهنجي ڪن خاص مقصدن لاءِ اهو مورچو ٺاهيو آهي ته جيئن ڪنهن ڪي بچائڻ ۾ سولائي ٿئي. يا شايد ٺاهيو ئي اسان لاءِ اٿن. سو اچو مون سان: آءٌ سچو واءُ سواءُ وٺي ويو آهيان! “ جکري پنهنجون ڪانيون ۽ سرائيون گيدي ۾ رکندي چيو.

ڪوٽ ڪافي وڏو هو. جڏهن قري آيا، تڏهن ڏنڊ ۾ مورچي جا بُرج به ايئن ٿي ڀانيا ڄڻ ڪي ماڻهو ٻانهون مٿي ڪريو بيٺا آهن. جکري چيلهه مان رسو کولي، سرڪساهي ٺاهي اُڇل ڏني. سرڪساهي هڪڙي ڪُنگري ۾ سوگهي ٿي ويئي. هن پنهنجي همراهن کي ترسڻ جو اشارو ڏيئي، فصيل تي ٻانبڙا پائي ايئن چڙهي ويو، ڄڻ ته اها هن جي روزاني ڪرت هئي. ڪوٽ جو ڪنگرو اورانگهي، هو بنا آواز مورچي جي پٺيان لهي پيو، ۽ ڏيڍيءَ جي اوٽ وٺي بيهي رهيو. ڪل چار پهريدار هئا. ٻه ڄڻا هڪڙي پاسي، ٻه ڄڻا ٻئي پاسي چونڪي ڏيئي رهيا هئا: موٽ ۾ چارئي ڄڻا مورچي جي دوچٽيءَ وٽ، هڪٻئي کي ڏسي، بند مٺ پنهنجي سيني تي رکي، سلام ڪري، وري پنهنجي چونڪيءَ تي هليا ٿي ويا.

هو چپ اوندهه ۾ لهي پيو: اڳيان ويندڙ سپاهين جي پويان پهچي، ٻنهي هٿن ۾ خنجر جهلي اُيا ڪيا: ٻنهي لشڪرين جي ڪلهي ۽ ڳچيءَ جي ڪوري ماس ۾ خنجر ڪنوڻ وانگر لڳي ويا! ٻئي ڄڻا ريهه ڪري،

ڪپيل بُندِ جيان سڌا ئي سڌا پٽيءَ پر اچي ڪريا ۽ اُتي ئي ڪٽل ڪبوتر وانگر ڦٿڪي ڦٿڪي ٿڌا ٿي ويا. هن چڪ ڏيئي، خنجر ڪڍي ورتا ۽ ٻين ٻن سپاهين طرف هلڻ لڳو. پنهنجي ساٿين جي ريھ ٻڌي، ٻئي لشڪري پنهنجي چڪر پوري ڪرڻ کان اڳ تڪڙا تڪڙا موٽي پئي آيا. اجا جکري کان ويهارو قدمن تي هئا تہ جکري سَرائي وات ۾ وجهي ڦوڪ ڏني: هڪڙي ۽ ٻوءِ ٻي. ٻئي لشڪري پنهنجي پنهنجي اک وڃائي، اک مان سنهون تِير ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ دانهون ڪرڻ ويهي رهيا. جکري جو هٿ ٻہ ڀيرا مٿي کڄيو ۽ ٻئي ٿڌا ٿي ويا. هن وري بہ چڪ ڏيئي پنهنجا تِير سندن اکين مان ڪڍي ورتا. ٻوءِ ڏيرج سان هلندي، هن اچي رسيءَ کي هلڪي چڪ ڏني.

اشارو ملندي ئي سمورا همراھ رسيءَ جي مدد سان مٿي پهچي ويا. جکري رسو ويڙهي وري چيلھ سان ڪمربند ۾ هٽي ڇڏيو.

” هاڻ ڪيڏانهن؟ “ ڏاترڏني جکري کان پڇيو.

” هيٺ! هن پڇري مان پانئجي ٿو تہ هتان لهي لشڪري پنهنجي ڪمين گاھ ۾ ويندا هوندا، جتي هنن جا ٻيا همراھ پنهنجي چونڪيءَ جي واري لاءِ تياري ڪندا هوندا. منهنجو اندازو آهي تہ ويهارو کن همراهن جو هوندو. اتي ئي ڪٽي، تهخانا شروع ٿيندا هوندا......! “ جکري ايئن چيو ڄڻ هو اڳي ئي اُتان ٿي آيو هو. پر هن رڳو جبلن جي غارن جي حساب تي ڏڪو هنيو هو.

هو تڪڙا تڪڙا هيٺ لهڻ لڳا. اونده ۾ لسن پٿرن جي ڏاڪن تان لهڻ بہ جان جو جوکو هو، سو هو هٿ هٿ ۾ ڏيئي، آهستي آهستي هيٺ لهڻ لڳا. هنن جا حواس پهري سجاڳ هئا. سندن هڪڙو هٿ پنهنجي همراھ جي هٿ ۾ هو تہ ٻيو هٿ خنجر جي مُٺئي تي هو: مڃاڻ ڪو.....!

جڏهن اڌ جيترا ڏاڪا لٿا تہ ڏُنڊ منجهان هنن هڪڙي وڏي فانوس جي پِيلي پِيلي روشني ڏٺي.

” هي تہ شاهي فانوس ٻاريو ويٺا آهن. آهن بہ الائجي گهڻا ڄڻا؟ “ جانوءَ چيو.

” هاڻي منهنجو وارو آهي، جانو! “ موليڏني پنهنجي پهراڻ مان هڪڙي دٻلي ڪڍي، ان کي کوليندي چيو: ” ٻُڌو، هن مان چپٽي پري هٿن ۾ چڱيءَ طرح مَلي ڇڏيو ۽ ٻوءِ ٻنهي هٿن سان مُنهن کي بہ مَکُ ڏيئي ڇڏيو. جيڏي مهل آءٌ پنهنجي جادوگري ڏيکاريان ۽ چوڏاري دونهون ڦهلجي وڃي تہ اوهان جا هٿ ۽ منهن ٻنهه انهيءَ فانوس وانگر چمڪڻ لڳندا. اهو انڪري ٿو چوان جو ايئن نہ ٿئي اسين هڪ ٻئي جي خنجرن جو ٻَڪ ٿي وڃون! “ موليڏني کين سمجهاڻي ڏيندي، وري پنهنجي پهراڻ مان هڪ ڊگهو سِڱ ڪڍيو. اهو سڱ ڪنهن ڪُنڌي مينهن جو ٿي ڏٺو. ان کي هڪڙي پاسي کان ڦوڪون ڏيڻ شروع ڪيائين تہ گهڙيءَ کان پوءِ ان مان ڇڻنگون نڪرڻ لڳيون.

پوءِ هن هڪ دٻلي ڪڍي، ان مان اچي اٽي جهڙي ڪنهن شيءِ جون ٻہ چار چپٽيون سِڱ جي منهن ۾ وڌيون. سڱ اندر تڙڪاٽ ۽ ڇڻنگون نڪرڻ لڳيون تہ هن ان کي فانوس ڏانهن اُڇل ڏني. گهڙي نہ گذري تہ فانوس جي روشنيءَ کي ڄڻ تہ ڪو جن ڀوت ڳِهي ويو: ان جي بدران چوڌاري اڇو اڇو دونهون ڦهلجندو ويو ۽ ڌماڪو مڙسن جو اٿوڙجڻ ۽ کنگهڻ، کنگهڪارڻ ۽ اوڪارڻ جا آواز اچڻ لڳا.

هو تڪڙا تڪڙا هيٺ چونڪيءَ ۾ لهي پيا: ڄڻ مغلن جو موت پيلن هٿن ۽ پيلن منهن سان منجهن لهي پيو. مغلن رڳو پنهنجي سامهون پيلي منهن سان ڪو جسم ڏٺو ۽ اوچتو ڪو پيلو هٿ مٿي کڄيو ۽ خنجر ٻڄي وِڄُ جيان ٿي ڪڙيو. هنن کي پڪ هئي تہ هيءُ ڪا غيبات هئي جا مٿن اچي ڪڙڪي هئي. موت کان وڌيڪ هو انهيءَ غيبات جي ڊپ کان دانهون ڪرڻ لڳا. مرڻ کان بہ اڳي هنن جا هينئان جنات جي ڊپ کان هڄي ويا ۽ هنن کي بچاءَ ۾ پنهنجا هٿيار بہ ياد ڪونہ آيا!

” يَرَ هي تہ ڪا ڪاسائيءَ واري ڪار ڪئي اٿئون! “ ڏاترڏني ڪجھ لڄي ٿيندي چيو.

” ۽ هنن جي چاچن مامن جو سنڌ ۾ ڪوس ڪيو، سو ڪهڙي حساب ۾! “ جانو جوکئي چڙ مان چيو.

” پر سنڌ جي مغلن جو حساب هنن کان وٺڻ مون کي ڪو نه ٿو آڙي! “ جکري به شوڪارو پرينديچيو.

” ادل، پاڻ لشڪرين ۽ فوج جي سپاهين کي بَڪُ بٺايو آهي. هنن جي حاڪمن ته اسان جي معصومن، مسڪينن، بي پهچ نياڻين جي رت سان هٿ رنگيا آهن...! “ جيوڻ به ورچجي چيو.

” ٺهيو، ڇڏيو انهن ڳالهين کي، اجهو ٿي فجر جي ٻانگ اچي ۽ سڄو ڪوٽ جاڳي پوندو... “ ڏاتر ڏني وري انساني جذبن کان حقيقتن جي ڪوٽ ۾ موٽي آيو.

چونڪيءَ مان ٻاهر نڪتا ته سامهون ئي سامهون تهخاني جو دروازو نظر آين. دروازو اڌ ڪليل هو، ۽ هيٺ ويندڙ ڏاڪا صاف نظر ٿي آيا.

” توهين هيٺ هلو ته آءُ پنهنجي واپسيءَ جو ڪو بندوبست ڪري اچان. ڪوٽ جو مُک دروازو به شايد فجر جي ٻانگ تي کوليندا، ۽ پاڻ کي سواري به ضروري آهي! “ جانوءَ صلاح ڏني.

” آءُ به توسان گڏيو ٿو هلان. هڪڙي کان وري به ٻه چڱا! “ جيوڻ صلاح هنيس.

” نه ڀائو، اندر الائجي گهڻا پهريدار هجن، سو تون هنن سان هُج ته ڀلو. منهنجي ڳڻتي نه ڪر. گهوڙا ڪٺي مغلن جا هجن، ڏٺي اهي به سڃاڻن ٿا! “ جانوءَ ڪلي چيو، ۽ پنهنجي اندازي موجب گهوڙن جي ڪرڙهه جي ڳولا ۾ هڪڙي پاسي لهي پيو.

ڏاتر ڏنو ۽ سندس ساٿي تهخاني ۾ لهندا ويا پر ڏاڪا کُٽن ئي نه.

” يَرَ متان هتي ڪا اهڙي ڪَل ته ڪانهي، جنهن سان ڪو دروازو کُلندو هجي. ايترو هيٺ ته تهخانو به ڪو نه ويندو آهي! “ هن کي ٻُڌ جي ٻت وارا تهخانا ياد آيا.

” ڳالهه سچي ٿو ڪرين. هيٺ ته رڳي اونده آهي، نه آدم نه آدم جي ذات...! “ جکري پهرين ڪاٻي پاسي ۽ پوءِ ساڄي پاسي پِٽ ۾ هٿوراڙيون ڏيڻ شروع ڪيون:

” يَرَ ڏاڍي ڳالهه ٿي... “ موليڏني همٿ هاريندي چيو.

” هلو ته وري مٿي هلون: پڪ ئي پڪ هن تهخاني جا ڪَلَ پرزا مٿي چونڪيءَ ۾ هوندا!“ جکري ڪجهه سوچيندي چيو.

جئن هو مٿي چڙهڻ لاءِ تڪڙو تڪڙو ٻه ٻه ڏاڪا مٿي چڙهيا، ته مُک دروازو هڪ وڏو ڇِيڪٽ ڪري بند ٿي ويو! ڏاڪڻ تي ٻاٽ اونداهي ڇانئجي ويئي!*

(24)

ساموئيءَ جا پَٽَ، سنڌ جي تاريخ جيان، هر سنڌيءَ لاءِ هڪ عجيب ڇڪَ ۽ ڪشش جو ڪارڻ رهيا آهن: اهي ئي پَٽَ هئا، جتي سنڌين، عربن، تغلقن، غزنوين، غورين ۽ پوءِ ترڪن سان وڏا مامرا ۽ مقابلا ڪيا هئا. هت ڪوپن ۽ ڪونڌرن ثابت ڪيو هو تہ جيڪڏهن سنڌي پنهنجيءَ تي اچن، پنهنجا ويچا وساري، فقط سنڌ جي ازلي ابدي رشتي ناتي ۾، ٻہ تہ ٻارنهن ٻڻجي، وڙهن تہ ڪوبہ ڏاريون هنن جي اڳيان بيهڻ ۽ مقابلو ڪرڻ جو سَتُ ڪونہ ساريندو. هت هر سنڌيءَ جي وڏڙن جا هڏا، هن ڌرتيءَ جي مٽيءَ کي مانُ ڏيئي، آزاديءَ جي گلن جو ٻاڻ ٻڻيا هئا: هر سنڌيءَ جي بزرگن پنهنجي رت سان ريج ڏيئي، ايندڙ نسلن جي ڇوٽڪاري جا فصل اُپايا هئا. هن پَٽَ جي مٽيءَ جي سڳند پنهنجي متوالن کي پريان ئي پڪاري وٺندي هئي. جڏهن بہ ڪو سنڌي واٽهڙو ٻڻجي هتان لنگهندو هو تہ هن جا قدم اُتي بيهي ويندا هئا، سندس نرڙ ۾ ان مٽيءَ کي سجدي ڪرڻ جي آرزو اُٿندي هئي، ۽ هو اُن مانائتيءَ مٽيءَ مان لپ پري، ڪا گهڙي ان ۾ گهوري نهاريندو هو جڻ ان ۾ آزاديءَ جي آهوتيءَ کي ڳوليندو هو. سندس اکين اڳيان تاريخ جا اهي ورق ورندا هئا جن تي آزاديءَ لاءِ سنڌين پنهنجي رت سان اتهاس کي قلمبند ڪيو هو.

سانوڻ هڪڙي نظر ساموئيءَ جي آسمان تي وڌي، ۽ ٻي نظر هن پنهنجن همراهن ۽ ساٿين جي لشڪر تي وڌي، جيڪي هڪڙي ئي سڏ تي ڪتان ڪتان ڪهي پهتا هئا: سندن جسم تازن معارڪن ۾ راتاهن ۾ مليل گهاوَن سان سينگاريل هئا، ۽ سندن روح هڪ ئي عبادت لاءِ سجده ريز هئا: سنڌ لاءِ سر ڏيڻ جي عبادت، سنڌ کي آزادي ڏيارڻ جي عبادت! تنبو ۽ خيما هئا جي آسمان جي هڪڙي ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين، سنڌ جي ٿَر جي پٽن وانگر، سمنڊ سمان تي پانيا. هن ايئن ڀانيو تہ جڻ سنڌ جو آسمان بہ هنن جي آجيان ۽ مانَ ۾ مٿن سلامي هو. هو اجا انهن خيالن ۾ هو تہ پري کان گهوڙن جي ٽاپڙ ٽاپڙ جو گهُٻيل آواز هن جي ڪن تي پيو. هاڻ هن جا ڪن اهڙا هِري ويا هئا جو هن کي اڳي ئي پَرون پئجي ويندا هئا تہ نياپو آڻيندڙ پنهنجا هئا يا اوپرا ۽ سندن نياپو خير جو هو يا نہ. هن جي خابرو جٽن اصل نياپي کان گهٽو اڳ کيس ان نياپي بابت چتائي تي چڏيو.

” جيئي سنڌ! “ ايندڙ همراهن وٽس پهچي سلام ورايو.
” سدا جيئي! “ سانوڻ پڙڪيو.
” سنگهار پاٽيءَ جا سلام پهچن.....! “ هڪڙي نوجوان اڳتي وڌندي چيو.
” ادل، تون تماچي ته ڪين آهين، شيرل جو نينگرا! “ سانوڻ به قدم اڳتي ايندي چيو، ۽ پوءِ هن کي سڃاڻيندي، ڪيس ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيائين.
” اهو ساڳيو.....! “
سانوڻ سيني سان ڀاڪر پائي مليو، ۽ خوش خير عافيت کان پوءِ چيائين: ” يلا ڪريو خبرون چارون.....! “
خبرون مڙئي خير. مغلن جا ويهارو ٻتيلا، هٿيارن سان ۽ توپن جي گولن سوڌا اسان واري پٽڻ تائين پهتا هئا. ڪل چار سو کن لشڪري هئا. اسان جي همراهن سنڌوءَ جي پيٽ ۾ هنن لاءِ جاءِ پيدا ڪري وڌي. البت ٻن توپن ۽ سو کن ڀالن ۽ ترارين کان سواءِ ٻيو هٿيار بچائي ڪونه سگهياسون. توپون ۽ گولا ڪاهي آيا آهيون. چاچي سنگهار ٽي چيو ته اهي هٿيڪا ڪري پهچايو: مڙئي ڪم اچي ويندا. ٻيو مڙئي خيرا! “
سانوڻ ڪا گهڙي هن نوجوان کي گهوريندو رهيو. هن جي دل ۾ هن لاءِ اٿاهه پيار اچي ويو، ۽ هن وري وڌي ڪٽي ڪيس ڀاڪر وڌو.
” شيردل جي اولاد مان مون کي اهائي اُميد هئي! “ هن ڪيس مٿي ڏيندي چيو.
” چڱو هاڻ موڪلائي ڪانهي! “ تماچي هن پيار کان مرڪو ششدر ٿيڻ لڳو. هنن اڃا ته ڪا اهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي هئي، جنهن تي سانوڻ جهڙو سرواڻ هن جي واکاڻ ڪري.
” ايئن ڪيئن ٿيندو؟ مانيءَ ٽڪر کائو، پوءِ وري ڪچهري ڪبي..... نورل، همراهن کي لنگر تي وٺي وڃ ته جيئن هنيانءُ سڄو ڪن. وهٽن کي به داڻو ڏيو! “
” ڪچهريون پيون ٿينديون، پر ڪنهن پکيءَ تي ٻوليو ته ڪجهه ٻيڙا ٻيا به لهوارا ٻيا اچن، سو انهن جو به ڪو ٻِلو ڪرڻو آهي! “ تماچيءَ سانوڻ جي اکين کان بچندي چيو.
” سنگهار پاڻهي انهن جو ٻِلو ڪندو. توهان کي ٽُڪ پيڻ کان سواءِ وڃڻ جي موڪل ڪانهي. پنهنجن وٽان بکيو موٽڻ هوندئن ئي سٺو سوڻ ڪونه ٿيندو آهي! “
تماچي ۽ سندس همراهه لاچار نورل سان گڏجي لنگر ڏي روانا ٿيا. ٻه همراهه سندن گهوڙن کي داڻو ڏيڻ لاءِ ڪاهي ويا. سانوڻ هنن کي ويندو ڏسي، دل ئي دل ۾ دعا ڪئي ته الله سائين، ههڙا سرويچ شل سلامت رهن ته پوءِ ٻيڙا ئي پار آهن. گڏريل ٻن ڏينهن کان هن کي جتان ڪٿان اهي خبرون پهتيون. نه رڳو دريا مغلن جو قبرستان بڻجي ويو هو، پر سنڌ ۾ جيڪي به لَڪ ۽ لنگهه هئا، اُتان هن کي اهي ئي خبرون مليون ته اهي به مغلن جا مقام بڻجي رهيا هئا.
لاڪن ۽ مهرن ملتان کان ايندڙ مغل فوج تي راتاها ڏيئي سندن سمورا گهَٽ بند ڪري ڇڏيا هئا. بکر ۾ مورچي بند مغل لشڪر جڏهن هيٺ لٿو ته چاچڙن ۽ سهتن هنن کي پوئتي موٽائي ڇڏيو. جيڪي گهَٽ بدلائي هيٺ لٿا ته ڪين شورن ۽ سومرن اهڙو سوگهو ڪيو جو قرآن ميڙ ڪري پنهنجي جان بچائي پوئين پير ويا. خود ٺٽي جي آس پاس مغلن جي چانوڻين تي جوکين، جتن، سمن ۽ پليجن سڏا سنوان حملا ڪري، باهيون ڏيئي، اکوڙي ڇڏيو، ۽ هو ٽولا ٽولا ٿي اچي ٺٽي سهڙيا هئا. جڏهن مغل چئن ئي پاسن کان هن شورش کان سراپجي ٺٽي پهتا، تڏهن پهريون ڀيرو رستم بيگ کي اهو احساس ٿيو ته هيل سنڌي ڪين ڪيڏڻ کان سواءِ ڪونه مڙندا. هن لاهور قاصد موڪليا، ۽ پاڻ سمورو لشڪر تيار ڪري سانوڻ سان سڌو منهن مقابل ٿيڻ جو تياريون ڪرڻ لڳو. جنگ جي نوبت وڳي ته سنڌي به مورچي بند ٿي ويهي رهيا.

سانوڻ هڪ نظر پنهنجي سات تي وڌي. نَتي کان ساموئيءَ واري پنڌ ۾ هن کي اها پڪ هئي مغل ڊورا ڪونہ ٽپندا جيسين کين ٻاهران ڪمڪ نہ پهچي. ڊوري جي متئين ڪپ تي مغلن پوري ساز سامان سان صف بندي ڪئي هئي. سانوڻ پنهنجي سموري سات کي چئن حصن ۾ ورهايو هو. ٻہ حصا اهڙي طرح مورچي بند هئا، جو جيڪڏهن پنيان حملو ٿئي تہ اُن لاءِ بہ هو تيار رهن. اڳيان ٻہ حصا هن اهڙي طرح ورهايا هئا جو جڏهن ويڙهہ شروع ٿئي تہ مغلن کي وچ ۾ ڪري وڙهجي. هن لاءِ وقت چڻ هڪ ئي هنڌ بيهي رهيو هو. هن کي ڪنهن بہ سُتل ڪونہ ڏٺو هو. ڏينهن رات جو فرق متجي ويو هو. هن کي گرهہ کائڻ جي بہ واندڪائي ڪانہ هئي. هڪڙي چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين هن جي ڪُميت ايئن تي آئي ويئي چڻ هن جو ساهہ انهن ٻن چيڙن ۾ ورهايل هو. ساڄي ڪاڇي، ڏکڻ اتر اولهہ اوير جا سنڌا ميسارجي ويا هئا: هن کي هر وقت اها اڻ تڻ هئي تہ هر جتي جا مهندار الائجي پنهنجي همراهن جي کاڌي پيتي ۽ آرام جو خيال رکن ٿا يا نہ. هو پاڻ مختلف لنگرن تي وڃي بيهندو هو ۽ همراهن کان کاڌي خوراڪ جون پڇائون ڪندو هو. همراهہ کِلي چوندا هئس: ياڻئجي ٿو تہ سانوڻ جي پنهنجي لنگر ۾ هڏو يت رڌوئي ڪونهي، جو هيڏانهن هوڏانهن جهوتون پيو ڏئي! ”

جڏهن مغلن پهريون حملو ڪيو، تڏهن ايئن تي ڀانيو، چڻ تہ ڌرتي ڏُٻڻ لڳي هئي. هزارين گهوڙا، جڏهن مظفر خان جي اڳواٽيءَ ۾ ڪنهن سمنڊ جي وِير وانگي چڙهي آيا، تڏهن گهڙيءَ لاءِ سانوڻ جي دل هچندي ويئي: هن تربيت يافتہ مغل گهوڙي سوارن جي دستي جي اڳيان الائجي ڪيترا لشڪر هيبت کان ئي هار مڃي پيش پيا هئا. گهوڙن جي سُنبن جي ٺاپڙ ٺاپڙ اهڙي ترتيب ۽ منظم نموني سان هڪ خوفناڪ گجگوڙ ٻڌجي ويئي، جو ايئن تي ڀانيو چڻ تہ ڌرتيءَ جو هنياءُ ڦاٽڻ تي هو. رکي رکي مغلن هڪ آواز تي نعرو ٿي هنيو، چڻ تہ فتح اڳي ئي هنن جي تقدير ۾ لکيل هئي. سانوڻ جي ڪميت جا ڪَن بہ انهيءَ آواز تي، ڪنهن ڪاڇي تہ ڪڏهن ساڄي پئي ڦريا، ۽ سندس بدن ۾ هڪ عجيب هلچل ۽ اُچل کي سانوڻ محسوس ڪندي، سندس ڪِچيءَ تي ٺڦڪيون هڻي، مانو ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي، پر ڪُميت کي سُک نہ پئي آيو.

جڏهن مغل ڊوري جي متئين ڪَپَ تان اڌو اڌ ورهائجي هيٺ لهڻ لڳا، تڏهن سانوڻ هٿ متي ڪَئي ڪو اشارو ڪيو. هن جو هٿ اڃا متي ئي هو تہ ڪانياٽين جي پَٽِ پَٽِ جا هزارين آواز ايئن اٿيا چڻ تہ سِرٽين جي شاهي لشڪر هڪ ئي وقت پڙڪو ڪائي اُڏام لاءِ پنهنجون کنيڙاٽيون وجائڻ شروع ڪيون هيون. ڪانياٽين مان ڳوڙهن جو مِينهن مغل گهوڙيسوارن تي وسيو، تڏهن نہ مغل لشڪري نڪي سندن گهوڙا انهيءَ لاءِ تيار هئا. سوين مغل اُچلِ ڪائي جئن ئي گهوڙن جي دُنب طرف ٽڙيا، تئين سندن گهوڙا بہ ڳوڙهن جي ڏک کان، اڳيان سُنب متي ڪٽي اُيا تي ويا: پونين ٽنگن سندن سات نہ ڏنو، ۽ هڪ ڊگهي ڊنل هٽڪار سان، پنهنجي سوار کي هيٺ اڇلائيندي، پاڻ سنڀاليندي جئن پڙڪو ڪاڌائون تہ پنهنجي ئي سوار کي چچريندا ويا. مغلن جي دانهن ۽ گهوڙن جي هٽڪار آسمان ۾ پڙاڏا وجهي ڇڏيا.

سانوڻ جي ٻئي اشاري تي، ٻہ سو سنڌي گهوڙيسوار انهيءَ گهمسان ۾ ٻنهي پاسن کان لهي پيا: هنن جي هٿ ۾ فقط ڀالا هئا. ڪريل مغل اُٿن، تنهن کان اڳ ڀالا سندن نڙگهٽن، ڇاتين يا پٺين کي ڏاريندا ويا. چچرجي نڪرندڙ انساني دانهن جا نوان پڙاڏا زخمي گهوڙن جي هٽڪارن سان ملي سموري مغل فوج کي اهو چتاءُ ڏيندا ويا تہ هيلوڪي ويڙهاند سندن آخري ويڙهاند هئي، ۽ هو وري سنڌين سان ڪڏهن مد مقابل ڪونہ ٿيندا! مظفر خان پنهنجي بهترين تربيت يافتہ گهوڙيسوارن جي هن شاهي دستي جي اِن شامت جي امڪان تي بہ ڪونہ سوچيو هو. هن جيڪي بہ جنگيون وڙهيون هيون، تن ۾ هن جي انهيءَ دستي جو ڌهڪاءُ ئي ڪافي ثابت ٿيو هو. پر هيءَ شڪست هن جي سپهہ سالاريءَ جي سموري ساک ٻُهاري ويئي. ڪاوڙ ۽ شرمساريءَ مان هٿ مهٽيندي، هن پنهنجي مُک پيادل دستي کي اشارو ڪيو.

ان دستي جو هر مغل سپاهي پنهنجي خونخواري ۽ بهادريءَ لاءِ مشهور هو. هر هڪ سپاهي زرهه پوش هو: هڪڙي هٿ ۾ ڍال ۽ ٻئي هٿ ۾ ترار کڻي، هر سپاهي ٻئي سپاهيءَ سان ايئن قدم ملائي اڳتي وڌيو ڄڻ سڄي دستي جو هڪڙو ئي جسم هو، جنهن هڪڙي ئي وقت تي هڪ ئي پرانگهه تي کنئي. سؤ سؤ سپاهين جي اڳيان سندن مهندار هو، جنهن کي ڍال نه ساڳي هئي، پر سندس هٿ ۾ ترار جي بدران ڀالو هو.

مغل چئن صفن ۾ اڳتي وڌيا: هر صف ۾ سؤ سؤ سپاهين جا چار جٿا هئا. رکي رکي هنن هڪ ئي وقت نعرو ٿي هنيو: تيز ترڪ گامزن! تيز ترڪ گامزن! مغلن جي انهيءَ صف بنديءَ کان راجپوت، روهيلا ۽ پٺاڻ ايترو هيسيل هوندا هئا جو انهن دستن کي ڏسندي ئي هو قلعن جا دروازا بند ڪري پنهنجو پاڻ محاصرو ڪرائي ويهندا هئا. سانوڻ هڪڙي نظر انهن صفن تي وڌي، ۽ دل ئي دل ۾ هڪ آرزو تري آيس ته جيڪڏهن سنڌي اها صف بندي سکي پون ته هنن کي غلام بڻائڻ جي ڪنهن کي به همت ڪانه ٿيندي.

جڏهن مغلن ۽ سنڌين جي وچ ۾ ٽي سؤ ڪن وِکن جو مفاصلو رهجي ويو، تڏهن مغلن جي رفتار ۾ تيزي اچي ويئي، ۽ هو اڳتي وڌڻ لاءِ ڊُڪڻ لڳا. سانوڻ ڏڙڪندڙ دل سان مغلن کي ڪنهن باز وانگر نظر ۾ رکندو آيو، ۽ عين اُن گهڙيءَ، جڏهن مغلن سندس مقرر ڪيل سَنڌو ٽپيو، تڏهن هن هٿ متي کڻي اشارو ڪيو. ميدان جي ٻنهي ڇيڙن تي بيٺل سنڌي شُهسوارن هڪ ئي وقت پنهنجن گهوڙن کي هڪل ڪئي. گهوڙن جي پُڇن ۾ ڏگها رسا ٻڌل هئا. جئن پوءِ تئن گهوڙن جي رفتار تيز ٿيندي ويئي، ۽ پوءِ مغلن کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ ته زمين هنن جي پيرن هيٺان کسڪندي ٿي ويئي. ڏکيون شاهي ٽوئريون هنن جي پيرن هيٺان ڇڪجنديون ويون، ۽ مغل جيسين پاڻ سنڀالين ۽ سمجهن ته زمين ڪيئن سندن پيرن هيٺان کسڪڻ لڳي هئي، تنهن کان اڳ هو چئن پنجن پُرهين جيڏين کاهين ۾ ڪرندا ويا. کاهين جي تري ۾ تيرن کان به تِکا سَرَ ڀالن جيان ٿُنبيل هئا: اهي سَرَ ڪرندڙ مغلن جي سٿرن ، ڇڏن، ڇيلهين، ۽ پاسراتين ۾ کُپندا ويا. سندن دانهون ۽ ڇيتون انهن کاهين مان ايئن اُٿيون ڄڻ ته قبرن ۾ مڙدا جاڳي رڙيون ڪرڻ لڳا هئا. عين اُن وقت سنڌي گهوڙيسوارن جا دستا کاهين ۾ ڪرڻ کان بچي ويل مغلن تي وچ جيان اچي ڪڙڪيا. مغلن جا هوش اهڙا خطا ٿي ويا هئا، جو پنهنجي بچاءَ ۾ وڙهڻ بدران، هنن پوئتي موٽ کاڌي، ۽ پنهنجون سموريون روايتون وساري کڻي کُڙين تي زور رکيو. انهيءَ ڀاڄ ۾ هنن پوئتي نهاريو به ڪين. نکي سنڌين کين ڪا اهڙي مهلت ڏني. مغل لاباري جي سَنگن جيان ڪرندا ويا. سمورو ميدان مغلن جي مڙهن ۽ لاشن سان

اَنجي ويو، ۽ جڏهن آخري مغل ڪِريو، يا سنڌين جي مقرر ڪيل سَنڌي ڪي ٽپي ويو، تڏهن سنڌين بہ پنهنجن گهوڙن جي واڳ ورائي، پوئتي موٽ ڪاڏي.

هڪڙي هڪڙي مُهندار سانوڻ کي پنهنجي پنهنجي دستي بابت حال احوال ڏنو.

" منهنجا ويهارو کن همراهہ ڪري پيا، ڪجهہ ڦٽجي پيا آهن.....! " هڪڙي مُهندار پنهنجي واري تي ڏڪارو ڏي چيو.

" ادل، پانيان ٿو تہ تنهنجا ساٿي ڪجهہ اُپهرا هئا: پر خير، سنڌ تان صدقو ٿيا.....! " ٻئي همراهہ هن سان همدردي ڪندي چيو.

" ادل، پانيان ٿو تہ مغل اڄوڪي رات وري اسان سان هٿ چراند ڪونہ ڪندا! " ٻئي همراهہ ڳالهہ کي نئون موڙ ڏيئي ڇڏيو.

" مظفر خان پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ چَڪ وجهي، رستم بيگ جي اڳيان پنهنجي ڪوتاهين جو اعتراف ڪندو هوندو، ۽ رستم بيگ جي وات مان ڪف پئي وهندي هوندي. هنن جو سمورو گهمنڊ ڍهي پيو آهي.....! " هڪڙي ساٿيءَ پنهنجي راءِ ڏني.

" منهنجا مٺا، مغلن کي اڄوڪي ويڙهاند چرڪائي ڇڏيو آهي. ان ڪري هو سياڻي وڏيڪ چالاڪيءَ ۽ نئين ترتيب سان حملو ڪندا. پانيان ٿو تہ فجر جي بانگ وقت هو ڪو نئون حملو ڪندا.....! " سانوڻ اهڙي نموني ڳالهہ ڪئي ڄڻ هو اينڌڙ حملي کي پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو هو.

" پوءِ پلا ڪهڙي صلاح آهي؟ " هڪڙي همراهہ اُتساهہ مان چيو. هن جو سمورو منهن رت جي چندن سان رتائجي ويو هو.

" يارل، تون پنهي گهُمرن ۾ وڙهيو آهين: تون تہ پلائي ڪري وڃي ڪو ساهہ پَٽ. فجر جو چونڪيءَ تي وري تنهنجي جٽي جو وارو بہ تہ آهي.....! " سانوڻ پاپوهہ مان چيو.

" ۽ ڊولڻ، تون بہ وڃي چيلهہ سڌي ڪر: تون بہ پنهي چڪرين ۾ هئين.....! "

" ۽ بخشا تون بہ.....! "

پر سانوڻ جي ڳالهہ کي سيڪو لنوائيندو ويو. هنن کي خبر هئي تہ سنڌن سرواڻ راتين جون راتيون ڪونہ ستو هو. ڊولڻ کان رهيو نہ ٿيو. چيائين " سانوڻ پائو، اسان کي چيلهہ سنئين ڪرڻ جي صلاح تہ ڏئين ٿو پر پنهنجو بہ ڪو خيال اٿئي، ڪين نہ؟ "

" مون ڪهڙي ڪوڏر هنئي آهي؟ مٿان بيهي رڳو پئي ٿوٿي لڱن کي پرپايم..... " سانوڻ کلندي چيو.

" جيسين تون بہ گهڙي پهر آرام نہ ڪندين، تيسين اسين بہ..... " يارل ڪنهن ضدي ٻار وانگر ڇڻي ڏنو.

سانوڻ ڪا گهڙي ماٺ تي ويو. پوءِ هڪ ڊگهو اونهو ساهہ کڻي چيائين: " ننڊون بہ پيا ڪنداسون.. پر منهنجي تہ مرضي آهي تہ مغل فجر جو اسان ڏي اچن، اڄوڪي رات اسين سنڌن مهمان ٿيون..... منهنجا بہ سَنڌ ويٺي ويٺي سُڪي ويا آهن! "

" آءٌ بہ ائين ٿو چوان..... " ڊولڻ اُچاترو ٿي چيو.

" آءٌ بہ چوڻ وارو هوس تہ مغلن تي هڪڙو وار پيو بہ ٿئي! " يارل بہ سُر وٺايو.

پوءِ صلاح بيٺي تہ سمهڻيءَ کان پوءِ مغلن تي ٻن پاسن کان راتاهو ڏجي: سانوڻ مکيہ چانوٽي جي پاسي، ۽ ڊولڻ جا دستا ان جي ٻئي پاسي جتي رسدگاهہ ۽ گهوڙن جون ڪڙهيون هيون.

" چڱو، هاڻي وڃي ڪجهہ تازا توانا ٿيو. سمهڻيءَ کان پوءِ وري گڏباسون.....! " سانوڻ اُٿندي چيو.*

(25)

شاهي حرمسرائن ۾ جڏهن رات ايندي هئي، ۽ هڪ هڪ تي فانوس ٻرندا هئا، تڏهن ڪنيزن ۽ ٻانهين جون دليون وِسامڻ لڳنديون هيون. هنن کي اڳيان جبل جيڏي رات ڪاري راڪاس وانگر لڳندي هئي. هر ڪنهن کي گذريل رات جا چَڪ ۽ چهنڊڙيون ياد اينديون هيون، ۽ سندن ماسُ انهيءَ تصور کان ئي پوسرڻ لڳندو هو. الائجي ڪنهن جي شامت ايندي؟ جن شهزادن کي ساقين سان پاڻ وندرائڻ جي هَير هوندي هئي، انهن حرمن جون ٻانِهيون وري ٻه ڪجهه سامت ۾ هونديون هيون. پر انهن کي وري شهزادين ۽ بيگمن جا سور سَهڻا پوندا هئا. اڪثر بيگمون ورهين جا ورهيه پنهنجي مڙسن سان ڪونه سُمهنديون هيون. انهن مان ڪن لاءِ ڪنيزن کي ڪي اهڙا جوان ڳولي آڻڻا پوندا هئا، جيڪي ڪجهه اشرفين ڪمائڻ خاطر ان لاءِ تيار هوندا هئا ته سندن اکين تي ڪاري پٽي ٻَڌل هوندي، ۽ رات گذرڻ کان پوءِ وري ان شهر جو منهن نه ڏسندا. پر مغلن ۾ چغلخوريءَ جي اهڙي وبا ڦهليل هئي جو ڪاٻه شهزادي يا بيگم گهٽو ٽڻو جوکم کڻڻ لاءِ تيار نه ٿيندي هئي. اهڙي صورت ۾ ڪنيزن ۽ ٻانِهن کي مردانا ڪپڙا پائي، شهزادين سان سُمهڻو پوندو هو، ۽ سڄي رات ٻاهه جي مچ ۾ ڪباب ٿيڻو پوندو هو.

پر اڄوڪي رات ٻين راتين کان مختلف هئي. سموريون ڪنيزون ۽ ٻانهيون، شهزاديون، بيگمون ۽ اميرزاديون اڄ رات هار سينگار ۾ هڪٻئي کان سرسي حاصل ڪرڻ لاءِ آتيون هيون، جو اڄ شهنشاهه هند **سنڌي ڪنيز** وٽ اچڻو هو، ۽ ملڪهء عالم نورجهان بيگم جو اهو حڪم هو ته اڄوڪي رات شهنشاهه کي ايتري انگوري پيارڻي هئي، ۽ ايترو مصروف رکڻو هو جو شهنشاهه کي سنڌي ڪنيز جو وجود ئي وسري وڃي. اهو موقعو اهڙو هو، هر ڪنيز ۽ ٻانهي، هر شهزادي ۽ اميرزادي انهيءَ آسري کي اکين ۾ سجائي ڇڏيو ته شهنشاهه متان رات وٽس گذارڻ لاءِ ريجهي پوي.

” هي اڄ هنن ٻانهين کي ڇا ٿيو آهي، جو ايڏا هار سينگار پيون ڪن؟ “ نوريءَ معصوميت مان پڇيو.

” اڄ شهنشاهه کي هت اچڻو آهي: توکي ڏسڻ تو اچي! “ هن جي ڪنيز مختصر جواب ڏنو.

” آئي گهوڙا مُنيس! “ نوريءَ جي دل دهلجي ويئي. ٻانهيءَ هن کي جيڪي ڳالهيون ٻڌايون هيون، تنهن وقت کان هن جي مَن جي مونجهه وڌندي تي ويئي. هڪڙي پاسي ورڀام جي ڪا سُڌ ڪانه تي پئي ته ڪهڙي حال ۾ آهي ته ٻئي پاسي اهو ڪُتڪو ته ڪيس صدقي جي ٻڪريءَ وانگر شهنشاهه اڳيان پيش ڪيو ويندو.

” منهنجو جي ڇيو مجين ته اُتي تون ٻه ڪي ساٿ سوڻ ڪر، سائڻ! اهڙي تقدير ڪنهن ڀاڳ واريءَ جي هوندي آهي، جو تخت ڏٽي هن وٽ پاڻ هلي اچي! “ ڪنيز ڪيس وري هڪ ڀيرو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

” اهي ڀاڳ ٻين کي نيبهه هجن: مون مسڪين کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏي....! “ نوريءَ جي اکين ۾ لُڙڪ اچي ويا.

” ايئن روئڻ مان مهل نہ ڪانہ ٽرندي. منهنجي مڃ. پلا جي پيو نہ نہ شهنشاهہ جي آجيان ڪرڻ لاءِ ڪو وڃو نہ چڱو پاءِ! نہ نہ، نورجهان بيگم منهنجي جيئري ڪل لهرائي ڇڏيندي.....! “

” تو مون سان وچن ڪيو هو نہ..... “ نوري پاڏائيندي ڪنيز ڏانهن نهاريو.

ڪنيز ڪا گهڙي پنهنجي آڱر ۾ پيل مُنڊيءَ ڪي گهوريندي رهي. هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هوءَ ڇا ڪري. جيڪڏهن نورجهان بيگم جو چيو نہ ڪري تڏهن بہ سندس حشر ڪيس ساريو پيو هو. سندس ڪَل لهرائي، اُن ۾ بُهہ پري، ڪيس ڪنهن پٽ ۾ لِنبي ڇڏيندا. جيڪڏهن شهنشاهہ نوريءَ کي هٿي نہ ڏنو تہ شايد اُتي جو اُتي سندس خاص مصاحب ڪيس ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندو. هن کي نوريءَ سان برابر همدردي هئي پر هن کي هيءَ ضِدي نينگر بنهہ سمجهہ ۾ نہ آئي جيڪا ياڳ کي ايئن لتون پئي هڻي. جيڪڏهن شهنشاهہ مٿس هرڪجي وڃي تہ ڪيس پَٽ راڻي ڪرڻ کان ڪونہ گُسندو، ۽ پوءِ ملڪ ۽ عالم بہ سندس وار ونگو ڪري نہ سگهندي. پاڻ هن جي گولي ٿي گذارڻ جا جتن ڪندي. پر هيءَ سنڌي نينگر تہ ڪا ڳالهہ پڌڻ جي بہ رواداز ڪانہ هئي: هي محل ماڙيون، هي ريشم، هي اطلس، هي تخت ۽ تاج، هي نولکا هار ۽ هيرا جواهر تہ هن لاءِ ڪا معنيٰ ئي نٿا رکن: جيڪڏهن ڪا هورا ڪورا اٿس تہ رڳو ورياهہ لاءِ، جيڪو شاهي تهخاني ۾ موت جو مزمان هو، ۽ هاڻي موت کان ڪوهين ڏور شايد پنهنجي وطن وريو هوندو. پوءِ هن کي بہ ورياهہ ياد اچي ويو.....

جڏهن نوريءَ کي اها خبر پيئي تہ ورياهہ کي شاهي دربار ۾ پيش ڪري موت جي سزا ڏني ويندي، تڏهن کان تہ هوءَ بنهہ اونڌي منجي ڪري پار ڪڍڻ ويهي رهي. ڪائڻ پيڻ کان بنهہ بس ڪري ڇڏيائين: روئي روئي اکيون سڄائي ڇڏيائين:

” الا، هن مئيءَ دل کي ڇا ڪريان. اصل وسريم ئي نٿو..... “ هن جي سمجهائڻ تي چيو هئائين.

” پر هن سان تہ تنهنجو ڪو سَڱ بہ ڪونهي: متان دل تہ ڪانئس ڪانہ ڦرائي ويٺي آهين....“ هن رڳو ڪيس ڪلائڻ ڪاڻ چيو هو.

” هن سان تہ منهنجا پٽيهہ سَڱ آهن: تون ڪيئن سمجهنديئن اسان جي سَڱن کي. سڀ کان وڏو سَڱ تہ اهو آهي تہ هو سنڌي آهي، سِنڌ لاءِ سِر ڏيڻ جو قسم کنيو اٿس. مون کي مُئن ترخانن کان بچائڻ ۾ بہ پيو ڪوبہ سَڱ ڪونہ هو. آءٌ برابر هن جي مائٽياڻي ڪانہ هيس، نہ ئي ڪو پيو ناتو هوس، سواءِ انهيءَ جي تہ هڪ سنڌي نِياڻي ڌارين جي پنجوڙ ۾، ڪوٽن ۾ قابو هئي. مون کي بچائيندي بچائيندي تنهنجي آقا جي ابهمن کي بچائي ويو..... “ نوريءَ ٿڌو ساهہ کڻندي چيو هو.

” ها، سا تہ ڳالهہ آهي، پر هوءَ دل ڦرائڻ واري ڳالهہ ڪائي وئينءَ! “ هن وري ڪيس چيڙڻ لاءِ چيو.

هوءَ گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويئي: پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري چيو هئائين: ” اهي دل ڦرڻ ڦرائڻ واريون ڳالهيون تہ توهين ٿيون ڄاڻو. مون کي تہ اها بہ خبر ڪانهي تہ دل ڪيئن ڦربي آهي يا ڦرائبي آهي..... ها، منهنجي دل رڳو اهو ٿي چوي تہ جيڪڏهن الله سائين مَن جي مراد پوري ڪري تہ آءٌ ڪانئس رڳو اها مراد گهرنديس تہ سڄي عمر هن جي گولي ٿي گذاريان، بلڪل ايئن جيئن منهنجي امڙ بابي سائينءَ جي گولي ٿي گذاريندي هئي. اٿندي وهندي، ستي يا جاڳندي هن کي بابي سائينءَ کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهہ ئي ياد ڪانہ هوندي!..... پر منهنجي اهڙي قسمت ڪٿي: هاڻ تہ رڳو اها آس اٿم تہ رڳو هڪڙو ڀيرو ڪيس ڏسان سهي، پوءِ جي موت اچي وڃي تہ سمجهنديس تہ..... تہ..... “ ۽ پوءِ هوءَ وري اچي سڏڪن ۽ اوڇنگارن ۾ پئجي ويئي.

هن کي سنڌين جي انهيءَ ورونهن جو ڪو تجربو ڪونہ هو. هيءُ ڪهڙو نينهن هو، جيڪو نوريءَ کي ورياهہ سان ايئن وڪوڙيو بيٺو هو، جو جڻ هوءَ پاڻ ڪجهہ بہ نہ آهي، هن جو سڄو وجود ورياهہ جي نالي سان ئي ڪا معنيٰ رکي ٿو. نہ سمجهڻ جي باوجود هن کي سندن انهيءَ نينهن سان ريس ٿيڻ لڳي. انهيءَ ريس

۾ ڪوبہ حسد ڪونہ هو. هن سوچيو، جيڪڏهن انسانن ۾ اهڙو پيار، اهڙو نينهن ممڪن آهي، تہ پوءِ تاتارين، قنڌارين، ارغونن ۽ مغلن جي وحشي ظلم ۽ بيداد جي باوجود، انسانذات ۾ اعتبار قائم رهي سگهي ٿو. هن کي ان نوريءَ تي بہ پيار اچي ويو: اهڙن نج نبار سچن جذبن تي پيار اچي ويو.

” يلا جي تنهنجي وريام کي شاهي قلعي جي تهخاني مان بچائي ڏيکاريان تہ موٽ ۾ ڇا ڏينديئن؟ “ هن ڪجهہ سوچيندي چيو.

” تہ پوءِ..... تہ پوءِ، آءُ سڄي ڄمار تنهنجي گولي ٿي گذاريندي‌س. مون وٽ تہ رڳو پنهنجو پساهہ آهي، سو جيڪڏهن تنهنجي ڪم اچي وڃي تہ وڏا ڀاڳ سمجهنديس..... پر ڇا، اها ٿيڻي ٿي سگهي ٿي.....! “ هوءَ وري مايوس ٿي ويئي. سندس هرڻيءَ جهڙين معصوم اکين ۾ ڳوڙهن جا واچوڙا لهي آيا.

شهنشاهہ هند لاءِ موڪليل خاص ڪنيز جي خدمتگار ڪنيز جي حيثيت ۾ سموريون مغل ٻانهيون پيون هن جي اڳيان پويان ڦرنديون هيون. هنن نوريءَ کي اکين ڏٺو هو، ۽ هنن کي اهو تہ يقين ٿي ويو هو تہ جيڪڏهن شهنشاهہ نوري کي ڏٺو تہ پوءِ پڪ ئي پڪ هن جو ئي ٿي رهندو، ۽ ڪهڙي خبر تہ نڪاح وجهي کيس پنهنجي نئين ملڪہ بڻائي ڇڏي. هن جي لاءِ تہ سندس انارڪلي نئين سر جيئري ٿي پوندي. سو ڪنيزن سان هن اهي وچن ڪرڻ ۾ ڪو اهم نہ سمجهيو تہ جيڪڏهن نوري سان راءُ راضي ٿيو تہ هوءَ ساڻن اهڙو پير پريندي، جيڪو هنن جي تصور ۾ بہ نٿي اچي سگهيو. پوءِ پنهنجي سر جو سانگو لاهي هن نورجهان بيگم جي خاص ٻانهيءَ کي هيٺاهيون مٿاهيون ٻڌائي، ان لاءِ تيار ڪيو تہ شاهي تهخاني ۾ هڪڙي نوجوان جي جان بخشي ڪرائي ڏي.

اها ٻانهي هن کان بہ وڌيڪ همت واري نڪتي، ۽ هوءَ هن کي ساڻ ڪري، شاهي محل جي تهخانن مان گهُتون ڏياريندي، شاهي قلعي جي عقوبت خاني جي تهخاني ۾ وٺي آئي. جتي ڪوبہ پهريدار گڏين، سو ملڪہءِ عالم جي مُنديءَ ۽ مُهر ڏسي، هٿ ادب جا ٻڌي، هنن کي روڪڻ لاءِ معافيون گهرندي، کين اڳيرو ڪندو رهيو.

هن جڏهن مغل عقوبت خانا ڏٺا، تڏهن کيس وري اهي سڀ بيداد ياد اچي ويا، جيڪي تاتارين ۽ ترڪن هن جي ڪٽنب سان ڪيا هئا، ۽ هوءَ ۽ سندس ڪيتريون هم وطن نينگريون بازارن ۾ نيلام ٿيون هيون. هن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي ستمگرين جا ڪئين داستان ٻُڌا هئا: پر هن عقوبت خاني ۾ انسانن جي حالت ڏسي، هن جا لڱ ڪانڊارجي ويا. هن زنجيرن ۾ جڪڙيل انسانن کي ڏٺو، جن جي زخمن ۾ ناسور پيدا ٿي، ڪيئان پئجي ويا هئا: هن سنگهرن ۾ سوڪها جوان ڏٺا، جن جي اکين ۾ تتل سيخون گهمائي، کين ڏينهن جي سُهائيءَ ۽ نور کان محروم ڪيو ويو هو ۽ سندس اکين بدران رڳو ماس جا لوٿڙا ۽ ڇُڳهَہ هئا، جن مان پيلي پِيلي پاٽيث وهي، سندن ڳلن تي سُڪي، ٿڙب ٿڙب ٿي ويئي هئي: هن ڳيرو جوان ڏٺا، جن جا عضوا ڪپي، کين اگهاڙو ڪري، اُبتو ٽنگي ڇڏيو هئائون. مختلف عقوبتخانن مان چِيٽن ۽ رڙين جي پڙاڏن هن کي ڪنبائي ڌوڏي ڇڏيو، ۽ هڪڙو پيرو وري هن جي روح ۾ ستل نفرت جاڳي پئي: هي **مغل** انسانذات جا قاتل، آخر ڪيستائين آزاد قومن جي انسانن کي ايئن چيپاٽيندا رهندا.

هو پڇائينديون پڇائينديون وريام جي تهخاني ۾ پهتيون، ۽ جڏهن شاهي ٻانهيءَ سنڌي نوجوان جو ڏس پڇيو تہ پهريدار ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيو.

” ڪٿي آهي هو نوجوان؟ ڪٿين چو ٿو؟ ڇا هن کي ماري ڇڏيوَ؟ “ هن رڙ ڪندي چيو.

” نہ خانم نہ، هن جا ڪي ساٿي، هن کي هتان ڪڍي ويا آهن: پر ويندا ڪيڏانهن؟ اسان جا ماڻهو سندن پٺيان آهن. ملڪہءِ عالم کي خاطري ڏيارجو تہ هن کي ترت گرفتار ڪري، سندن خدمت ۾ پيش ڪندس! “

هن جي دل چاهيو ته هوءَ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي. پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪري. سنڌين وري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته هو شينهن جي پڃري مان به آزادي حاصل ڪري سگهن ٿا. نوريءَ کان هن جيڪي پڌو هو، تنهن کي هنن ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ هن جي دل مان اها دعا نڪتي: ” الله سائين، تون مظلوم سنڌين جو ساٿي ٿجانءِ! “

هو ٽڪرٽيون ٽڪرٽيون محل ۾ موٽي آيون ۽ جڏهن هن نوريءَ کي سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي، ته نوريءَ اُٺي ڪٽي پاڪر وڌس. سنڌس اکين مان ڳوڙها لڙي، سنڌس چوليءَ کي پسائيندا رهيا، پر سنڌس منهن جي ڇهڪ مان هوءَ هن جي دل جو حال سمجهي ويئي. گهڙيءَ لاءِ نوري هن کي پاڪر ۾ پيڙي، سنڌس ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي، لُڙڪ لاڙيندي رهي، ۽ پوءِ سڏڪا پريندي چيائين: الله سائينءَ نيٺ منهنجي به ٻڌي: شل الله سنڌ جا وڻ ڏيکاريس، مونکي نه ڏيکاريائين ته آءٌ گهوريس!.... “

هوءَ وري حال ۾ موٽي آئي. شهنشاهه هند چاڻ ته آيو. هن نوريءَ کي اچان، هن جي آجيان لاءِ به تيار ڪونه ڪيو هو، ۽ نه ئي هن نورجهان جي حڪم موجب شهنشاهه جي انگوريءَ ۾ مُنديءَ ۾ پيل دوا ملائي هئي. ماهه بيگم کيس سمجهائي ويئي هئي، ته اهو محلول پيڻ کان پوءِ شهنشاهه اگهور ننڊ ۾ پئجي ويندو، ۽ پوءِ هوءَ پاڻهي کيس ڪٽائي ويندي. هن هڪڙي نظر وري نوريءَ تي وڌي: هي فرشتن جهڙو پاڪ ۽ معصوم حُسن فقط ان لاءِ هڪ عياش بادشاهه جي عشرت جو سامان بڻجندو، جو اهو حسن غلام آهي! ڇا غلاميءَ جو اهوئي نصيب آهي؟ آءٌ به غلام آهيان، هيءَ به غلام آهي. هن جو مونتي ڪوبه حق ڪونهي، منهنجي اندر جي نفرت ڪيڏانهن ويئي؟ جنهن شخص جي ظالم ابن ڏاڏن جي ڪري، مون جهڙيون هزارين معصوم نينگريون بازارن ۾ نيلام ٿيون، ۽ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيون ويون، تنهن کي آءٌ هي غلام پر ملڪوتي حسن، ايئن پيش ڪري ڏيان چڻ آءٌ به ظلم جي ڪُتڻ ۾ ڏُوتي آهيان! “

هن کان چرڪ نڪري ويو: ان بغاوت جي چڻنگن جو هن ڪڏهن به قدر نه ڪيو هو. پر هاڻ اهي چڻنگون پنيٺ ٻڌجي هن جي روح کي ساڙي رهيون هيون. هوءَ اُٿي، نوريءَ کي هٿ کان وٺي، کيس سينگارڻ ويهي رهي. نوري حيرت مان هن ۾ ايندڙ تبديليءَ کي ڏسندي رهي.

” سيگهه ڪر شهنشاهه اچڻ وارو هوندو، دير ٿي ويندي! “

هن ان سينگاريل نوريءَ کي ڏٺو ته وري هن جي همت جواب ڏيئي ويهي رهي. نه نه، هي حسن ته خدا جي تخليق آهي، ان کي موت جي پاڪر ۾ ڏيڻ جو مونکي ڪهڙو حق آهي: هيءَ سنڌي نينگر هن راڻيءَ جي پوشاڪ ۾ ته ڪائنات جي ملڪ ٿي لڳي، جنهن جي اڳيان ته نورجهان بيگم جهڙيون راڻيون به ٻانهيون ٿيون لڳن! الا، هن جون اکيون ته..... انهن ۾ روشني انهيءَ صبح جي روشني آهي، جنهن جو قسم پاڻ الله سائينءَ کنيو آهي. هن جو مُکُ ته..... جنت جي حورن جا مُکَ چڻ ته ان مُکَ اڳيان ڪابه حيثيت نٿا رکن! ۽ هيءَ پيشاني، هي ڳل، هيءَ ڳچي، هي جسم، هي سراپا..... هن جي پنهنجي جسم ۾ هن ڏانهن نهاريندي ئي ڪيتريون ئي برقي لهرون ڊوڙي ويون. سلام آهي سنڌ جي مٽيءَ تي، سلام آهي سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي جنهن ههڙي حسن کي خلقيو آهي: ۽ پوءِ هن کي سنڌ جي ڌرتي، سنڌوءَ جو پاڻي ياد آيو، جنهن ۾ هن غلام هوندي به آزاديءَ جي سڳنڌ محسوس ڪئي هئي، جتي جا اڙٻنگ جوان ڏسي هن کي پنهنجي آزاد وطن جا آزاد اڙٻنگ جوان ياد ٿي آيا، جتي انسانن ۾ ماڻهپو اڃا ٿائين، غلاميءَ جي عذابن جي باوجود، سدا حيات هو!

” ٻڌ نوري، منهنجي پيڻ! اڄ هڪ غلام پيڻ ٻيءَ غلام پيڻ کي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏيڻ لاءِ خواب مان جاڳي پئي آهي: جيڪڏهن تون به مون وانگر غلام ٿي گذارڻ چاهين ته آءٌ اڃا به تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر مون تنهنجي اکين ۾ ڏٺو آهي ته ان غلاميءَ کان تون موت قبول ڪنديئن، ۽ مُرڪندي مري ويندئين! پلي ته شهنشاهه عالم تي اهو ثابت ٿئي ته سنڌ جي نوريءَ لاءِ غلاميءَ بدران موت وڌيڪ شانائتو

آهي..... اڇي، منهنجي پيڻ، هي زهر جو پيالو: آءٌ منهن هن پاسي تي ڦيرايان ٿي جئن منهنجي جذبي ۾ تنهنجو معصوم منهن ڏسي، ڪو ڪُهنو رحم نہ جاڳي پوي.....! “ هوءَ الائجي فارسيءَ ۾ ڇا ڇا چوندي ويئي. سندس اکين مان لڙڪ نيسارا ڪري پئي وهيا. زهر جو پيالو هن جي هٿن ۾ پئي لرزيو. هن جو سڄو بدن پئي ڪنبيو.

نوريءَ هن ڏانهن نهارڻ کان سواءِ پيالو هن کان ورتو، ۽ ڳٽ ڳٽ ڪري پي ويئي. سندس اکين ۾ مُرڪ موٽي آئي.

” آءٌ تنهنجا ٿورا تہ قيامت ۾ بہ لاهي ڪين سگهنديس..... پر مونکي پڪ آهي تہ اسين ٻئي جهان ۾ بہ گڏجي هن مانداڻ جي خلاف مُرڪنديون، مَرڪنديون سون! “

نوري وڏي اڇي پلنگ تي ويهي رهي. زهر سندس نڙيءَ کان هيٺ لهندي ئي، هن جي نَس نَس ۾ ڦهلجندو ويو. سندس اکين ۾ نوان پاڇولا لهي آيا. هن ائين ڀانيو ڄڻ تہ هيءَ سندس محسن ڀيڻ هن کان پري هٽندي ٿي ويئي. هن پنهنجي هٿن کي اڳتي وڌائيندي چيو:

” منهنجي مٺي ڀيڻ، اچ منهنجو هٿ جهلي ويهہ تہ آءٌ تنهنجي احسانن جي هنج ۾ پنهنجا پساهہ پورا ڪريان! مون کي تو مان پنهنجي امڙ جي سڳنڌ ٿي اچي..... پڌ، ورِيام مون لاءِ ضرور ايندو: ڪيس چئج تہ سنڌ کي سندس ضرورت آهي: موٽي وڃي ۽ سنڌ تان صدقو ٿئي: ائين نہ ٿئي تہ آءٌ ٻئي جهان ۾ لانئين ٿيان! “

نوري جي اکين ۾ وريام لهي آيو، ۽ هن پنهنجون اکيون ان تصور کي محفوظ ڪرڻ لاءِ بند ڪري ڇڏيون، ۽ گهڙيءَ کان پوءِ هن هڪ اونهو ساهہ کنيو، ۽ سندس پساهن جي ڏور ٽٽي پئي. هن جا هٿ ڪنيز جي هٿن ۾ ڍرڪي پيا. هن جي منهن تي اجان تائين اهڙي مُرڪ هئي، جنهن کي محسوس ڪرڻ لاءِ هن سندس چپن تي هٿ ڦيرائي، ڪٽي پنهنجي اکين تي رکيو.

اوچتو تڪڙن تڪڙن قدمن جو آواز پڌي، هوءَ اُٿي ادب سان، ڪنڌ نمائي بيهي رهي. پہ حبشي خواجہ سراءِ اندر اچي، اگهاڙين ترارن سان، دروازي تي بيهي رهيا!

شهنشاهہ جهانگير، سموري مغل شان سان، جڏهن اندر آيو تہ ڪنيز جي دل ۾ ڊپ اچي واسو ڪيو، ۽ هوءَ ڏڪندڙ جسم سان، هن جي قدمن ۾ وڃائجي ويئي. جهانگير هن ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو، ۽ وڏي اڇي پلنگ وٽ بيهي رهيو.

” سبحان الله، سچي ساراهہ ان رب لاءِ جنهن ههڙو حسن خلقيو آهي..... پر ڇا آءٌ ايڏي وڏي انعام جو لائق آهيان.....! “ جهانگير پڙڪندي چيو.

هن هٿ جي اشاري سان، خواجہ سرائن کي ٻاهر وڃڻ جو حڪم ڏنو. جئن ئي هو ٻاهر ويا، هن هٿ وڌائي، نوريءَ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ کنيو، ۽ پوءِ موت جي ٿڌاڻ محسوس ڪري، هن کان هڪ ڊگهو ڇرڪ نِڪري ويو، ۽ هن هٿ ڇڏي ڏنو. هن جي وات مان اهڙو ڇڇريل آواز نڪتو، جيڪو ڪنهن هوڏي ٻار جي هٿ مان رانديڪو ڪسجڻ تي نڪرندو آهي.

” ڪنيز، هي ڪهڙو مذاق آهي اسان سان..... قسم آهي اسان کي پنهنجي بزرگن جي شان جو، اسين پنهنجي هٿن سان، هن لاءِ جوابدار شخصن کي راهہ عدم موڪليندا سون.....! “

” قبلہء عالم، هيءَ ناچيز ٻانهي ئي ان لاءِ جوابدار آهي.....! “ هن گهگهي آواز ۾ چيو.

جهانگير ڪاوڙ ۽ غضب ۾ پلنگ وٽان موٽ کاڌي، ۽ ٻئي هٿ ڪنيز جي ڳچيءَ ۾ وجهي، رڙ ڪندي چيو: ” آخر توکي اها همت ڪيئن ٿي؟ توکي اسان کان ڊپ بہ نہ ٿيو؟ “

” حضور، هن ٿي چيو تہ هن جي وطن کي مغلن غلام بڻايو آهي، پر هن جي روح کي شهنشاهہ جهانگير بہ غلام بڻائي نہ سگهي! هن مونکي انهيءَ رشتي جو واسطو وڌو، جيڪو فقط غلام قومن جي

انسانن ۾ هڪٻئي جي مان مريادا ۽ اَنا جو رشتو هوندو آهي، ۽ ان واسطي جي تقاضا فقط هڪڙي هئي ته آءٌ هن کي موت جي ننڊ بخشي ڇڏيان! باقي رهيو اوهان جو غضب، سو مون جهڙين ڪان وڏيڪ پيو ڪير تو جاڻي! ”

جهانگير جي ڪَنن ۾ هن جو هڪڙو هڪڙو لفظ نِت نوان پڙاڏا پيدا ڪندو ويو. هن جا هٿ هن جي ڳچيءَ تان ڍرا ٿي ويا..... ۽ پوءِ هو وري وڃي اچي پلنگ جي ڪنڌ تي ويهي رهيو، ۽ نوريءَ جي منهن ۾ گهوريندو رهيو. پوءِ هو اُمالڪ اٿيو، ۽ چادر جو پلاند ڇِڪي، هن نوريءَ جي مُنهن تي وجهي ڇڏيو، ۽ تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري ويو!*

(26)

اونداهي تهخاني جي هيبت گهڙيءَ لاءِ ڏاترڏني جا حواس خطا ڪري ڇڏيا.

” يَرَ اسان سان ڏاڍي ٿي، اسان کي تہ ٻاهرئين دروازي جي اندر توڙي ٻاهر ڪو مغل نظر ڪونہ آيو، پوءِ هي دروازو ڪيئن بند ٿيو؟ “ ڏاترڏني ڄڻ پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

” پانيان ٿو تہ اسان جو پير ڪنهن اهڙي ڏاڪي تي پيو، جنهن تي زور اچڻ سان دروازو خود بخود بند ٿي ويو هوندو، ۽ پهريدارن کي بہ اطلاع ملي ويو هوندو تہ ڪو اڻ ڄاڻ ماڻهو اندر داخل ٿيو آهي.... “ جکري ڪجھ سوچيندي چيو.

” پلا پوءِ؟ “ دوسوءَ بہ ڄڻ پاڻ کان سوال پڇيو.

” پوءِ وري ڇا؟ ضرور هنن ئي ڏاڪن ۾ يا پٽ ۾ ڪا ڪَل هوندي، جنهن سان ڪو گهَٽ يا لنگھ کلندو هوندو..... منهنجي خيال ۾ ٿوريءَ دير ۾ مغلن مان ڪو خبرچار وٺڻ ضرور ڪٿان ايندو، پوءِ ماشا مولا! تيسين ويهي ٿا ٽَڪ پچون. باقي جيڪڏهن اسان هٿوراڙيون ڏيڻ شروع ڪيون تہ پوءِ مرڳو ڪٿي، زمين ئي پيرن هيٺان نڪري وڃي، ۽ اسين ڪنهن ٻئي اوڙاهہ ۾ وڃي ڪِرون! “ جيوڻ صلاح ڏني.

چارئي ڄڻا، ٿوري ٿوري پنڌ تي، مختلف ڏاڪن تي، سنپالي ويهي رهيا. جيوڻ جتي ويٺو، اتي پِٽ جي پويان هن جي ڪنن ڪو آواز جهڙي ورتو. هن چمڙي جي هڪڙي وَڏي، بجڪي مان ڪڍي، هٿيڪي ڪئي، ۽ ڪنهن اڄاتي حملي لاءِ تيار ٿي ويٺو. سندس پرسان، ٻہ ڏاڪا هيٺ دوسوءَ کي بہ هن ڄاڻ ڪري ڇڏيو.

گهڙي نہ گذري تہ اوچتو جيوڻ جي پاسي واريءَ پِٽ مان هڪ وڏو پٿر هٽي ويو، ۽ ٻہ مغل، اگهاڙيون ترارون کنيو، اندر ڏاڪڻ ڏانهن ڏوڪيندا آيا. جيوڻ بہ هنن لاءِ اڳئي تيار هو. هڪڙي مغل جئن ئي پٽ ڏني، چمڙي جي وَڏي، هن جي ڳچيءَ ۾ ڦاهي وانگر ويڙهجي ويئي، ۽ هڪڙي جهٽڪي سان، هن جو مٿڪو ڀڃي پيو. هن رڙ ڪري، پنهنجا هٿ ڳچيءَ تائين آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جا هٿ هوا ۾ هٿوراڙيون ڏيندا رهجي ويا. ترار هن جي هٿ مان نڪري، ڏاڪن تان ڪَڙ ڪَڙ ڪندي، هڪ ڏاڪي تي خاموش ٿي ويئي.

ٻيو مغل جيسين پاڻ سنڀالي تنهن کان اڳ دوسو مٿس اوچتو اچي ڪڙڪيو، ۽ هن جي نِڙگهٽ کي گدري جي ڦار وانگر ڪپي ويو. هن ايڏي دانهن ڪئي جو ان جي پڙاڏي سان سڄو تهخانو لرزي ويو.

” يَرَ تون سچو هئين..... اچو تہ هلون! “ ڏاترڏني هڪل ڪئي. لنگھ ٽپي، اندر ٿيا. سامهون ئي سامهون دِڪي تي ٻہ مغل سپاهي آهليا پيا هئا. جکرو کِنوڻ جيان مٿن ڪڙڪيو، ۽ هنن کي اها سمجهڻ جي مهلت

ڪانهُ ڏنائين تہ هيءَ آفت ڪٿان نازل ٿي. جڪري پنهنجو خنجر هنن جي ئي ڪپڙن تي صاف ڪندي وري ڪمربند ۾ هٽي ڇڏيو.

هنن هڪڙي تهخاني کان ٻئي تهخاني تائين جيڪي ڏٺو، تن سندن پيٽ ۾ ولوڙا وجهي ڇڏيا. ظلم ڏسي هو جوان ٿيا هئا. ترخانن ۽ مغلن سندين سان جيڪي ظلم ڪيا هئا، سي هنن اکئين ڏٺا هئا، پر هِنن، عقوبت خانن ۾ جيڪي ڏٺو، تنهن هنن جو انسانذات مان ايمان لوڏي ڇڏيو. هت هنن اهڙو لقاءُ ڏٺو، جيڪو خواب ۾ بہ ڏيکاري ڇڏي. هتي هنن اهڙا جوان ڏٺا، جن جي بدن تان تازي کَل لاٿي ويئي هئي، ۽ سندن رتايل جسمن مان رت بدران ڪا پيلي پاٽيٽ ٽِمي رهي هئي. هنن جهور پيرسن ڏٺا، جن جا نڪ ۽ چپ ايئن ڪپيل هئا، جو هنن جي چاڙين ۽ ڏندن پويان سندن اندريان نڙگهٽ پئي نظر آيا. هنن ڪيترن انسانن کي اهڙيءَ حالت ۾ ڏٺو، جنهن ۾ ايئن ٿي پيانيو ڄڻ سُوئي سان سندن جسمن ۾ پور- وچوٽيءَ تي ڪنهن ويهي سوراخ ڪيا هئا. ڪن کي اکين بدران رڳو وڏا وڏا چُڳهَہ هئا. ڪي ابتا ٽنگيل هئا تہ ڪن جي ٽَنگن کي ٻن زنجيرن ۾ جڪي، چيرڻ لاءِ اُهي زنجيرون چرخين تي چڙهيل هيون. ڪن کي ايترو تہ ماريو هئائون، جو هو سڄاٽپ کان ٻاهر هئا ۽ سندن بدن سُڄي اُپامي پيا هئا. انسانن جي ڪنجهڻ، ڪرڪڻ يا دانهڻ بدران هنن اهڙا آواز پنهنجي ڪنن ۾ تتل شيهي وانگر اوتجندا محسوس ڪيا ڄڻ تہ ننڍڙين ڇيلين کي واري واري سان ڪنهن سِير پئي وڏي!

ڏاترڏني کان پاڻ سنڀالڻ مشڪل ٿي پيو، ۽ هو پيٽ کي جهلي، اُتي ئي آت ڏيئي اُلٽيون ڪرڻ ويهي رهيو.

” ڏاترنا، مڙس ماڻهو ٿي، اڄ تہ وريام جي ڪا سار لهون! “ جڪري ڪيس ڪلهي ۾ ٻانهن ڏيندي چيو.

” يَرَ هي مغل تہ ڪِجهن کان بہ ليڪو ليڪو لنگهي ويا. هنن تہ مرزا باقيءَ جهڙن ڳورپٽن کي بہ مات ڏيئي ڇڏي آهي.... آخر الله سائينءَ هن ظلم کي ايڏي دير ڪيئن ڏني آهي؟ ! “ دوسوءَ ٿڌو ساهہ کڻندي چيو.

انهيءَ نظاري هنن کي بہ ڄڻ ڇِتو ڪري وڌو: ڪنهن مغل سپاهيءَ تي نظر پوندي ئي، هو چارئي چٽا مڇريل درندن وانگر مٿن اچي ٽي ڪڙڪيا. هنن تي بہ ڄڻ ڪو انڌُ طاري ٿِي ٿَي ويو. ايئن تهخانا ٽپندا، هو وريام تائي پهتا. ڪا گهڙي چارئي چٽا پنهنجي هن يار کي ڏسندا رهيا. سنگهرن ۽ مهريءَ جي ڪاٺ ۾ جڪڙيل هن يار کي ڏسي، هنن جي دل چيو تہ اتي ئي ويهي دل کولي پار ڪيدي، اوڇنگارون ڏيئي روئن، ۽ تيسين بس نہ ڪن، جيسين وريام پاڻ کين ماٺ نہ ڪرائي.

ڏاترڏني ۽ جڪري جڏهن وريام جون سنگهرون ۽ نيئر کولڻ شروع ڪيا، تڏهن وريام جهيڻي آواز ۾ چيو: ” ڏاترڏنا، منهنجي سنڌ جو ڪهڙو حال آهي؟ “

هنن جي دل ۾ چَڪُ پئجي ويو. وريام کي هن مهل بہ جيڪڏهن ڪجهہ ياد هو تہ رڳو **سنڌ** هئي.

” ۽ اوهان مان ڪنهن سلام چو ڪونہ ورايو؟ “ وريام ڏوراپو ڏيندي چيو.

” جيئي سنڌ، منهنجا مٺا، سدا جيئي سنڌ! “ ڏاترڏني ڪيس ڀاڪر ۾ پريندي، هڪ ڍگهو سڏڪو پريندي چيو.

” دوسو، هي ڏاتر ڏني کي چا ڪيو اٿو، جو رَنن وانگر پيو سڏڪا ڀري؟ “ هن ڏاترڏني کي چيڙڻ خاطر چيو.

۽ پوءِ جڏهن هنن مان هر هڪ وريام کي وَرَ وَرَ ڪري ڀاڪر وڌا ۽ ڳراٽڙيون پاتيون تہ سندن ڳچ ڳري پيا. وريام بہ ٻنهہ ٻارن وانگر ڊيڪي پيو.

يَرَ مون تہ ايئن سمجهيو هو تہ هاڻ سنڌ جي مٽي بہ نصيب ڪانہ ٿينديم، شاباس اٿو، جو....! “ وريام وڏيڪ ڪجهہ چوڻ ٿي چيو.

” بس بس، هاڻ گهڻو ٿي ٿيو. اسان جو ساهہ اڳي ئي پيو منجهي، وري اهي ڳالهيون ڪري، اسان کي هيڻو نہ ڪر! “ جيوڻ ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو.

هو هلڻ لاءِ تيار ٿيا تہ وريامہ کين روڪي ڇڏيو. ” هنن مان گهڻن لاءِ اسين گهڻو ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهنداسون. پر جيڪي اجان سچي لڳين آهن، انهن جا بند خلاص ڪريون تہ من هنن مظلومن جي مهابي، اسان جي سنڌ جا بند کلي پون....! “ وريامہ آهہ ڀريندي چيو.

” ڏٺي مڙئي چڱي ڪندو. هيل سنڌ ۾ جيڪا ويڙهاند پئي هلي، تنهن جو مثال پنهنجي تاريخ ۾ ڪونهي. سانوڻ سچيءَ سنڌ کي جنگ جو ميدان بڻائي ڇڏيو آهي، ۽ مغلن سان اها ڪار ڪئي اٿس، جو اڄ ڪي سيان مغل لاهور موٽڻ لاءِ منٿون ڪندس! “ جکري اتساهہ مان چيو.

وريامہ اڳتي هلڻ بدران، اُتي ئي ويهي رهيو. هن پنهنجي يارن جي اکين ۾ گهوري نهاريو. چڻ انهن ۾ ڪيس ڪنهن شئي جي ڳولا هئي.

” يَرَ حيف اَٿوَ: سانوڻ پيو سنڌ لاءِ وڙهي، ۽ اوهين مون کي بچائڻ لاءِ پنڌ پيا آهيو! اوهان کي سنڌ کان بہ آءٌ وڌيڪ مِٺو آهيان: سنڌ جي آزاديءَ کان بہ منهنجي آزاديءَ کي مٿاهون سمجهيوَ..... ڏاترڏنا، جکرا، دوسو، ۽ جيوڻ! تون بہ ! اهڙي ياري، اهڙيءَ سنگت کي ٻَن ڏيو ها. آءٌ ڪهڙو مٿان ٿي لٿو هوس: اجا حافظ بلال لاءِ اچو ها تہ بہ ڪا ڳالهہ هئي! “

هنن جا ڪنڌ هيٺ هئا. هو چون بہ تہ ڇا چون! ڏاترڏني کي تہ اڳي ئي پرون پيل هئا تہ وريامہ جو اهو وڻ ڪيس وڏي ويندو. ” وريامہ، سنڌ کي تنهنجي وڌيڪ گهرج آهي. سانوڻ، ڪو هڪڙو ماڻهو ڪونهي، تيئن وريامہ بہ ڪو هڪڙو ماڻهو ڪونهي. اوهين سنڌ جا اهڃاڻ آهيو....! “ ڏاترڏني پنهنجي بچاءَ جي ڪوشش ڪندي چيو.

” واهہ واهہ، ڏاڍي عقل جي ڳالهہ ڪئي اٿئي، ڏاترنا! آءٌ بہ اهو ئي چوان. “ جکري سُر وٺائيندي چيو.

” دل ۾ نہ ڪجو، پر اوهان ايهرا ٿيو، رڳو ياري نڀائڻ آيا آهيو. ذاتي طرح آءٌ هن ياريءَ تي جيترو بہ ناز ڪريان، سو ٿورو آهي. پر جتي سنڌ جو سوال هجي، اتي ياريون دوستيون نڀائڻ اجائي ڳالهہ آهي. سنڌ کي رڳو سانوڻ يا وريامہ جي ضرورت ڪانهي، هر هڪ سنڌيءَ جي ضرورت آهي، جيڪو سندس آزاديءَ لاءِ سِر گهورڻ لاءِ تيار هجي....! “

” بروبر، سچو آهين. اسان برابر ٻُليل آهيون..... اسان کي بخش ڪجانءِ! “ ڏاتر ڏني ڪنڌ هيٺ ڪندي پٽڪو ڪڍيو.

وريامہ وڏي ڪٽي ڪيس ڀاڪر پاتو. ” ڏاترنا، رڳو اها دعا ڪر تہ اسين سگهو سنڌ پهچون، مٿان دير ٿي وڃي، ۽ هٿ مهٽيندا رهجي وڃون! “

هو ٽڪرا ٽڪرا اتان نڪتا، ۽ مختلف تهخانن ۾ اسيرن جا نيئر کوليندا، کين آٿت ڏيندا، سندن دل وڌائيندا، کين مُک دروازي جو ڏس ڏيندا ويا. ڏاتر ڏني وريامہ کي ٻڌايو تہ جانو شاهي دروازي تي وهٽن جو انتظام ڪرڻ لاءِ پويان آهي.

” چڱو، توهين هلو ٻاهر، پر پنهنجي سنڀال ڪجو. ڏينهن چڙهي آيو آهي. مغلن ۾ ڇوٻول شروع ٿي ويو هوندو تہ هي هيترا سارا اسير ڪيئن آزاد ٿي نڪتا، ۽ سندن پهريدارن ۽ سپاهين کي ڇا ٿيو. هرويرو جهيڙو نہ ڪجو. باقي جي سِر تي اچي تہ پوءِ جهڙي مَهل ڏسو تيئن ڪجو! “ وريامہ ڏاترڏني جي ڪمربند مان خنجر ڪڍندي، پنهنجي ڪمربند ۾ هٽندي چيو.

” ۽ تون؟ ڪيڏانهن سنبت آهي؟ “ ڏاترڏني ڪي وريام جي دل ۾ مثل طوفان جي چاڙ هئي، پر تڏهن به پڇڻ کان رهي نہ سگهيو.

” تون ڳڻتي نہ ڪر! وري مغلن جي وَر ڪونہ چڙهندس. مون کي ڪو نياپو ڏيٹو آهي. آءٌ ٽپهريءَ تائين نہ پهتس تہ اوهين روانا ٿي وڃجو! “ وريام پنهنجي يارن کان نظرون بچائيندي چيو، ۽ تڪڙو تڪڙو هڪڙي پاسي نڪري ويو.*

(27)

مغلن جو شان، شوڪت ۽ ٻاهريون ڏيکاءُ اهڙو هو، جو عام ماڻهوءَ ڪي ٻيو ڪجهه سوچڻ جو موقعو ئي ڪونه ملندو هو. هڪڙي پاسي باغ باغيچا، چوڏول ۽ چؤبرجيون، ٻارنهن دريون ۽ محراب ته ٻئي طرفان مسجدون ۽ مسافرخانا، کوهه ۽ لنگرخانا. ماڻهن ۾ اهو مشهور هو ته هاڻ ته اسلامي دؤر دوران آهي. شريعت جا صاحب قاضي مقرر ٿيل هئا، ۽ غريبن ڪي انصاف پلئه وجهڻ جا سمورا انتظام موجود هئا. خود شهنشاهه پنهنجي شاهي محل جي در تي انصاف جو وڏو گهِنڊ ٽنگائي ڇڏيو هو، ۽ ڏينهن رات انصاف جا طلبگار اهو گهِنڊ وڄائي، شهنشاهه کان ذاتي طرح، روبرو انصاف حاصل ڪري ٿي سگهيا. ملڪ ۾ علم وارن جي به ڏاڍي عزت هئي، ۽ ڪين انعام اڪرامن سان نوازيو ويندو هو. هڪڙي شاعر مغل حڪومت جي اسلام جي خدمت بابت نئون شاهنامو لکيو ته ڪيس خلعت پارائي وئي، ۽ شهنشاهه پنهنجي هٿن سان، فردوسيءَ وانگر، ڪيس اشرفين جي خزين پرائي ڏني. شينهن ٻڪري هڪڙي ئي گهاٽ تي پاڻي پي رهيا هئا. مجال آهي ڪنهن امير يا نواب جي ته پنهنجي رعيت سان ڪا زيادتي ڪري. البت فقط هڪڙي ڳالهه رعيت تي به لازم هئي ته هو مغل حڪومت يا مغل اميرن جي مڪمل اطاعت ڪن، ساڻن سينو نه ساهين. روز وڏن شهرن ۾ پڙهو گهمايو ويندو هو ته اسلامي حڪومت جون سرحدون وسيع کان وسيع تر ٿينديون وڃن، ۽ اسلامي حڪومت جي باغين ڪي بهادر مغل فوج چيپاٽي ڇڏيو آهي.

ساقي خانن، طوائف گهرن ۽ غلامن جي نيلام گهرن جو چار جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ڦهلجندو ويو. مغل شهزادن، اميرن ۽ اميرزادين جون بگيون ۽ رَٿ شهرن ۾، " هٽو پري، هٽو پري، شاهي سواري ٿي لنگهي." جي اعلانن سان، ايئن ٿي ڊوڙيا ڄڻ ته ڪنهن گوءِ ۾ شامل هئا. ڪئين ماڻهو انهن جي ڦيٽن هيٺان چچرجي مرندا هئا. هنن ڪي ڪا جهَل پَل ڪانه هئي. ڪنهن وٽ ڪا چڱي وَٽُ ڏٺائون، ڪا سهڻي نينگر نظر آين، ته ٻئي ڏينهن اها سندن حرمسرائن جي زينت بڻجي ويندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن شڪايت طور ڀڙڪ ٻاهر ٿي ڪڍي ته راتو رات هنن جو جڻ ٻچو رُلي ويندو هو. مِٽي به ماٽ ته مُٽي به ماٽ، هڪ عام دستور هو. ماڻهو زندهه رهڻ لاءِ چاپلوسي، خوشامد، فريب، رياڪاري، ڦند ڦير سِکي پيا هئا. قاضين، مولوين، مفتين، درٻارين، محافظن ڪي وَڍيون ڏيڻ عام رواج هو. سوداگرن سان حصا پتيون ڪرڻ سان امير امراءَ شاهي درٻار ۾ ڪين خلعتون ۽ رعايتون وٺي ڏيندا هئا. جاگيرداريون ايئن وڪامنديون هيون، جيئن عام وَکر وڪامندو هو، رڳو ان جي منڊي شاهي محل ۽ حرمسرائن جي اندر سجيل هوندي هئي. نولکا هار، هيرا جواهر، اطلس ۽ ڪيمخواب جي عيوض ڪنهن جي پَڳ لهندي هئي، يا پَڳ ٻڌبي هئي. راڻين، شهزادين ۽ اميرزادين جي عشقن جا داستان ٻڌي سوداگرن، وڻج واپارين ۽ پوءِ- ڍاون جون نينگريون به ليليٰ بڻجي مجنون ڳوليندي ون وتنديون هيون.

۽ عام انسان اهو سڀ ڪجهه ڏسي، نئين سچ نيون عقوبتون سهڻ جي تياري ڪندا هئا. جهانگير جي تخت نشينيءَ کان پوءِ مغل ديدبي جو هڪ نئون نظارو ماڻهن کي ڏسڻ ۾ آيو: سو هو ديوان عام ۾ شهنشاهه جي کُلي ڪچهري! اُتي گهنڊ وڄائڻ وارن عام فريادين کي انصاف پلئه پوندو هو، باغين کي سزائون ملنديون هيون، نت نين فتحن ۽ ڪاميابين تي مبارڪن ڏيڻ وارن کي خلعتون پارايون وينديون هيون ۽ شهزادن جي سالگرهن تي قبول پوندڙ تحفن ۽ سوکڙين جا اعلان ٿيندا هئا. ماڻهو انهي رونشي ڏِسڻ لاءِ هزارن جي تعداد ۾ اچي ميڙاڪا ڪندا هئا!

اڄ به ديوان عام ۾ کُلي ڪچهريءَ جو ڏينهن هو. صبح کان وٺي هشام ماڻهن جا شاهي قلعي جي ديوان عام ۾ اچي ڳاهٽ ٿيڻ لڳا هئا. ماڻهن ۾ چوپول هو ته اڄ ڪجهه سنڌي باغين کي دربار ۾ پيش ڪيو ويندو، ۽ ڪن ترخان اميرن کي حڪم عدولي ڪرڻ تي پڻ سزائون ڏنيون وينديون. امير اُمراءِ راڻيون، بيگمون، اميرزاديون ۽ شهزادا، وقت کان اڳي پهچي رهيا هئا، ۽ پنهنجي پنهنجي خاص مسندن تي براجمان ٿي رهيا هئا. بالآخر شهنشاهه هند، ظل الاهيءَ جي سواري به اچي پهتي. ظل الاهيءَ سان گڏ ملڪهءِ عالم نورجهان بيگم به پنهنجي ڪنيزن جي گهيري ۾ طائوسي تخت تي اچي ويٺي. هنن جي پويان چَٽُ جهلينديڙن سان گڏ خواجه سرائن جو هڪ جٿو اگهاڙين ترارين سان موجود هو.

شهنشاهه جي اشاري تي، دربار جي مهتم، اعتماد الدوله، اڄ جو فرمان پڙهي ٻڌايو.

” ظل الاهيءَ جي پاڇي ۾ رهندڙ سمورين قومن تي سلامن کان پوءِ، اڄ جي کُلي ڪچهريءَ ۾ سنڌ جو مسئلو ظل الاهيءَ جي سماعت ۽ باغين لاءِ سزا جو منتظر آهي. سنڌ جي صوبيدار رستم بيگ مرزا جو مراسلو پڙهڻ جي اجازت جو طلبگار آهيان! “

ماڻهن ۾ اوچتو ماٺ ٿي ويئي. ماڻهن تائين اهي افواهه پهچي چڪا هئا ته سنڌ ۾ مغلن جا ڏينهن اچي پورا ٿيا هئا، ۽ اهو ڏينهن پري ڪونهي، جڏهن مغلن کي هزيمت ۽ شڪست کائي، سنڌ ڇڏڻي پوندي. ماڻهو اسلامي حڪومت جي انهن باغين بابت خود شهنشاهه جي واتان فرمان ٻڌڻ لاءِ آتا هئا. شهنشاهه هٿ جي اشاري سان اجازت ڏني، ۽ اعتماد الدوله پڙهڻ شروع ڪيو:

” ظل الاهيءَ تي واضح هجي ته جڏهن کان اعلىٰ حضرت شهنشاهه هند جلال الدين اڪبر جنت مڪانيءَ جي زور بازوءَ سان سنڌ کي مغل سلطنتِ اسلاميه ۾ شامل ڪيو ويو آهي تڏهن کان سنڌ جي سرڪش باغين ڪيترا ڀيرا شورشون ڪري، سنڌ جي رعيت کي مملڪت تيموريه جي فيضان کان محروم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ هر ڀيري سندن سرزنش ڪري ڪين ته تيغ ڪيو ويو آهي. پر هن ڀيري ڪن نام نهاد عالمن جي چُرچ تي باغين وري شورش ڪئي آهي جنهن کي ظل الاهيءَ جي فرمانن موجب مڪمل طرح ختم ڪرڻ لاءِ اسلامي لشڪر جي جانبازن مڪمل انتظام ڪيا آهن. پر بدبخت سنڌي ڪافي سخت جان ثابت ٿيا آهن، ۽ اهو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو ته جيڪڏهن تُرت ظل الاهيءَ جي ڪمڪ نه پهتي ته سنڌين جو فتنو خراب صورتحال اختيار ڪري سگهي ٿو.... “

سموري ميڙ تي ماٺ ڇانئجي ويئي. رعبدار لقبن القابن ۽ فارسي زبان جي مبالغي کان ماڻهو واقف هئا، ۽ هنن کي پهريون ڀيرو اهو احساس ٿيو ته سنڌ مغلن جي هٿن مان نڪرڻ واري هئي. جن اميرن ۽ سوداگرن جا سنڌ ۾ خاص مفاد هئا، تن جي مُنهن جو رنگ پيلو ٿيندو ٿي ويو، ۽ هو پاڻ ۾ سُس پُس ڪرڻ لڳا.

۽ پوءِ اعتماد الدوله آخري حصو پڙهندي چيو: ” اسين خاص طرح سان باغين جو هڪڙو سرڪردو اڳواڻ، حافظ بلال، جيڪو پاڻ کي عالم دين به سڏائي ٿو، خدمت اقدس ۾ موڪلي رهيا آهيون (جن لاءِ شاهي فرمان موجود آهي ته متس ظل الاهيءَ جي اجازت کان سواءِ هٿ نه کنيو وڃي)، ته ظل الاهيءَ جن پاڻ سندن سزا تجويز ڪن. ان کان سواءِ هي به گوش گذار ڪريون ٿا ته ظل الاهيءَ جا معتمد ۽ تابعدار ڪجهه

ترخان امير پڻ سلطنت تيموريہ لاءِ پڻ مشڪلاتون پيدا ڪرڻ لڳا آهن، ۽ هنن خسرو خان چرڪس جي سربراهيءَ ۾ ميرزا عبدالعليءَ جي ناليءِ ۾ شورش ڪرڻ جي جرئت ڪئي، تن ڪي پڻ سزا جي استحقاق لاءِ خدمت اقدس ۾ موڪليو ٿو وڃي! “

مراسلو ختم ٿيو تہ شهنشاهہ تخت تان اُٿي بيهي رهيو. سمورن درٻارين جو ساهہ مٺ ۾ اچي ويو. خاص طرح سان ترخان اميرن جو منهن لهي ويو.

” خسرو خان چرڪس، مرزا عبدالعلي ۽ سندس سمورن ساٿين کي هڪدم شاهي قلعي جي عقوبت خاني تائين پهچايو وڃي، ۽ کين اهڙي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي، جو وري ڪنهن کي احسان فراموشيءَ جي جرئت نہ ٿئي! “

جهانگير جو آواز چهبڪ جيان گونجيو. درٻارين ۾ سرگوشيون شروع ٿي ويون. اوچتو ملڪہ نورجهان بيگم اُٿي بيهي رهي، ۽ شهنشاهہ کي ٻانهن کان وٺي ، ڪيس وري آٽي تخت تي وهاريائين، ۽ ڪيس ڪَن ۾ ڪجهہ چيائين.

جهانگير هٿ مٿي ڪٽي وري چيو: ” ملڪہ جي سفارش تي اسين مرزا عبدالعليءَ جي ننديءَ عمر جي ڪري ڪيس معاف ڪريون ٿا. پر خسرو خان چرڪس جي سزا تي هڪدم عمل ٿئي! “

ڪجهہ سپاهي ڪتهڙي ۾ ٻيٺل خسرو خان چرڪس کي گهليندا درٻار کان ٻاهر وٺي ويا. اعتماد الدولہ هڪ چوبدار کي اشارو ڪيو. چار سپاهي ديوان عام جي ساڄي پاسي واري دروازي کان هڪ قيديءَ کي وٺي آيا.

شهنشاهہ قيديءَ کي ڏٺو تہ وري اُٿي بيهي رهيو، ۽ هن جي وات مان نڪتو: ”بلال تون؟ “

حافظ بلال ڪجھ وقت شهنشاهہ سان اکيون ملائي بيٺو رهيو. ملڪہ نورجهان بہ حيرت مان هن شخص کي ڏسندي رهي، ۽ هن جي منهن تي ڪجهہ ڏسي، سندس هٿ تخت جي مٿين ۾ ڦٻي ويا. ان وقت هڪڙي چوبدار زور سان چيو: ” بدبخت، جي سِر جو خير گهرين تہ هڪدم سجده ريز ٿي وڃ! “

حافظ بلال تي انهن لفظن جو عجيب اثر ٿيو. هن جي چپن تي هلڪي مُرڪ ڦهلجي ويئي، ۽ هن وڏي آواز سان چيو: ” جيڪڏهن ظل الاهيءَ جو حڪم هجي تہ هيءُ ٻندو الله کان سواءِ ڪيس بہ سجدو ڪرڻ لاءِ تيار آهي! “ هن جي فارسيءَ ۾ اهڙي طنز هئي، جو خود مغل سردار ۽ ايراني درٻاري حيران ٿي ويا.

” تون درٻار ۾ گستاخي ڪري رهيو آهين، بلال! اسان کي قسم آهي ستن آسمانن جو تہ جيڪڏهن اسان کي تنهجي پراڻي رفاقت جو خيال نہ هجي ها ۽ استاد محترم جو لحاظ نہ هجي ها تہ اسين هينئر جو هينئر پنهنجي هٿن سان تنهجي سِسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيون ها! تو اسلامي حڪومت کان سندين کي بغاوت تي اُڀاريو آهي، ۽ خدا جي خلق جي خون وهائڻ جو ذميدار آهين. اسين توکي ڪا سزا ڏيون، ان بدران تون پنهنجي پاڻ لاءِ سزا مقرر ڪر. اها رعايت اسين توکي ان لاءِ ٿا ڏيون، جو اسين تنهجا دوست رهيا آهيون، هم-سبق رهيا آهيون، ۽ تون اسان جي استاد محترم جو فرزند آهين، جيتوڻيڪ تو هن جي فرزنديءَ جي توهين ڪئي آهي! “

شهنشاهہ ڪاوڙ کان سهڪڻ لڳو هو: پنهنجي تلوار جي مُنئي تان هٿ هٽائيندي، وري وڃي تخت تي ويٺو.

” اي جلال الدين اڪبر جا پُٽ، آءٌ پنهنجي هر بيان، هر ڪلام کي بسم الله الرحمان الرحيم سان شروع ڪرڻ جو عادي آهيان. پر اڄ دل تي چوي تہ ههڙي درٻار ۾ الله جو نالو نہ ڪٺان، ڇوتہ هو ٻنهي جهانن جو پالڻهار ۽ رب العالمين آهي، پر هي جهان جتي مغل حڪمران هجن يقيناً هن جي نالي تي تهمت ٿيندي! “

حافظ بلال جي لفظن ۾ الائجي ڇا هو، جو دربار ۾ اهڙي ماٺ ڇانئجي ويئي جو ڪنهن ڪنگهڪار تي ڪئي ته به ماڻهن کي ڏکي ٿي لڳي، ۽ سيني هن ڏانهن شوڪي ٿي نهاريو. ماڻهن کي ائين ٿي محسوس ٿيو ته ڄڻ ته لفظ هنن جي ڪنن بدران هنن جي دلين تي نازل ٿي رهيا هئا، ۽ انهن لفظن ۾ پيو به ڪجهه هو، جيڪو هو سمجهڻ کان قاصر هئا. ڇا اهو ڪو ٽيٽيءَ جو ڏپ هو؟ ڪو نئون عرفان هو؟ نئون ادراڪ هو؟ ماڻهو فيصلو نه ڪري سگهيا.

” ان ڪري الله جي نالي بدران شروع ڪريان ٿو سنڌ جي نالي سان جيڪا ڏاڍي مهربان آهي، جنهن جي مِهر کان خدا تو جهڙن سمورن ماڻهن کي محروم رکڻ جي سزا ڏني آهي: جنهن جي ڌرتي ۽ جنهن جي مٽيءَ مان خود مٺي مُرسل کي جنت جهڙي ٺڏي هِير ڳهُلندي محسوس ٿي هئي. ڪا ته ڳالهه هئي جو الله جي محبوب کي به سنڌ مان سڳنڌ آئي هئي. ڪا ته ڳالهه هئي جو سمورن ظالمن کي ان مهربان سنڌ جي ٿڃ کان محروم رکيو آهي. ها، ظالم سندس رت ضرور پيئندا رهيا آهن، پر هنن کي سندس ٿڃ ۽ مقدس پاٽي نصيب ۾ نه آهي! افسوس آهي جهانگير تون هڪڙو شخص آهين جنهن لاءِ مون الله سائينءَ کان دعا گهري هئي ته توکي سندس شفقت ۽ مِهر نصيب ٿئي، پر اها تنهنجي تقدير نه هئي. بيشڪ الله پاڪ سمورن انسانن جي تقدير کان واقف آهي ۽ هو نعمتون ۽ برڪتون انهن کي نصيب ڪري ٿو جيڪي ان جا مستحق آهن. تو ان جي بدران ٻين وانگر هن جو رت پيتو آهي. خدا توکي معاف فرمائيندو! “

” ۽ اي جهانگير، تنهنجي هڪڙي ٻي به بدقسمتي آهي ته ظلم ۽ وحشي حڪومت کي تون اسلامي حڪومت سڏي، الله جي غضب کي دعوت ڏيندو رهيو آهين. ياد ڪر اهي ڏينهن جڏهن تنهنجو استاد محترم، ۽ منهنجو سنڌي پيءُ توکي اهو سبق ڏيندو هو ته اسلام ڇا آهي، سلامتي ڇا آهي، عدل ڇا آهي، احسان ڇا آهي! مون ٻڌو آهي ته تو انصاف لاءِ ڪو گهنڊ به ٻڌايو آهي ته جيئن فريادي تنهنجي ضمير کي بيدار ڪري توکان انصاف جا طلبگار ٿين! “

” پر واقعي الله سائين ڪن ماڻهن جي دلين تي مُهرون هڻي ڇڏيون آهن، سندن اکين تي پردا ۽ ڪَنن ۾ ٿاڙيون وجهي ڇڏيون آهن. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته سنڌ جو فرياد ضرور ٻڌن ها! ياد رک ته سنڌ جي فرياد عرش کي ڪنبائي ڇڏيو آهي: ستن آسمانن ۾ اهو فرياد ٻُري رهيو آهي. فرشتا به الامان ۽ الحفيظ چوندا وتن، انهيءَ فرياد کان ته متان الله جو قهر جوش ۾ اچي، هن سموريءَ ڪائنات کي ڀسم نه ڪري ڇڏي! پر نه ٻڌو ته تو نه ٻڌو! پوءِ آءٌ ڪيئن نه چوان ته تنهنجي دل تي الله جي طرفان مُهر لڳل آهي! “

لفظ ٽَتل شيهي وانگر سمورن ماڻهن جي روحن تي ڪرندا رهيا. گهڻن ماڻهن جي اکين مان نه چاهيندي به لُڙڪ لڙي پيا هئا. ڪن شهزادين جا سڏڪا به ٻڌڻ ۾ پئي آيا!

” رهي ڳالهه سزا جي! سو، مون ته پاڻ کي اڳي ئي سزا ڏيئي ڇڏي. توکي خبر ڪانهي ته سنڌي هجڻ ڪيڏي وڏي سزا آهي! اسين سنڌي چوندا آهيون ته اسين ميڻ مان ٺهيل آهيون، ۽ ميڻ بتيون ٻڌجي سموريءَ دنيا کي سوجهرو، پيار، عافيت، سچائي ۽

ماڻهپو پهچائيندا رهيا آهيون. پر ان جي سزا اها آهي ته اسين سڙندا وِگهرندا ٿا رهون. سو تون ڪهڙي سزا ڏيندين؟ ڇا مِڻ جيان وِگهرڻ کان وڏي ڪا سزا آهي؟"

" اسين سزا جا مستحق ته تڏهن کان آهيون، جڏهن کان اسان ۾ ماڻهپو آيو آهي. آءٌ منهنجو بابو مرحوم ۽ پيا به ڪيترا برابر وڏيڪ سزا جا مستحق آهن، جو اسان اهو سمجهيو ته قنڌاري بگهڙن، ارغونن ۽ ترخانن جي مقابلي ۾ مغل چڱا آهن ڇو جو هو شايد وڏيڪ تهذيب يافته آهن يا شايد ان ڪري جو جلال الدين اڪبر جي پيٽ ۾ سنڌوءَ جو پاڻي هو. ان جي سزا اسان کي ضرور ملڻ گهرجي ته اسان بگهڙن جي سوٽن ماساتن کي بگهڙ نه سمجهيو. اسان کي سزا ضرور ملڻ گهرجي ته اسان شاهه بيگ يا مرزا محمد باقيءَ کان جلال الدين اڪبر ۽ سليم جهانگير کي بهتر سمجهيو، جيتوڻيڪ ٻنهي ۾ ڪو فرق ڪونه هو. شاهه بيگ جي چولي ۾ جلال الدين اڪبر آيو ۽ مرزا باقيءَ جي چولي ۾ جهانگير ويٺو آهي! "

ماڻهن جو ساهه روڪجي ويو. اکر وِچ جيان ڪنوندا ويا، هنن جي روح کي لهسائيندا ويا. عجيب ڳالهه اها هئي ته ڪنهن کي به ڪاوڙ نه ٿي آئي. شرمساريءَ جو هڪڙو عجيب احساس هو جيڪو ڪنهن ڪوهيڙي جيان ماڻهن کي ويڙهيندو ويو.

" تون چوندين ته آءٌ انصاف ڪونه ٿو ڪريان! ممڪن آهي ته ائين هجي. شاهه بيگ سنڌي نياڻين جا ٿڻ ڪپايا، مرزا باقيءَ سنڌن ستڻن ۾ ٻليون وجهايون، ۽ جهانگير ٻئي ڪم ڪيا: هڪ ئي وقت سنڌن ٿڻ ڪپايا ۽ پوءِ چولن ۾ رت ڇَٽڻ لاءِ جهنگلي ٻِليون وجهايون! مرزا باقيءَ سنڌين کي هاٿين جي پيرن هيٺان چيٿاڙي ماريو: جهانگير سنڌين کي ٻن شهزور گهوڙن جي پُڇن ۾ ٻڌي چِيرائي ڇڏيو! ارغونن ۽ ترخانن سنڌين کا عُشر ۽ خُمس جي نالي ۾ ڦرلٽ ڪئي، ۽ هاڻ جهانگير سنڌين سان عدل جي نالي ۾ اڌو اڌ جو حصيدار آهي."

" ارغونن ۽ ترخانن سنڌين کي زوريءَ فارسي ٿي پڙهائي ته سنڌي به سندن اسلام جي خدمتن کي سمجهي سگهن. گهٽ ۾ گهٽ هنن سنڌي پڙهڻ کان منع ڪانه ٿي ڪئي. مغلن سنڌي پڙهڻ کي ڪُفر جو درجو ڏيئي، سنڌي مدرسن کي ئي بند ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي مدرسا باقي آهن، تن جا مهتمم مون وانگر جهانگير جي دربار ۾ پيش ٿين ٿا ته اسين مملڪت اسلاميه تيموريه خلاف سنڌين کي بغاوت لاءِ ٿا اڀاريون! ارغونن فارسي نه پڙهڻ تي اسان جون زبانون ٿي وڍيون، ۽ جهانگيري عدل ۽ انصاف تحت اسان جون زبانون سنڌي پڙهڻ جي ڏوهه ۾ ڪپيون ٿيون وڃن! "

” ها, برابر ممڪن آهي تہ آءٌ مغلن سان انصاف نہ ڪندو هجان! اهو انصاف مون جهڙن بدبختن اڳي بہ ڪونہ ڪيو ۽ اسان مغلن کي ارغونن کان بهتر سمجهيو جيتوڻيڪ هو شايد انهن کان بهتر نہ پر بدتر هئا! سو ان ڏوهہ لاءِ بہ اسين سزاوار آهيون. “

دربار تي سُڪوت ۽ سناٽي جو عالم هو. سيني جي دل ۾ هو تہ جهانگير هن کي خاموش چونہ تو ڪرائي. ساڳئي وقت سندن دل جي هڪ ڪندڙ ۾ اها آرزو هئي تہ هو ڳالهائيندو رهي, سندن روحن کي ايئن سنگسار ڪندو رهي.

” اي هندوستان جا بادشاهہ, تون اسان کي ان کان وڌيڪ ڪهڙي سزا ڏيندين تہ اسين تنهنجا غلام آهيون. غلامي سڀ کان بدصورت, سڀ کان سنگين سزا آهي. جيڪڏهن اعتبار نہ اچئي تہ هنن حبشين کان پڇي ڏس, هنن ڪنيزن ۽ ٻانهين کان پڇي ڏس! سندن روح ۾ ايڏا زخم آهن, جو جيڪڏهن بيدار ٿيا تہ اوهان مان هڪڙي هڪڙي مغل کي, هڪڙي هڪڙي ارغون ۽ ترخان کي, ايئن چيري ڦاڙي ڇڏيندا, جيئن تيمور, بابر, شاهہ بيگ ۽ ٻين هنن جي ابن ڏاڏن کي چيريو ڦاڙيو هو! ڇو تہ انهيءَ ڏينهن کان جڏهن غلامن ۾ غلاميءَ خلاف نفرت جو جبل ڦاٽي, سندن روح کي ڏاري, اٿيون اٿيون ڪري ڇڏيندو! “

سنڌين جي روح ۾ بہ هاڻي برندڙ جبل ڦاٽي پيو آهي. سندن روح بہ اٿا اٿا ٿي ويا آهن. سنڌي جيڪي ماڪيءَ کان مِٺا ماڻهو هئا سي اڄ زهر کان بہ ڪڙا ٿي پيا آهن. سنڌي, جن سڄيءَ انسانذات کي تهذيب سان نوازيو هو, سي اڄ غير مهذب ٿي رهيا آهن. سنڌي, جن کي پيار کان سواءِ ٻئي ڪنهن جذبي جي ڄاڻ ڪانہ هئي, تن ۾ هاڻ نفرت جا اوڙاهہ دُکي پيا آهن. سنڌي, جيڪي هر آئي جو آدرياءُ ڪندا هئا, سي هاڻ پنهنجن کان بہ ڇرڪڻ لڳا آهن. سنڌي هاڻي غلاميءَ مان اهڙا عاجز ٿيا آهن جو ڪنهن بہ نالي تي غلامي قبول نہ ڪندا, پوءِ ڪٽي اها غلامي اسلام جي نالي ۾ هجي يا ويندي الله جي نالي ۾! هنن لاءِ هاڻ هر ڏاريون اوپرو آهي. هو هاڻ ڪنهن جي لاءِ بہ مهر ۽ چڱائيءَ جا جذبا رکڻ جي عياشي نٿا ڪري سگهن: هاڻ هو انسانن منجهان محض ساهوارا بڻجي رهيا آهن- ڇا انهيءَ کان وڌي سزا ڪنهن قوم کي ڏيئي سگهجي ٿي! “

” ۽ جهانگير, آءُ نہ رڳو تنهنجو باغي آهيان, پر هر ڌارئين جو باغي آهيان جيڪو سنڌ کي غلام بڻائڻ جو سوچيندو; آءُ ان اسلام جو بہ باغي آهيان جيڪو مغل_ اسلام جي نالي ۾ خدا جي خلق سان بيداد ڪندو وتي. سو اُٺ, پنهنجي, جهانگيري عدل جو ماڻ رک, مون کي سزا ڏي. ڪهڙي سزا تجويز ڪندين منهنجي لاءِ؟ آءُ واجب القتل تہ ان ڏينهن کان

آهيان جنهن ڏينهن کان سنڌي هجڻ جو احساس مون ۾ ڪَرَ موڙي جاڳي پيو هو. پر قتل ته نهايت معمولي سزا آهي. منهنجو موت ته منهنجي لاءِ ڇوٽڪارو ثابت ٿيندو. هي منهنجون اکيون، هي منهنجو روح هاڻ وڏيڪ وقت سنڌ کي غلام ڏسڻ نٿا گهرن. سو اها ته تنهنجي مون مٿان نيڪي ۽ احسان ٿيندو جيڪڏهن مون کي موت جي سزا ڏِين: منهنجي رڳو هڪڙي آخري خواهش آهي، روح جي آرزو آهي، منهنجي سموري وجود جي التجا آهي ته مون کي سزا ڏي، موت جي سزا ڏي، موت جي سزا. پر هتي نه! مون کي سنڌ جي ڌرتيءَ تي ٺياس تي ٽنگاءِ! ايئن مرزا باقيءَ آخوند صالح کي ٺياس تي ٽنگيو هو! گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي ڌرتيءَ جي هنج ته ملنديم : مرڻ وقت ماءُ جيجل جي هنج نصيب ٿئي ته ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو با برڪت موت ٿي سگهندو! سو سيگهه ڪر، مٿان.... مٿان....! "

ماڻهن پوءِ هڪڙو سڏڪو ٻڌو. هنن ايئن محسوس ڪيو ڄڻ ته آسمان کان سڏڪو نڪري ويو، ڄڻ ته خدا کان سڏڪو نڪري ويو هو! ماڻهن کان اوڇنگارون نڪري ويون. ڪيترين شهزادين ۽ اميرزادين منهن ويڙهي، اندر طرف پڳيون. ۽ پوءِ ماڻهن ڏٺو ته جهانگير اُٺي بيٺو: هن جي اکين ۾ لُڙڪ هئا. هو ٻه سڏڪا ڀري رهيو هو، ۽ هيٺ لهي هن ڪٽي حافظ بلال کي ڀاڪر وڌو.

" بلال، اسان کي معاف ڪر! اسان کي خبر نه هئي ته اسين ايڏا بدبخت آهيون. اسان پنهنجي مَنَ مستيءَ ۾ اهو سمجهندا آياسون ته اسان رعيت کي امن ۽ سلامتي ڏني آهي، پر اسين برملا اعتراف ٿا ڪريون ته اسين تنهنجا ڏوهاري آهيون، اسين سنڌ جا ڏوهاري آهيون. اسين سواءِ ان جي ٻيو ڇا ٿا ڪري سگهون ته سنڌ کي آزادي ڏيون. اعتماد الدوله هڪدم فرمان جاري ڪيو وڃي ته عيسىٰ خان ٿاني سيوهڻ مان هڪدم ٺٽي پهچي، سنڌين ۽ اسان ۾ صلح ڪرائي، ۽ رستم بيگ پنهنجي فوج سان لاهور پهچي، ۽ حافظ بلال جنهن لاءِ چوي، سنڌ جي صوبيداري ان جي حوالي ٿئي! " *

(28)

وريام جي روح ۾ ڪُهرام متل هو: هن ايئن محسوس ڪيو ڄڻ هو ٻن شهزور گهوڙن جي پُڇن ۾ ٻڌل هو ۽ ٻئي گهوڙا هڪٻئي جي ابتڙ ڇڪي هن کي چيري ٻه اڌ ڪري رهيا هئا. هڪڙي طرف سنڌ هئي، ٻئي طرف نوري هئي. سنڌ کي هن جي ضرورت هئي، پر نوريءَ کي ته هن جي ضرورت هئي! متان مون کي ته نوريءَ جي ضرورت ڪانهي؟ اهو سوال هن جي ذهن ۾ پونڪپ جيان ڏنڱ لڳو!

هو تهخانا ٽپندو، محل سراءِ جي هيٺان اچي پهتو هو. جيڪڏهن محل اندر پهچي به ويو تڏهن به نوريءَ کي الائي ڪٿي رکيو هوندائون. هڪڙي پهريدار کان خنجر جي نوڪ تي هن سڀ پار پتا ته پڇيا هئا پر مغل محل سراءِ کي اندران هن ڪڏهن ڏٺو ڪونه هو، پر وري به دل کي اهو ڏڍ ڏيندو رهيو ته انڊن وچي ملتان لڌو، سو آءٌ به پنهنجي منزل تي ضرور رسندس. پنهنجي پويان هلڪو کڙڪو ٻڌي، هو چپ هٽي بيهي رهيو. ڪا ڪنيز پنهنجي پار سان سرگوشيون ڪري موٽي رهي هئي. اهوئي موقعو هو، هن سوچيو. هو ٻليءَ پير هلندو اچي مٿانئن ڪڙڪيو. ڪنيز جو ساهه سڪي ويو. ” آقا رحم، خدا جي واسطي مون تي رحم ڪر! “

” ڊڄ نه، آءٌ توکي ڪوبه ايذاءُ ڪونه ڏيندس. رڳو مونکي سنڌي ڪنيز جي حجري تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪر! “

ڪنيز گهڙيءَ لاءِ دل مان هنيو، پر پوءِ پنهنجي پويان اچڻ جو اشارو ڪري اڳيان ٿي. ڪيترائي مرحلا ٽپي، هوءَ هن کي نوريءَ جي حجري تائين وٺي آئي.

” هاڻ ته مونکي ڇڏ. اهو خنجر ته هٽاءِ! “ ڪنيز منٿ ڪندي چيو.

پر هن رڳو هٿ جي اشاري سان ڪيس اندر هلڻ جو اهڃاڻ ڏنو. سامهون پلنگ تي ڪا زائفان اڇي چادر تاڻيو ستل هئي، ۽ هڪڙي ڪنيز نماز پڙهي رهي هئي. هن کي ڏسي، هن سلام ورايو. هن جي اکين ۾ اٿاهه درد جو دريا ڇوليون هڻي رهيو هو. لڙڪ سندس ڳلن تي سُڪي ويا هئا.

” وريام توکي ڏاڍي دير ٿي وئي! “

” ڇو، ڇا ٿيو؟ “ هن ڪجهه نه سمجهندي چيو.

هوءَ ٻه قدم کڻي پلنگ تائين آئي، ۽ نوريءَ تان چادر هٽائي ڇڏيائين. وريام نوريءَ ڏانهن ڏٺو: ان مُرڪ کي ڏٺو، جيڪا هن جي چپن تي برف جيان ڄمي وئي هئي. هن سندس بند اکين ڏانهن ڏٺو. هن ايئن محسوس ڪيو ڄڻ ته جيتوڻيڪ هن جون اکيون بند هيون پر هوءَ کيس ڏسي رهي هئي، ۽ سندس اکيون ڪليل هجڻ جي باوجود انڌيون هيون. هن جي روح اندر ڪا شيءِ پچي پورا پورا ٿي وئي، ۽ هو گهڙيءَ لاءِ پلنگ جي ڪُنڊ تي ويهي رهيو.

” هن جي آخري خواهش اها هئي ته تون سنڌ موٽي وڃ. سنڌ کي تنهنجي ضرورت آهي. چيائين، چئجانس ته سنڌ کي پرتين! “ هن اکيون کٽي ڪنيز جي منهن ۾ نهاريو. جنهن جي اکين ۾ درياهه هلي رهيو هو.

” ۽ ٻڌ وريام: مغلن تي ڪوبه اعتبار نه ڪجانءِ! نوريءَ جو سُنهن آهي توکي، مغلن تي اصل ڀروسو نه ڪجانءِ. متان نوريءَ کان پوءِ سنڌ به وڃائي ويهين! “

هو اُٿيو. چوطرف هر شيءِ مان نوريءَ جي مُرڪ لياڪا پائيندي نظر آئي. هن کي پنهنجو احساس پاڻ سمجهه ۾ نٿي آيو. نوريءَ جي مرڻ جو اعتبار ڪرڻ هن جي وس کان به ٻاهر هو. هن کي اعتبار نٿي آيو ته انهن اکين ۾ انهيءَ مُرڪ وارو ماڻهو ڪو لاش به ٿِي ٿي سگهيو. پر هن نوريءَ جا لفظ سچاتا. ” سنڌ کي پرتين! “

هن جي روح جي رڻ ۾ درد جا ٿوهر ڄمي پيا. هن جون اکيون به پوسرڻ لڳيون پر هن کين منع ڪري ڇڏي. ” نه، روئڻو نه آهي! “ اکين جو روڄ ٻاهر اچڻ بدران هن جي روح ۾ رڙڻ لڳو. ” نه، روئڻو نه آهي! “

۽ جڏهن شاهي قلعي جي دروازي تي پهتو ۽ پنهنجي همراهن سان مليو ته رڳو ايترو چيائين: ” هلو ته هلون: امن جي ڌرتيءَ ڏانهن جتي جنگ اسان جو انتظار ڪري رهي آهي. “ *

(29)

سنڌ ۾ گُلابن جي موسم هئي. ڪٽڪون پڇي راس ٿيون هيون. سنڌ جا سهڻا پکي ۽ سنڌ واسين وانگر سَرها هئا: ڇهه ڇهه لائي ڏني هئائون. ڪونجن جون قطارون ڪنهن ڏورانهين ديس لاءِ اُسهيون هيون. وڻن تي ٻُور ڏسي منجهي پيون هيون، ۽ سنڌ جي سُهڻي آڪاس ۾ پئي ڦيريون پاتائون. سنڌ سڄي ڦلارجي پئي هئي. ماڻهن ۾ عجيب اڙٻنگ جذبا ۽ اڌما جاڳي پيا هئا. مغلن جتان ڪٿان ٽپڙ ٻَڌڻ شروع ڪيا هئا. دريا جي پيٽ ۾ ٻه ٻيڙا لهوارا اچڻ بدران اوڀارا چڙهڻ لڳا هئا. انهن ڪي ڪنهن ٻه ڪجهه ٿي چيو. جيڪي قافلا اتر پئي ويا، تن کي ٻه ڪنهن ڪجهه ڪونه ٿي چيو. ٿٽي ۾ مغل سوداگرن پنهنجو مال ۽ مڏيون وڪڻڻ لاءِ سنڌين سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. پر سنڌي اهو سودو ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. ڪن ترخانن ڪي ڪوٺيون سوديون هيون. الائجي ڇو ترخان ٻه ڏنل ڏنل هئا. سنڌين کي سامهون اچڻ کان لهرائڻ لڳا هئا. ٺٽي ۾ افواهه هلي رهيا هئا ته رستم بيگ کي ٻه ڪوچ ڪرڻ جو فرمان مليو آهي.

ساموئيءَ جي ميدان ۾ ٻه مغل ڇانوڻين ۾ ٻنهه ماٺ هئي. ايئن ٿي ڀانيو ڄڻ ته هو دل مَن هٽي رهيا هئا ته سنڌين کي صلح جي آڇ ڪجي يا نه. سنڌن ايترو نقصان ٿيو هو، جو وڏيڪ ماڻهو مارائڻ ٻه اجايو هو. ڳالهه رڳو اها هئي ته جيڪڏهن لشڪر پوئتي موٽ کاڌي ته سنڌي ٺٽي تائين ڪين لُٽندا ويندا. هنن هڪ ٻه ڀيرو ايلچي موڪلي خبر چار وٺڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته سنڌي ڪهڙن شرطن تي صلح ڪندا. اُتان فقط هڪڙو جواب ٿي آيو. " **مغل سنڌ ڇڏي وڃن. رستم بيگ مغل سلطنت پاران آڻ مڃي ۽ شڪست کي تسليم ڪري!** "

سانوڻ هڪ ڀيرو وري سموري ميدان جو چڪر هٽي آيو. هن جي ڏاڙهي وڌي ويئي هئي: هن کي سونهاري ڏاڍي ٿي لڳي. همراهن کي ساٽس رڳو اها شڪايت هئي ته هن کي هفتا ٿي ويا آهن پر آرام نٿي ڪيائين، نه ئي هڪ هنڌ ٽِڪي کي ۽ گرهه ٿي کاڌائين. هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ويندو ايندو رهي ٿو.

" يار، ايئن ته تون پاڻ کي اگهو ڪري وجهندين! " يارل کيس منٿ ڪندي چيو هو.

" ادل، هاڻ اگهائيءَ جو وقت ويو: هاڻ ته سنڌ سَگهي ٿي آهي، سو آءٌ ڪٿي تو اگهو ٿيان! " هن کِلي ڳالهه ٽاري ٿي ڇڏي.

اڄ ٻه جڏهن سنگت گڏ ٿي، ته پهرين سيني اهائي ڳالهه ڪئي. پر هو وري ٻه لنوائي ويو. " اڄ ته سنڌ جي ڳالهه ڪريون. سپاٽي ڏنو ويندو! منهنجي صلاح آهي ته هاڻ مغلن ۾ دم نه رهيو آهي. يڪو نغارو وڃائي، متن حملو ڪريون ۽ آخري فيصلو ٿي وڃي! "

سيني جي اها راءِ هئي، ۽ فيصلو اهو ٿيو ته ٽاڪ منجهند جو جڏهن سج نيزي تي اچي، تڏهن نوبت وڄائجي. اڳيان سانوڻ جو جٿو هوندو، جنهن ۾ هزار ڪن همراهه هوندا. کاٻي ساڄي کان ٻيا جٿا هوندا. پر پُٺ خالي نه ڇڏبي. اتي وارا همراهه سامهون تيار رهندا متان...... متان ترخان ڪا حرڪت ڪن.

هو اجا اٿڻ تي هئا ته گهوڙي جي ٽاپڙ ڪنن تي پين. سنڌن ئي خابرو هو.

" جيئي سنڌ! "

” سدا جيئي! “
” جيئندا، ڏي خبرا! “
” سانوڻ، ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي پر مرزا عيسىٰ ترخان ثاني لشڪر سان پيو اچي. اڌو اڌ ترخان آهن، پيو اڌ مغلن جو آهي. ترخان سيوهڻ ڪان لتا آهن. مغل بکر جا ٿا ڏسجن! “ جيئندي هيڪندي چيو.
” انهيءَ ۾ سمجهه ۾ نه اچڻ واري ڪهڙي ڳالهه آهي. ترخانن سمجهيو آهي ته مغل پورا ٿيا پيا آهن. سنڌين ۾ شايد وڙهڻ جو دم ڪونه رهيو هوندو، سو موقعو اهوئي آهي ته سنڌ تي وري قبضو ڪريون! “
” سو ته برابر پر...... “ جيئندو وري به منجهي پيو.
” پَرَ ڇا؟...... “ سانوڻ تورو ورچي چيو.
” جهندو اچو ڦڙڪائيندا اچن، حافظ بلال گڏ اٿن! “ جيئندي ڪي اجا به پنهنجي ڳالهه تي يقين نٿي آيو.
” هان! سو وري ڪيئن؟ “ سيني ڪان دانهن نڪري ويئي.
” بيلي، ڳالهه ته ڏاڍي ڳري ٿي. پر خير، نورل پويون محاذ مضبوط رکجو. اڳئين محاذ مان به پنج هزار ڪن همراهه پوئين محاذ تي موڪلجو. اصل ڪنهن به قيمت تي، عيسىٰ ترخان جا ماڻهو پنهنجو سَنڌو نه ٽپن: جيڪو ٽپي، سو وري جيئرو نه موٽي! “ سانوڻ سختيءَ سان چيو.
هو به مُنجهي پيو. حافظ بلال تي شڪ ڪرڻ تي هن جي دل اصل مڃي ئي نه. پر حقيقت اکين ۾ پئي گهوريو. هن نئڙي سنڌ جي مٽيءَ مان ٻُڪ ڀري، ڪيس چُمي، پنهنجي وارن ۾ وهائي ڇڏيو. ” الله سائين، منهنجي مٽيءَ سنڌ کي امانَ ۾ رکجانءِ! “
ٿوري دير به ڪانه گذري ته حافظ بلال به اچي لٿو. سانوڻ ڪا گهڙي سندس اکين ۾ نهاريندو رهيو. سندس اکين مان اعتبار هليو ويو هو. هو اڳتي نه وڌيو ته حافظ بلال جي دل روئي ڏنو.
” سانوڻ ڀائو، مون ۾ تو شڪ آٿين؟ “ حافظ جي روح مان رڙ نڪري ويئي.

” حافظ، معاف ڪجانءِ، پر هاڻ اسين اُتي پهتا آهيون، جتي ٿوري چُڪ به سنڌ کي وري غلام بڻائي ڇڏيندي! سو ڀلائي ڪري، ٻڌاءِ ته تون مغلن ۽ ترخانن سان ڪيئن؟

سانوڻ ڪوشش ڪئي ته رُکو نه ٿئي. پر رُکائيءَ کي روڪي نه سگهيو.
” آفرين آهي توتي، سانوڻ! آءٌ توکي ميار ڏيان ته شل ڪِنوتي مران...... تنهنجو شڪ بجا به آهي، ۽ ضروري به آهي......! پر...... “
پوءِ هن سڄي سَٽ کي سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي.
” عيسىٰ خان رڳو مرزا رستم بيگ کان سنڌ اسان جي حوالي ڪرائڻ جو پروانو لکائي ڏيندو. لشڪر هن ان ڪري آندو آهي ته متان مغل شهنشاهه خلاف بغاوت ڪن جئن قنڌار ۾ ٿيو هو! “
اڌو اڌ ماڻهن اٿي حافظ کي ڀاڪر وڌا، پر الائي ڇو سانوڻ جي ڀاڪر ۾ اها گرمجوشي ڪانه هئي.
” تون چئين ٿو ته پوءِ اعتبار ڪرڻو ٿو پوي! “ سانوڻ اجا به بي دليو ٿي چيو.
صلاح اها بيٺي ته ڏهاڪو همراهه سانوڻ ۽ حافظ بلال سان گڏجي، اڌ پنڌ تي رستم بيگ ۽ مظفر خان وارن سان گڏجاڻي ڪندا. عيسىٰ خان ترخان جي اڳيان رستم بيگ سنڌ جو پروانو لکي ڏيندو. پوءِ مغل لاهور وڃڻ جون تياريون ڪندا ۽ عيسىٰ خان ترخان مغلن سان گڏجي موٽي ويندو. سانوڻ پنهنجا همراهه چونڊي، ڍورو ٽپي مٿي آيو ته هڪڙي پاسي کان رستم بيگ ۽ مظفر خان تي آيا ته ٻئي طرفان عيسىٰ خان پنهنجي جهندي سان ڪجهه ماڻهن سان پئي آيو.
سلام دعا کان پوءِ ڳالهيون هليون. سانوڻ جو چوڻ هو ته مغل نٽي موٽي نه وڃن. رستم بيگ جو چوڻ هو ته مغلن جا مال ملڪيتون نٽي ۾ هيون، انهن کان سواءِ هنن جو حويليون به هيون، سندن حرم ۽

ڪنيزون هيون، تن کي پويان ڪونہ ڇڏيندا. ڳالھ تہ برابر جائز هئي، پر سانوڻ اصل نہ مڙيو. نيٺ عيسىٰ خان وچ جو رستو ڪڍيو تہ مغلن جا فقط ٻہ دستا نتي ويندا، ۽ عيسىٰ خان جا لشڪري ڪين قافلن ٿاهڻ ۾ مدد ڪندا.

” اوهان جا گھڻا لشڪري ويندا نتي؟ “ سانوڻ عيسىٰ خان کان پڇيو.

عيسىٰ خان سانوڻ جي گھور کان اکيون بچائيندي چيو: ” گھڻا نہ، فقط جيترا ضروري هوندا: اجهو هيترا....! “ هن هڪ طرف اشارو ڪيو.

هن جي اشاري تي هزار کن گھوڙي سوار ڀالا هٿن ۾، برق رفتاريءَ سان هنن ڏانهن وڌندا آيا. حافظ گھوڙن جي ٽاپڙ ٽاپڙ ٿيڏي، اتي بيھي رهيو تہ سامهون هڪڙي ترخان ڀالو سندس پيٽ ۾ ٿنبي ڏنو. مغل ۽ ترخان سنڌين تي ڀالا تاڻي بيهي رهيا.

” سانوڻ، پاڻ سان دولاب ڪيو اٿن..... سنڌ تي قربان ٿي وينداسون پر سنڌ کي مغلن يا ترخانن وٽ وري غلام بڻجڻ نہ ڏينداسون! “ وريام رڙ ڪئي.

هڪڙو ٻيو ڀالو عيسىٰ خان ترخان جي نڙگهٽ ۾ کُپي ويو. سانوڻ ۽ سندس همراهہ ٻہ هٿيار ڪڍي پنهنجي سامهون بيٺل مغلن ۽ ترخانن سان مقابل ٿيا. مغلن سمجهيو هو تہ ترخان شهسوارن کي ڏسي سنڌي هيسجي ويندا. پر هيلوڪا سنڌي هيسجڻ وارا ڪونہ هئا.

سانوڻ کي ڄڻ تہ ڃِن پئجي ويو. هن جو ڀالو ايئن ٿي ڪڙڪيو ڄڻ تہ منجهس ڪِنوڻ لهي پئي هئي. سانوڻ جا همراهہ ٻہ مچيل جنگجو هئا. وريام ۽ سندس همراهن کي ڏسي، هنن جي دل ٻيٽي ٿي ويئي. ترخان جا شهسوار جيسين پهچن، تنهن کان اڳ رستم بيگ ۽ عيسىٰ خان سان آيل سمورا مغل ۽ ترخان ڪري پيا هئا. وريام سانوڻ جي ساٿين کي پيلھ چڙهڻ جو اشارو ڪري، گھوڙن کي موڙو ڏنو. هرڪو سنڌي وريام جي ڪنهن نہ ڪنهن ساٿيءَ جي گھوڙي تي پيلھ چڙهي پيو، ۽ پوءِ ترخان سوارن جي نظرن جي اڳيان هو ڊورو لهي پيا.

هو اچا پنهنجي پاسي لٿا تہ جنگ جي نوبت وڳي.

” سانوڻ، آءُ تہ يڪو فيصلو ڪري وڃهون. تون مغلن وارو پاسو سنڀال، اسين پوئين پاسي ترخانن کي ٽا پُچون. هونئن ئي لابارن جا ڏينهن ويجها آهن! “

” **بسم الله، دلبر بسم الله: جيئي سنڌ، جيئرا رهياسون تہ آزاد سنڌ ۾ ساهہ کڻنداسون، نہ تہ پرتاسون سنڌ کي!** “ سانوڻ حجت ڪري چيو.

۽ پوءِ رڻ ۾ راڙو ٿيو. سنڌي هڪ پاسي مغلن سان وڙهيا تہ ٻئي پاسي ترخانن سان. سانوڻ، وريام، نورل، جکرو، جيوڻ، ڀارل، سنگھار، تماچي ۽ سوين هزارين سوڍا ايئن وڙهيا ڄڻ تہ اڄ نہ وڙهيا تہ پوءِ ڪِلڻهاب ٿي پوندا. مغل ۽ ترخان ايئن ٿي ڪريا ڄڻ تہ منجهن لابارو پئجي ويو هو.....

۽ پوءِ سج لهڻ تي سڄو آسمان خون جو رنگ وٺي بيهي رهيو: ان شفق ۾ سنڌ جو ست رنگو اندلٺي جهنڊو ايئن ٿي جهوليو ڄڻ تہ سنڌين آسمان تي جهنڊو کوڙي ڇڏيو آهي. *

*

پورو ٿيو.

وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net